# مہرانؕ

ABC
CERTIFIED

جلد ۴۴
نمبر ۱۹۹۵/۲ء
(اپریل_جون ۱۹۹۵ء)



جانُ جانُ هُئي جِئري، ورچي نہ وينِي،
وجي پون پيِني، سِڪَندي ڪي سَجَڻين.
(شاھ)



## پروفيسر محمد عمر ميمڻ

جنم:
١١-آڪٽوبر ١٩٣٢ع

وفات:
١٧-مئي ١٩٩٥ع

# مهراڻ

[سنڌي ادبي بورڊ جو ٽماهي ادبي ۽ تحقيقي دستاويز]

جلد ۴۴] اپريل-جون ۱۹۹۵ع [نمبر ۲

نگران

**حسين شاهہ راشدي**

ايڊيٽر

**نفيس احمد شيخ**

**سنڌي ادبي بورڊ**

ڄامشورو سنڌ

# مِهراڻ

## سنڌي ادبي بورڊ
## ڄامشورو سنڌ

**(Regd. No. SC-372)**

The "MEHRAN", Quarterly
Vol: 44, No: 2, Year: 1995
(Established in 1955)

An age old leading journal of scholarship in Sindhi language, acknowledged in all literary circles of Pakistan.

Published by SINDHI ADABI BOARD for the development and promotion of Sindhi Literature.

Contemporary Creative Literature, History, Civilization, Education, Music, Folklore, Archaeology, Numismatics, Lexicography and General Culture of Sindh are the main topics of material usually published in this periodical.

Besides translations of World literature are also presented.

Correspondence about publication be addressed to:

Editor
"Mehran" Quarterly
Sindhi Adabi Board,
Jamshoro (Post Code: 76070)
Via: Hyderabad, Sindh, Pakistan
Telephone: (0221) 771276

For Subscription please contact:
Manager Book -Stall
Sindhi Adabi Board
Tilk Incline
Hyderabad, Sindh, Pakistan.
Telephone: (0221) 615179

مواد موڪلڻ لاءِ
ايڊيٽر
"مهراڻ" ٽماهي
سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، سنڌ
(پوسٽ ڪوڊ ٧٦٠٧٠)
فون نمبر: ٧٧١٢٧٦

خريداريءَ لاءِ لکپڙهه
مئنيجر بڪ اسٽال
سنڌي ادبي بورڊ، تلڪ چاڙهي،
حيدرآباد، سنڌ.
فون نمبر: ٦١٥١٧٩

ساليانو چندو: ١٠٠-٠٠ رپيا

في پرچو: ٣٠-٠٠ رپيا

(نوٽ: خريدارن کي ٻاهرين ملڪن ڏانهن موڪلڻ لاءِ ساليانو چندو چار سؤ رپيا)

Printed and Published by Murad Ali Mirza
at the Sindhi Adabi Board's Printing Press, JAMSHORO Sindh.
(Composed by Aijaz Ali Jafri and printing supervised by Allah Bachayo Yousufzai)

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

**Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.**

# گذارش

## ڌرتيءَ جي ڳالهہ:

"مهراڻ" ۾ شروع کان وٺي علم ۽ ادب، تحقيق ۽ تاريخ، تهذيب ۽ تمدن، لسانيات ۽ تعليم، صحافت ۽ ثقافت، شعر ۽ ڪهاڻيءَ جي ڳالهہ ٿيندي رهي آهي، پر اڄ اسان ڌرتيءَ جي ڳالهہ ٿا ڪنداسين، جا اسان تي فرض بہ آهي ۽ حالتن جي گهرج بہ آهي، ڇو تہ مٿين سمورن علمي موضوعن جو بنيادي تعلق ڌرتيءَ سان آهي، جنهن ۾ انهن جون پاڙون پيوست ٿيل آهن.

تازو سنڌ جي ٥٣ دانشورن ۽ ليکڪن، عالمن ۽ تعليمي خدمتگذارن، اديبن ۽ شاعرن هڪ تفصيلي بيان وسيلي، سنڌي ماڻهن جي پنجن هزارن سالن کان بہ وڌيڪ پراڻي تهذيب کي ورهائڻ واري سياسي مطالبي جي سخت مذمت ڪئي آهي ۽ عهد ڪيو آهي تہ هن ڌرتيءَ جا ڌڻي ڪڏهن بہ اهڙي ناپاڪ سازش کي ڪامياب بنائڻ نہ ڏيندا. دانشورن ان ڏس ۾ سمورن ڌرتي ڌڻين کي سجاڳيءَ جو سڏ ڏنو آهي.

اديبن ۽ دانشورن جي انهيءَ احتجاج ۽ مطالبي کان پوءِ، اسان جي ملڪ جي اعليٰ اداري سينيٽ ۾ سنڌ جي ناميارو دانشور ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمن جناب حسين شاهہ راشدي، پنهنجي ولولہ انگيز خطاب دوران تاريخي حقيقتن ۽ دليلن جي بنياد تي پنهنجي موقف ۾ واضح طور چتاءُ ڏنو آهي تہ سنڌ جي ورهاڱي جي خواهش رکندڙن کي ياد رکڻ گهرجي تہ سنڌ جا اصل وارث اڃا زنده آهن، جي پنهنجي ڌرتيءَ جي حفاظت جو فرض خوب ڄاڻن ٿا. راشدي صاحب اهڙن حلقن کي صلاح ڏني آهي تہ سنڌ ۾ امن ۽ ڀائيچاري، محبت ۽ آشتي جي قدرن کي هٿان نہ ڇڏيو وڃي ۽ عقل کان ڪم ورتو وڃي.

"ڪراچيءَ" جي مسئلي جي حوالي سان سنڌ اڄ جنهن آزمائشي ۽ دردناڪ دؤر مان گذري رهي آهي، ان موضوع تي ڪنهن بہ تفصيلي تذڪري جي ضرورت باقي نہ ٿي رهي، ڇو تہ همعصر پريس ۾ گهڻو ڪجهہ رڪارڊ تي چڪو آهي ۽ ٿي رهيو آهي.

اسان جو علم، ادب، تهذيب، تمدن، ثقافت، تعليم، صحافت وغيره ۽ انهن جي ترقي ۽ بهبود- سڀيئي عنوان ڌرتيءَ جي مسئلي سان واڳيل آهن، انڪري اسان اڄ وقت جي هن اهم پڪار ۽ سڏ کي نظرانداز نٿا ڪري سگهون.

سنڌ جي دانشورن ۽ اديبن کي جس هجي، جو انهن وقت جي آواز کي صحيح سڃاتو آهي ۽ سنڌ جي وجود جي بقا ۽ سلامتيءَ لاءِ پنهنجو تاريخي ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ ڌيان ڏنو آهي.

اسان سنڌ جي دانشورن ۽ اديبن جي موقف سان سهمت ٿيندي، سرڪار کي صلاح ڏينداسون تہ وقت جي پڪار تي پوريءَ ريت ڌيان ڌريو وڃي، ڇو تہ موهن جي دڙي جي عظيم‌الشان تهذيب ۽ شاهہ لطيف جي هن ڌرتيءَ جي ڳالهہ ڏاڍي ڳوڙهي آهي!

## مٿيادار ماڻهو...!

١٧ مئي ١٩٩٥ع تي سنڌ جي هڪ ڏاهي ۽ مخلص خدمتگار پروفيسر محمد عمر ميمڻ لاڏاڻو ڪيو! سنڌ ۾ سائين عمر جهڙي سپوت جي انتقال تي وڏي اذيت محسوس ڪئي ويئي. سنڌ جي ادبي ۽ تعليمي حلقن، هن مٿيادار ماڻهو کي پنهنجي محبت جو خراج پيش ڪيو آهي. اسان کي سائين عمر ميمڻ جي وڇوڙي تي دلي رنج ۽ ملال آهي.

هن پرچي ۾ ڪجهه اهڙو مواد شامل آهي، جنهن ۾ مرحوم پروفيسر محمد عمر ميمڻ جي شخصيت ۽ خدمتن جو تذڪرو درج آهي. اسان سڀيئي ڪيس هڪ ڏکي عرصي تائين وساري ڪين سگهنداسين. شال رب پاڪ کيس مغفرت سان نوازي ۽ سنڌ جي نئين نسل کي سائين عمر مرحوم جي روايتن تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي.

١٦- جولاءِ ١٩٩٥ع تي، سنڌ جي هڪ ٻئي سجڻ اشفاق حسين قاضي جي اچانڪ رحلت جي خبر ادبي حلقن ۾ نهايت رنج ۽ غم سان ٻڌي ويئي. اشفاق صاحب سنڌ جي هڪ نهايت محترم علمي خاندان جو فرد هو. جديد سنڌي ادب جي ترقيءَ وارين ڪوششن ۾ اشفاق قاضيءَ جو ڪردار مثالي آهي. ١٩٦٢ع ڌاري حميد سنڌي جڏهن "روح رهاڻ" رسالو جاري ڪيو ته اشفاق هڪ اڻٿڪ سائيءَ وانگر آخر تائين سندس ٻانهن ٻيلي رهيو. مرحوم، نالي کي پاسيرو رکي، خاموشيءَ سان ادبي خدمت ڪرڻ جو قائل هو. "جوڳيءَ جي ڊائري" نالي سان روح رهاڻ جو فيچر پنهنجي دؤر جو هڪ منفرد، پرڪشش ۽ نهايت دلپذير ادبي ڪالم هو، جيڪو اشفاق آخر تائين لکندو رهيو. اسان سندس رحلت تي سندس پٽن ابرار، اعجاز، ارشاد، امتياز ۽ خاندان جي ٻين ڀاتين سان همدردي ڪريون ٿا.

## مظهرالاسلام جي مقرري:

ملڪ جي نامياري ليکڪ ۽ دانشور مظهرالاسلام کي اڪيڊمي ادبيات پاڪستان جو ڊائريڪٽر جنرل مقرر ڪيو ويو آهي، جنهن پنهنجي نئين منصب تي ڪم شروع ڪيو آهي. اسان مظهرالاسلام کي ڀليڪار چئون ٿا.

مظهرالاسلام کي سنڌ جي ادبي حلقن ۾ عام طرح ۽ سنڌ جي نئين ٽهيءَ ۾ خاص طرح سان هڪ وڏنڙ محبت ۽ مڃتا حاصل آهي، ڇو ته مظهر اردوءَ جي انهن ٿورن ليکڪن مان هڪ آهي، جن کي سنڌ جي شاندار ادبي ورثي ۽ همعصر جديد سنڌي تخليقي ادب جو صحيح معنيٰ ۾ ادراڪ آهي. اها ڳالهه ملڪي ادبيات لاءِ هڪ نهايت اهم ۽ مکيه نقطي جي صورت رکي ٿي. سنڌ جي ليکڪن، مظهر جي مقرريءَ تي خوشي ظاهر ڪئي آهي.

اسان مظهرالاسلام جي تقرر جي آجيان ڪندي اها اميد ظاهر ڪريون ٿا ته هو صاحب هن بااثر اداري ۾ سنڌي ادب جي ترقيءَ ۽ سنڌي اديبن جي ڀلائي لاءِ مثالي عملي اپاءُ وٺندو.

## نئون بورڊ آف گورنرس:

سنڌ سرڪار، سنڌي ادبي بورڊ جو نئون بورڊ آف گورنرس مقرر ڪيو آهي، جنهن ۾ سائين جمال ابڙو، سائين غلام رباني آگرو، سائين امر جليل، ڊاڪٽر فهميده حسين، ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو ۽ سيد اختر علي بخاري شامل آهن. سيڪريٽري ثقافت ۽ سيڪريٽري تعليم کي دستوري طرح ايڪس آفيشو ميمبر مقرر ڪيو ويو آهي. چيئرمن جناب حسين شاهه راشديءَ جي سربراهيءَ ۾ نون ميمبر صاحبن جي تجربي ۽ مڃتا، صلاحيتن ۽ لياقتن وسيلي بورڊ جي بهتريءَ ۽ واڌاري جو هڪ نئون دؤر شروع ٿي رهيو آهي. انشا الله، رب ڪريم جي مهر سان نوان وڌنڙ واءُ ورندا. --ن. ا. ش.

●●●

## ★ شاعري

شيخ اياز ١
تنوير عباسي ٢
اياز قادري / صائب / عنايت بلوچ / ادل سومرو ٣
اياز گل / خاڪي جويو ۴
نورالهديٰ شاهه / بخشڻ مهراڻوي / اظهار سومرو ۵
پشپا ولڀ / سوز هالاڻي / غلام حسين رنگريز ٦
سقراط سيتائي / احمد ٽالپر /
احمد خان مدهوش / امير بخاري ٧
ماڻڪ ملاح / منير سولنگي / اسد ڪيريو ٨
چند ڪليري / وسيم سومرو / مقصود گل /
اقبال رند ٩
مختار گهمرو / نياز پنهور / معصوم بخاري ١٠
روشن گهانگهرو / وشال / عزيز ڪنگراڻي ١١
ايوب کوسو / سُندرتا قدرت راشدي /
قاصر رضوي / آڪاش منگي ١٢
عطا قاضي / عزيز منگي / اياز سومرو /
آزاد ڪانڌڙو ١٣
رجب بگهيو / نازڪ شيدائي / جوهر بروهي /
خليل عارف سومرو ١۴

## ★ مقالا

١. مولانا محمد شفيع لاهوري - سيد حسام الدين راشدي ١٧
سنڌيڪار: سلميٰ لوهر
٢. ميان شاهل محمد ڪلهوڙو ۽ بکر جا مغل نواب - ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي ٢٦
٣. قديم فارسي شاعريءَ ۾ سنڌ جو ذڪر - ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ٣٧
۴. سمن جي دؤر جي علمي ۽ سرڪاري ٻولي - غلام محمد لاکو ۴۵
۵. ڪلهوڙا دؤر ۾ قرآن پاڪ جا سنڌي ترجما ۽ تفسير - ڊاڪٽر عبدالرزاق گهانگهرو ۵٧
٦. بلاول فقير زرداري (ڪلهوڙا دؤر جو مشهور امير، جنگي ٧٣
ماهر، سفارتڪار، منتظم ۽ اهل دل بزرگ) - پروفيسر ڊاڪٽر محمد لائق زرداري
٧. ١٨١٩ع کان وٺي سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇپيل ڪتابن جو جائزو ٨٩
(قسط-٢) [درسي / اسڪولي ڪتاب] - ڊاڪٽر الهرڪيو ڀٽ
٨. ڪلهوڙا حڪمرانن جا علمي ۽ ادبي ڪارناما محمد پنهل ڏهر ١٣١
٩. ادب ۽ ايڪويهين صدي ڊاڪٽر فهميده حسين ١٣٦

## ★ ڪهاڻيون

١. "جيڪي" - انيس انصاري ١۴٣
٢. مقتول ننڍپڻ جي نديءَ ڪان ٻاهر - لياقت رضوي ١۴٨
٣. ڪرولي - حفيظ ڪنير ١۵٢
۴. گهربل ست مسافر - فياض چند ڪليري ١۵٧
۵. پرانو رت، پنهنجا لڙڪ - محمد حسين چنا ١٦٠
٦. لو مٽريج - شگفته شاهه ١٦۵
٧. موت جي خوشي - جودت قدرت / سنڌيڪار: الطاف شيخ ١٧٠
٨. پهرين ڪهاڻيءَ جي وارتا (آتم ڪٿا) - نجم عباسي ١٧٦

## ★ تبصرا


| | | |
|---|---|---|
| ١. سک جو سمونڊ | - عبدالقيوم صائب | ١٧٩ |
| ٢. واردائون | - بلاول پرديسي | ١٨٢ |
| ٣. جڏهن اُلا اُپ ۾ | - امام راشدي | ١٨٤ |
| ٤. ڪٿي نہ پيچبو ٿڪ مسافر | - نصير مرزا | ١٨٦ |
| ٥. ملتان - لنگاهہ دور ميں | - پروفيسر محمد قاسم سومرو | ١٨٨ |
| ٦. پٽاني-٤ | - جاموٽ حاجي خان چاچڙ سنڌي | ١٩١ |
| ٧. سنڌي ٻولي، جا محقق | - امام راشدي | ١٩٢ |


## ★ آ ديسي اٿي ويا


| | | |
|---|---|---|
| ١. پنڊت ڪشنچند جيٽلي | - ڊاڪٽر مرلڌر جيٽلي | ١٩٣ |
| ٢. پروفيسر محمد عمر ميمڻ | - لياقت عزيز | ١٩٥ |
| | - نورالهديٰ شاهہ | ١٩٨ |
| | - ڊاڪٽر قاسم ٻگهيو | ٢٠٠ |
| | - ناز سهتو | ٢٠٢ |
| ٣. مظفر حسين "جوش" | - مرتب: نصير مرزا | ٢٠٤ |
| - سنڌي نثر مان مثالي ٽڪرا | | ٢٠٧ |




سوڍي مانداڻن جي، واري ڪيائين وار،
وڄون وسڻ آئيون، چوڏس ۽ چوڌار،
ڪي اٿي ويون استنبول ڏي، ڪن مڃيا مغرب پار،
ڪي چمڪن چين تي، ڪي لهن سمرقندين سار،
ڪي رمي ويون روم تي، ڪي ڪابل ڪي قنڌار،
ڪي دهلي، ڪي دکن، گڙن مٿي گرنار،
ڪنهين جنبي جيسلمير تان، ڏنا بيڪانير ٻڪار،
ڪنهين ڀڄ ڀڄائيو، ڪنهين ڍٽ مٿي ڍار،
ڪن اچي عمرڪوٽ تان وسائيا ولهار،
سائينم! سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سڪار،
دوست تون دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

— شاهه لطيف

# شاعري

# سچل جي سنڌ کي دعا

جوڙي پڪا جُوء، اچي وينا عمرَ آجڙي،
سدا سنگهارن جي، ٿي مٿي حوضن هُوء،
ٿيون گلزاريون گاهن جون، ڀِي خُوب کُلي خوشبوء،
ننين رونق روء، ٿيو موٽي مُلڪ مليرجو.

سَدا هون سُکيا، مارونڙا مليرِ ۾،
شل نہ ڏينهن ڏکيا، اچن آجڙين تي،

سَدا سرَها هون، مارونڙا تہ مليرِ ۾،
مٿي پنهوارن پونِ، مهر جا شل مينهڙا.

مُيان مارونڙن تي، مِهران وَسن مينهن،
شل نہ ڏکيا ڏينهن، اچن آجڙين تي.

سدا سي ساٿيهہ ۾، سُکيا هُئن سنگهار،
پکي منجهہ پنهوار، شل هئن سدائين سَرها.

سائين! سنگهارن جو، رکج پَن پکي،
کوني تا نہ لکي، هُئن سدائين سرَها.

نِوڙن ۽ نُونڌيَن، مارُو چارنِ مالڙا،
گَوڙيَن ۽ ڪِونڌيَن، سَرها ٿين ساهہ ۾.

پاڳين پَوَ لٿا، وينا پانورَ ڪَنڌنين
اُنا مينهن مَٿا، آجڙين عيدان ڪيون.

وري وَسايو، مالڪ مُلڪ مليرجو،
سو اڳي ڪون اُجرو ٿيو، سانو سَوايو،
آڳي اڳهايو، "سچوء" جُو سوال ڪيو!

✻

شيخ اياز

# دوها

عشق اچي ٿو ڇپريون پيرو من ۾ سَوَ طوفان کڻي،
جڻ تہ ازل کان کو واقف آ اهڙا کي امڪان کڻي.

عشق اچڻ سان ڪَويليون سَوَ ڪوڪن ٿيون دل ۾،
ڪنوڻ ڪجي چمڪاٽَ ڪري ٿي ڪنهن جي ڪِل ڪِل ۾.

عشق سوا هي ڌرتي ٻاري ۽ ساري ويران لڳي،
ڇپريون عشق اٿين جيئن رڻ ۾ واريءَ جو طوفان لڳي.

ڪونہ هلي ٿي ڳيرو ڪنهن جي عشق اڳيان هي هستي مستي،
ڪيڏا ٿيڙ ڏياري پيئي وک وک تو ڪي واٽَ الستي.

عشق گلابي ڳل پرينءَ جا ڪنن ٿو سانڻ حجاب ڏسي،
ڪيئي گيت ٻڌي ٿو تن ۾ ڪيئي رنگ رباب ڏسي.

عشق خماريل اکڙيون اٿن جڻن ساغر ۾ مئي ڇُلڪي ٿي،
روءِ پرين جي چنڊ پرهہ جو جنهن کي ڏِک ڏنڌلکي جي.

عمر اينئن جئن لهر نديءَ جي مور نہ ترسي، آئي ويئي،
ڪي چوندا تہ اُجاڻي ويئي، ڪي چوندا تہ سجاڻي ويئي.

موت وڏو پيرادو ڪيسين اُن ڪان پيرو ڍڪجي!
ڪير چوي ٿو ڪاريهر جي ڪَرَ ڪٿي تہ نہ ان ڪان ڏڪجي؟

ڪنن ٿي تيز وِڪون هُن پاتيون سج سنهريءَ واريءَ تي!
اڙي جيئن پکيئڙو ڪوني ٿاريءَ ڪان ٻي ٿاريءَ تي!

ويجهو ڏس تہ وينا ڪيئي ٻگهہ هيا ٻيٽاريءَ تي،
ڏوران ڏِس تہ اينئن لڳا ٿي جيئن ڪرٽا واريءَ تي.

ميٽانون آڪاس، انهيءَ جي هيٺان مينهون، ڇِڪ،
ڏورانهين تان آهہ انهيءَ لئہ چيا نہ مصور ڇِڪ!

چنگهہ پيو منڊڪاني ڦاڙهو، ڪيڏو آ لاچار،
ڪو ڪامورو ڪُڏئي تان ٿو ڪيڏي هيٺ شڪار.

ڪير سياڻي جو سوچي ٿو هاٿي ڏس چا ٿيڻو آهي.
جيڪي آهہ ڪَني جو ڪيترو سو هاٿي ني ڏيڻو آهي.

كاني ازل جي خاموشي آ جيڪا سڀ سماني ٿي،
وارا وير وڄنان ٿا جي تن کي ڇاتيءَ لاٿي ٿي.

موت سوا ٻي ڪا بہ حقيقت هن دنيا ۾ ناهي،
ڇا ڪوني چنگيز ڏسين ٿو ڪوني هلاڪو آهي؟

ڪهڙو سڳو هن دنيا ۾ آ جو ڪوڙو ناهي؟
موت اڳيان ڪهڙو ماڻهو آ جيڪو ڇوڙو ناهي.

هوءَ عشا جي بانگ ٽپي وٺي مسجد جا مينار،
منهنجو روح ڪري ويني جڻ هن ڌرتيءَ کان ڌارَ!

آنهہ ڪهڙي مهمان ميان هي ڇا لئہ سانگ رچايا ٿي؟
جڻ تہ ابد تائين هلڻو آن ايئين محل بڻايا ٿي!

تنهنجو ڳيت ٻڌي مون سوچيو پنهنجي منورتيءَ تي،
پيار، خدا ۽ موت ٿي سڀڪجهہ آهي ڌرتيءَ تي.

روح اهو نيرو پنڇي آ جيڪو ٿو آڪاس وڃي،
هُن کي اِنَ نيراڻ ڇڪي ٿي جو هُو ڪنهن جي ڪانہ مڃي.

آڪاس جيان ڳنڀير مهاندو جنهن مان لڙڪ لڙن ٿا پيا،
سانوڻ مينهن جيان ڇو اُن مان ڳوڙها هينئن ڳڙن ٿا پيا؟

ڪڙتا پيڙا کي سيني ۾ ڪٿن پيئي بدلائي،
ڪوني ڀيد نہ پاتي اُن جو ڪوني ڀيد نہ پاتي.

تون آنهہ تصوف جي خوشبو يا شهد گلاب جي خوشبو،
حسن جوانيءَ جو جادو، تون عهدِ شباب جي خوشبو.

ڪيڏي نہ اُداس هوا آهي آ اُتر پنهنجي جوبن تي،
آ پنيرڪي - ويرا پر ڇو ماڪ رُني ٿي پن پن تي؟

---

تنوير عباسي

# هائيڪا

(١)

نالو ڪيئن ڪٿان،
شيشو آهين ان کي مان،
پٿر ڪيئن هڻان.

(٢)

ڇهنب مليل ڳيرا،
جيئن ٿي ٽرڪ جو هارن وڳو،
ڇرڪيا ۽ اڏريا.

## اياز قادري

# غزل

چيو هن ابر آهي، مون چيو سا چشمِ گريان آ،
چيو هن برق آهي، مون چيو سا آهہ سوزان آ.

چيئين سيلابِ نو آهي، چيم اشڪن جو طوفان آ،
چيئين روزِ قيامت مون چيو سو دورِ هجران آ.

چيو هن رات آهي مون چيو سو زلفِ جانان آ،
چيو هن چنڊ آهي مون چيو سو روءِ تابان آ.

وڃائڻ عمر ساري خوبروين جي محبت ۾،
چيو هن ڪفر آهي مون چيو سو منهنجو ايمان آ.

رهي هر چيز ڪان پيارو جهان ۾ جيڪو مون کي ٿو،
چيو هن ساهہ آهي مون چيو سو منهنجو پيڪان آ.

ڀري محفل ۾ جنهن آ راز الفت جو ڪيو ظاهر،
چيو هن آه آهي مون چيو سا چشمِ گريان آ.

امانت عشق جي جڏهين ڪڻڻ مون چاهہ مان چاهي،
چيو هن آهہ مشڪل مون چيو مون لاءِ آسان آ.

نہ پورو ٿي سگهيو جيڪو ڪڏهن ڀي زندگي تائين،
چيو هن منهنجو واعدو آ، چيو مون منهنجو ارمان آ.

رقيبِ فتنہ گر جو، جو اچي ويو ذڪر محفل ۾،
چيو هن دوست آهي، مون چيو سو دشمنِ جان آ.

رهي قابو ٿو جنهن سان موت تائين ڪوئي ديوانو،
چيئين زنجير آهي، مون چيو سو زلفِ پيچان آ.

ويو بدنام ٿي جنهن کان زماني ۾ اياز آهي،
چيائين سو جنون آهي، چيو مون عشقِ خوبان آ.

اهو شاعر جنهين جو ذڪر آ بزمِ حسينان ۾،
اياز آهي چيو هن، مون چيو تنهنجو ثنا خوان آ.

●

## عبدالقيوم صائب

# غزل

هيئن نہ ماڻهن ڏي نهاريو، واٽ ويندن کي نہ ماريو،
ڪنهن اڇايل کي ڏسي اڄ، زهر نيڻن جو نہ پياريو.

جوڙ پنهنجو ڪين سمجهو ٿا زماني ۾ ڪنهين کي،
هوش ڪان نڪري نہ وڃجو، ڪنهن اوهان کي جي ڏتاريو.

سونهن جي سرڪار سان ڪو بر نہ ميچي آهہ سگهيو،
هن هٿيليءَ کي ڇڏي ڏيو، قول پنهنجو جنهن نہ پاريو.

هن جهان ۾ ڪي تہ آهن، پنهنجي ليکي جي وڄن ٿا،
ٿاهہ ٿاهيو، مچ مچايو، رنگ لايو، باهہ ٻاريو.

هر ڪنهين جو ڪنهن طرح سان وقت ويندو آهہ گذري،
خوب ڇٽيو وقت تنهنجو، خوبصورت جنهن گذاريو.

هڪ صلائي عام ڏيني، مئڪدي سان ٿر ڪري ويا،
ڪجهہ پياڪن پاڻ پيتو، ڪجهہ ٻين کي آهہ پياريو.

رند مستيءَ ۾ پڇن پيا اينن پيالا عام جام،
زندگيءَ هو چڻ شڪستہ صورتن جو ويس ڌاريو.

هڪ طرف خالي صراحيون، ٻئي طرف جامن جا دير.
بعد رندن، حال محفل جو سڄو پيو آهہ ساريو.

پاڻ کان پرتي نہ جنهن جو هٿ وڌيو تنهن کي ڇا ڇٽيو،
ٻئي کي ماري سو ڀلا ڪيئن پاڻ کي جنهن آهہ ماريو.

جي پڇر ۾ ڪنهن جي ناهن، تن جي ڇو پئي ٿئي پڇار،
ڇو پراين جي پڇارن ۾ اٿين پيا پاڻ ڳاريو.

گرچ لانجهما ٿي ويا اڄ يار آهن، پوءِ ڇا ٿيو،
وقت صائب پنهنجيءَ پر ۾ آهہ سڀ ڪنهن خوب گهاريو.

عنايت بلوچ

# ڪافي

هر دل جـــــا دلدار - يـڳانـا يـار

سـدا ٿـو سـاهـ سنيـاري.

لڱڙي تنهنجي لوري جــــاڳون،

هر جـا تنهنجـون ٿـيـون اوطاقـون،

سـهـڻـ جـا سـردار - مـنـا منـار :

گهڙيون وچ گهـاري گهـاري.

تـنـهـنـجــــا دائـم ديـرا دل ۾،

تنهنجـو ذڪر آ هر مـحـفـل ۾،

سـاڻ سندا سـينگار - او مـشـيـادار:

ونـيـن ڪـي بـارڻ بـاري.

مـــاڻهـو تولـــــ ڏاڍا مـــاندا،

تنـهـنجي يـاد ڪـــــان وار نـ وانـدا،

پـنـهـنـوارن پـڳـدار - اڙيـن آڌار:

وچـڙو تنهنجـو مـاري.

نيٺ تہ مـانجـهـي مـوٽي ايندين،

درد مــنـدن کـي آٿـت ڏيـنـديـن،

عين عـنـايـتـــدار - پريـن پنهـنوار:

هـلـي اچ واڳـــــون واري.

ادل سومرو

مـان آهيـان ائين، جـيـئـن

باگـــڙيـن جـــو قـــافلو

خـبـر ناهي وجي ڪاڏي.

سمنڊ جان هن جون اکيون

ڪنهن بہ پل هي حوصلو

خـبـر ناهي وجي ڪاڏي.

پيـــر هن نازڪ اوهان جـا

هي پـهـــاڙي سلسلو

خـبـر ناهي وجي ڪاڏي.

چـانو هن تي پيـا ڪجـو

پريـن سـنـدم، اي بـادلـو!

خـبـر ناهي وجي ڪاڏي.

اياز گل

# غزل

خواب نـ عکس، نـ پيار گهرن ٿا،

نيڻ رڳــو ديدار گــهــرن ٿــا.

توکي ســارو جـــيــون ارپي،

ٿـورا ڪي اختـيـار گـهـرن ٿا.

سـاري جڳ کـان جيـتي پي هُو،

توکـان هر هر هار گـهـرن ٿـا.

لفظ چـپـا جي ناهن چـپـڙن،

شـايد ڪي اقـرار گـهـرن ٿـا.

جـيـئـن ڪانءُ اُجهـائل لمحا،

تنهنجي سندر سـار گـهـرن ٿـا.

تو تانئين پهـچـڻ لـئـ سـپـنا،

نيـڻ کـان سـهـڪار گـهـرن ٿا.

روز ٿي گڏجن ٿا هڪـٻـئي سـان،

روز ٿي قـول قـرار گـهـرن ٿـا.

اُهنجن کـــان آجـــو آئـيـنـدو،

او انسـان! هي ٻار گـهـرن ٿـا.

پيـار، امن جـو اوڇـو جـهـنڊو،

پيـو چـاهي فنڪـار گـهـرن ٿـا؟

ڌرتيءَ کـي دوزخ نـــاهـيـنـدا،

هُو جـيـڪـي هـتـيـارَ گـهـرن ٿـا.

•

خاڪي جويو

سـسـئيءَ جي سُـور کـان پنڌ پري آهي:

ڪو تہ وجي ڪاهي!

نينگر ننڊاڪـڙي، ڳـهـر پني ڳـاهي،

ڪو تہ وجي ڪاهي!

چوڏهينءَ جي چنڊ کي، چانڊوڪي چاهي،

ڪو تہ وجي ڪاهي!

ورچون ڪيئن واٽ کان، نينهن نئون ناهي،

ڪو تہ وجي ڪاهي!

صـدين جي سـوچ جي ڏات ڏنگي آهي،

ڪو تہ وجي ڪاهي!

نورالهديٰ شاهه

## شڪ

يا تہ
جنم کان ئي
اسان کي بنا ڪنهن مختيارنامي جي
خالي هٿين موڪليو ويو آهي
محض
بيوسيءَ جو تجربو ڪرڻ لاءِ.

يا تہ
جنم کان پوءِ
زندگيءَ جي ڪنهن اسٽيج تي
اسان کان مختيارنامو ڦريو ويو آهي
محض
بيوسيءَ جي تجربي کي ڪامياب بنائڻ لاءِ.

•

بخشڻ مهراڻوي

## مرڻ لاءِ جيئڻ

عمر جڏهن،
آخري هڏڪين ۾ گم ٿيڻ لڳندي آهي،
تڏهن ٻچپن انهي کي سڏيندو آهي.
۽ هو ٻارڙن سان ويهي رانديون ڪندا آهن.
گل پوکيندا،
گهڻو ڪري خاموش رهندا آهن.
۽ ڪڏهن ڪڏهن
مرڻ لاءِ جيئندا آهن.

## چڪر باز

اسان مان جيڪي اُن آهن،
اُهي چڪر ۾ آهن
چڪر ڏيڻ وارا هر وقت چڪر ۾ هوندا آهن.
ڌرتي!
چڪر تي ٻڌل آهي ان ڪري،
هاڻ هر شئي،
ڏاڍي چڪر باز ٿي وئي آهي.

اظهار سومرو

## انتظار

مان
بنان ڪاوڙ جي
تنهنجو انتظار ڪندو رهان ٿو
۽ تون
ڪاوڙجڻ جي باوجود بہ
منهنجو انتظار نٿي ڪرين.
انتظار
واريءَ جي سمنڊ ۾
هڪ اڪيلي خيمي جيان آهي.
يا وري
جنگ ۾ ماريل طوطو آهي
(جيڪو ڪاجي نہ سگهيو آهي)
پر، ٿورو ترس
انتظار جي ڳالهہ کي
ويڙهي ٿا رکون
۽ رڳو اينترو ٿا سوچيون
سمنڊ
بنان لهرن جي ڇا مري ويندو ؟
پر، مون کي پنهنجي انتظار
۽ چنڊ جي اڪيلائيءَ کان
تنهنجي چپن جي
وڌيڪ ڳڻتي آهي.
(جن جو رنگ رات جو آهي)
۽ پوءِ، مان وري
انتظار کي
ڪوڙهہ جي ڊپ کان
هٿ نٿو لايان.

سقراط سبيتائي

## دوها

منهنجي عيب - ثواب جو تون ني چاڻ شريڪ،
تنهنجي مرضي ٿئي تہ پوءِ سوچان آءٌ وڌيڪ.
پنهنجي هر پڇتاءُ تي مون کي ٿيو پڇتاءُ،
اندر جي اٿمونڊ تي آيو ٿم ٽهڪاءُ.
جنهن جنهن ماڻهوءَ موڙيو مايا ڏي آ موهُہ،
تنهن کي محبت جو مزو بخشڻ ڪيئو ڏوهہ.
تو وانگر جنهن پي ڏنو مون کي خالص پيار،
اُن جي آڏو مان جهڪڻ جي لئہ آهيان تيار.
ٿوهر ٿوهر هٿ ڪنيا، ٿر پيو ٿئي برباد،
ڪهڙي ڪهڙي بُک پلي، گهر ڪيون آباد؟
ڪنهن نہ ڏنو اڳ ۾ ڪڏهن قرب جو ڪارو ڪال،
ڪنهن بہ نہ هيءَ ڪُنيا ڏٺي گذريو هيءُ بہ سال.

•

احمد تالپر

## غزل

آس نگر ۾ سار هوائون،
پيار جون پينگهون، نم جون ڇانئون.
روپهري ڇاهت ڇانڊوڪيون،
ڇاڳيل جذبا، تون ۽ آئون.
سينڌ جي سيندر جهڙيون شامون،
مُرڪ ڇپن تي، شوخ ادائون.
ڦوهہ جواني، اڻ جهل اُڌما،
دل جي اور، ورونهہ، وفائون.
مندر جي گهنڊن جان گونجن،
دل ديول ۾ پيار صدائون.
سپنا شال سپني ٿين سايان،
باسي وينو من مجتائون.

•

احمد خان مدهوش

## وائي

پورل پال پلاٽي - اڳڻ اسان جي آيو
الفت وارو اجرڪ اوڍي
لوڪنون پاڻ لڪائي، اڳڻ اسان جي آيو،
ناهوڪو ٿي ناهي جوڙي،
رنگي رنگ رچائي- اڳڻ اسان جي آيو.
قربان وڃان اُن وڪ وڪ تان
جيڪا وڪ وڌائي -اڳڻ اسان جي آيو.
جُوءِ ۾ جانب جلوي گر ٿي
جيءُ ۾ جوت جڳائي - اڳڻ اسان جي آيو.
موهي مون مدهوش ڪيائين
مصري مينهن وسائي - اڳڻ اسان جي آيو.

•

امير بخاري

## غزل

منهنجو گفتو ڪنهن جي ڪُک ۾ ڪانُ هو،
ڪنهن جي دل جي درد جو درمان هو.
هڪ مٿان بيو، ٻئي مٿان ٽيون وارُ ٿيو،
وقت تنهنجو ڪيترو احسان هو.
هُن چيو اڳتي نہ وڌ ويندين مري،
پر وڌيس، ڏڙڪو تہ بس دهمان هو.
يار جي زلفن ۾ ڪنهن ورتي پناهہ،
ڪنهن ملهايو جنگ جو ميدان هو.
هڪ چيو وڙهہ، ٻئي چيو مڙ، مون ڏنو،
هڪڙو هو داناءُ، بيو نادان هو.
ڪير هو، جيڪو نہ وڪيو واڪ تي؟
جنهن جو هٿ وڪجي وڃڻ آسان هو.
ڪنهن ڪنو ڪردار ٿي پنهنجو ڪيو؟
تا ڇون انسان ڇا انسان هو؟
سر جدا، ڌڙ ڌار، هي ڇا ٿي ويو؟
ڳالهہ هي آهي تہ شاهي شان هو.
مان سان آيو، ويو موٽي امير،
ٻن گهڙين جو ني تہ هو مهمان هو.

•

ماڻڪ ملاح

## گيت

آڏيءَ ويلي واءُ اُتر ۾ ڇيرن جو ڇمڪاءُ،
ماري،
ڇيرن جو ڇمڪاءُ!

نينڊ ڏين تيون مُند جـون اوتون،
اُپ اگڻ تي تارن - جوتون -،
هيرن منجهه هڳاءُ،
ماري،
ڇيرن جو ڇمڪاءُ!

پکي پکين سان جوڙيون ناهي،
مند ملهائن ڳائي ڳائي،
سڳنڌ سندو هيءُ ساءُ،
ماري،
ڇيرن جو ڇمڪاءُ!

موتيو مُکرو ٽڙي پيو آ،
رُت انهيءَ ۾ ڪـڙي پيو آ
گهايل دل جو گهاءُ،
ماري،
ڇيرن جو ڇمڪاءُ!

ڪانگ منهن تي بولي تو پيو،
ڦٽ ڄـتل کي کولي تو پيو،
آءُ هلي اچ آءُ،
ماري،
ڇيرن جو ڇمڪاءُ!

آءُ گهڻو ٿي آيل! پليان،
تيئن تيئن ڦٿڪي جيئن جيئن جهليان،
مُڙي نٿو مَن ماءُ
ماري،
ڇيرن جو ڇمڪاءُ!

منير سولنگي

## وائي

منهنجو روئڻ ۽ کلڻ، تنهنجو پرچڻ ۽ رسڻ،
تنهنجي وس ۾ آ پريں.
خواب اکڙين ۾ سجايم، منهنجي سپنن ۾ اچڻ،
تنهنجي وس ۾ آ پريں.
مان ٿتل هڪ باغ آهيان، مون تي برکا ٿي وسڻ،
تنهنجي وس ۾ آ پريں.
عمر ساري تنهنجو الڪو، ڪا گهڙي مون سان ملڻ
تنهنجي وس ۾ آ پريں.
تو سوا جيون پسو آه، رنگ ڪو تنهن ۾ ڀرڻ
تنهنجي وس ۾ آ پريں.

•

اسد ڪبريو

## غزل

منهنجون ڪوڙ وفائون آهن،
تنهنجون ڪوڙ جفائون آهن.
ڪا نہ رات ٽکي پنـہ سهـڻا،
سالن کان نہ صدائون آهن.
تو بن گيت غزل ۽ وايون،
ڪوڙيون سڀ ڪٿائون آهن.
شام جا پاڇا ڪـڙندا ويا،
ماڳ تي رسيون نائون آهن،
پيڙا جو آ رڻ نـي رڻ،
ڏور وفا جون ڇانئون آهن.
آهين رُنل پر شاد رهين،
هر پل توکي دُعائون آهن.
"اسد" ڪاڏي گم ٿي ويو آ،
هر ڪنهن اهي پُڇائون آهن.

•

جوهر بروهي

## غزل

اوندهہ رات ۾ اوکي لک تي کهڙو ساٿ ستارا ڏيندا،
اهڙي اٿاگي پنڌ تي جاني! ساٿ محبت وارا ڏيندا.
نينهن تہ سانوڻ مينهن جيان، ٿو دليون ڌوئي پاک ڪري،
باقي پتر پورو ماڻهو آئت ڇا: اوسارا ڏيندا.
ڪهڙيون قميصون پارائيندا، ڪهڙا اجرک اوڍائيندا،
دولتمند تہ هيٺن کي هت ڳاٽ ڳچي ۾ ڳارا ڏيندا.
هو جي بڻجي ڏاها، اڄ انصاف جي سيج سجائن ٿا،
آزادي جي سوچ تي دم دم قاتل ٿي لامارا ڏيندا.
احساس جي دنيا ۾ کي ماڻهو ڪافي ملهہ پريا ٿيا،
جيڪي پنهنجي ڏات ذريعي ٻاڻ کي باک جا چارا ڏيندا.
منهنجو وجود تہ سنڌوءَ لهرون، جنهن ۾ ڪيڏي اڻ تڻ آهي،
جذبن جي درياهہ جون اٿلون، روکي ڪير ڪنارا ڏيندا.
نينهن جي نازک ڳالهہ سهي پر جوين ۾ بہ جياپا آهن،
سونهن سڄڻ جي خاطر سر گهر گهوري "جوهر" پارا ڏيندا.

•

خليل عارف سومرو

## غزل

مان ٽڪل ڄڻ شام جا لمحا ٽڪل
ٿا لڳن ننڍا وڏا پاڇا ٽڪل.
نيڻ اڻٿن اوسيئڙي ۾ جيئڻ هُجن،
رات جي پونين پهر تارا ٽڪل.
نيڻ رنندي، ويا سُڪي تہ بہ ٻئي رُنس،
هاڻ وينو ٿو پريان سُڏڪا ٽڪل.
روز تقريرون گهڻيون نعرا گهڻا،
ڏر ڏٺي عملي طرح سارا ٽڪل.
لفظ بحرن جي زنجيرن سان ٻڌل،
شعر ۾ جذبا اُهي ساڳا ٽڪل.
جيڪو عارف پنڌ ۾ ٽڪجي پيو،
تنهن کي پاسن ٿا سيئي رستا ٽڪل.

رجب پگهيو

## غزل

سانجهہ سويري سارَ اچي ٿي
ياد وري ڪا يارَ اچي ٿي.
وارَ وکيري رات سُتي آ،
هير منجهان هُبڪار اچي ٿي.
باک ڦٽيءَ جو منظر آ جڻ،
گهونگهٽ ويڙهي ڪُنوار اچي ٿي.
درد جي رات ڊگهيري آ، پر،
ساهن مان ٿڌ ڪار اچي ٿي.
تون جي ناهين گڏ پرين پوءِ،
جيت بہ بڻجي هارَ اچي ٿي.
واءُ ڏکڻ سان گڏ اگڻ تي،
جهانجهر جي جهنڪار اچي ٿي.
ڏور ڪناري کان آ نڪتي،
ناوَ پرين هِن پار اچي ٿي.

نازڪ شيدائي

## گيت

ڦوٽاڙي جي ويل وري آ
هيل هلي آ هيل هلي آ

هير ڏکڻ جي بڻجي اڄ تون
وار ڪنڌيري مرڪي اڄ تون
تولئہ من ۾ باهہ ٻري آ
توکي ساري رت روئي ٿي.
هر پل آهون سڏڪا پري ٿي
دلڙي تولئہ يار ڇري آ
سانوڻ ايندو ميڙا مچندا
ڪرڙن ۾ ير ڏيلها پچندا،
سانوڻ سان گڏ تون بہ وري آ
مينهن ونا هن گاهہ ڦٽا هن
ٿاري ٿاريءَ گل رچيا هِن
ڏس تہ واري وني نري آ

هن وقت تائين اهو تصور ڪيو ويندو هو تہ سنڌو سڀيتا، جنهن قديم انساني تهذيب جو بنياد وڌو، اها ساڍا چار هزار ورهيہ قديم آهي. آثار قديمه جي ماهرن ان ڳالهہ پر هن ڪان اڳ اهو اضافو ڪيو هو تہ موهن جي دڙي ڪان آمريءَ جي تهذيب، ڇهہ سئو ڪان اٺ سئو ورهيہ وڌيڪ قديم آهي، ليڪن اوهان کي معلوم آهي تہ سبيءَ جي پرسان تازو مهرڳڙهہ وٽ فرانسيسي ماهرن هڪ دڙو کوٽيو آهي، جنهن جي تهذيب ست هزار ورهيہ قديم آهي. مهرڳڙهہ جي پرسان نوشهري جو ٻيو دڙو بہ کوٽيو ويو آهي جو بہ ايترو ئي پراڻو آهي. ڪاڪي ڀيرومل پنهنجي ڪتاب "قديم سنڌ" پر انهن دڙن کي دمدما ڪوٺيو آهي. مان اهي ٻيئي دڙا هڪ دفعو نہ پر ڪيترا ڀيرا ڏسي آيو آهيان ۽ اعتماد سان چئي سگهان ٿو تہ درحقيقت مهرڳڙهہ جي تهذيب قديم سنڌي تهذيب جي هڪ اڳوڻي ڪڙي آهي، ڇو تہ سبيءَ تائين صاف سنڌي ڳالهائي وڃي ٿي. سبيءَ تائين سمورو علائقو سنڌو درياءَ جو ميداني علائقو آهي. بلوچستان جا جبل ان ڪان بعد شروع ٿين ٿا. سبي صدين جون صديون سنڌ جي تاريخ جو حصو رهي آهي. ڪلهوڙن جي دور تائين، اها سنڌ جي حڪومت جي تسلط هيٺ هئي. دولهہ درياخان سنڌ جي سرحد تي سبيءَ وٽ ارغونن سان مقابلا ڪيا هئا ۽ کين شڪست فاش ڏني هئي.

هاڻي اوهان ذرا تصور ڪريو تہ جيڪا تهذيب ست هزار ورهيہ قديم هوندي، جتي جنت مان درياءَ وهي ايندا رهيا آهن، ان جا رهاڪو ڪيڏا نہ مهذب ۽ متمدن هوندا. ان جي زبان ڪيڏي نہ شاهوڪار هوندي. هزارن ورهين جي عرصي اندر ان ٻين ٻولين جا ڪيترا نہ لفظ جذب ڪيا هوندا. چنانچہ سنڌ جي سرزمين جي علمي ۽ ادبي روايت ڪيڏي نہ پڪي ۽ پختي هوندي. سنڌ جي ثقافت پر تہ دوستو اندلٺ جا سمورا رنگ سمايل هوندا. -- غلام رباني آگرو

# مقالا

ٻوليءَ ۾ محاورن جي استعمال سان هڪ نرالي سونهن پيدا ٿئي ٿي، ان کان سواءِ ٻولي وڌيڪ زوردار ۽ اثرائتي بڻجي ٿي. انسان سپاويڪ طرح سونهن ۽ نزاڪت کي چاهيندڙ آهي. سندس اها ٻه تمنا هوندي آهي ته ويچارن ۽ ڀاونائن جو اهڙي سهڻي ۽ زوردار ڍنگ سان اظهار ڪري جو ٻڌندڙ متاثر ٿي وڃن. انسان جي من جون اهي ڀاونائون ئي محاورن جي جنم جو مکيه ڪارڻ آهن.

ڀاڪن وانگر محاورن جو جنم به عام ماڻهن جي روزمره واريءَ گفتگوءَ مان ٿئي ٿو. محاورن کي گهڙڻ لاءِ عالمن جي ڪاميٽي مقرر ڪانه ڪئي ويئي، جنهن ڪنهن عاليشان عمارت ۾ گڏجي ويهي محاورا جوڙيا. اهي ته وهنواري زندگيءَ ۾ ڪتب ايندڙ ٻول چال واريءَ ٻوليءَ ۾ سپاويڪ طرح پيدا ٿيا آهن. اوهان ڏٺو هوندو ته هاري ناري، ڪمي ڪاسبي، لوهار سونارا، ڪنير مٽير، مهاڻا ملاح، ڊکڻ رازا، ماڇي ساٽي، وغيره، پنهنجي ڏنڌي ڌاڙيءَ ۾ ڪيترا نه تيز اصطلاح ۽ محاورا ڪتب ٿا آڻن. شهري ماڻهن کي اڪثر اهڙن محاورن ۽ ڏنڌن پيشن سان واسطو رکندڙ خاص لفظن جي ڄاڻ به نه هوندي آهي. ان ڪري شبد ڪوش يا لغات جوڙيندڙ عالم گهڻو ڪري جدا جدا ڌنڌن ۽ ڪيترن جي ماهرن سان ملاقاتون ڪري، سگهڙن سان ڪچهريون ڪري، ٻوليءَ جا لفظ ۽ محاورا ڪٺا ڪندا آهن ۽ انهن جي معنيٰ جي تصديق ڪندا آهن. مثال طور "پيڏي هڻڻ" (نڳڻ، تور ۾ دوکو ڪرڻ) محاوري جو لاڳاپو ڌنڌي ۽ واپار سان آهي. پيڏي لفظ جو مطلب آهي ڪرائيءَ جو اُپريل هڏو. تور ۾ نڳي ڪندڙ اڪثر ڪرائيءَ جي هڏي سان ساهميءَ جي ڪانيءَ کي تل ڏيئي وزن گهٽائي چڏيندو آهي. "ڏگهري لٿي اٿس" ، يعني شرم حياءُ نه اٿس. هتي ڏگهري لفظ جو مطلب آهي ڪاٺ جي پٽي يا ميخ جا ڪرسي وغيره کي جوڙڻ لاءِ هڻجي. ان لفظ جو سنبنڌ واڍڪي هنر سان آهي. "ٽي داٿيون پوڻ" جو لاڳاپو چوپڙ راند سان آهي. ساڳيءَ طرح "ڪلر ۾ ٻج ڇٽڻ" ، "مين ميک ڪرڻ" ، "ڏڪڙ تي اٽو لڳڻ" ، "ڪوهه جي مٽي ڪوهه ۾ هڻڻ" ، "ٻن ٻيڙين تي سوار ٿيڻ" ، "تاجي پيٺي پٽ هڻڻ" ، "ڀڳڙيون ٿيڻ" ، "ڪڳيون هڻڻ" ، محاورن جو جنم زندگيءَ جي الڳ الڳ ڪيترن ۾ شخصي آزمودن ۽ مشاهدن سببان ٿيو آهي.

ڀاڪن جيان محاورا پڻ الڳ الڳ شخصن جي وهنواري زندگيءَ ۾ حاصل ڪيل انڀوَ جي پيدائش آهن. ڪنهن شخص جيڪي محسوس ڪيو، تنهن کي سهڻي نموني محاوريدار ٻوليءَ ۾ ظاهر ڪيائين. اظهار جو اهو ڍنگ اهڙو اثرائتو هو، جو جن ٻڌو، انهن کي وڻي ويو. پوءِ اهي به موقعي موجب انهن کي دهرائڻ لڳا. ان طرح ڪنهن هڪ شخص جو سرجڻ ڪيل لفظي ميڙ يا گفتو، ٻوليءَ ۾ ٻين جي اپنائڻ تي مروج ٿي محاوري جي درجي تي پهچي ويو. هتي انهيءَ ڳالهه جو ڌيان رکڻ گهرجي، ته ڪنهن به هڪ شخص جو چيل پريوگ يا لفظي ميڙ تيستائين محاورو نه چئبو، جيستائين اهو ٻوليءَ ۾ مروج نه ٿيو آهي. يعني ٻين دوران پڻ اهو ساڳئي مقرر روپ ۾ اپنايو نه ويو آهي.

:- ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي

("سنڌي ڀاڪا ۽ محاورا" - ١٩٩٣ع)

سيد حسام الدين راشدي

مترجم: سلميٰ لوهر

# مولانا محمد شفيع لاهوري

خانبهادر پروفيسر ڊاڪٽر مولوي محمد شفيع جي شخصيت علمي دنيا ۾ ڪنهن به رسمي تعارف جي محتاج نه آهي. سندس علمي تحقيق ۽ گران قدر تحرير کي هر دؤر ۾ عزت ۽ قدر جي نگاهه سان ڏٺو ويو آهي. پاڻ نه رڳو پنهنجي ملڪ پاڪستان ۾ پنهنجي علمي حيثيت مڃائي، 'ستاره پاڪستان' جو اعليٰ اعزاز حاصل ڪيائين، پر پاڪستان کان ٻاهر به پنهنجي علميت ۽ تحقيق سبب مثالي مڃتا حاصل ڪيائين. اهوئي ڪارڻ هو، جو ايران سرڪار پاران ڪيس وقت بوقت اعليٰ اعزاز حاصل ٿيندا رهيا، جن ۾ 'نشان دانش' ۽ 'نشان سپاس' (درجه اول) اچي وڃن ٿا.

مولانا محمد شفيع صاحب سن ۱۹۳۴ع ۽ ۱۹۳۷ع ۾ ٻه ڀيرا سنڌ جو علمي سفر ڪيو ۽ نتيجي ۾ جيڪي تحقيقي مقالا لکيا، اهي سلسليوار "اورينٽل ڪاليج ميگزين" (سن ۱۹۳۵ع ۽ ۱۹۳۷ع) جي اشاعتن ۾ شايع ٿيا. اڳتي هلي سن ۱۹۷۰ع ۾ مذڪوره مقالن کي سهيڙي ۽ ترتيب ڏيئي، سندس لائق فرزند احمد رباني صاحب 'صناديد سنڌ' جي نالي سان ڪتابي صورت ۾ شايع ڪرايو. ان ڪتاب جو پيش لفظ مولانا صاحب جي قريبي دوست ۽ سنڌ جي نامور مؤرخ ۽ محقق پير حسام الدين شاهه راشدي لکيو.

پير حسام الدين شاهه راشدي مرحوم جا مولانا محمد شفيع مرحوم سان گهرا علمي ناتا هئا، جن جو اندازو پير صاحب جي هن املهه مضمون مان بخوبي لڳائي سگهجي ٿو، جيڪو پاڻ مولانا محمد شفيع جي انتقال کان پوءِ اردو ۾ لکيائون ۽ مشهور سه ماهي رسالي 'اردو' (ڪراچي) جي جنوري ۱۹۶۸ع جي اشاعت ۾ شايع ٿيو، جنهن جو سنڌي ترجمو "مهراڻ" جي پڙهندڙن لاءِ پيش ڪجي ٿو- س. ل.

جڏهن شعور واريون اکيون کليون، تڏهن ڏٺم ته علمي دنيا ۾ مولانا محمد شفيع جو سڪو جميل ۽ رعب ڇانيل هو. سندس منفرد ۽ نوس تحقيق، عميق نظر ۽ ان جو علمي مرتبو ۽ مقام ان دؤر جي مڃيل حقيقت هو.

اُهي ڏينهن اُهي شينهن هئا، جڏهن اورينٽل ڪاليج لاهور علمي لحاظ کان نه فقط اهم ادارن ۾ ليکيو ويندو هو، پر احترام جي نظر سان به ڏٺو ويندو هو. ڇاڪاڻ ته مولانا محمد شفيع جهڙو محقق ۽ مدبر ان ۾ موجود هو ۽ ان وقت ڪاليج مان شايع ٿيندڙ رسالو ۽ خاص طور تي ان جو فارسي ضميمو سندس علمي جاکوڙ ۽ جستجو سبب عالمي شهرت جو حامل بڻيو. جنهن جو واحد سبب اهوئي هو ته مولانا جي تحقيق ان ۾ اشاعت هيٺ ايندي هئي. 'دانشگاهه پنجاب' به انهن ڏينهن ۾ ئي علم ودانش جي دنيا ۾ غير معمولي شهرت ۽ عزت حاصل ڪئي، جو ان مان ڪيترائي اهڙا علمي نوادرات شايع ٿي منظر عام تي آيا هئا، جن جي گهٽي عرصي کان علمي دنيا جي اڪابرن کي ڪمي پئي محسوس ٿي. رشيدالدين جا خط ته گهڻو پوءِ آڏو آيا، مگر انهن کان اڳ ۾ 'فهرست عقد الفريد'، 'مطلع السعدين'، 'تتمهء صوان الحڪمه'، 'درة الاخبار'، 'تذڪرهء ميخانه'، 'غياث الدين جو چين جو سفرنامو' ۽ 'اقتباسات آداب الحرب والشجاعت' جهڙا نادر ڪتاب علمي هستين جي هٿن تائين پهتا هئا. عنصري جي 'وامق

و عذرا' جي دريافت ۽ ان تي تحقيق ني اهڙو غير معمولي انڪشاف هو، جنهن پڙهيل لکيل طبقي ۾ ٿرٿلو مچائي ڇڏيو. سموري علمي دنيا ڪي اهو بخوبي علم هو تہ لاهور علمي لحاظ کان وڏي مان ۽ مرتبي وارو شهر آهي ۽ ان جو ادارو 'دانشگاهہ' حقيقت ۾ ڏاهپ ۽ علم جو هڪ اهڙو ني سر چشمو هو، جو دنيا جي ڪنهن بہ وڏي علمي ۽ ادبي اداري کان گهٽ نہ هو.

مولانا جو وجود نهايت ني خير ۽ برڪت جو باعث هو. سندس مردم شناسي، قدرداني، شخصي ڪشش ۽ ذاتي صفتن جي ڪري ني جتان ڪٿان جا محقق ۽ مجيل علمي هستيون وٽس اچي گڏ ٿينديون هيون. اهوئي سبب هو جو "دانشگاهہ پنجاب" کي بہ سندس ني نسبت سان اهميت، افاديت ۽ فضيلت حاصل هئي .سچ تہ اهو آهي تہ 'دانشگاهہ پنجاب' جو اهو ني دؤر اوج ۽ عروج وارو دؤر هو. انهيءَ سمي مولانا عبدالعزيز الميمني بہ اتي ني رهندو هو. حافظ محمود خان شيراني مرحوم جو بہ اهوئي زمانو هو ۽ شيخ محمد اقبال مرحوم ۽ ڊاڪٽر شيخ عنايت الله بہ ان دؤر جا مشهور ۽ معروف استاد هئا. حقيقت ۾ اسان جي بزرگ شخصيت سيد محمد عبدالله جو بہ اهوئي سهانو سمو هو. اهي سڀيئي بزرگ هڪڙي ني حلقي جا رڪن، هڪ ني سلسلي جا موتي ۽ هڪ ني محفل جا چراغ هئا. انهن سڀني برگزيده شخصيتن گڏجي سموري ملڪ ۾ تحقيق ۽ تجسس، علم ۽ عمل، قلم ۽ ڪتاب جي اهڙي فضا قائم ڪري، علمي ماحول کي ايڏي بلند مرتبي تي رسايو هو، جو هن دورنگي دنيا جڏهن انهي سحر کي ٽوڙيو ۽ سندن ماڳن کي مٽايو، تڏهن کان وٺي هي اکيون هميشه واجهائينديون ني رهيون آهن.

مولانا محمد شفيع صاحب شاهہ حسين بايقرا جا حالات پڙهيا ۽ هرات جي نئين اوج ۽ عروج تي لکندي، پنهنجي شهر ۽ ملڪ کي قريباً انهيءَ ني مقام تي رساني ڇڏيو. علمي ذوق ۽ شوق جو شباب هو. لکڻ، پڙهڻ ۽ اڀياس ڪرڻ ذات جي صورت ٿي اختيار ڪئي، خالص علمي ۽ نوس تحقيقي ڪتابن جي گهرج وڌندي ويئي. لاهور جون بازارون علم سان هردم ڀريون رهيون. هونءَ بہ بازار ۾ انهي ني سودي جي سرسي هوندي آهي، جنهن جا خريدار گهڻا هوندا آهن. ڪتابن جي خريداري ۽ سموري ملڪ ۾ قلمي نسخن جي تلاش ۽ پنهنجن وڏڙن جي ورثي جي حفاظت انهيءَ زماني ۾ مقدس فرض جاتو ٿي ويو. لاهور جي هر پڙهيل ڳڙهيل کي اهو فرض ضرور سرانجام ڏيڻو پوندو هو. شيراني جا نوادرات، پروفيسر آذر جي ڪليڪشن ۽ خود مولانا جو ڪتبخانو انهيءَ سونهري دؤر جا يادگار آهن.

مولانا صاحب اهو ڀريون بزرگ هو، جنهن اهو معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ملڪ ۾ يا ملڪ کان ٻاهر، مشرق ۽ مغرب ۾ علمي نوادرات ڪٿي ڪٿي موجود آهن ۽ ڪهڙن ڪتبخانن جي زينت بڻيل آهن. 'دانشگاهہ' ۾ موجود ڪتابن جا فوٽو ۽ فلم بہ ان ني زماني جا يادگار آهن. پنهنجي ذاتي ذوق شوق ۽ شخصي تلاش ۽ تحقيق جي ڪري ني هن بزرگ 'دانشگاهہ' ۾ اهي نہ مٽجندڙ نشان ڇڏيا، جن جي اڳوٽي ساک ۽ نقش نگاريءَ جي ڪري ني پري پري کان پڙهيل ڳڙهيل اچي وارد ٿين ٿا.

مولانا سان شخصي ڏيٺ ويٺ تہ غالباً پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ان وقت ٿي هئي، جڏهن سيد هاشمي فريد آبادي مرحوم، راقم لاءِ پنهنجي لاهور واري رهائشگاهہ تي دعوت جو اهتمام ڪيو هو ۽ مولانا صاحب کي پڻ ان ۾ شرڪت لاءِ مدعو ڪيو ويو هو. جيئن مٿي لکيو ويو آهي تہ سندس روحاني شرف يابي تہ ايامن کان ني حاصل هئي، جنهن کي آءٌ سندس تحريرن، مقالن ۽ ڪتابن ۾ چڱيءَ طرح پروڙي چڪو هوس.

ان رات جڏهن پاڻ تشريف فرما ٿيا ۽ تعارف ۽ گفتگو ٿي، تڏهن جيتوڻيڪ ڀرين ملاقات هئي، ان هوندي بہ مون سندس شخصيت جو چڱيءَ طرح جائزو ورتو ۽ ڪيس دل سان ڏٺو. پورو پنو قد، مضبوط هاٿي، جسم ڀريل ۽

ڪليل ڪٽڪ رنگو چهرو، پُروقار پيشاني ۽ روشن ٽنڊيون اکيون، جن جو تيز تاب سهڻ نهايت ئي مشڪل ۽ ناممڪن هو ته انهن ۾ وري گهوري ڏسڻ جي ڇا مجال! شهپر مناسبت موجب وڌيل، جي ان دؤر جي يادگيري ڏياري رهيا هئا، جڏهن مرد مرداڻي ڏِکَ ڏيندا هئا. سندس سچو منهن دلڪش ۽ ڪاڏي سهڻي ۽ جاذب نظر ٿي لڳي. سندس مٿي جا وار ڪسي چڪا هئا، سندس آواز انين سنهو ۽ نرم هو، جيئن ريشمي ڪپڙو نرم ۽ نازڪ هجي. ڀلا اهو آواز تلخ چو ٿئي؟ هي ته سراسر پيار ۽ پاٻوهه مان دلين کي ڪشش ڪندڙ هو. مان ڏاڍو خوش هيس ته اڄ ان شخصيت جي آڏو آهيان، جنهن کي ڏسڻ جي تمنا ۽ آرزو گهڻي عرصي کان هئي.

نازم بچشم خود، که جمال تو ديده است

افتم بپائي خود، که بکويت رسيده است.

مولانا ڦريون شخص هو، جنهن سنڌ جو علمي سفر ڪيو هو. سکر، روهڙي، حيدرآباد، ٺٽي ۽ سيوهڻ پهچي اتان جا تاريخي آثار ڏٺا ۽ جتي به ڪيس ڪتبا نظر آيا، اهي نقل ڪيا ۽ ڪجهه اهم ڪتبن جا فوٽو به ورتا. پراڻن خاندانن وٽ ويو، جتي قلمي ڪتاب، بياض ۽ تاريخي تحريرون ڏٺائين. جيڪي خريد ڪري سگهيو، اهي خريد به ڪيائين ۽ باقين جي فهرست تيار ڪري ورتائين.

ان تاريخي سفر جا حالات جڏهن اورينٽل ڪاليج ميگزين جي مختلف اشاعتن ۾ ڪتبن سميت شايع ٿيا ته مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي ته سنڌ جا علمدوست ماڻهو ڇرڪ ڀري اٿيا. ڇاڪاڻ ته ڪيترين تاريخي حقيقتون ۽ علمي تحقيق اهڙي سهڻي سليقي سان ڦريون دفعو انهن جي سامهون آئي ۽ ڦريون دفعو ڪين انهن جي خبر پئي ته مقبرا ۽ خانقاهون پوڄا پاٺ کان سواءِ به ڪا اهم حيثيت ۽ افاديت رکن ٿيون.

مولانا انهن مضمونن جي ذريعي علمي دنيا آڏو اهو اهم تاريخي انڪشاف ڪيو هو ته سلطان محمد تغلق جڏهن ٺٽي جي ڀرسان مئو ته ان جو لاش ڦرين سيوهڻ ۾ دفن ڪيو ويو ۽ پوءِ دهليءَ ڏانهن منتقل ڪيو ويو. ان عارضي مدفن تي جيڪي ڪتبا لڳايا ويا هئا، اهي مولانا صاحب سيوهڻ شريف مان دريافت ڪيا هئا ۽ انهن جا فوٽو مذڪوره مضمونن جي سلسلي سان گڏ ڇاپي لکڻ وارن لاءِ اهم تحقيقي موضوع ظاهر ڪيو هو.

گهڻي وقت جي ڳالهه آهي ته منهنجو وڏو ڀاءُ محترم پير علي محمد شاهه راشدي ٺٽي وجي 'تحفة الڪرام' جو مصنف جي هٿ اکر لکيل نسخو سندس پوين کان ڪجهه ڏينهن لاءِ استفاده ڪرڻ لاءِ وٺي آيو هو. ڇپيل ۽ قلمي نسخي جي تقابلي مطالعي کان پوءِ جيڪي اضافا ۽ اختلاف آڏو آيا، تن کي ترتيب ڏيئي، پنهنجي روزانه اخبار 'ستاره سنڌ' جي ڪيترين ئي اشاعتن ۾ شايع ڪيائين. اها هڪ ڳالهه هئي، جا آئي وئي. نه 'ستاره سنڌ' رهي نه اهي پرچا محفوظ رهيا ۽ نه وري اهوئي معلوم ٿيو ته انهيءَ قلمي نسخي جو ڇا ٿيو ۽ ڪٿي پهتو؟

انهيءَ صحبت ۾ ٺٽي متعلق تاثرات بيان ڪندي، مولانا صاحب اهو به انڪشاف ڪيو ته 'تحفة الڪرام' جو اهوئي نسخو پاڻ خريد ڪيو هئائون ۽ هاڻي اهو وٽس محفوظ آهي. اهو ٻڌي مان خوشي مان ڇرڪي اٿيس ۽ منهن ۾ مهڪ پيدا ٿي. گڏوگڏ اهو اطمينان به ٿيو ته اهو اهم ۽ نادر ڪتاب مولانا صاحب وٽ پهچي ضايع ٿيڻ کان بچي ويو.

مون ماڻهن کان ته اهوئي ٻڌو هو ته مولانا صاحب ڏاڍو خشڪ طبيعت جو مالڪ آهي، جنهن ڪري منهنجي دل تي اهوئي خوف ويٺل هو. پر جڏهن ڪيس ڏٺم ۽ ساڻس گفتگو ڪيم، تڏهن بلڪل ان جي برعڪس لڳو. ڏاڍو دلچسپ، شفيق ۽ نرم مزاج هو.

ان رات واري صحبت ۾ مزيدار ڳالهين ۽ حوصلو ڏيندڙ شفقت سبب هن هڪدم مون کي پنهنجو ڪري ورتو. ڦرنين فقط ان جي علمي جاهه جلال کان مرعوب هنس، پر ملاقات کان پوءِ سندس سهڻي سلوڪ جي ڪري سندس

ذات ۽ شخصيت بہ مون لاءِ وڏيڪ جاذب ۽ دلڪش بڻجي ويئي. جيئن جيئن منهنجون ساڻس ملاقاتون وڌنديون ويون تيئن تيئن سندس طور طريقا ۽ طبيعت منهنجي آڏو وڌيڪ واضح ٿيندا ويا. مون محسوس ڪيو تہ جيڪي ماڻهو ڪانئس گهٻرائيندا هئا، سي سندس طبيعت جي ڪري نہ، بلڪ پنهنجي ڪم علميءَ سبب ئي ڪانئس پري رهڻ لاءِ مجبور آهن. جيڪڏهن هو ڪنهن سان خشڪ رويو ۽ ٿڌائيءَ وارو سلوڪ اختيار ڪندو آهي تہ پاڻ ان ۾ بلڪل حق بجانب آهي. آخر ايترو فضول وقت ڪٿان آڻي. جي ائين وقت وڃائڻ لڳي ها تہ اهو سڀ ڪجهہ جيڪو پاڻ ڪيو هئائون اهو ڪيئن ڪري سگهي ها.

حقيقت اها آهي تہ مولانا صاحب جيڪڏهن سخت ۽ خشڪ هو تہ فقط علمي معاملن ۽ تحقيقي مسئلن ۾ هو. اهڙن معاملن ۾ هو سخت گير ڪان سخت گير هو. سطحي لکت کي برداشت ڪري نہ سگهندو هو. لکڻ وارا اڪثر سطحي لکڻ جا عادي هئا: مولانا صاحب ان عمل کي علم جي لاءِ بي عزتي ۽ پنهنجي ملڪ لاءِ باعث ندامت سمجهندو هو. مولانا صاحب جو اهو خيال بلڪل صحيح هو تہ اهڙن لکندڙن کي ساراهيو ويو يا ڪين درگذر ڪيو ويو تہ ملڪ مان حقيقي علم جو اختتام ٿي ويندو. استاد ۽ عالم جي حيثيت سان مولانا پنهنجي هن عادت ۽ عمل تي سختيءَ سان ڪاربند رهيو. سندس اها خواهش ۽ ڪوشش رهي تہ ملڪ ۾ تحقيق جو معيار پنني پوڻ نہ گهرجي ۽ قلم مان جيڪي ڪجهہ نڪري اهو حقيقت تي مبني هجي: سطحي ۽ سکڻو نہ هجي. مولانا صاحب جي اها ڪوشش ڪيتريقدر ڪامياب ٿي يا سندس آرزو ڪيستائين تڪميل تي پهتي، ان جي بيان ڪرڻ جو هي موقعو ۽ محل نہ آهي، مولانا صاحب جي اها گرفت رڳو عام لاءِ نہ هئي، پر مجيل عالمن ۽ قلم ڌڻين جي لاءِ بہ ساڳيو ئي دستور العمل هو. اهڙن ماڻهن جي لکڻي بہ جيستائين لفظ بہ لفظ ڪري نہ پڙهندو ۽ پرکيندو هو، تيستائين ممڪن ئي نہ هو تہ پاڻ مطمئن ٿئي.

هڪ ڏينهن جي ڳالهہ آهي تہ صبح سوير اسان جو دوست جناب عبدالحئي حبيبي افغاني آيو. هو نهايت ئي پريشان حال هو، چاڪاڻ تہ مولانا صاحب جي فرمائش تي پاڻ هڪ مقالو لکي، سندس خدمت ۾ پيش ڪيو هئائين. مولانا صاحب ان مان هڪ حوالي جي تصديق ڪرڻ ٿي گهري. بظاهر ڳالهہ تہ تمام معمولي هئي، پر سندس گهٻراهٽ جو ڪارڻ فقط اهوئي هو تہ حبيبي صاحب اها ڳالهہ ڪنهن ڪتاب جي حوالي جي بدران پنهنجي يادگيري ۽ ذهانت جي ڀروسي هيٺ قلمبند ڪري ڇڏي هئي. اهو اتفاق چئجي يا مولانا صاحب جي دور نظري، جو ڏسندي ڏسندي سندس نظر اتي ئي وڃي رڪي ۽ طبيعت اتي وڃي اٽڪي، جتي تحقيقي اصول موجب ڪا ڪمزوري رهجي ويئي هئي. گهڻيءَ دير کان پوءِ ڪيترن ئي ڪتابن جي اٿل پٿل ڪان پوءِ جڏهن گهربل حوالو ملي ويو، تڏهن محسوس ڪيم تہ گويا حبيبي صاحب جي مٿان وڏو بار هو، جو خدا جي فضل سان لهي ويو. پوءِ پاڻ اطمينان جو ساهہ کڻي پيشانيءَ تان پگهر اگهي سگريٽ دڪاني مرڪي چيائين تہ: "پير صاحب! واقعي اهو شخص صاحب نظر آهي. قدرت جو اوهان تي وڏو احسان آهي." مون ورندي ڏيندي کيس چيو تہ: "حبيبي صاحب! آخر ان ۾ ايڏي پريشاني جي ڪهڙي ڳالهہ هئي؟" فرمايائين تہ: "توهان چئو ٿا تہ پريشاني! صاحب! منهنجي تہ علمي حيثيت چوواٽي تي پيل هئي!" اهو چئي پاڻ حوالي وارو ڪاغذ کڻي دلي اطمينان ۽ ذهني سڪون سان تکڙا قدم کڻندو نيو ٽائون پوسٽ آفيس طرف ويندو رهيو.

گهڻيءَ دير تائين مان دروازي ڏانهن ڏسندو ۽ سوچيندو رهيس تہ واقعي اها اسان جي خوش بختي آهي، جو هڪ اهڙو شخص اسان ۾ موجود آهي. ان وقت مون کي اهو بہ خيال آيو تہ ڪجهہ ماڻهن جو ڪاوڙجڻ ڪو ايڏو بہ غلط نہ آهي. مولانا صاحب جي طلب جي تحقيق انهن جي پهچ کان مٿاهين آهي ۽ انهن جي ظرف کان بعيد.

مولانا صاحب جي علمي تحقيق جي دنيا محدود نہ هئي، بلڪ گھڻي وسيع ۽ لامحدود هئي. سندس گھري سوچ ۽ فڪري پهچ ڪيترن ئي ملڪن کي پنهنجي گرفت ۾ آڻي ڇڏيو هو. هتان جا ماڻهو تہ پنهنجي آسپاس جي شين کان اڻڄاڻ رهڻ جا عادي ٿي نہ هئا. اهو مولانا صاحب ئي هو جنهن هڪ خاص پد تي پهچي ٺوس ۽ اعليٰ تحقيق جو بنياد وڌو ۽ انوکن موضوعن ۽ وسيع علمي مسئلن جي مٿان پردو کنيو جو پھريون دفعو ٻاهرين دنيا اسان جي ملڪ جي تحقيقات مان فائدو وٺڻ تي مجبور ٿي پيئي . خطاطي، مصوري، ادب، شعر، تاريخ، سوانح، ڪتبا، مقبرا - مطلب تہ علم ۽ قلم جي ڪابہ اهڙي شاخ يا شعبو نہ هو، جنهن تي مولانا صاحب جي تحقيق ۽ مرتب ڪيل نتيجن علمي دنيا ۾ ڪو مقام حاصل نہ ڪيو هجي!

وچ ايشيا جي تاريخ، ادب يا فنونِ لطيفہ تي اسان وٽ سڀ کان اول مولانا صاحب جي ئي نظر پيئي ۽ پاڻ ئي ان کي پنهنجي جستجو ۽ تحقيق جو موضوع بڻايو. تيمورين جي تاريخ هجي يا انهن جي معارف پروري، مولانا صاحب جي ئي قلم سڀ کان پھريائين انهن کي اجاگر ڪيو. انهن جي تاريخي اهميت کان نہ صرف اسان کي متعارف ڪرايو، پر دنيا جي مختلف حصن ۾ جيڪي بہ عالم ان موضوع تي تحقيق ڪري رهيا هئا، تن کي پيش ايندڙ مشڪلاتن کي بہ دور ڪيو. اهوئي سبب هو جو ٻاهرين دنيا جا عالم اسان وٽ صرف مولانا صاحب جي ذات کي سڃاڻندا هئا ۽ انهن جي علمي مجلسن ۽ محفلن ۾ مولانا صاحب کي ئي برابريءَ وارو بلڪ بلند مقام ۽ برتري وارو درجو حاصل هو. جڏهن "ارمغان علمي" جو اعلان ٿيو، تڏهن ٻاهرين دنيا جي ڪيترن عالمن ان ۾ حصو وٺڻ محض ان ڪري پنهنجو فرض ڄاتو جو مولانا صاحب جي شخصيت سندن آڏو نهايت ئي محترم ۽ معتبر هئي. ان ئي موقعي تي استاد محترم آقاي بديع الزمان فروزانفر فرمايو هو تہ

دهر و دوران کم آورد فرزند
چون محمد شفیع دانشمند

۽ اهو بہ سچ چيو هئائين:

خاک لاهور ازو فزوده شرف
پدر فضل را بهینه خلف

مولانا صاحب جي شخصيت پنهنجي ڪردار، عمل ۽ علم جي لحاظ کان اسان لاءِ نہ فقط مثالي پر مشعل راهہ بہ آهي. ڪين پنهنجي موضوعات سان نہ رڳو دلچسپي هئي، پر عشق جو اهو عالم هو تہ گھمندي ڦرندي ۽ اٿندي ويهندي انهي جي ئي کوجنا ۾ لڳل رهندو هو. عمل جي اها صورتحال هئي جو گھر جي ٻاهر، سفر هجي يا حضر هميشہ ۽ هر وقت ڪنهن نہ ڪنهن مسئلي جي تحقيق ۽ تلاش ۾ ڪوشان رهندو هو. اهو سڀ ڪجھہ ڪنهن ڏيک ويک جي لاءِ نہ، پر علم جي ئي حصول لاءِ هو. ان ۾ ڪوبہ ذاتي مفاد يا مطلب ڪونہ هو ۽ نہ ئي وري روزيءَ جو سهارو ڄاتائون. مولاناً پنهنجي علم کي ڪنهن بہ بازار ۾ سودي بازيءَ لاءِ نہ آندو ۽ نہ ئي ان لاءِ ڪو واڪ ڏنو.

مولانا جي زندگي نهايت باضابطہ زندگي هئي. سندس هر لمحو قيمتي ۽ ڪارائتو هو. هن جو هر قدم منزل جي طرف وڌندڙ هو. پاڻ وقت جو نهايت ئي قدردان هو ۽ هر ساعت سڄائي ڪندي ڪجھہ نہ ڪجھہ ڪندو رهندو هو. وقت وڃائڻ سندس نظر ۾ گناهہ کان بہ بدتر هو. هو ان وقت پنهنجي وقت کي سڄايو سمجھندو هو، جڏهن ڪا نئين معلومات حاصل ڪندو هو يا ڪا نئين تحقيق ڪندو هو. گھر ۾ پنهنجي ڪتب سان ڪڏهن ڪا هتان هُتان جي ڳالهہ ڪئي هوندائين، ليڪن جيستائين مان ڄاڻان ٿو تہ ٻاهرين دنيا ۾ ڪڏهن بہ پنهنجي واتان ڪو بي مقصد گفتو ادا نہ ڪيائين. سندس سڄي ڄمار اول کان آخر تائين ڪنهن خاص سانچي ۾ ڍليل هئي. اهوئي سبب آهي، جو

مولانا جي زندگي قيمتي ۽ ڪارائتي گذري. پاڻ تمام گھڻو علمي ڪم ڪيائين ۽ اهي نشان ڇڏي ويو، جن تي ڪنهن طاقتور هٿ کي بہ ڪجھ مجال نہ آهي. هڪ شخص جي سموري حياتي مسلسل عمل رهي، جو رهندي دنيا تائين نہ رڳو دانش گاهہ يا شهر، پر پوري ملڪ کي مانائتو بڻائي ويو.

انسائيڪلوپيڊيا جي ترتيب ۽ تدوين جي سلسلي ۾ يورپ ويندي هڪ دفعي مولانا صاحب ڪجھہ ڪلاڪ ڪراچي ۾ پنهنجي نياڻي وٽ ترسيو. آقائي عبدالحي حبيبي صاحب ۽ هن خاڪسار کي جيئن ئي اها خبر پيئي، تيئن پيئي ڇٽا گڏجي سندس خدمت ۾ پهتاسون. پاڻ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ اهڙو گرمجوشيءَ سان آڌرڀاءُ ڪيائين، گويا سندس ئي من جي مراد پوري ٿي هجي ۽ پاڻ اسان جو ئي انتظار ڪري رهيو هجي. انهي زماني ۾ مولانا صاحب بازيدي فرقي تي تحقيق ڪري رهيو هو. ويهڻ سان ئي ان موضوع تي گفتگو ڪندي، مسئلن جي شروعات ڪيائين. حبيبي صاحب سان مخاطب ٿيندي ئي مولانا جا سوال هئا ۽ حبيبي صاحب جا جواب. تقريباً بہ اڍائي ڪلاڪ لاڳيتا دنيا ومافيها کان بي خبر، يورپ جي سفر لاءِ ضروري سببن کان بي پرواهہ، سفر جي تياري ۽ ضروري ڪاغذات وغيره جي درستيءَ کان بي نياز، نهايت اطمينان ۽ سڪون سان 'بازيدين' جي متعلق تحقيق ۽ تفتيش ڪندو رهيو. مان سوچيندو ئي رهيس تہ هي انسان آخر آهي ڇا؟ يورپ وڃي رهيو آهي تہ نہ ڊالرن جو فڪر نہ پائونڊن جي پرواهہ! نہ نياڻي کان ٿو پڇي تہ ڇا آڻجي ۽ نہ نياڻيءَ کان ئي ڪا فرمائش جي فهرست ٿو لکائي . نہ اها پڇا ڳاڇا ٿو ڪري تہ لنڊن مان ڪهڙي شيءِ آڻجي، جا هتي وڪڻي ڪرايي سان گڏ نفعو ڪمائجي. ريفريجريٽر ڪهڙو بهتر ٿيندو آهي؟ ٽيپ رڪارڊر ڪهڙي ڪمپنيءَ جو هجي، جو وٺجي. موٽر ڪار ڪهڙي موزون رهندي؟ نہ ڪسٽم وارن جي روڪ ٽوڪ ۽ پڇا، نہ اهڙو اهتمام تہ واپسيءَ وقت سامان بغير کُلڻ جي گھر پهچي وڃي.

اسان ٻئي جڏهن واپس هلياسون، تڏهن اهو سوچيندي ۽ چوندي گھر پهتاسون تہ سبحان الله! علمي عشق ۽ اُن جي عالم جو ڇا تہ عالم آهي!

مولانا اورينٽل ڪاليج مان رٽائر ٿيو تہ انسائيڪلوپيڊيا جي اردو ترجمي جي نظرداري واري ڪم ۾ اهڙي تہ انهماڪ سان جنبي ويو، جو صبح ۽ شام، رات ۽ ڏينهن هڪ ڪري ڇڏيائين.

مولانا صاحب جي ڪتبخاني جي لان ۾ ڇتيءَ نما هڪ خيمو نصيل هو، جنهن ۾ سردين ۾ ويهندو هو ۽ گرمين ۾ ڪمري ۾ ئي ڪم ڪندو هو. مولانا جو اهو ڇتيءَ نما خيموڪتبخاني جي اڱڻ جو هڪ نمايان ڪردار بڻجي چڪو هو، جنهن ۾ ننڍي ڪرسي ۽ ٽيبل پيل هئي ۽ آسپاس ان ڏينهن ڪم ايندڙ ڪتابن جا ڍير ۽ فائيل موجود هوندا هئا، جن ۾ ترجمو ٿيل مقالن جا انبار پيل هوندا هئا.

مون کي ان خيمي ۾ ڪيترا ڀيرا مولانا جي خدمت ۾ حاضر ٿيڻ ۽ ملاقات ڪرڻ جو موقعو مليو. هر واري ملاقات جو موقعو رڳو ان ڪري ئي ملندو هو تہ آءٌ ڪراچيءَ کان ڪهي ايندو هوس، نہ تہ ڪم جي وقت مولانا سان ملاقات ڪرڻ ناممڪن هئي. ملاقات برائي ملاقات کي مولانا گناهہ ڄاڻندو هو، بلڪ قومي بداخلاقي سمجھندو هو.

مولانا صاحب جو اتي بہ ساڳيو ئي مخصوص طريقہ ڪار رهيو. مضمون کي آڏو رکي، لفظ لفظ کي ڏسندو. هڪ هڪ سن سال ۽ نالي جي جيستائين پاڻ تحقيق ۽ تصديق نہ ڪندو، تيستائين مضمون اشاعت لاءِ ڪونہ موڪليندو. تصحيح جي سلسلي ۾ هميشہ ڪيس پاڻ کي ئي تڪليف ڪرڻي پوندي هئي. ترجمہ نگارن کي تہ علمي ترجمي جي عادت ڪونہ هئي ۽ نہ اها ڄاڻ هئي تہ جاگرافيائي لحاظ کان نالن، مهينن ۽ سالن جي اهميت ڪيتري آهي. عبارت ۽ جملن جي درستگي بہ مولانا کي خود ئي ڪرڻي پوندي آهي.

مون ڪيترا ڀيرا اخبارن ۾ اهي شڪايتون پڙهيون تہ اداره دانشگاهہ جا مالڪ ڏاڍا بيزار ٿيا آهن، ڇاڪاڻ جو

مواد تمام گهڻو سست رفتاريءَ سان اشاعت هيٺ پيو اچي. انهن کي اهو اندازو ته ڪونه هو ته ترجمي کان پوءِ پريس تائين پهچڻ ۾ هڪ هڪ مقالي کي ڪهڙن ڪهڙن تحقيقي ۽ علمي مرحلن مان گذرڻو ٿو پوي.

آخري دؤر ۾ مولانا جي طبيعت ٺيڪ نه رهندي هئي. دل سُجي ويئي هيس ۽ جگر به ڪمزور ٿي پيو هوس. پري کان ئي ماڻهو محسوس ڪندو هو ته مولانا بيمار آهي. ۾ جيئرو رهندي پاڻ ڪڏهن به پنهنجي ڪم ۾ ناغو نه وڌائين ۽ نه اهو برداشت ئي ڪيائين. روزانو اچي هر شيءِ جي نظرداري ڪندو ۽ ڪڏهن به ائين نه ٿيو ته پاڻ وقت کان اڳ گهر موٽي، هميشه دير سان گهر موٽندو هو.

اڇي رنگ جي شلوار، ميرانجهڙي رنگ جي شيرواني ۽ ڳاڙهي ترڪي ٽوپي ۾ ملبوس، اسٽڪ جي آڌار تي موٽر مان لهي پير پير ڪٽي خيمي ۾ پهچي هڪ دفعو ويهي قلم هٿ ۾ ڪندو ته ڇاجي بيماري ۽ ڇاجي صحت. نه ڪمزوريءَ جو خيال نه ناتوانيءَ جو احساس. دنيا ومافيها کان بي خبر، لفظن ۽ عبارتن جي دنيا ۾ گم سم ٿي ويندو. ڪيئي ڏينهن ۽ راتيون ۽ ڪيترا مهينا ۽ سال مولانا ائين ئي گذاري ڇڏيا!

ڏهين مارچ ١٩٦٣ع جي آچر ڏينهن ڪنهن دوست پڇيو ته ڪيڏانهن وڃڻو اٿو؟ مون وراڻيو مولانا صاحب ڏانهن، هلندؤ؟ وچ ۾ ٻئي دوست دخل ڏيندي چيو ته ڪيڏانهن ٿو وڃين دوست! هي ماڻهو ته ويهي ڪندا قبرن جون ڳالهيون ۽ ڪوليندا مردن جا داستان ۽ پراڻن ڪتابن جا قصا. اوهين ويهو ته ڪريون ٿا پاڻ ۾ گپ شپ. هونءَ ئي آچر جو ڏينهن موڪل جو ڏينهن به آهي.

منهنجا ٻيئي دوست عرف عام ۾ "لکيل پڙهيل" هئا. هڪ پي. ايچ. ڊي ۽ ٻيو ڊبل گريجوئيٽ. غالباً ٻئي لنڊن مان تربيت حاصل ڪيل هئا.

سيارو ختم ٿي چڪو هو ۽ بهار جي موسم هئي. لارينس گارڊن جا ڪي گل ڪڙي چڪا هئا ۽ ڪن تي مکڙين جا پوش باقي هئا. ان ڏينهن صبح جي خنڪي ختم ٿي ته مان ٢٤ ميسن روڊ تي پهتس. مولانا وراندي ۾ هڪ ڪڙي ـ ٽڙي ڪرسيءَ تي ويٺل هو. سندس ساڄي کابي ڪجهه ڪرسيون ۽ هڪ اڌ ٽيبل پيل هئي، جنهن تي ڪجهه ڪتاب هڪ ٻئي مٿان رکيل هئا. 'بروڪليمان'، 'انسائيڪلوپيڊيا'، 'سارٽن'، 'قاموس الاعلام' ۽ 'ڪشف الظنون' پنهنجي ضخامت جي ڪري نمايان هئا. ڪي مسودا به آڏو رکيل هئا ۽ هڪ مسودي تي ڪنڌ جهڪائي تصحيح ۾ مشغول هو. مون کي هڪدم خيال آيو ته هي به هڪ آچر آهي ۽ موڪل جو ڏينهن آهي.

مون کي ڏسي ٽهڪي پيو! خوشدلي ۽ خنده پيشانيءَ سان گرمجوشيءَ مان ياڪر پائي مليو. هونءَ ته مولانا هميشه اهڙو برتاءُ ڪندو هو، پر اڄوڪو سلوڪ ڪجهه غير معمولي ۽ سَرِسُ سَوايو هو. خوشيءَ مان منهنجو رت به وڌي ويو ۽ ذرو جڻ آفتاب بنجي پيو!

ويهڻ شرط مون کان منهنجي دل جي تڪليف بابت پڇا ڳاڇا ڪرڻ لڳو. مان ڏسندو رهيس ته خود سندس حالت ابتر ٿي چڪي آهي. منهن ڦيڪو اچو، ڳل سڄيل، اکين جو اهو تاب گهٽجي چڪو هوس، پيرن تي سوڄ، جڻ هڪ هڪ پير مڻ مڻ جو ٿي لڳو. سوڄ پنين کان مٿي چڙهي چڪي هئي. مون حيرت مان ڪانئس پڇيو ته مولانا هي ڇاهي؟ هان هون ڪندي، منهنجي ڳالهه کي ٽاريندي مون کي ئي منهنجي صحت جي حفاظت لاءِ هدايتون ڏيڻ شروع ڪيائين.

مون موقعو ڏسي ڪيس چيو ته مولانا! آچر جي ڏينهن به اوهان آرام نٿا ڪريو. وراڻيائين ادا! جيڪڏهن ڪم نٿو ڪريان ته ڏينهن ئي نٿو گذري. هونءَ به ڪم تمام گهڻو آهي. ماڻهن جي اها حالت آهي جو لکڻ ته بجا خود، ترجمو ڪرڻ به ڪونه ٿا ڄاڻن. هر ڪا شيءِ مون کي ئي ڏسڻي پوي ٿي.

صحت جي اهڙيءَ حالت ۾ فرض شناسيءَ جو اهو عالم ڏسي آءٌ دنگ رهجي ويس. ليڪن مون کي سندس حالت تي ڏاڍو ڪمڪاءُ اچي رهيو هو.

تقريباً ڏيڍ ڪلاڪ مان سندس خدمت ۾ ويٺو رهيس. دل کولي ڳالهايوسين ۽ گهڻيون ئي ڳالهيون ٿيون.

مولانا 'طاهر آشنا' جي ديوان جي ڳالهه ڪئي ته پاڻ پئرس مان ان جو فلم گهرايو هئائين. مگر ڪاغذ جي اثاث سبب فوٽو اسٽيٽ ٿي نه سگهيو. مون چيو ته مولانا مون کي ڏيو آءٌ پرهينءَ ڪراچي وڃڻو آهيان ۽ اتان ئي نهرائي ڪڻي ايندس. وراڻيائين ته سڀاڻي آفيس مان فلم موڪلي ڏيندس.

محمد حسين آزاد مرحوم متعلق پاڻ ڪجهه حيرت انگيز ڳالهيون ٻڌايائين ۽ ان تي لکيل پنهنجو هڪ تازو مضمون به عنايت ڪيائين. مفتي صدرالدين آزرده تي به انهن ڏينهن ۾ لکيل پنهنجو هڪ مقالو اندران آڻي ڏنائين. منهنجي عادت آهي ته مان اهڙين شين تي آٽوگراف وٺي ڇڏيندو آهيان، ليڪن مولانا جي شخصي رعب ۽ اثر سبب مون کي اها همت نه ٿي ته آءٌ ڪجهه ڪڇي سگهان. پوءِ ته مان اڄ ڏينهن تائين پڇتائي رهيو آهيان، ته جيڪر صحي ڪرائي ڇڏيان ها ته غالباً اها سندس زندگيءَ جي آخري صحي هجي ها.

منهنجي ٻنهي دوستن جو لنوائڻ بجا هو. اسان پاڻ ۾ اڌوهي ڪاڌل ۽ ڦاٽل پراڻن ڪتابن جون ڳالهيون ڪيون. مولانا شڪايت ڪئي ته سندس لئبرريءَ ۾ رکيل هڪ قلمي نسخو اڏوهيءَ جو لقمو بڻجي چڪو آهي. هاڻي ياد نه آهي ته هڪ ٻن ٻين قيمتي ڪتابن جا به نالا ورتائين، جي اڏوهيءَ جو کاڄ ٿي چڪا هئا. اهڙيءَ طرح پاڻ پنهنجي لئبرريءَ مان هڪ اڏوهي ڪاڌل ڪتاب ڪڍڻ به ويو، پر ان وقت اهو کيس نه لڌو. ڳالهين ڪندي مولانا اهو به ٻڌايو ته نيشاپوري نظيريءَ کان سواءِ به هندستان ۾ هڪ نظيري شاعر ٿي گذريو آهي جو صاحبِ ديوان شاعر هو. سندس ديوان تي مير مومن استرآبادي جي مهر به لڳل آهي ۽ اهو وٽس موجود آهي. مولانا هڪ ڀيرو وري اٿي لئبرريءَ ڏانهن ويو ته مون کي ڏاڍي شرمندگي ٿي، ڇاڪاڻ ته سندس حالت اهڙي نه هئي ته پاڻ هر هر اٿي اندر وڃي. مون محسوس ڪيو ته ڪرسيءَ تان اٿندي ئي سندس سهڪو وڌي ٿي ويو.

اسلامڪ ريسرچ انسٽيٽيوٽ جي ڊئريڪٽر مون کي ڪراچيءَ ۾ چيو هو ته آءٌ مولانا کان اهو معلوم ڪريان ته جيڪڏهن هو پنهنجي لئبرري وڪڻڻ چاهي ته قيمت مقرر ڪريان. ان سلسلي ۾ مون کي ڪجهه چوڻ جي جرئت ته نه ٿي، پر جڏهن پاڻ اڏوهي ڪاڌل ڪتابن جو ذڪر ڇيڙيائين ته مون ڊکيل ڳالهه ڪندي مسئلو ظاهر ڪيو. وراڻيائين ته ائين ڪيئن ٿو ٿي سگهي. اڃا ته پنجن سالن تائين ڪم ڪرڻ جو خيال آهي. ڪجهه ڪم اڌورا به پيا آهن. ڪتابن کان سواءِ گذارو به ته ڏکيو ٿو ٿئي.

مولانا جو اهو 'پنجساله منصوبو' ٻڌي مان هڪو ٻڪو ٿي ويس. سندس منهن کي ڏسي، سندس تندرستيءَ جو جائزو ورتم ۽ پيرن جي سوڄ ڏانهن نظر ڪري چيم الله اڪبر! هي انسان ڪيڏي عزم ۽ پختي ارادي جو مالڪ آهي!

ڪنهن کي ڪهڙي خبر ته هاڻي زندگي ۽ موت جي وچ ۾ رڳو ٻن ڏينهن جو وقفو باقي آهي.

چوڏهين مارچ خميس جي ڏينهن صبح ٿيندي جيئن ئي آفيس اچي ويس، تيئن ئي فون جي گهنٽي وڳي. اهو رازي (مرحوم) جو آواز هو، جو گهبرايل ۽ هيسيل منهنجي ڪن تائين پهتو ته مون چيو خبر نه آهي؟ چيائين: مولانا انتقال ڪري ويو. ڪڏهن؟ رات ٻارهين وڳي! انا لله وانااليه راجعون.

مان سڄو سُن ٿي ويس. ٻي ڏينهن اڳ ۾ مان سندس خدمت ۾ حاضر ٿيو هوس. منهنجي ٽيبل ڊائري ۾ ڏهين تاريخ آچر جي ڏينهن وارو ورق کليل ٿي هو، جنهن تي منهنجو مولانا جي خدمت ۾ حاضر ٿيڻ جو پروگرام مون واري



مولانا محمد شفیع لاهوري

"جنن جي لپيءَ" ۾ لکيل هو.

منهنجي ذهن ۾ انهيءَ آخري ملاقات جا سمورا واقعا هڪ هڪ ٿي آڏو ايندا ويا. جيڪي ٻه ڳالهيون ٿيون هيون، اهي سڀيئي ياد اينديون ويون ۽ بار بار سندس ڳالهايل جملا منهنجن ڪنن ۾ گونجندا رهيا. "...اجا ته مون کي پنجن سالن تائين ڪم ڪرڻو آهي!... ڪيترائي ڪم اڌورا پيل آهن!... ڪتابن کان سواءِ ڪيئن گذارو ٿيندو!..."

آچر جو ڏينهن خير سان گهر گذريو هئس. سومر ڏينهن معمول موجب آفيس ويو ۽ ڪم ڪار ڪري گهر موٽي آيو. اڱاري ڏينهن مولانا جڏهن آفيس پهتو ته هلڪو بخار محسوس ڪيائين ۽ واپس گهر هليو آيو. رات جو سندس طبيعت وڌيڪ خراب ٿي ويئي ته اسپتال پهتو. اربع جي ڏينهن ٻهرپان ٻه پهر خيريت سان گذريا ۽ جيئن جيئن ڏينهن لهندو ويو، تيئن تيئن سندس طبيعت بگڙندي ويئي. شام جو جيئن سج لهڻ لڳو، تيئن مولانا جي نبض جو تحرڪ به گهٽبو ويو. اڌ رات جو اسپتال جي گهڙيال جيئن ٻارهن وڄائي ان ڏينهن ۽ تاريخ کي الوداع ڪيو ۽ تاريخ جو ورق ورايو، تيئن هيڏانهن ملڪ الموت به مولانا محمد شفيع جي زندگيءَ جو ورق ورائي ڇڏيو .هي هڪ شخص جي زندگيءَ جو ورق نه هو جو ورايو، ۾ پوري قوم جي علمي وقار جو ورق هو، جو اُن ڏينهن ۽ تاريخ تي هميشه لاءِ ورايو ويو. هي اهو سانحو هو، جنهن جي اذيت عارضي نه پر دائمي هئي. اها اذيت هڪ خاندان ۽ قبيلي يا شهر تائين محدود نه هئي، پر پوري ملڪ ۽ ملت لاءِ هڪ جهڙي هئي.

تو آگهي که مرا ازغروب، اين خورشيد
چه گنجهائي سعادت، زيان جان آمد

لئبرريءَ جي پويان ننڍي لان ۾ علمي دنيا جي اڳواڻ ۽ رهنما جو لاش آخري سفر لاءِ تيار رکيو هو. سندس عزيزن ۽ قريبن کان سواءِ شهر جا معزز ۽ علمي شخصيتون به موجود هيون. جسٽس رحمان صاحب، حميد احمد خان صاحب، حامد علي خان صاحب، مولانا صلاح الدين (مرحوم)، ڊاڪٽر سيد محمد عبدالله صاحب، ڊاڪٽر محمد عبدالله چغتائي ،شيخ محمد اڪرام صاحب ۽ سيد محسن شاهه صاحب جن هئا. انهن کان سواءِ يونيورسٽي جا ڪيترائي استاد به آيا هئا. جيترا به ماڻهو موجود هئا، غمزده ۽ سوگوار بيٺا هئا. سڀني جي منهن تي اداسي ڇانيل هئي. سڀني کي ان نقصان ۽ زيان جو اندازو ۽ احساس هو.

آخري ديدار کان پوءِ چار وڄي پنجن منٽن تي ڪفن جون ڏوريون ٻڌيون ويون. اسان ڏٺو ته هڪ مومن جو منهن هو، جو ڏاڍو مطمئن ۽ پرسڪون ٿي لڳو. مولانا وڏي اطمينان سان هن دنيا کي ڇڏي وڃي رهيو هو.

بنده ام پاک روي را که، درين دير کهن
تا زيد پاک زيد، چون برود پاک رود

پوري ساڍي پنجين وڳي خاڪي جسم کي خاڪ جي سپرد ۽ خالق جي حوالي ڪري، سندس عزيزن ۽ عقيدتمندن جو اهو ننڍڙو قافلو ڦرجي ويل قافلي وانگر اُڇره جي قبرستان مان ٻاهر نڪتو ۽ ٿوري دير کان پوءِ هرڪو پنهنجي پنهنجي گهر هليو ويو. مولانا کي اسين رخصت ته ڪري آياسون، مگر:

گيرم که شدي زديده، مستور
از سينهءِ من، ڪجا شولي دور

ڊاڪٽر قريشي حامدعلي خانائي

# ميان شاهل محمد ڪلهوڙو ۽ بکر جا مغل نواب

سنڌ جي تاريخ جو تجزيو ڪندي معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌ جا اڪثر اديب، عالم، دانشور ۽ تاريخ جا ڄاڻو انهيءَ راءِ جا آهن تہ سنڌ جي تاريخ ۾ ڪلهوڙن جو دور، هر لحاظ کان سنڌ جي ماڻهن جو پنهنجو دور هو. اهو دور نہ صرف علمي، ادبي ۽ مذهبي لحاظ کان هڪ "سونهري دور" هو، پر سياسي لحاظ کان بہ سنڌ جي تاريخ جو هڪ "روشن دور" هو. سنڌ جا ماڻهو، ڪن خامين ۽ ڪوتاهين جي باوجود، ڪلهوڙن جي ڪافي عزت ۽ تعظيم ڪندا آهن؛ ڇاڪاڻ تہ هو پيري مرشديءَ جي جامي ۾ اُسرندي اقتدار جي منزل تائين وڃي پهتا هئا. هونئن بہ برصغير هند و پاڪ قديم زماني کان وٺي "شخصيت پرستيءَ" جي لپيٽ ۾ جڪڙيل پئي رهيو آهي. هُو قبائلي قومي سردار کان وٺي ويندي پير مرشد تائين، انهيءَ شخصيت پرستيءَ جي دائري ۾ مبتلا رهي، ان چڪيءَ ۾ پيڙجندا پئي رهيا آهن. ساڳيءَ طرح، سنڌ جا ڪلهوڙا بہ پهريائين پيري فقيريءَ جو جامو پهري نمودار ٿيا، ۽ آهستي آهستي سنڌ جا حاڪم ٿي ويا. سنڌ جا ڪيترا قبيلا ۽ قومون، اڄ تائين کين پير ۽ مرشد ڪري مڃيندا اچن ٿا.

سنڌ جي تاريخ جي اڀياس مان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌ ملڪ ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي دور ۾، هميشه ڌارين جي غلاميءَ ۾ رهندي، ڏاڍا ڏُک ۽ ڏاکڙا ڏٺا آهن. وسيع آزاد سنڌ جي حاڪم ڄام نظام‌الدين جي فوت ٿيڻ کان پوءِ، سندس پونيرن مان ڄام فيروز ۽ ڄام صلاح الدين جي پاڻ ۾ تخت ۽ تاج لاءِ پيدا ٿيل خانہ جنگيءَ کان پوءِ سنڌ جي آزاد حڪومت جي روشن شمع گُل ٿي ويئي. سن ٩٢٧هه/١٥٢١ع کان ١١٥٤هه/١٧٤١ع تائين، اٽڪل اڍائي سؤ ورهين جي عرصي تائين سنڌ جو هر فرد اذيت ۽ عذاب جي پيڙا ۾ پيڙجندو رهيو. ارغونن ۽ ترخانن کان پوءِ، سندن ئي نک جا ماڻهو "مغل" سنڌ ۾ آيا. مُغل سنڌ جهڙو سُکيو ستابو ۽ خوشحال ملڪ ڏسي هرکجي پيا. هُو تہ ڌاريا هئا ۽ آيا ئي هئا حڪومت ڪرڻ. سنڌ جي ماڻهن، مغلن جي غلاميءَ ۽ سندن نوابن ۽ فوجدارن جي ڏاڍاين کان تنگ ٿي، آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪئي. هنن پنهنجي تقدير کي بدلائڻ لاءِ مقامي ڪلهوڙن جو ساٿ ڏنو. سنڌ جي ماڻهن هميشہ انسان ذات کي محبت ۽ ايڪتا جو پيغام ڏنو آهي. ٻين سان چڱائيءَ جا پير پرڻ ۽ ڏکئي وقت ۾ ڪم اچڻ سندن ئي پئي رهي آهي؛ ليڪن اها چڱائي ۽ همدردي کين هميشہ مهانگي پئي پيئي آهي. سنڌ جي عوام هر دور ۾ پنهنجن کان ئي ڏک ڏٺا آهن. سنڌ وارن ڌارين مغلن جي غلاميءَ کان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ، پنهنجي جدوجهد جو محور، ڪلهوڙن جي اڀرندڙ طاقت ڏانهن ڦيرايو ۽ هر لحاظ کان سندن ساٿ ڏنو. پر جڏهن ڪلهوڙن جي دور جو باريڪ بينيءَ سان تجزيو ڪجي ٿو تہ اهو معلوم ٿئي ٿو تہ اهو دور بہ سنڌ وارن جي درد جو درمان ثابت نہ ٿيو ۽ ان جي عيوض کين پير پرستيءَ، وڏيرا شاهيءَ ۽ جاگيرداريءَ وارو نظام پلئہ پيو، جنهن جي ڇڪڻ مان اڄ تائين نڪري نہ سگهيا آهن.

سنڌ جي ڪلهوڙا دور جي هن وقت تائين جيڪا تاريخ لکي ويئي آهي، اها ڪلهوڙن جي اصل نسل، سندن اُسرڻ ۽ اُڀرڻ، طاقت وٺڻ ۽ اقتدار حاصل ڪرڻ جي احوالن تائين محدود آهي. البت سنڌ جي ڪن قديم خواه جديد مؤرخن، ڪلهوڙن حاڪمن جي ڪارنامن، زرعي اصلاحن ۽ جنگين وغيره جو پڻ احوال ڏنو آهي. اسان کي هتي انهن ڳالهين جي باري ۾ ڪوبہ بحث ڪرڻو نہ آهي. اسان کي هتي صرف اهو بيان ڪرڻو آهي تہ ميان آدم شاھ ڪلهوڙي جي قتل کان پوءِ، ٿئين گادي نشين ميان شاھ علي فقير عرف ميان شاهل محمد ڪلهوڙي، مغل نوابن سان جيڪي

جنگيون ۽ مجادلا ڪيا، انهن ۾ سنڌ جي مقامي زميندارن، جاگيردارن، عوامي قوتن ۽ اثر رسوخ وارن ماڻهن پنهنجو ڪمزو ڪردار ادا ڪيو ۽ ساڳئي وقت انهن ڳالهين ۽ اعتراضن جو به اپياس ڪرڻو آهي، جن جي ڪري ميان شاهل محمد جو دڪدانڪ قتل ٿيو.

سنڌ جي ڪلهوڙن حڪمرانن مان سڀ کان پهريائين اسان کي ميان آدم شاهه ڪلهوڙي جو نالو ملي ٿو، جنهن جو احوال باقاعده سنڌ جي تاريخ ۾ منظر عام تي اچي ٿو. هن خاندان جي تاريخ جي ابتدا، قتل ۽ خون خرابي سان ٿئي ٿي، ۽ ان جو انجام پڻ خون خرابي سان ٿئي ٿو. ميان آدم شاهه جي قتل ٿيڻ کان پوءِ، سندس پُٽ ميان محمد دائود فقيريءَ جي سجادگيءَ تي ويٺو. ميان محمد دائود وفات وقت پنهنجي پوٽنان به پُٽ ڇڏيا، هڪ ميان الياس محمد ۽ ٻيو ميان شاهل محمد. ميان محمد دائود جي فوت ٿيڻ کان پوءِ، سندس پُٽ ميان الياس محمد فقيريءَ جي گاديءَ تي ويٺو. ميان الياس محمد وڏيءَ ڄمار ، سن ۱۰۳۰ھ/۱۶۲۱ع ۾ وفات ڪئي ۽ کيس "گهاڙ واهه" جي ڪنڌيءَ تي دفن ڪيو ويو.

ميان الياس محمد جي وفات کان پوءِ، فقيريءَ جي گاديءَ تي سندس ننڍو ڀاءُ ميان شاهل محمد ويٺو. ميان شاهل محمد ۽ بکر جي مغل نوابن جي وچ ۾ جنگيون لڳيون. سنڌ جي مؤرخن پنهنجين تاريخن ۾، انهن جنگين جو صرف اشاري طور احوال ڏنو آهي، جنهن مان پوريءَ طرح اها خبر ڪانه ٿي پوي تہ بکر جا اهي ڪهڙا مغل فوجدار هئا، جن سان سندس جنگيون لڳيون هيون.

## ميان شاهل محمد جو گادي نشين ٿيڻ ۽ سندس مريدن /جماعت جو واڌ

ميان شاهل محمد جي گادي نشين ٿيڻ ۽ سندس مريدن /جماعت ۾ اضافي ٿيڻ جو ذڪر، سنڌ جي اڪثر مؤرخن ڪيو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ مير علي شير "قانع" ٺٽوي لکي ٿو:

> "ميان الياس محمد کان پوءِ، سندس ڀاءُ شاهه علي عرف شاهل محمد ملڪ جي گاديءَ تي ويٺو. سندس فقير اڳئين کان وڌيا، ۽ پوکي راهيءَ جي وڌاڻ کي لڳي ويا." (۱)

انهيءَ ساڳئي سلسلي ۾، مولانا غلام رسول مهر پنهنجي ڪتاب "تاريخ سنڌ - ڪلهوڙا دور" ۾ ميجر گولڊ سمڊ جي حوالي سان لکي ٿو:

> "ميان شاهل محمد زراعت ڏانهن پورو ڌيان ڏنو، ۽ ان ۾ کيس چڱي ڪاميابي حاصل ٿي. ان سان گڏ پيري مرشدي بہ وڌندي رهي. لاڙڪاڻو سندس محنت ۽ مشقت جو خاص ميدان هو." (۲)

ميان شاهل محمد جي گادي نشين ٿيڻ ۽ سندس مريدن/ جماعت ۾ واڌاري جو تذڪرو، پوئين دور جي اڪثر مؤرخن، ٿوري گهڻي ڦير گهير سان لڳ ڀڳ "تحفة الڪرام" واري احوال کي پٺي ورجايو آهي. انهيءَ مان اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ ميان شاهل محمد گادي نشين ٿيڻ کان پوءِ سڀ کان پهريائين اهو ضروري سمجهيو تہ پنهنجي جماعت جو حلقو وسيع ڪجي؛ ڇاڪاڻ تہ افراد جي قوت کان سواءِ، ڪاميابي ۽ ڪامراني حاصل ڪرڻ مشڪل آهي. ميان صاحب جي پرهيزگاريءَ، زهد ۽ عبادت ۽ فقيري لاڙي سبب سندس مريدن ۾ ڪافي اضافو ٿيو. هن پنهنجي ڏاڏي ميان آدم شاهه واري پاليسيءَ تي هلي پاڻ کي صحيح گادي نشين ثابت ڪيو.

ميان آدم شاهه، دراصل سيد ميران محمد جونپوريءَ جي طريقت جو پوئلڳ هو.• هن سنڌ ۾ "مهدوي" فڪر کي ڏاڍو زور وٺايو ۽ پنهنجن مريدن جو حلقو وڌايو. "ڪبڙ" نالي ابڙي قوم جي هڪ سردار، ميان آدم شاهه کي

---

• سيد ميران محمد جونپوري ۽ سندس "مهدوي تحريڪ" جي باري ۾ راقم جا هيٺيان مقالا ڏسجن:

۱- "سنڌ ۾ مهدوي تحريڪ"، ٽماهي "مهراڻ" حيدرآباد سنڌ. نمبر ۱ سال ۱۹۷۱ع.

۲- "ڄام نظام‌الدين سمو ۽ مهدوي تحريڪ"، ٽماهي "مهراڻ" حيدرآباد سنڌ. نمبر۳ سال ۱۹۷۱ع.

۳- "مهدي جونپوري ۽ قاضي قادن"، ماهوار "پيغام" ڪراچي سنڌ. مئي-جون ۱۹۷۹ع.

زمينون ڏنيون، جنتي ميان صاحب پنهنجو دائرو قائم ڪيو. مغل بادشاهه اڪبر جو سپهه سالار عبدالرحيم خان خانان جڏهن سنڌ کي فتح ڪرڻ لاءِ آيو، تڏهن هن ميان صاحب کي لنگر جي خرچ لاءِ "چانڊڪا" جو پرڳڻو جاگير ۾ ڏنو، ۽ سنڌ جي فتح جي دعا پڻ گهرايائين.(٣) اهڙيءَ طرح، سنڌس جماعت ۽ مريد طاقت وٺندا ويا ۽ آسپاس جي زميندارن ۽ جاگيردارن کي ستائيندا به رهيا. ميان شاهل محمد پڻ ساڳيءَ طرح پنهنجي ڏاڏي واري پاليسيءَ تي گامزن ٿي، پاڻ کي پيري مرشديءَ واري روحاني زندگيءَ لاءِ وقف ڪيو، ۽ پنهنجن مريدن کي مادي طاقت لاءِ تيار ڪيو.

## ميان شاهل محمد جو طاقت ۾ اچڻ ۽ سنڌس جماعت ۾ اختلاف پيدا ٿيڻ

ميان شاهل محمد جي وڏي ڀاءُ ميان الياس محمد پنهنجي والد ميان محمد دائود جي وفات کان پوءِ، جڏهن مرشديءَ جو سَجاده سنڀاليو، ته اُن وقت سنڌس مريدن جو تعداد ٿورو هو. ميان آدم شاهه جي قتل کان پوءِ، ميان محمد دائود جي وقت ۾، جيڪي زمينون ڪانئن قُرجي ويون هيون، تن کي ميان الياس محمد ٻيهر حاصل ڪري، پنهنجي خاندان جي مرتبي ۽ طاقت کي وڌايو. ميان الياس محمد امن پسنديءَ واري ٿڌي پاليسي اختيار ڪري، فقيريءَ جي ڪُنيءَ ۾ زميندارِي حاصل ڪئي ۽ مريدن ۾ به چڱو اضافو ڪيو. دراصل ڪلهوڙا "مهدوي" طريقي جا پوئلڳ هئا ۽ مهدوي اصولن تي قائم هئا. ميان شاهل محمد ڪن مصلحتن جي بنياد تي "مهدويت" جا صرف به اصول قائم رکيا. هڪ ته جماعت جو واڌارو ڪجي ۽ ان کي صحيح نموني سان منظم ڪري ڪين فوجي تربيت ڏني وڃي: ٻيو ته زميندارِي حاصل ڪري، افرادي قوت سان ملڪ جي اقتدار تي قبضو ڪجي. ميان شاهل محمد انهن ٻنهي نظرين کي آڏو رکي، پڪي ارادي سان ان پاليسيءَ تي عمل ڪيو.

ميان شاهل محمد جي مسند نشين ٿيڻ وقت بکر جو مغل فوجدار نواب هوشيار خان هو. ميان صاحب ان زماني کان وٺي مٿين بيان ڪيل نظرين مطابق پنهنجي جدوجهد شروع ڪئي. انهيءَ ڏس ۾ ميان شاهل محمد جو سڀ کان پهريائين سن ٣٨- ١٠٣٧هه/٢٩-١٦٢٨ع ڌاري "تاريخ مظهر شاهجهاني" جي حوالي سان ذڪر ملي ٿو. ميان صاحب سنڌ جي "ابڙي" قبيلي جي تعاون سان پنهنجي زميندارِيءَ ۽ مرشديءَ جي اثر کي ظاهر ڪيو. "مؤرخ سنڌ" سيد حسام الدين راشدي پنهنجي ايڊٽ ڪيل ڪتاب "تاريخ مظهر شاهجهاني" ۾ هڪ هنڌ حاشيي ۾ ڄاڻائي ٿو:

> "محمد علي بيگ بندري (المتوفي ١٠٦٦هه) جيڪو نواب آصف جاهه پاران سن ١٠٣٨هه ۾ بکر جو فوجدار هو، تنهن زماني ۾ 'مير' نالي چانڊڪا پرڳڻي جي ابڙي زميندار درياهه مان هڪ وڏو واهه کيرائي، غيرآباد زمينن کي آباد ڪيو.... ابڙن جي مرشد شاهه علي، جيڪو مهديجو سڏائي ٿو، تنهن 'ڪوٽلي' نالي ڳوٺ آباد ڪيو. اهڙيءَ ريت چانڊڪا پرڳڻي جي ابڙن،سانگين ۽ سميجن واهه کوٽائي، انهن جي ڪلنيڙ سان نوان ڳوٺ ٻڌرايا." (٤)

انهيءَ مٿين بيان مان اهو واضح طور معلوم ٿئي ٿو ته ميان شاهل محمد گادي نشين ٿيڻ کان پوءِ، ابڙا قوم جي مدد سان، زميندارِيءَ جي ڏس ۾ وڌڻ شروع ڪيو. ساڳئي وقت ميان صاحب کي "مهديجو" ڄاڻايو ويو آهي، ✚

✚ميرڪ يوسف جو قول آهي ته "چانڊڪا هڪ پرڳڻو ليکيو وڃي ٿو. هتي سميجا، بکيجا، سانگي ۽ ابڙا رهن ٿا، جيڪي سڀ طاقتمند قبيلا آهن. هنن مان ابڙا ۽ سانگي پڻ سميجا سڏرائين ٿا. چوٿين قوم مهديجي شيخن جي آهي. هن پرڳڻي جا رهاڪو ٿوري گهڻي نافرماني ڪندا رهن ٿا." (تاريخ مظهر شاهجهاني ص ٢١ - ١٢٠) مٿين بيان ۾ "مهديجي شيخن" مان مراد "ڪلهوڙا" آهن. هن تصوف جي سلسلي ۾ اڳواڻ يا پير طريقت کي "شيخ" به ڪري سڏيندا آهن، تنهن ڪري اهو يقين سان چئي سگهجي ٿو ته "مهديجي شيخ" ڪلهوڙن کي ئي سڏيو ويو آهي.

جو اصل ۾ "مهدوي" سمجهڻ گهرجي. ازانسواءِ، محمد علي بيگ بندريءَ جو بکر ۾ فوجدار مقرر ٿي اچڻ جو زمانو سن ۱۰۳۸هه /۱۶۲۹ع ۾ ٻڌايو ويو آهي. ان صورت ۾ انهن سمجهڻ گهرجي ته ميان شاهل محمد پنهنجي پيءُ ميان الياس محمد جي وفات، (سن ۱۰۳۰هه/۱۶۲۱ع) کان پوءِ، سٺن اٺن سالن جي عرصي ۾ ڪافي طاقتور ٿي چڪو هو.

ميان شاهل محمد جي اُڀرڻ ۽ طاقت وٺڻ جي باري ۾ "تاريخ مظهر شاهجهاني" جي مٿين بيان کان "تحفة الڪرام" جو احوال وڌيڪ واضح ڏسڻ ۾ اچي ٿو. مير "قانع" ٺٽوي لکي ٿو:

> "لاڙڪاڻي جو گهاڙ واهه ميان شاهل محمد جو کوٽايل آهي. واهه جي ٻنهي ڪپن واري زمين، سانگي ۽ ابڙا قوم کان کسي، پنهنجي اولاد ۽ پائرن ۾ ورهايائين ۽ پاڻ حبيباڻي ڳوٺ ۾ رهڻ لڳو." (۵)

مير "قانع" ٺٽويءَ جي انهيءَ مٿين بيان مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته ميان شاهل محمد گهاڙ واهه جي ٻنهي ڪپن واريون زمينون، جي ابڙن ۽ سانگين جون هيون، اهي کانئن کسي، پنهنجي پائرن ۽ اولاد ۾ ورهائي ڇڏيون. ليڪن افسوس ان ڳالهه جو آهي ته مولانا غلام رسول مهر انهيءَ "کسڻ" واري لفظ کي "خريد ڪرڻ" ڄاڻايو آهي. (٦) خبر نه آهي، ته ان مان سندس ڪهڙو مقصد هو؟ حالانڪ مير "قانع" ٺٽويءَ کان پوءِ، ٻين مؤرخن به انهيءَ ڳالهه کي مير "قانع" ٺٽويءَ جي بنياد تي ورجايو آهي.

خانبهادر خداداد خان پنهنجي ڪتاب "لُب تاريخ سنڌ" ۾ مير "قانع" ٺٽوي" واري بيان کي وڌيڪ کولي بيان ڪيو آهي:

> "مشهور آهي ته گهاڙ واهه نالي وڏو واهه، جو لاڙڪاڻي شهر وٽان وهي ٿو، ميان شاهل محمد جو کوٽايل آهي. سانگين ۽ ابڙن جي گهڻي زمين تي قبضو ڪيائين." (۷)

مولانا غلام رسول مهر خود اڳتي هلي پير علي محمد راشديءَ جي تحرير ڪيل "منشور الوصيت" جي انگريزي مقدمي جي حوالي سان لکي ٿو:

> "ميان آدم شاهه جي پوين مان ميان شاهل محمد کي هڪ نهايت سرگرم ڪارڪن مڃيو وڃي ٿو. هن پنهنجي زميني ملڪيت ۾ تمام گهڻو واڌارو آندو. چيو وڃي ٿو ته گهاڙ واهه به هن ئي کوٽايو هو. سانگي ۽ ابڙا قومن کان ڪيتريون ئي زمينون کسي ورتيون هئائين." (۸)

انهن مٿين مؤرخن جي بيانن کان پوءِ اٺتڪن، ديوڊ سيٽن ۽ ٻين مؤرخن "تحفة الڪرام" واري ساڳئي احوال کي ورجايو آهي. ازانسواءِ، انهن مٿين سڀني بيان ڪيل ڳالهين جي تصديق "نامه نغز" جي احوال مان ٿئي ٿي.

"نامه نغز" جو مصنف ميان باغ علي "خائف" ميان نور محمد ڪلهوڙي جو درباري شاعر هو. هن پنهنجي ڪتاب ۾ جيڪي ڪجهه لکيو آهي، اهو يقيناً صحيح روايتن تي مبني هوندو. ميان باغ علي "خائف" لکي ٿو:

بہ بعد وفاتش کہ الیاس بود،
نبیره او جانشین شد بزود.
درین شهر دهیري همان سن و سال،
سراسر گذشت و باآخر وصال.
که شاهل محمد برادر نشست،
بجایش گرفته ز سابق گذشت.
اراضي بہ سانگین و ابره بہ جبر

گــرفــتـــــه و داده عـــزيزان گـــبـــر.
ازين جــهـت جــاگـــيــرداران خـــفـــا،
باذنِ حكومت كــــشــــد بر خطا،
چـــو رفت از جـــهـــان نام نيكي ببـــرد،
همـــــان تاج با ديگر بر ســـپـــرد (٩)

انهن مٿي بيان ڪيل واقعن ۽ حقيقتن مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته سنڌ جي مقامي باشندن، زميندارن ۽ جاگيردارن ۽ ميان شاهل محمد جي درميان اختلاف پيدا ٿيڻ جا اهي مٿيان ئي ڪارڻ هئا. سنڌ جون ٻه مقامي طاقتور قومون سانگي ۽ ابڙا، جي ميان صاحب جا نهايت ئي معتقد ۽ جان نثار مريد هئا ۽ هر وقت پنهنجي مرشدن کي نذر ۽ نياز سان نوازيندا رهندا هئا، تن جڏهن اهو ڏٺو ته ميان شاهل محمد اسان جون زمينون هٿ ڪري پنهنجي خاندان ۾ ورهائي رهيو آهي ۽ اهو ٻه محسوس ڪيائون ته ميان صاحب پيري مرشديءَ جي آڙ ۾ زميند اري ۽ اقتدار هٿ ڪرڻ جي سعي ۽ ڪوشش ۾ آهي، تڏهن سندن هوش نڪاٿي آيو ۽ هُو اهو سوچڻ تي مجبور ٿي پيا، ته ڌارين مغلن ته ڪافي ويل وهايا هئا، ليڪن اسان جن کي پنهنجي درد جي دوا سمجهي سيني سان لڳايو ۽ پنهنجي نجات جو ذريعو سمجهيو، اُهي ته پراون کان ٻه وڌيڪ ڏکوئيندڙ آهن ۽ اسان جي حقن ۽ ملڪيت جي حفاظت ڪرڻ جي بجاءِ غصب ڪرڻ جي پوئتان آهن!

حالانڪ ميان الياس محمد ۽ ابڙن جي قومي سردار جلال خان ابڙي جا پاڻ ۾ مرشد ۽ مريد وارا نهايت گهرا تعلقات قائم هئا. جلال خان ابڙي وڏيءَ عقيدت وچان ميان صاحب کي پنهنجيون سرسبز زمينون نذراني طور ڏنيون هيون (١٠)، جن تي ميان صاحب کُپ کوڙي ويهي رهيو. نذر ۽ نياز حاصل ڪرڻ جي طريقي ڪار تي ٻه مولانا غلام رسول مهر پنهنجيءَ تاريخ ۾ روشني وڌي آهي (١١). ليڪن ڏسڻ ۾ ائين اچي ٿو ته انهن سيني مٿي بيان ڪيل حالتن جي باوجود مهر صاحب، ميان شاهل محمد جي متعلق، ڪنهن مصلحت سببان پردي پوشي ڪئي آهي!

سانگي ۽ ابڙا سنڌ جون نج قومون آهن. هُو اصل هن ڌرتيءَ جا مالڪ هئا. اُهي زمينون ابن ڏاڏن کان وٺي سندن ملڪيت هيون. انهيءَ سلسلي ۾ "ماثر الامراء" جو بيان آهي:

> "خدا يارخان جي اسلاف مان هڪ شخص (الياس محمد) ابڙا قوم جي رئيس سان وابسته ٿي ويو. اها قوم قديم زماني کان سنڌ ۾ زمين جي مالڪ رهندي ٿي آئي. (ميان صاحب ڪانئس) ٿوري زمين گذاري لاءِ حاصل ڪئي. پوءِ سندس اولاد، هن پيڙهه وجهندڙ جي سببان طاقت حاصل ڪئي." (١٢)

مٿي بيان ڪيل حقيقتن ۽ واقعن کي جنرل هيگ مختصر مگر واضح نموني ۾ هن طرح بيان ڪيو آهي:

> "ڪلهوڙن جو هيءُ شيوو هوندو هو ته جارحانه حرڪتن ۽ ڦرمار سان گڏوگڏ پوک جي ڌنڌي ۾ سخت محنت ڪندا هئا. هي اهي ئي هئا، جن لاڙڪاڻي جي پرسان گهاڙ واهه کوٽايو ۽ چانڊڪا پرڳڻي کي سڀ کان اول سنڌ جو گلزار بنايو. جتي جتي غير آئيني طريقن سان پنهنجا قدم ڄمايا، اتي غير آباد زمينن کي زرخيز آبادين ۾ بدلائي ڇڏيو. هُو پنهنجي سخت محنت ۽ مشقت سان ثابت ڪري ڏيکاريندا هئا ته غير آئيني طريقن سان حاصل ڪيل چيزن مان فائدي حاصل ڪرڻ ۾ ڪانئن ڀيو ڪوبه گوءِ کٽي نٿو سگهي. مگر، اهي ڳالهيون انهن ماڻهن لاءِ اطمينان جو باعث نٿي بڻجي سگهيون، جن کان زوريءَ زمينون ڦريون ويون هيون." (١٣)

مٿي بيان ڪيل ڪافي مضبوط اختلافي سبب هئا، جن جي ڪري سانگين ۽ ابڙن جي قومي سردارن ۽ عام ماڻهن ۾ ميان شاهل محمد جي خلاف نفرت پيدا ٿي پيئي. انهن اختلافن آخرڪار اهو رنگ لاتو، جو جنگ واري نوبت درپيش آئي. ابڙن جي سردارن، جام صديق ۽ جلال خان مريديءَ وارو ننگ ترڪ ڪري، هٿياربند ٿي جنگ لاءِ تياري ڪئي. آسپاس جي ٻين مقامي قبيلن جي سردارن ۽ زميندارن پڻ انهيءَ مهم ۾ ساڻن ساٿ ڏنو. بکر جا مغل فوجدار اُن وقت تائين صرف تماشو ڏسي رهيا هئا ۽ اُن موقعي ۽ وقت جي تلاش ۾ هئا، ته جڏهن هتان جون ٻئي طاقتون جنگ واريءَ نوبت کي ويجهو پهچن، ته وقت جو فائدو وٺي هڪ ڌُر کي تباهه ڪجي؛ جهڙيءَ طرح هر سامراجي قوت جو ڪم هوندو آهي. سنڌ جا قومي سردار مغلن جي فوجدارن وٽ دانهين ويا ۽ آخر بکر جي مغل فوجدارن جي سرڪاري فوج جي سهڪار سان ميان شاهل محمد سان ويڙهيون ٿيون.

ميان شاهل محمد تي انهن مٿين الزامن ۽ اعتراضن جي متعلق چيو وڃي ٿو ته اهي محض الزام هئا، جيئن موجوده دور جا ڪي مؤرخ ۽ محقق لکن ٿا. ليڪن هنن پنهنجي انهيءَ نقطہ نظر جي ڏس ۾ تاريخي حوالن ۽ روايتن جي بنياد تي اهو واضح نہ ڪيو آهي، ته ميان صاحب جي مٿان اهي سڀ بي بنياد الزام هئا. ساڳئي وقت، اسان جو اهو مقصد نہ آهي ته ڪو ميان صاحب ڏوهي هو، ۽ مغلن جا فوجدار ڏوهي نہ هئا ۽ ميان صاحب سان زيادتي ڪئي هئائون يا وري مغل فوجدارن جي ڪا وڪالت ٿي مقصود آهي. البت اسان کي هتي صرف اهو ڏيکارڻو آهي تہ ٿورو جذبات کان هٽي اهو ڏسڻ گهرجي تہ ڪلهوڙن پنهنجن جي مٿان ڪيڏو تہ ڏاڍ ۽ جبر ڪيو هو! مُغل تہ ڌُريان ئي ڌاريا هئا. هنن کي ڪهڙو ڏوهه ڏجي. هو تہ آيا ئي حڪومت ڪرڻ هئا ۽ هتان جي رعيت کي محڪوم بنائڻ. اسان کي صرف اهو واضح ڪرڻو آهي تہ هتان جي مظلوم عوام کي پنهنجن جي پاليسين ۽ روين سبب ڪهڙيون مشڪلاتون درپيش آيون.

## ميان شاهل محمد ۽ بکر جي فوجدارن درميان معرڪا

"تاريخ ڪلهوڙا" ۾ ميان شاهل محمد ۽ بکر جي مغل فوجدارن جي وچ ۾ ٿيل جنگين جو صرف مبهم ۽ اشاري طور بيان ڪيو ويو آهي، ۽ ان مان ڪنهن بہ قسم جو ڪوبہ تفصيلي احوال ڪونہ ٿو ملي. انهيءَ سلسلي ۾، مير "قانع" ٺٽوي لکي ٿو:

> "جام صديق ۽ جلال خان جهڙن ابڙن سردارن مُريديءَ جا حق وساري، ٻين زميندارن سان ملي، ڪيس (شاهل محمد) گهٽين لڙائين کان پوءِ، بکر جي حاڪم هٿان قتل ڪرايو." (١۴)

انهيءَ ساڳئي سلسلي ۾، خانبهادر خداداد خان جو چوڻ آهي:

> "(ميان شاهل محمد) سانگين ۽ ابڙن جي گهڻي زمين تي قبضو ڪيو، جنهن ڪري ميان صاحب ۽ انهن قومن جي وچ ۾ هٿياربند لڙائي لڳي." (١۵)

خانبهادر خداداد خان اهو نہ ڄاڻايو آهي تہ ميان صاحب سان اها هٿياربند لڙائي بکر جي مغل فوجدارن سان ٿي هئي، پر هُو سانگي ۽ ابڙا قوم جي ويڙهه طرف اشارو ڪري ٿو. البت مير "قانع" ٺٽويءَ جي مٿين بيان مان اهو ظاهر آهي تہ ميان صاحب جي مقامي قومن سان گڏ بکر جي مغل فوجدار سان بہ جنگ لڳي هئي.

انهيءَ باري ۾ ديوان سيٺن جو بيان هن طرح آهي:

> "ابڙن جي سردارن، جام صديق ۽ جلال خان، ٻين زميندارن کي پاڻ سان ملائي، ساڻس (شاهل محمد) لڙايون ڪيون. بکر جي گورنر شاهل محمد کي موت جي سزا ڏني." (١٦)

ديوڊ سيٺن جي مٿئين بيان ۾، لڙائيءَ جي ذڪر کان پوءِ اهو معلوم ٿئي ٿو ته بکر جي مغل گورنر، ميان شاهل محمد کي موت جي سزا ڏني هئي. اسان اڳتي هلي انهيءَ واقعي جو مفصل بيان ڪنداسين.

ميان شاهل محمد ڪلهوڙي ۽ سنڌ جي قومي سردارن جي وچ ۾ جيڪا هٿيارבند جنگ لڳي، ۽ ان ۾ بکر جي مغل فوجدارن جيڪو ڪردار ادا ڪيو، تنهن باري ۾ سنڌ جي ڪنهن به مؤرخ مڪمل روشني نه وڌي آهي. ميان شاهل محمد ۽ مقامي باشندن جي اختلافن کان پوءِ هُو بکر جي مغل فوجدارن وٽ دانهين ويا، جن ضرور ان طرف توجهه ڏنو هوندو. ان سلسلي ۾، سڀ کان پهريائين خواجه عبدالواحد✤، ميان شاهل محمد جي اثر ۽ طاقت کي زائل ڪرڻ جي طرف توجهه ڏنو.

(الف) ميان شاهل محمد ۽ خواجه عبدالواحد جي وچ ۾ جنگ:- سانگين ۽ ابڙن قومن جي سردارن گڏجي بکر جي مغل نواب خواجه عبدالواحد کي انهن سڀني مٿين حالتن کان واقف ڪيو. ساڳئي وقت، ڪانئس اڳ جي مغل فوجدارن جي انهي ڏس ۾ ڪيل ڪوششن ۽ خدشن کان به آگاهه ڪيو. خواجه عبدالواحد، مقامي قومي سردارن جي مشوري سان، ميان شاهل محمد جي خلاف هڪ مضبوط شاهي فوج تيار ڪئي، جنهن ۾ مقامي سردارن جا ماڻهو به شامل هئا. خواجه عبدالواحد، ميان جي تنبيهه واسطي چانڊڪا پرڳڻي ۾ 'پوپٽي' ڳوٺ وٽ پنهنجي لشڪر سان پهتو. ميان شاهل محمد ۽ بکر جي فوجدار خواجه عبدالواحد جي وچ ۾ ڇتي ويڙهه لڳي. "تاريخ نوابين بکر" جي مؤلف انهيءَ جنگ جو نقشو هن طرح چٽيو آهي:

"خواجه عبدالواحد، بکر جو حاڪم مقرر ٿي اچڻ کان ڪجهه وقت پوءِ، پنهنجي بخشي سيد مير بزرگ ✱سميت هڪ وڏو لشڪر تيار ڪري، شاهل زميندار جي تنبيهه لاءِ چانڊڪا پرڳڻي

---

✤ سن ١٠٦٦هه/١٦٥٦ع ۾ بکر جي مغل فوجدار، مرزا لعل بيگ کي بدلي ڪري، سندس جاءِ تي خواجه عبدالواحد کي بکر جو نواب مقرر ڪيو ويو. خواجه عبدالواحد جي باري ۾ اهو معلوم ٿي نه سگهيو آهي ته پاڻ اصل ۾ ڪير هو ۽ ڪٿان جو رهاڪو هو، ۽ ڪهڙي نموني سان ترقيءَ جون منزلون طي ڪري اچي انهيءَ اعليٰ منصب تي پهتو. پاڻ صرف هڪ سال جي عرصي تائين بکر جو فوجدار ٿي رهيو. "تاريخ نوابين بکر" جي مؤلف جو قول آهي ته هيءُ وڏو ٻٽاڪي ۽ لاف زني ڪندڙ هو. منجهس حڪومت هلائڻ ۽ انتظام رکڻ جي صلاحيت بنهه ڪانه هئي. ميدان جنگ جي فن کان به ڪورو هو. بکر مان بدلي ٿيڻ کان پوءِ سندس باري ۾ تاريخ جا ورق خاموش نظر اچن ٿا.

✱ مير بزرگ رضوي، روهڙيءَ جي مشهور رضوي سادات جي هڪ پاڙي "محمود پوٽا" جو چشم و چراغ هو. "محمود پوٽا" اصل ۾ سيد محمود بن ابوالغيث جي اولاد مان آهن ۽ پنهنجي ڏاڏي سيد محمود جي نالي پوٽنان "محمود پوٽا" سڏجن ۾ اچن ٿا. مير بزرگ جي نسب جو سلسلو، امير سيد محمد مڪي رحه سان هيئينءَ ريت ملي ٿو:

"مير بزرگ بن عيسيٰ بن محمد بن رحمت الله (اول) بن احمد بن محمد بن محمود بن ابوالغيث بن تاج الدين بن خواجه خلق الصدق بن تاج الدين (اول) بن صدرالدين محمد بن امير سيد محمد مڪي رحه."

مير بزرگ جي والد سيد عيسيٰ کي مغل بادشاهه شاهجهان جي پاران "خان" جو خطاب مليل هو.

مير بزرگ جي متعلق ميان بيگ محمد "نامي" جي مٿي آيل متن واري بيان کي سامهون رکندي اسان جو گمان آهي ته مير بزرگ، بکر سرڪار ۾ مختلف عهدن تي فائز ٿيڻ کان اڳ ۾، سنڌ کان ٻاهر هندوستان جي مختلف علائقن ۾، ڪن منصبن تي فائز رهيو هوندو ۽ انهيءَ لياقت جي آڌار تي ڪيس پنهنجي اباڻي وطن سنڌ ۾ موڪليو ويو هو. ميان بيگ محمد "نامي" جي بيان ۾ آيل عبارت "بهمراه حاکم مذکوره آمده" مان پڻ اسان جي انهيءَ مٿينءَ ڳالهه جي پٺڀرائي ٿئي ٿي. البت اهو معلوم ٿي نه سگهيو آهي ته مير صاحب هندوستان جي ڪهڙن علائقن ۾ ڪهڙي منصبن تي فائز رهيو!

مير بزرگ، بکر جي فوجدار پاران انهيءَ مذڪوره ويڙهه ۾ ٻين ساداتن سان گڏ شهادت جو پيالو پيتو. ميان بيگ محمد "نامي" پنهنجيءَ عبارت ۾ "هفت کس سادات" جو جيڪو اشارو ڏنو آهي، ان مان اها خاطري ٿئي ٿي ته اهي سادات پڻ مير بزرگ جا ويجها عزيز هئا. مير بزرگ ۽ سندس ساٿي سيدن جا مڙهه پنوڙا ضرور روهڙيءَ ۾ ئي لٽيا هوندا. ۾ جيئن ته روهڙيءَ جا اڪثر قديم قبرستان ۽ مقبرا ڊهي ناس ٿي ويا آهن، انهيءَ ڪري اهو يقين سان چئي نٿو سگهجي، ته مير بزرگ ۽ سندس ساٿي ڪهڙي قبرستان ۾ دفن ٿيا! مير بزرگ کي سيد ناد علي نالي هڪ فرزند هو، جنهن لاءِ سيد علي اڪبر شاهه "فائق" رضوي پنهنجي ڪتاب "شجره سادات رضوي/نقوي بکري" ۾ لکي ٿو ته، "لاولد شهيد شد" انهيءَ عبارت تي غور ڪرڻ سان اسان جو گمان انهيءَ مٿينءَ ڳالهه ڏانهن وڃي ٿو، ته سيد ناد علي پڻ پنهنجي والد مير بزرگ سان گڏ ان مذڪور معرڪي ۾ شهيد ٿيو هوندو.



مقبرو ميان شاهل محمد ڪلهوڙو

(نزد فتح پور، گهاڙ واهه، لاڙڪاڻو)

طرف روانو ٿيو. ۽ انهيءَ علائقي جي ڳوٺ 'پوپٽي' وٽ اچي منزل ڪيائين. پٺي طرف، ابڙا قوم جا ماڻهو ۽ سردار به انهيءَ جنگ ۾ اچي شريڪ ٿيا. هوڏانهن شاهه علي فقير پنهنجن مريدن جي هڪ جماعت ساڻ وٺي جنگ لاءِ سنبري آيو. ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ سخت جنگ لڳي. انهيءَ جنگ ۾ مير بزرگ ۽ ست ٻيا سرڪردا سادات شهيد ٿيا. ديوان ڌرمداس قانون گو ۽ ٻيا ڪيترائي سپاهي مارجي ويا. ابڙا قوم جا پڻ ڪيترائي ماڻهو انهيءَ ويڙهه ۾ مارجي ويا." (١٧)

انهيءَ جنگ جي باري ۾ ميان بيگ محمد "نامي" اڳتي هلي لکي ٿو:

"هن جنگ ۾ شاهه علي فقير جي طرف جا صرف چند ماڻهو مارجي ويا. بکر جو فوجدار خواجه عبدالواحد باقي بچيل لشڪر سميت جنگ جي ميدان مان فرار ٿي ويو ۽ سندس سپاهين ۾ ڦوٽ پنجي وئي. ٻئي ڏينهن، خواجه عبدالواحد باقي چند ماڻهن سميت سکر ۾ وڃي پناهه ورتي." (١٨)

ميان بيگ محمد "ناميءَ" جي انهن مٿين ٻنهي بيانن مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته ميان صاحب جي مريدن ۽ جان نثارن مغل شاهي فوج ۽ سندن سنڌي اتحادين ابڙن جو وڏي بي جگريءَ سان مقابلو ڪيو ۽ کين شڪست ڏني. ايتريقدر جو بکر جي مغل فوجدار ڀڄي وڃي پنهنجي جان بچائي. ليڪن اڳتي هلي ان جو ڏاڍو اگرو نتيجو نڪتو. ميان صاحب جي ته ٿوري وقت لاءِ سوڀ ٿي، مگر مغل حاڪمن ۽ اهلڪارن ۽ هتان جي مقامي سردارن جي دلين ۾ انتقام جي باهه دکيل رهي.

خواجه عبدالواحد ۽ ميان شاهل محمد جي انهيءَ مذڪور لڙائيءَ مان اهو تجزيو ڪري سگهجي ٿو ته ميان شاهل محمد پنهنجي پيءُ ميان الياس محمد جي وفات کان پوءِ، ڇهن سالن جي عرصي ۾ ايتريقدر ته طاقتور ٿي چڪو هو، جو مغل شاهيءَ جي منظم فوج ۽ ان جي اتحادين کي ڪاپاري شڪست ڏنائين.

(ب) ميان شاهل محمد ۽ نواب شيخ احمد جي وچ ۾ جنگ:- خواجه عبدالواحد جي بکر جي حاڪم جي عهدي تان موقوف ٿيڻ کان پوءِ، سن ١٠٦٦هه/١٦٥٦ع جي آخر ڌاري شيخ احمد کي بکر جو فوجدار مقرر ڪيو ويو. هُن سن ١٠٦٧/١٦٥٦ع جي اوائل ۾، حڪومت جي واڳ سنڀالي. نواب شيخ احمد، هن کان اڳ ٻن سالن (سن ١٠٦٤/ ١٦٥٤ - ١٠٦٥/ ١٦٥٥ع) تائين، بکر جو فوجدار رهي چڪو هو.

شيخ احمد جي بکر ۾ مقرر ٿي اچڻ کان اڳ ۾ خواجه عبدالواحد کي ميان شاهل محمد بُريءَ طرح شڪست ڏني هئي، ۽ انهيءَ شڪست جو احوال مغل شاهي دربار تائين پهچي چڪو هو. اهڙيءَ طرح، ميان شاهل محمد کي سخت سزا ڏيڻ جي خاطر، مغل شاهي دربار مان سخت گير ۽ جابر شخص کي بکر جو نواب مقرر ڪرڻ جي ضرورت پيش آئي. شيخ احمد جيئن ته سياسي شطرنج جو ماهر، سخت طبع ۽ جابر حاڪم هو ۽ اڳ ۾ بکر جو حاڪم رهي چڪو هو، جنهن ڪري کيس اتان جي حالتن جي پوريءَ طرح معلومات پڻ هئي. انهيءَ ڪري کيس بکر جو ٻيهر حاڪم مقرر ڪيو ويو، ته جيئن هُو انهيءَ مذڪور فتني کي هميشه جي لاءِ بند ڪري ڇڏي.

هوڏانهن، ميان شاهل محمد کي جيئن ته خواجه عبدالواحد سان ٿيل لڙائيءَ ۾ سوڀ حاصل ٿي هئي، ان ڪري هُن ايندڙ امڪاني حالتن کي مُنهن ڏيڻ لاءِ پنهنجيءَ جماعت ۾ واڌارو ڪيو، ۽ ان کي پوريءَ طرح جنگ لاءِ تيار ڪيو.

شيخ احمد، بکر ۾ وارد ٿيڻ کان پوءِ، هڪدم ميان شاهل محمد طرف توجهه ڏنو ۽ ساڻس هڪ فيصلي ڪُن جنگ لاءِ تياري ڪئي. انهيءَ واقعي جي پس منظر ۾، ميان بيگ محمد "نامي" لکي ٿو:

"شيخ احمد جي دل ۾ شاهه علي فقير کان انتقام وٺڻ لاءِ باهه ڀڙڪي رهي هئي. ايتريقدر، جو

انتقام جي اها آگ سندس طبيعت مان ظاهريءَ طرح صاف ڏسڻ ۾ پئي آئي. حاڪم مقرر ٿي اچڻ کان پوءِ هن چانڊڪا پرڳڻي تي چڙهائي ڪئي ۽ 'پوريٽي' نالي ڳوٺ وٽ منزل ڪيائين. انهيءَ وچ ۾، سيادت پناهه مير عبدالاول• ٺياڪڙ بڻجي، شاهه علي فقير کي شيخ احمد وٽ ملاقات لاءِ وٺي آيو." (١٩)

ميان بيگ محمد "نامي" جي متئين بيان مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته بکر جو فوجدار شيخ احمد جڏهن ميان شاهل محمد سان جنگ لاءِ "پوريٽيءَ" پهتو ۽ لڙائي شروع ٿيڻ واري هئي، ته ان وقت ميرڪ سيد عبدالاول پورانيءَ جي وچ ۾ پوڻ ڪري، جنگ جا ڪارا ڪڪر هٽي ويا. ليڪن افسوس آهي ته ميرڪ عبدالاول جنهن خلوص نيتيءَ سان ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ ناهه پئي ڪرايو، نواب شيخ احمد انهيءَ ٺياڪڙيءَ جو فائدو وٺي، ميان شاهل محمد کي قتل ڪرائي ڇڏيو. انهيءَ واقعي تي ميان بيگ محمد "نامي" روشني وجهندي لکي ٿو:

"سيد مير عبدالاول وچ ۾ پيو. قهر ۽ غضب هيٺ آيل شاهه علي فقير کي نواب شيخ احمد وٽ ملاقات لاءِ وٺي آيو. پورن ٻن ڏينهن جي انتظار کان پوءِ مير عبدالاول، شاهه علي فقير کي شيخ احمد جي اڳيان پيش ڪيو. شاهه علي فقير جڏهن نواب شيخ احمد سان ملاقات ڪري ٻاهر اچي رهيو هو، ته عين ان وقت نواب شيخ احمد متس پنيان تيز خنجر سان حملو ڪيو ۽ مسلسل وار ڪري کيس قتل ڪري وڌو. شاهه علي فقير جو روح روحن جي مالڪ ڏانهن پرواز ڪري ويو. ان کان پوءِ نواب شيخ احمد سندس سِسِي ڌڙ کان ڌار ڪري، چوڌري تيرٿداس نالي هڪ شخص جي ذريعي دربارشاهيءَ ڏانهن موڪلي ڏني." (٢٠)

ميان بيگ محمد "ناميءَ" ميان شاهل محمد جي قتل جو جيڪو متيون ڏکوئيندڙ واقعو بيان ڪيو آهي، ان جو ذڪر سنڌ جي تاريخ ۾ ڪنهن به مؤرخ نه ڏنو آهي. ساڳئي وقت، متئين عبارت مان اهو به ظاهر ٿئي ٿو ته ميان شاهل محمد ايڏي ته قوت رکندڙ هو، جو مغلن جي نواب ۽ سندس اتحادين کيس جنگ جي ميدان ۾ شڪست ڏيڻ جي بدران صُلح جي ڳالهين جو ڪُوڙو جار وڇائي، ميرڪ سيد عبدالاول جي معرفت گهرائي، نڳيءَ، مڪر ۽ فريب سان قتل ڪرايو. انهيءَ واقعي مان اهو به ظاهر ٿئي ٿو ته ميرڪ عبدالاول جا ميان شاهل محمد سان گهرا ۽ گهاٽا تعلقات هئا. ان ڪري بکر جي مغل فوجدار ۽ سندس اتحادين، ميرڪ عبدالاول کي ٺياڪڙ جي حيثيت ۾، ميان شاهل محمد ڏانهن موڪليو هو. ساڳئي وقت، ميرڪ عبدالاول اهو محسوس ڪيو هوندو ته قتل ۽ غارت، تباهي ۽ بربادي‌ءَ کان بچڻ لاءِ اهو بهتر آهي ته صلح جو رستو اختيار ڪجي. انهيءَ سلسلي ۾ سيد صاحب ڪوشش وٺي ميان صاحب کي مغل فوجدار جي اڳيان پيش ڪيو، ليڪن نواب شيخ احمد جي دل ۾ ڪينو ۽ بغض لڪل هو، جنهن ڪري هُن ميان صاحب کي قتل ڪيو. ازانسواءِ، ٻي صورت اها به ٿي سگهي ٿي، ته ممڪن آهي ته نواب شيخ احمد کي دربار شاهيءَ مان ميان صاحب لاءِ ڪي خاص هدايتون مليون هجن ۽ ان سلسلي ۾ ميرڪ عبدالاول کي استعمال ڪيو ويو هجي؛ ڇاڪاڻ ته ميرڪ عبدالاول بکر جي سموري علائقي ۾ خانداني لحاظ کان وڏي اثر رسوخ وارو ماڻهو هو ۽ ان سان گڏ سنڌ

• ميرڪ سيد عبدالاول بن سيد عبدالله بن ميرڪ عبدالباقي پُوراني، ١٧ - صفر ١٠١٣هه/ ١٥- جولاءِ ١٦٠٤ع تي الهه آباد (هندستان) ۾ ڄائو. پاڻ نهايت ئي اعليٰ فضيلت جو مالڪ ۽ ظاهري علمن ۾ يگانو روزگار هو. دنيا جي سياسي ڪمن ڪارين ۾ کيس وڏو اثرائتو عمل دخل هو. مغل بادشاهه شاهجهان ۽ اورنگزيب جي دور حڪومت جي وڏن اميرن ۽ اڪابرن ۾ سندس شمار ٿيندو هو. ٢٧ -صفرالمظفر ١٠٩٣هه/٧ - مارچ ١٦٨٢ع تي هن فاني جهان مان رحلت ڪيائين. کيس ٽي فرزند ٿيا. سيد محمد، سيد محمود ۽سيد تقي الدين محمد.
(سيد الله ڏنو شاهه موسوي: "شجره سادات موسوي" قلمي سنڌي، سن ١٩٥٢ع، ص ٥ کان ٧)

جي باشندن جي مزاج کان بہ پوريءَ طرح واقف هو. هتي هڪ اهو سوال بہ اُڀري سگهي ٿو تہ ڇا ميرڪ عبدالاول جا ڳجهيءَ طرح نواب شيخ احمد سان انهيءَ ڪم جي سلسلي ۾ ڪي ڳجها انجام ۽ اقرار ٿيل تہ نہ هئا؟ والله اعلم بالصواب. دلين ۾ نيتن جو مالڪ الله تعاليٰ آهي. اسان ڪي انهيءَ منٿين ڏکوئيندڙ واقعي جي حوالي سان، سيد صاحب جي ڪردار بابت ڪوبہ خيال دل ۾ نہ آڻڻ گهرجي. ممڪن آهي تہ سيد صاحب سچيءَ نيت سان سنڌ جي عوام جي بهتريءَ خاطر پنهنجو اثر رسوخ هلائي، ميان شاهل محمد کي بکر جي فوجدار سان ڳالهين ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو هجي.

بهرحال، ميان شاهل محمد جو قتل سياسي حڪمت عمليءَ جو نتيجو هو. في الحال تہ اها شورش ۽ بغاوت بند ٿي ويئي، ليڪن ميان صاحب جي موت ڪلهوڙا خاندان جي اقتدار ۾ اچڻ لاءِ هڪ راهہ هموار ڪئي. مغل نوابن جي ڪرتوتن ۽ سياهہ ڪارين جي ڪري، اڳتي هلي اها ڏبيل باهہ ڀڀٽ ڪري ڦاٽي پئي. ميان شاهل محمد جي انهيءَ ڏکوئيندڙ موت جي باري ۾ هن دور جي محققن ۽ مؤرخن لکيو آهي تہ ميان صاحب وطن جي آزاديءَ خاطر پنهنجي جان قربان ڪئي. مٿي بيان ڪيل واقعن ۽ حقيقتن جي روشنيءَ ۾ تاريخ جو طالب العلم، ان ڳالهہ جو خود فيصلو ڪري سگهي ٿو.

ڪن محققن، ميان شاهل محمد جي قتل واري واقعي کي بکر جي نواب خواجہ محمد شريف جي دور ۾ ڄاڻايو آهي، جيڪو درست نہ آهي. دراصل اهو واقعو سن ١٠٦٧هہ /١٦٥٧ع ڌاري بکر جي فوجدار نواب شيخ احمد جي دور ۾ ٿيو. سن ١٠٦٧هہ/١٦٥٧ع جي آخر ۾، نواب شيخ احمد فوجداريءَ جي عهدي تان موقوف ٿيو ۽ سن ١٠٦٨هہ/ ١٦٥٧ع جي شروع ۾، خواجہ محمد شريف بکر جو فوجدار مقرر ٿي آيو. هيءُ واقعو، تاريخي لحاظ کان مغل بادشاهہ شاهجهان جي بيمار ٿيڻ واري وقت جو آهي، جڏهن شاهجهان جا پُٽ پاڻ ۾ تخت ۽ تاج لاءِ وڙهي رهيا هئا.

ميان شاهل محمد جي باري ۾ وڌيڪ معلوم ٿي نہ سگهيو آهي، تہ سندس سِرِي، جيڪا چوڌري تيرٿداس دربارشاهيءَ ڏانهن ڪٽي ويو هو، ان کي ڪٿي دفن ڪيو ويو، ليڪن تاريخ مان ايترو معلوم ٿئي ٿو تہ ميان شاهل محمد کي لاڙڪاڻي ضلعي ۾، قمبر کان ٦ ميل اتر گهاڙ واهہ جي ڪنڌيءَ تي سپردخاڪ ڪيو ويو. اهو ڳوٺ "فتح پور" جي نالي سان سڏجي ٿو. (٢١) ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي سن ١١٨٨هہ/١٧٧٤ع ۾، سندس مزار جي مٿان هڪ عاليشان مقبرو تعمير ڪرايو (٢٢) جو اڃا تائين صحيح ۽ سالم حالت ۾ موجود آهي.

## حــوالا

(١) مير علي شير "قانع" ٺٽوي: "تحفة الڪرام"، مترجم مخدوم امير احمد، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ، ١٩٥٧، ص ٢٥٧.

(٢) مولانا غلام رسول مهر: "تاريخ سنڌ - ڪلهوڙا دور" جلد پهريون، مترجم يار محمد ابن حيات پنهور ۽ شمشير الحيدري، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ، ١٩٦٣ع، ص ٤٣- ١٤٢

(٣) مير علي شير "قانع" ٺٽوي: "تحفة الڪرام"، ص ٥٧- ٢٥٦

(٤) ميرڪ يوسف: "تاريخ مظهر شاهجهاني"، مترجم نياز همايوني، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ، ١٩٧٩ع، ص ١٢٢

(٥) مير علي شير "قانع" ٺٽوي: "تحفة الڪرام"، ص ٥٨- ٢٥٧

(٦) مولانا غلام رسول مهر: "تاريخ سنڌ - ڪلهوڙا دور" جلد پهريون، ص ١٤٢

(٧) خانبهادر خداداد خان: "لُب تاريخ سنڌ" ، مترجم حافظ خير محمد اوحدي، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ، ١٩٨٩ع، ص ١٣٦

(٨) مولانا غلام رسول مهر، "تاريخ سنڌ - ڪلهوڙا دور" جلد پهريون ص ١٤٣

(٩) ايضاً، ص ١٤٤

(١٠) ايضاً، ص ٤١- ١٤٠

(١١) ايضاً، ص ١٤١

(١٢) شاهنواز صمصام الدولہ: "ماثرالامراء" جلد پهريون، مترجم پروفيسر محمد ايوب قادري، مرڪزي اردو بورڊ لاهور، ١٩٦٨ع، ص ٨١٢

(13) Haig, M.R. Major General: "The Indus Delta Country", Indus Publications, Karachi, 1972, pp.112.

(بحوالہ "تاريخ سنڌ - ڪلهوڙا دور" جلد پهريون، ص ١٤٥)

(١٤) مير علي شير "قانع" ٺٽوي: "تحفة الڪرام" ، ص ٢٥٨

(١٥) خانبهادر خداداد خان: "لُب تاريخ سنڌ" ،ص ١٣٦

(١٦) مولانا غلام رسول مهر: "تاريخ سنڌ - ڪلهوڙا دور" جلد پهريون، ص ١٤٣

(١٧) "نامي" بيگ محمد: "تاريخ نوابين بکر" (قلمي فارسي)، ص ٣٨- ١٣٧

(١٨) ايضاً

(١٩) ايضاً، ص ١٣٩

(٢٠) ايضاً

(٢١) مولائي شيدائي: "جنت السنڌ" ، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ، ١٩٥٨ع، ص ٤٥٣

(٢٢) مولانا غلام رسول مهر: "تاريخ سنڌ - ڪلهوڙا دور" جلد پهريون، ص ١٤٥



ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

# قديم فارسي شاعريءَ ۾ سنڌ جو ذڪر

قديم دور جا عربي توڙي فارسي ليکڪ "سنڌ" ۽ "هند" کي جدا جدا ملڪ لکن ٿا. اهڙيءَ طرح قديم فارسي شاعرن بہ پنهنجن شعرن ۾ "سنڌ" جو نالو آندو آهي، ۽ سنڌ ۽ هند کي جدا جدا ملڪ ڄاڻايو آهي. خاص طرح سان محمود غزنويءَ جي دور جي شاعرن سنڌ جو ذڪر ڪيو آهي. انهن جو احوال هيٺ ڏجي ٿو:

**دقيقي:** ٣٦٥هہ (٩٧٥ع) ۾ جڏهن نوح بن منصور تخت نشين ٿيو، تڏهن سندس گاديءَ جي هنڌ بخارا ۾ وڏا وڏا شاعر موجود هئا. انهن مان "دقيقي" بہ هو، جيڪو بخارا جو رهاڪو هو. نوح ڪيس دربار ۾ گهرائي "شاهنامي" جي تصنيف جو ڪم سندس حوالي ڪيو. هن اها خدمت قبول ڪري ڪم شروع ڪيو ۽ اندازي طور ويهہ هزار شعر لکيا. ڪن جو چوڻ آهي تہ فقط هڪ هزار شعر هئا، جيڪي پوءِ فردوسيءَ "شاهنامي" ۾ شامل ڪيا. فردوسيءَ شاهنامي جي تاريخ ۾ انهن واقعن جو مختصر طور ذڪر ڪيو آهي. "دقيقي" کي هڪ خوبصورت غلام هو، جنهن کي هن خراب نظر سان ڏٺو. ان تي غلام ڪيس قتل ڪري ڇڏيو. (١) هي واقعو سنہ ٣٨٤هہ (٤-١٠٠٣ع) کان اڳ جو آهي. دقيقي پنهنجي هڪ شعر ۾ "شاهانِ هند" ۽ "شاهان سنڌ" جو ذڪر ڪيو آهي:

شـہ بر برســـتـــان و شـــاهان هند
گـــزينش بدادند و شـــاهان سند (٢)

**عنصري:** حسن بن احمد، ڪنيت ابوالقاسم، تخلص عنصري بلخ جو رهاڪو هو. پهريائين محمود غزنويءَ جي ننڍي ڀاءُ نصر بن سبڪتگين جي دربار ۾ پهتو، پوءِ سلطان محمود غزنويءَ جي دربار ۾ آيو، جنهن ڪيس "ملڪ الشعراءِ" جو خطاب ڏنو. محمود غزنويءَ جي وفات کان ڏهہ سال ڪن پوءِ سنہ ٤٣١هہ (١٠٣٩ع) ۾ وفات ڪيائين. سندس شعر جو تعداد ٽيهہ هزار چيو وڃي ٿو (٣).

انهيءَ زماني ۾، جڏهن عنصري محمود غزنويءَ جي دربار سان وابستہ هو، محمود غزنويءَ ملتان ۽ منصوره جي قرمطي/ اسماعيلي حڪومتن کي ختم ڪيو. هن شوال ٤٠١ هہ (٨ ـ مئي ١٠١١ع) ۾ ملتان تي قبضو ڪيو، ۽ ٤١٦هہ (١٠٢٥ع) ۾ سنڌ جي حڪومت تي قبضو ڪيو. ان دور جي ڪيترن ئي شاعرن، مختلف صورتن ۾ سنڌ جو ذڪر ڪيو آهي. عنصري قرمطين جو ذڪر هن طرح ڪيو آهي:

نہ قلعہ ماند کہ نکشاد نہ سپـهـہ کرنزد
نہ قرمطي کہ نکشت و نہ گبـر نہ کـافـر (٤)

سنڌ ۽ هند جو ذڪر هن طرح ڪيو اٿس:

بسند و هند زعکس رخ هزيمتـــيـــان
مـــز ارغـــوان را نتـــوان شناختن ز زريد (٥)

بسند وناحـــيت هند شـــهــــريار آن كـــرد
كـــجـــا بمردم خـــيـــبـــر نكرده بد حــيــدر(٦)
همـہ اندرين مـہ كـايد حـرب كـرد و رفت بسند
بحـرب كـوره و تارا چـو گـيـز گـان كـبـر(٧)

**فرخي:** سندس نالو علي، والد جـو نالو "قلوغ" ، كنيت ابوالحسن ۽ تخلص "فـرخي" هو. سندس وطن سيستان هو. جڏهن محمود غزنويءَ جي دربار ۾ پهتو تہ سلطان سندس قدرداني ڪئي ۽ خاص شاعرن ۾ شامل ڪيو. جڏهن محمود غزنويءَ سنڌ ۽ هند تي حملا ڪيا، تڏهن هي بہ ساڻس گڏ هو. سنہ ٤٢٩هہ (٣٨ـ ١٠٣٧ع) ۾ وفات ڪيائين. (٨). هو جڏهن محمود غزنويءَ سان سنڌ ۾ آيو، تڏهن پنهنجي شعر ۾ هند ۽ سنڌ ڪي هن طرح ياد ڪيائين:

شنيـــدام كـہ فـرامـرز رسـتـم اند سند
بكشت مـا رو بدان فـجـر كـرد بيش تبـار (٩)
بسند و هند كـسي نيـست مـانده كـان ارزد
كـز آن تو شـود آنجـا بجنگ يک چـاكـر(١٠)
زنده پيــــلان كــــز در دريائي سند آورده اي
مـــــال ديگر بگزراني از لب دريائي نيل (١١)
رايت تو ســايہ افگنده است بر دريائي سند
كي بود شـاها كـہ سـايہ افگنده بركـوه شـام
سند و هند از بت پرســـتـــان كــرد پاک
رفـــتـــہ زيد ســـوتا بدريائي ووان (١٢)

**فردوسي:** سندس نالو ابوالقاسم منصور هو ۽ جماعت "دهاقين" مان هو. "دهاقين" ايران جي هڪ جماعت هئي، جيڪا سرڪار ۽ آبادگارن جو درمياني واسطو هئي. هي طبقو ايران ۾ ساسانين جي زماني کان موجود هو. هر دهقان پنهنجي زمين جي ڊِل جو زميندار هو. هو پنهنجي زمين هارين ۽ آبادگارن ۾ ورهائي، انهن کان پنهنجو حصو وٺندو هو، جنهن مان ڊِل سرڪار کي ڏيندو هو.(١٣). سندس والد جو نالو اسحاق بن شرف هو. فردوسي سندس تخلص هو.

سندس وطن جي باري ۾ اختلاف آهي. چهار مقالہ ۾ آهي تہ طبرستان جي پسگردائيءَ ۾ "بازنامہ" جو رهاڪو هو. ديباچہ شاهنامہ ۾ آهي تہ هو "شاداب" ڳوٺ جو رهاڪو هو. بهرحال اها ڳالهہ تسليم شده آهي تہ هو "طوس" شهر جي ڪنهن ڳوٺ جو رهاڪو هو. قريباً ٨٠ سالن جي عمر ۾ سنہ ٤١١هہ (١٠٢٠ع) ۾ وفات ڪيائين. انهيءَ لحاظ کان سندس ولادت ٢٣٩هہ (٩٥٠ع) ۾ ٿي (١٤).

فردوسي شاهنامي لکڻ جو ڪم سنہ ٣٦٥هہ يا ٣٧٠هہ ۾ ان وقت شروع ڪيو هو، جڏهن هو پنهنجي ڳوٺ (ضلعو "طوس") ۾ رهندو هو. هن پنهنجي ڳوٺ ۾ شاهنامو لکڻ تي ١٨ـ ٢٠ سال لڳايا، جنهن ۾ هو موجوده چئن

حڪومت ڪني. "گور" سندس لقب هو، جيڪو جسماني قوت جي ڪري ڪيس مليو (١٩). هن سنڌ تي به سياسي غلبو حاصل ڪيو. شاهنامي ۾ بهرام گور ۽ شنگل جو قصو آيو آهي. "شنگل" سنڌي نالي "چڱل" جي بگڙيل بناوت معلوم ٿئي ٿو. انهيءَ لحاظ کان سچو ۽ صحيح نالو "چڱل راءِ" هوندو. سنڌ تي بهرام گور جي اثر جي ڪري سنڌ مان هزارين لورا (مڱڻهار) ايران ويا. فردوسي شاهنامي ۾ "لوريان" جي بدران "لوليان" آندو آهي. لکيو اٿس:

بنزديک شنگل فرستاد ... ن
چنين گفت: اي شاه فرياد رس
ازان لوليان برگزين ده هزار
نر و ماده برزخم بربط سوار (٢٠)

فردوسيءَ سنڌ تي سڪندر جي حملي جو ذڪر به ڪيو آهي. لکيو اٿس:

چو گفتار گوينده بشنيد شاه
ز حلوان سوي سند شد باسپاه
پذيره شدند تن سواران سند
همان جنگ را ياور آمد زهند
هر آنکس که از خور دلخسته بود
به خون ريختن دست هاشته بود (٢١)

سر سنديان بود بند اه نام
سواري سرفراز باراي کام (٢٢)

انهن کان سواءِ شاهنامي ۾ ڪيترين ئي جاين تي سنڌ جو ذڪر ملي ٿو. منوچهر، زال جي بادشاهيءَ جي حدن جو ذڪر هن طرح ڪيو آهي:

و زان پس منوچهر عهدي نوشت
سراسرستايش به بستان بهشت
همه کابلي و زابلي و ماي و هند
ز درياني چين را به درياني سند
ز زابلستان تابدان روي بست
بنوي نوشتند عهدي درست (٢٣)

رستم جي احوال ۾ آيو آهي:

کشاني وشکني وسقلاب و هند
چغاني و رومي و وهري و سند (٢٤)

ان کان اڳ سڪندر جي هندستان جي بادشاهه پورس سان لڙائي ٿي هئي. فردوسيءَ ان جو ذڪر به ڪيو آهي ۽ "پورس" کي "فور" ڪري لکيو آهي. ان احوال ۾ سنڌ جو نالو ملي ٿو:

سوي فور هندي سپهبد امشهد
بلند اختر و لشکر آراي سند (٢٥)

اهڙيءَ طرح ٻين بہ ڪيترن ئي هنڌن تي "سنڌ" ۽ سنڌ سان واسطو رکندڙ ڳالهين کي آندو ويو آهي. طوالت کي خيال ۾ رکندي اهي سمورا شعر ڏني نٿا سگهجن.

**قطران تبريزي:** محمود غزنويءَ جي دور جو شاعر هو. سنہ ۴۶۶هہ (۷۴ ـ۱۰۷۳ع) ۾ وفات ڪيائين. هن سنڌ ۽ هند جو ذڪر هن طرح ڪيو آهي:

اگرچہ زاءِ تو اين جا وگرچہ جاي تو ايدر
بتو تر سانند اندر سند و چين اطفال را مادر(۲٦)

عسجدي مروزي (وفات ۵۱۴هہ مطابق ۱۱۲۰ع) سومنات جي سفر جو ذڪر ڪندي لکي ٿو:

تا شاهہ خسروان سفر سومنات ڪرد
ڪردار خويش را علم معجزات ڪرد(۲۷)

**امير معزي** (وفات۲۱ ـ ۵۱۸هہ مطابق ۱۱۲۷ع ـ ۱۱۲۴ع) لکي ٿو:

بر زمين هند وسند از هيبت شمشير او
شير غرند نگردد يکزبان غائب از غائب
از ناحيہ سند کنو تاب در هند
بس کس کہ ازين رنج بدست و بيمار
خصم ملک از گريزي صد لشکر آورده بهم
از حد کالنجر و قنوج وسند مولتان(۲۸)

**مسعود سعد سلمان:** غزنوي ۽ سلجوقي دور جو شاعر هو. سندس وڏا اصل ۾ "همدان" جا رهاڪو هئا. هو باغ لاهور ۾ ۴۴۰هہ (۱۰۴۸ع) ۾ ڄائو. سندس والد سعد ۽ ڏاڏو سلمان قابل ماڻهو هئا ۽ غزنوي دور ۾ سٺن عهدن تي هئا. هي پاڻ بہ غزنوي سلطان سان وابستہ هو ۽ سلطان مسعود غزنويءَ جي مداحن مان هو. اڄ جي محمد عوفي، فارسي شاعرن جي تذڪري "لباب الالباب" ۾ سندس ذڪر ڪيو آهي. سنہ ۵۱۵هہ (۱۱۲۱ع) ۾ وفات ڪيائين (۲۹).

مسعود جو ديوان ڇپجي چڪو آهي. هن لاهور جي تعريف ۾ نظم لکيو آهي، جنهن ۾ لاهور جي تعريف ڪئي اٿس. سندس هڪ شعر ۾ "سنڌ" جو ذڪر بہ آيو آهي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ هو سنڌ ۽ هند کي جدا جدا ملڪ ڪري ليکي ٿو. اهو شعر هي آهي:

رايانِ هند راوهزبران سند را
در بيشها بيان و بيکجا نثار کن. (۳۰)

**مختار غزنوي:** (وفات ۵۳۵هہ مطابق ۱۱۴۰ع) مسعود سعد سلمان ۽ سرهنگ خطيبي سان ملي سنڌ ۾ آيو هو. هو پنهنجي شعر ۾ سنڌ جو ذڪر هن طرح ڪري ٿو:

ترا بحاڪمي سند تهنيت چہ کنم
کہ گشت از هنرت هنرور زمانہ سمہ
همہ ممالک مشرق سپرده گير بتو
چوهند برتو نوشتند سند را چہ نظر (۳۱)

**ناصر خسرو:** حڪيم ناصر خسرو اسماعيلي مذهب جو هو. عالم ۽ شاعر بہ هو تہ سياح بہ. هن اسلامي دنيا جو سير وسفر ڪيو، ۽ ڪيترائي شعر گهميو. هو سنڌ ۾ تہ نہ آيو، پر سنڌ کان باخبر هو. سندس سفرنامو ۽ ديوان چيچي چڪو آهي. سندس سفرنامو توڙي ديوان فارسي زبان ۾ آهن. هو حارث القباديانی البلخي جو فرزند هو. قباديان (بلخ جي پسگردائي) ۾ ذوالقعد (۳۹۴ هہ (۴- ۳ ۱۰۰ع) ۾ تولد ٿيو. سندس وفات جي سال ۾ اختلاف آهي. ڪن ۴۸۱هہ، ڪن ۴۳۱هہ ۽ ڪن ۴۷۱هہ ڄاڻايو آهي. وڌيڪ صحيح (۴۷۱هہ (۱۰۷۸ع) آهي (۳۲). سندس ڪن شعرن ۾ "سنڌ" جو ذڪر آيو آهي، ۽ لفظ "سنڌي" بہ آيو آهي، سندس شعر مان بہ معلوم ٿئي ٿو تہ هو سنڌ ۽ هند کي جدا جدا ملڪ سمجهي ٿو. سندس اهي شعر جن ۾ لفظ "سند" ۽ "سندي" آيا آهن، هيٺ ڏجن ٿا:

از پـارسـي و تـازي واز هـنـدي واز تـرک
وز سـنـدي و رومي وز عـبـري همـه يکسـر (۳۳)

و پيـغـمـبـر يکسـر مـشـرق گـشت و فـراد
ز ترک رومي و هـنـدي و سـنـدي گـيـلي وديلم (۳۴)

بعلم هند سـه سـربسـر کـشـيـدي
سـنـد و هـنـد و اطراف خـراسـان (۳۵)
بسنـد انداخت گـاهـر گـه بمغـرب
چنين هرگـز نـه ديد سـتـم فـلاحن (۳٦)

من همي نازش بـه آل حـيـدر و زهرا کنم
تو همي نازش بسند و هند وبر گـوهر کني
بنده راسند بخـشي پيـشکاري را طراز
کـمـتـري را بر زمين خـاوران مـهـتـر کني. (۳۷)

بخـواهد خـورد مـر پروردگـان خـويش را گـيـتي
نخـواهد رستن از چنگال او سـندي و نـه هندي (۳۸)

چـو فـضـل دين را ز فـضـل خـويش بگفـتي
چـو باشـد فـضـل سـوي او بر هنـدي و سـندي (۳۹)

**مولانا جلال الدين رومي:** سندس والد جو نالو مولانا محمد بن حسين خطيبي هو. سندس نسب جو سلسلو حضرت ابوبڪر صديق سان ملي ٿو. سن ۶۰۴هہ(۱۲۰۷ع) ۾ بلخ ۾ تولد ٿيو. ۵ جمادي الآخر ٦۷۲هہ (۱۲۷۳ع) تي وفات ڪيائين(۴۰).

مولانا روم وڏو عالم، بزرگ ۽ صوفي شاعر ٿي گذريو آهي. سندس مثنوي علم، حڪمت ۽ تصوف جو وڏو

پندار آهي. مثنوي مولانا روم کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ وڏي مقبوليت حاصل آهي، ۽ ڪيترن ئي زبانن ۾ ان جو ترجمو ٿيو آهي. ڪيترن عالمن، دانشورن ۽ شاعرن ان جو اثر قبول ڪيو آهي؛ ۽ ان مان استفادو حاصل ڪيو آهي. حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي به سندس مثنوي کان متاثر آهي ۽ مولانا روم جو نالو پنهنجي شعر ۾ آندو اٿس. علامه اقبال به کانئس بيحد متاثر آهي ۽ کيس پير رومي سڏي ٿو. سنڌ جي وڏي عالم، اديب ۽ شاعر مولانا دين محمد (اديب فيروز شاهي) مثنوي جي ڇهن ئي دفترن جو منظوم سنڌي ترجمو ڪيو آهي.

مثنوي کان سواءِ مولانا روم جو ضخيم ديوان به آهي، جيڪو پنهنجي مرشد حضرت شمس تبريزي ڏانهن منسوب ڪندي ان جو نالو "ديوان شمس تبريز" رکيو اٿس. اهو ديوان به ڇپجي چڪو آهي.

حضرت مولانا روم به پنهنجي شعر ۾ سنڌ ۽ هند جو ذڪر ڪيو آهي، ۽ سنڌ ۽ هند کي جدا جدا ملڪ ڏيکاريو اٿس. اهو شعر هي آهي:

هنديان را اصطلاح هند مدح
سنديان را اصطلاح سند مدح

انهيءَ خوبصورت ۽ معنيٰ آفرين شعر تي هن مقالي جو اختتام ڪجي ٿو. هندستان جي ڪن فارسي شاعرن به سنڌ جو ذڪر ڪيو آهي، پر انهن جو آڻڻ طوالت جو باعث ٿيندو.

## حوالا


(١) شبلي نعماني، مولانا "شعر العجم" حصو اول، نيشنل بوڪ فائونڊيشن، اسلام آباد، ص ٤١- ٤٠

(٢) ديوان، ص ٥٣، بحواله پير حسام الدين راشديءَ، جو مقالو: "ايران ۽ سنڌ جا تعلقات"، سه ماهي نقوش (اردو) لاهور، بابت آڪٽوبر - ڊسمبر ١٩٦٦ع، حواشي/ "مهراڻ"

(٣) شعر العجم، جلد اول، ص ٥٤- ٥٣.

(٤) ديوان، س - ١١، بحواله مقالو: "ايران ۽ سنڌ جا تعلقات"، حواشي.

(٥) ديوان، ص ٧٣.

(٦) ديوان، ص ١١١.

(٧) ديوان، ص ١١٢.

(٨) شعر العجم، جلد اول، ص ٦٩.

(٩) ديوان، ص ٥٣.

(١٠) ديوان، ص ٧٣.

(١١) ديوان، ص ٢٢.

(١٢) ديوان، ص ٢٦٣.

(١٣) محمود شيراني، حافظ: "مقالات شيراني"، (مقالو: ايران کا زنده جاويد شاعر، فردوسي) ڪتاب منزل لاهور، ص ١٢٦- ١٢٥.

(١٤) "شعر العجم" جلد اول، ص ٨٢.

(١٥) "مقالات شيراني، ص ١٣٠، ١٣٣ ۽ ١٤٣.

(١٦) ايضاً، ص ١٣٨.

(١٧) ايضاً ١٣١.
(١٨) "اردو دائرهٔ معارفِ اسلاميہ" ، جلد ٥ (مقالو: بهرام) پنجاب يونيورسٽي لاهور، (سال١٩٧١ع) ص ١٢٢.
(١٩) ايضاً.
(٢٠) "شاهنامہ فردوسي" ڇپائيندڙ: سيد زين العابدين ناصر ڪتب شيراز، ڇپيل: بمبئي، سال ١٣١٠هہ: ص ٤٣١.
(٢١) شاهنامہ بمبئي ڇاپي ۾ "چغران" آيو آهي. محمد علي اسلامي ندونش دانشگاهہ ايران، پنهنجي فارسي ۾ لکيل مقالي "سند در شاهنامہ" ، پڙهيل: بين الاقوامي ڪانفرنس "سنڌ ـ صدين دوران" (٤ کان ٦ مارچ ١٩٧٥ع) ۾ ان جي بدران لفظ "حلوان" آندو آهي.
(٢٢) شاهنامہ بمبئي ڇاپو، ص ٣٦٠. ۽ محمد علي جو مقالو: "سند در شاهنامہ"
(٢٣)شاهنامہ، بمبئي ڇاپو، ص ٢٨ ۽"سند در شاهنامہ"
(٢٤) شاهنامہ ۽ "سند در شاهنامہ"
(٢٥) شاهنامہ، ص ٣٤٩ ۽"سند در شاهنامہ"
(٢٦) ديوان، ص ١٧٤، بحوالہ مقالو: "ايران ۽ سنڌ جا تعلقات"
(٢٧) مقالو: "ايران ۽ سنڌ جا تعلقات"
(٢٨) ايضاً.
(٢٩) ديوان مسعود سعد سلمان، ڇاپو ٻيو، انتشارات گلشائي، تهران، ١٣٦٣، پيش گفتار: ناصرهيري، ص ٣٣ کان ٤٢.
(٣٠) ديوان مسعود سعد سلمان، ص ٤٣٧.
(٣١) ديوان، ص ١٣٩ بحوالہ "ايران ۽ سنڌ جا تعلقات."
(٣٢) ديوان ناصر خسرو، مرتب: آقائي تقي زاده، مقدمو، ص ١٢ ۽ ٥٠.
(٣٣) ايضاً، ص ١٧٤.
(٣٤) ايضاً، ص ٢٦٩.
(٣٥) ايضاً، ص ٣١٣.
(٣٦) ايضاً، ٣٧١.
(٣٧) ايضاً، ص ٤٣٣.
(٣٨) ايضاً، ص ٤٩٣.
(٣٩) ايضاً، ص ٤٩٤.
(٤٠) مولانا جلال الدين رومي: "ديوان عامل شمس تبريزي" مقدمہ: بديع الزمان فروزانفر، ڇاپو پنجون، انتشارات جاويدان، ١٣٦٠، مقدمو.

غلام محمد لاکو

# سمن جي دور جي علمي ۽ سرڪاري ٻولي

[پندرنهن سال اڳ هي مقالو ادب جي هڪ مشهور سنڌي رسالي ۾ ڇپجي نه سگهيو. بعد ۾ منهنجي دوست ڊاڪٽر سعيد احمد خانزادي ان کي اردو زبان ۾ ترجمو ڪيو ۽ منهنجي مهربان ۽ سنڌ جي نامور اسڪالر سائين حسام الدين راشدي مرحوم ان کي پسند ڪري، ذاتي دلچسپي وٺي تماهي "اردو" (۱۹۸۱/۲ع) ۾ شايع ڪرائي ڏنو. هاڻي جزوي واڌارن سان هي مقالو سنڌي پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪجي ٿو. غ.م.ل]

سنڌ جي لساني تاريخ جو اڀياس ڪندي اسان کي ڪافي اهڙيون ٻوليون ملن ٿيون، جن کي اتماس جي مختلف دورن ۾ هن ملڪ تي سرڪاري ۽ مذهبي حيثيت ۾، صدين تائين حاوي رهڻ جو موقعو مليو. اسلام کان اڳ پهريائين سنسڪرت، پالي يا پراڪرت ٻولين ۽ ان کان پوءِ عربي توڙي فارسيءَ کي هڪ ڊگهي عرصي تائين سنڌ تي علمي، سرڪاري، ادبي ۽ ثقافتي طور تي بالادستي حاصل ٿي. هن قسم جي مطالعي مان اسان کي لساني، ادبي، سياسي ۽ تمدني حوالي سان گهڻو مواد ملي سگهي ٿو. هن عنوان جي اڀياس جي اهميت ۽ ان کي اجاگر ڪرڻ لاءِ ڪهڙن ذريعن کان ڪم وٺجي، ان جو تفصيلي ذڪر هيٺ ڪيو ويندو.

عربن کان پوءِ سومرن سنڌ تي ٽن صدين کان به وڌيڪ عرصو راڄ ڪيو. بعد ۾ سمن ۱۳۵۰ع کان وٺي ۱۵۲۰ع تائين نهايت شان ۽ شوڪت سان بادشاهي ڪئي. هن مقالي ۾ اسين سمن جي دور جي علمي ۽ سرڪاري زبان جو اڀياس ڪنداسين. مقالي کي پنجن مکيه حصن ۾ تقسيم ڪري، عنوان کي نباهڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي.

### ۱ـ مطالعي جي اهميت

هن نوعيت جي اڀياس جي اهميت کي اجاگر ڪندي، اسين اڳتي وڌنداسين.

(۱) سنڌ جي علمي ۽ سرڪاري ٻولين جي اڀياس لاءِ سڀ کان اول جنهن ڳالهه جي بنيادي ضرورت ٿيندي، اهو آهي تاريخي، تمدني ۽ سياسي بنيادن تي جدا جدا زمانن (Epoches)، ۽ دورن (Periods) جو درست ڪاٿو ڪرڻ. منهنجي خيال ۾ هن قسم جي اڀياس لاءِ سنڌ جي تاريخ کي هيٺ ڄاڻايل اهم گروپن ۾ تقسيم ڪرڻو پوندو:

(الف) سنڌو تهذيب جو دور. ـــ ۱۵۰۰ق.م. تائين.

(ب) روايتي تاريخ کان وٺي راجا ڏاهر جي شڪست تائين. ـــ ۱۵۰۰ق.م. کان وٺي سن ۷۱۲ع تائين.

(ج) عربن کان وٺي ٽالپرن جي زوال تائين. ـــ ۷۱۲ع کان وٺي ۱۸۴۳ع تائين.

(د) انگريزن کان موجوده دور تائين. ـــ ۱۸۴۳ع کان وٺي.....

(۲) اهڙي اڀياس لاءِ ذهن جو صاف هجڻ ضروري آهي. ان کان علاوه سائنسي سوچ ۽ حقيقت پسندي به لازم آهي. ڪنهن به بي بنياد نظريي، مذهبي جنون ۽ توهم پرستيءَ کان هٽي ڪري اهڙو اڀياس ڪرڻ گهرجي. بي صورت ۾ عنوان جي اهميت ۽ افاديت ختم ٿي ويندي.

(۳) اهڙو اڀياس سنڌ جي حقيقي زبان يعني سنڌي ٻوليءَ جي "اصليت" (Origin)، ماضيءَ ۾ سنڌي زبان سان ڪيل سردمهريءَ واري ورتاءَ، ان تي ٻين ٻولين جي حقيقي اثر ۽ ان سان گڏ سنڌي زبان جي مستقبل جاچڻ لاءِ مفيد ثابت ٿيندو.

انجمن ترقی اردو پاکستان

اردو روڈ۔ کراچی ۱

شمار ــــــــــ

تاریخ ۲/۴/ ۱۹۸۱ء

ٹیلیفون : صدر دفتر : ۲۱۶۱۳۴ — انجمن پریس : ۶۰۳۱۲

مخدومی و مکرمی السلام علیکم

ذریعہ ڈاک سے آپ کا مرسلہ ایک معروف مضمون جناب [illegible] موصول ہوا۔

کرم فرمائی کا شکریہ۔ مضمون کتابت کے لیے دے دیا جائے گا اور رسالہ اردو

کے سہ ماہی شمارہ اپریل/جون میں شامل ہوگا۔ امید ہے مزاج گرامی بخیر

ہوں گے۔ والسلام [illegible]

شبیر علی

جناب سید حسام الدین راشدی صاحب

۷۰۔ ... کراچی۔ 816

[illegible]

12/4/81

حسام الدین راشدی

(۴) هي اڀياس نہ صرف سنڌ جي ادبي تاريخ لاءِ ضروري آهي، بلڪ سنڌي ادب جي تاريخ ۽ هن ملڪ جي صحيح سياسي تاريخ جي مطالعي لاءِ بہ مددگار ثابت ٿيندو.

(۵) هن مطالعي مان سنڌي زبان جي قديم رسم الخط ۽ الف-ب جي باري ۾ نوس ۽ حقيقت تي مبني معلومات حاصل ڪرڻ ۾ ڪاميابي ٿيندي. ٻي صورت ۾ اسين ڏُکي بازيءَ کان اڳتي نہ وڌي سگهنداسين.

(٦) اهڙو اڀياس سنڌ جي تعليمي تاريخ جي لاءِ نوس مواد مهيا ڪندو. ان کان علاوه هي بہ معلوم ٿيندو نہ مختلف دورن ۾ هتي ڪهڙي ٻولي تعليم جو ذريعو رهي ۽ سنڌي ٻولي ڪڏهن هي درجو حاصل ڪيو.

(۷) هن مقالي ۾ سمن جي سلطنت واري عرصي جي علمي ۽ سرڪاري زبان جي ڳولا ڪئي ويندي ۽ پڻ هي بہ معلوم ڪبو تہ هن دور جي خاتمي وقت، سنڌ ۾ ڪهڙي ٻوليءَ هي اعزاز حاصل ڪيو؟

(۸) هن دور جي مختلف ٻولين جي لٽريچر، موجود مواد ۽ ڪتبن کان علاوه ملڪي سياسي حالتن توڙي خارجي ۽ اندروني ڇڪتاڻ کي نظر ۾ رکندي، عنوان جو حق ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي.

## ۲- سمن جي سلطنت جو هڪ جائزو

هن موضوع کي جدا جدا حصن ۾ تقسيم ڪري بحث هيٺ آڻبو.

(۱-۲) پس منظر:-

سنڌ ۾ عربن جي حڪومت جو زوال ۴۰۱هه/۱۰۱۰ع ذاري ٿيو (۱). ان کان پوءِ سنڌ جي هڪ مقامي قبيلي "سومرن" پنهنجي خود مختيار حڪومت قائم ڪئي. جيتوڻيڪ غزنوي، غوري، غلام، خلجي ۽ تغلق حاڪمن پنهنجي توسيع پسند پاليسيءَ هيٺ، سنڌ کي لاڳيتو حملن ۽ لُٽ مار جو نشانو بنايو، ان جي باوجود سومرا حڪمران ٽن صدين کان بہ وڌيڪ برسراقتدار رهندا آيا. دودي جي شهادت سان هن خاندان جو زوال شروع ٿي ويو. هڪ طرف سومرن جي پنهنجي اميرن سان دشمني ۽ بغض ۽ ٻئي طرف همير پٽ دودي جي دهليءَ جي مرڪزي حڪومت سان وفاداري، اهڙا سبب هئا جنهن ڪري وري هڪ ٻئي مقامي قبيلي کي حڪومت ڪرڻ جو موقعو ملي ويو.

۷۳۴هه/۱۳۳۳ع ۾ سمات قبيلن جام فيروزالدين انڙ جي قيادت ۾ سيوهڻ جي صوبيدار کي قتل ڪري بغاوت جو اعلان ڪري ڇڏيو(۲). آخرڪار ۷۵۰هه/۱۳۵۱ع ۾ جام انڙ سمن جي سلطنت جو بنياد وڌو. سومرن پڇي وڃي ٿر جي علائقي ۾ پناهہ ورتي، جتي وري بہ ڪيئي سال حڪومت ڪيائون. ڪل ارڙهن سمن جامن نهايت آزادي ۽ شان شوڪت سان راڄ ڪيو. جام فيروز جي دور ۾ ۹۲۷هه/۱۵۲۰ع تي، شاهہ بيگ ارغون ۽ دولهہ درياخان جي وچ ۾ لڙائي لڳي. درياخان جي شهادت سان سمن جي حاڪميت ختم ٿي ويئي.

(۲-۲) سمن حڪمرانن جي فهرست:-

(۱) فيروزالدين شاهہ جام انڙ اول.

(۲) الف- صدرالدين شاهہ جام بابينو ثاني.

ب- علاؤالدين جام جوڻو اول.

(۳) الف- رڪن الدين شاهہ جام تماچي.

ب- خيرالدين جام توڳاچي.

(۴) علاؤالدين جام جوڻو (ٻيو پيرو).

(۵) رڪن‌الدين شاھ جام تماچي (ٻيو ڀيرو).
(٦) سلطان صلاح الدين شاھ جام انڙ ثاني.
(٧) جام نظام‌الدين اول.
(٨) جام علي شير.
(٩) جام ڪرن.
(١٠) صدرالدين جام سڪندر اول.
(١١) جام فتح خان.
(١٢) جام تغلق شاھ جوڻو ثاني.
(١٣) جام مبارڪ.
(١٤) سڪندر شاھ ثاني جام محمد عرف جام انڙ.
(١۵) صدرالدين شاھ جام سنجر عرف راءِ ڏنو.
(١٦) سلطان نظام‌الدين ثاني عرف جام نندو.
(١٧) ناصرالدين ابوالفتح سلطان فيروز ثاني.
(١٨) سلطان صلاح الدين شاھ.
(١٩) سلطان فيروز ثاني (ٻيو ڀيرو) (٣).

(٣_٢) سياسي مطالعو:_

جام فيروز انڙ ٽي سال حڪومت ڪرڻ کان پوءِ فوت ٿي ويو. ان کان پوءِ جام ٻابينو ۽ جام جوڻو گڏجي حڪومت ڪرڻ لڳا. محمد تغلق ٺٽي تي حملہ آور ٿيو، پر ان جي تڪميل کان اڳ ئي رستي ۾ فوت ٿي ويو. وري فيروز تغلق ٺٽي تي ڪاھ ڪئي ليڪن ناڪام ٿي گجرات هليو ويو، ۽ هڪ سال جي فوجي تياريءَ کان پوءِ ٺٽي تي حملي آور ٿيو. جنگ ۾ ناڪام ٿي جامن سان صلح خاطر اچ جي مخدوم جهانيان جي مدد ورتائين. ان بعد سنڌ تي جام تماچي ۽ جام توگاچي (طغاچي) گڏجي حڪومت ڪرڻ لڳا. ملڪ تي سالانہ ڏن مقرر ٿيو. صلح موجب جام ٻابينو ۽ جام جوڻو دهليءَ جي مرڪز ۾ رهڻ لڳا. ڪجهہ وقت کان پوءِ جام تماچيءَ خراج ڏيڻ بند ڪيو ۽ خود مختياريءَ جو احساس ڏيارڻ شروع ڪيائين. ان پس منظر ۾ فيروز تغلق نوان حڪم جاري ڪيا. جام جوڻو سنڌ جو نئون حاڪم مقرر ٿيو، جنهن جام تماچيءَ کي گرفتار ڪري هندستان موڪلي ڇڏيو. جوڻي هن ڀيري دهليءَ جي حڪومت جي هر هدايت جي پوئواري ڪئي. سندس هي روش عام ماڻهن کي پسند نہ آئي. سنڌ جا صوفي پڻ جوڻي جي پاليسين مان خوش نہ هئا. تغلقن جي زوال وقت جام تماچي سنڌ موٽي آيو ۽ سمن جي خودمختيار بادشاهت جو اعلان ڪيائين. (هي اهوئي تماچي آهي جنهن نوري نماڻيءَ سان نينهن ڪيو). جام تماچيءَ کانپوءِ سندس پٽ جام صلاح الدين سنڌ جو بادشاھ بڻيو. سندس دور ۾ امير تيمور جي لشڪر سنڌ تي حملو ڪيو، ليڪن ابوالغيث بڪريءَ جي سفارش سان هي ملڪ وڏي رتوڇاڻ کان محفوظ رهجي ويو. جام صلاح الدين کان پوءِ جام نندي تائين، سمن جامن نهايت اطمينان ۽ سڪون سان حڪومت ڪئي. جام نندي سنڌ تي ايڪيتاليهہ سال پوري آزاديءَ سان حڪم هلايو. سندس دور حڪومت ۾ ارغونن ٨٩٢ھ ۾ سنڌ جي سبي شهر تي قبضو ڪيو. ٨٩۵ھ ۾ سنڌ جي لشڪر وري هن شهر تي قبضو حاصل ڪري ورتو. سمن جامن جو آخري دور حڪومت اندروني خلفشار ۾ گذريو. آخرڪار ٩٢٧ھ/ ١۵٢٠ع ۾ ساموئيءَ جي ميدان تي، شاھ بيگ ارغون ۽ درياخان جي وچ ۾ زبردست جنگ لڳي. ارغونن

درياخان کي ڏوکي سان قتل ڪيو. ان طرح سنڌ جي لشڪر کي شڪست ملي. ان کان پوءِ هن ملڪ تي ارغونن جو راڄ شروع ٿيو. ارغونن فتح کان پوءِ ٺٽي ۾ ڦرلٽ ڪئي، ۽ دارالحڪومت ٺٽو پورا ست ڏينهن سڙندو ۽ ٻرندو رهيو. ڪتبخانا تباهه ڪيا ويا. نون حاڪمن بي انداز دولت گڏ ڪري، شهر کي تاراج ڪرڻ جي پوري پوري ڪوشش ڪئي.

## ٣ـ ماضي ۽ حال جو علمي ۽ انتظامي جائزو

هن عنوان هيٺ اسين سنڌ ۾ عربن، سومرن ۽ سمن ڄامن جي دورن جو مختصر مگر نوس علمي ۽ انتظامي جائزو وٺنداسين.

(٣ـ١) سنڌ ۽ هند ۾ سومرن جي دور حڪومت جو علمي جائزو:ـ

سنڌ ۾ عربي زبان کي علمي ۽ سرڪاري اعزاز، عربن جي حڪومت جي دؤر ۾ مليو. جڏهن محمود غزنويءَ "منصوره" شهر کي تاراج ڪيو، تڏهن هتي سومرن جو راڄ قائم هو. ننڍي کنڊ ۾ سڀ کان اول غزنوين، فارسي ٻوليءَ کي سرڪاري اعزاز ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي (٤). حقيقت ۾ سندن هي ڪوشش مذهبي جنون ۽ سياسي مخالفت جي ڪري ناڪام ٿي. ڪجهه وقت کان پوءِ دهلي، لاهور، ملتان ۽ اُچ فارسي علم توڙي ادب جا مرڪز بڻيا. قباچه جو دور حڪومت (١٢٠٦ـ١٢٢٨ع) هن حوالي سان وڏي اهميت رکي ٿو. اُچ ۾ باقاعده شعروشاعري ۽ تصنيف و تاليف ٿي. اروڙ ۽ بکر ۾ علي بن حامد ڪوفيءَ "چچ نامو" فارسي زبان ۾ تيار ڪيو، ۽ ان کي وزير عين‌الملڪ جي نالي منسوب ڪيو. هي اهوئي دور آهي جڏهن مرڪزي ايشيا، خراسان ۽ ايران مان فارسي علم ادب جا ڄاڻو ۽ شاعر وڏي تعداد ۾ سنڌ سميت برصغير جي مختلف علائقن ۾ پهچي رهيا هئا. ان پس منظر ۾ سنڌ کان ٻاهر، خاص ڪري فارسي ٻوليءَ جي اعزاز ۽ اهميت جو اندازو ڪري سگهجي ٿو (٥). زماني جو هي دستور آهي ته جنهن شيءِ کي جيترو مسلط ڪبو، ان لاءِ اوتري ئي نفرت پيدا ٿيندي ٿي. تاريخ شاهد آهي ته فارسي زبان جي حق ۾ ٿيندڙ هر ڪوشش کي سومرن حاڪمن رد ڪيو. سرڪاري توڙي علمي زبان جو اعزاز بدستور عربي ٻوليءَ کي حاصل رهيو(٦).

(٣ـ٢) ٻاهران نافذ ٿيندڙ ٻولي:ـ

مٿي ٻڌايو ويو آهي ته غزنوين جي حملي وقت سنڌ جي سرڪاري زبان ڪهڙي هئي ۽ انهن سنڌ تي ڪهڙي ٻولي مسلط ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ اها ڇو ناڪام ٿي؟ بهرحال، دهلي ۽ غزنيءَ مان جو ڪجهه ٿي رهيو هو، ان کي مذهبي رنگ ڏنو ويو. سمن حاڪمن خود مختياري حاصل ڪندي ئي ان کي غير مذهبي مسئلو سمجهي رد ڪري ڇڏيو. سندن حڪومتي دور جي شروع ۾ لڳل ڪجهه فارسي ڪتبا مليا آهن (٧)، جن مان معلوم ٿئي ٿو ته ڪيئن نه دهلي سرڪار، سنڌ ۾ فارسيءَ کي رائج ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. انهن مان هڪ ڪتبو (٧٥٧هه) سيوهڻ ۾ لعل شهباز قلندر جي مقبري تي نصب ٿيل آهي. هڪ وڏيڪ ڪتبو (٧٨٢هه) گجي ۾ شيخ ترابيءَ جي مزار تي لڳل هو. دهلي سرڪار جي پاليسيءَ تحت هي ڪتبو ڄام جوڻي هڻايو هو، جو ان وقت سنڌ ۾ به فارسيءَ کي رائج ڪيو پئي ويو. شيخ ترابيءَ جي مزار وارو ڪتبو، هن وقت سنڌ عجائب گھر حيدرآباد ۾ رکيل آهي. فيروز تغلق جي دور جا سيوهڻ ۾ به وڏيڪ ڪتبا پڻ مليا آهن.

تغلقن آزاديءَ جي تحريڪ کي ختم ڪرڻ لاءِ مختلف تدبيرون اختيار ڪيون. سنڌ تي خراج لاڳو ڪيو ويو. حريت پرستن کي هجرت تي مجبور ڪيو ويو. هنن ملڪ تي فارسي ٻوليءَ کي مڙهڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي. سمن ڄامن جڏهن غلاميءَ جي هر آزمائش کي صبر سان پار ڪيو. ته ظاهر آهي ته انهن دهليءَ جي اڪثر علامتن کي ختم

ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي هوندي.

(۳_۳) سمن جي دور جا سڪا:_

ڪنهن به دور جي سرڪاري ۽ علمي زبان جي تلاش ۾ بين ڳالهين کان علاوه متعلقه حڪومت يا ان دور جا سِڪا بيحد مددگار ثابت ٿين ٿا. ارمان آهي ته سنڌ جي سڪن جي باري ۾ اجا ڪو نوس ڪم نه ٿيو آهي. هباري عربن سنڌ ۾ پنهنجو سڪو چالو ڪيو. سومرن جي دور جي سڪن بابت به ڪا معلومات ميسر ڪانهي. سمن جي دور ۾ دهلي، گولڪنڊي، گجرات ۽ تيموري سڪن جو، سنڌ ۾ رائج هجڻ جو ڏس پتو پيو آهي (۸). سمن ڄامن جو پنهنجو سڪو به چالو ٿيو. ممڪن آهي ته ان وقت جي سنڌي سڪي کي درهم چيو ويندو هجي، جيئن ماموئي درويشن جي اڳڪٿين ۾ حوالي ملي ٿو. بنهه تازي دور ۾ ڄام ننڊي ۽ ڄام فيروز (آخري به بادشاهه) جا سڪا دستياب ٿيا آهن. انهن تي نالا وغيره به عربيءَ ۾ لکيل آهن، جن مان ظاهر ٿئي ٿو ته ان وقت هي ٻولي لکپڙهه جي ڪم ايندي هئي (۹).

## ۴_ ٽن ٻولين جو اتهاسڪ ۽ ساهتڪ مطالعو

هن عنوان هيٺ اسين عربي، فارسي ۽ سنڌي ٻولين جي واڌاري توڙي ان وقت تائين سنڌ ۾ هنن ٻولين ۾ پيدا ٿيل لٽريچر بابت گفتگو ڪنداسين.

(۱_۴) عربي زبان ۽ ادب:_

عربن ۽ سنڌين جا تاريخي لاڳاپا اسلام کان اڳ به قائم ڏسجن ٿا. انڪري عربي زبان سنڌي ماڻهن لاءِ اوپري نه هئي. جڏهن هتي عربن جي حڪومت قائم ٿي، تڏهن عربي ٻوليءَ کي علمي ۽ سرڪاري اعزاز ڏنو ويو. سڀ کان وڏي ڳالهه ته عربي زبان مذهبي ٻولي پڻ هئي، ڇو ته قرآن مجيد پڻ هن زبان ۾ نازل ٿيو هو. هن ٻٽي اهميت سبب جڏهن سنڌ تي سومرن جي حاڪميت قائم ٿي، تڏهن به عربي زبان جي ساڳي اهميت برقرار رهي. عربن کان وٺي سمن حڪمرانن جي آخر تائين، هتي ٿيل تصنيف ۽ تاليف بابت نهايت گهٽ ڄاڻ ملي ٿي. دهلي ۽ غزنيءَ جي بار بار حملن ۽ شهرن جي تاراج ٿيڻ سبب، سنڌ جي امن ۽ آزاديءَ سان گڏ هتي جي علم ۽ ادب جو ڏيئو به گل ٿي ويو.

شاهه بيگ ارغون ٺٽي کي فتح ڪري، هن بين‌الاقوامي شهر کي تاراج ڪرڻ جو حڪم ڏنو، جو پوري هڪ هفتي تائين سڙندو رهيو. بکر جي مقامي ماڻهن کي لڏ پلاڻ تي مجبور ڪيو ويو. سوين علمي ۽ تمدني مرڪز برباد ڪيا ويا. ان حالت ۾ سنڌ جي علم ۽ ادب جو جيڪو حشر ٿيو، ان جو اندازو ڪرڻ بلڪل آسان آهي.

اهوئي سبب آهي جو اڄ تائين اسين سمن جي دور جي هڪ يا ٻن تصنيفن جو پتو لڳائي سگهيا آهيون. اهي ڪتاب عربي زبان ۾ لکيا ويا آهن. هڪ ڪتاب جو نالو "الزبدة" آهي. هي علمي ڪتاب منطق جي موضوع تي عربيءَ ۾ لکيو ويو، جو وري "شمه في الميزان" نالي ڪتاب جي شرح تي مبني آهي. هن ڪتاب جي لکجڻ جو سال ۸۵۷هه/۱۴۵۶ع آهي. هي ڪتاب ڪانياواڙ جي هڪ عالم مولانا علاؤالدين منگلوريءَ، سنڌ جي حاڪم ڄام انڙ عرف ڄام محمد سڪندر شاهه ثانيءَ جي حڪم تي لکيو ۽ ان جي نالي تي ئي منسوب ڪيو. هن ڪتاب جا قلمي نسخا متعدد ڪتبخانن ۾ ملن ٿا (۱۰). ان کان علاوه پير مراد شيرازيءَ جي حياتيءَ بابت حافظ حاجي شيخ محمد حسين صفائي (وفات: ۹۳۱هه)، هڪ ڪتاب "تذکرة المراد" نالي سان لکيو، جو پڻ عربي زبان ۾ آهي(۱۱). هي ڪتاب سمن جي دور جي بنهه پڇاڙيءَ ڌاري لکجڻ ۾ آيو. ، هري بزرگ ڄام فيروز جي وقت ۾ سنڌ ۾ داخل ٿيا. انهن جي اڪثر تصنيف ۽ تاليف پڻ عربي زبان ۾ ڏسجي ٿي. هي تصنيفون سمن جي دور جي علمي زبان جي شهادت

ڏين لاءِ ڪافي آهن ۽ پڻ گڏوگڏ هن زماني جي سرڪاري ٻوليءَ جي تلاش لاءِ به هڪ پختو ثبوت آهن.

(۲_۴) فارسي زبان ۽ ادب:_

جھڙيءَ ريت اسلام کان اڳ سنڌ ۽ عرب جي لاڳاپن سبب هتان جا ماڻهو عربي زبان کان واقف هئا، نيڪ ان طرح سنڌي ماڻهو پنهنجي پاڙيسري ملڪ ايران جي ٻوليءَ کان به آشنا ڏسجن ٿا. مذهبي ۽ علمي ضرورتن جي پورائي لاءِ سنڌ جا ماڻهو عربي ٻولي پڙهندا ۽ سکندا هئا. قوي گمان آهي ته قديم ايامن کان وٺي اهل سنڌ ۽ خاص ڪري واپاري طبقو ايراني ٻولي پڻ سکندو هو. فارسي زبان سومرن جي دور ۾ سرڪاري روپ ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي، ليڪن اها مهم ڪامياب نه ٿي. سمن جي دور ۾ جداگانه طور تي درس ۽ تدريس جا مرڪز وجود ۾ آيا، جتي علم ۽ تعليم جي حاصلات لاءِ عربي زبان مکيه ذريعو هئي. ليڪن سمن جي دور جي آخر تائين ايران ۽ مرڪزي ايشيا مان عالمن ۽ استادن توڙي شاعرن جي اچڻ سان سنڌ ۾ پڻ فارسي ٻوليءَ جون مکيه تصنيفون پهچڻ شروع ٿي ويون. ان ريت هن ملڪ ۾ به فارسي زبان جو چرچو شروع ٿيو. تذڪرن ۾ اثيرالدين ابهري، انوار، مخدوم بلال، شيخ حماد، عبدالعزيز ابهري، عيسيٰ برهانپوري ۽ جام ننڍي جي نالن ۾ ٿورا فارسي شعر مليا آهن (۱۲). ان هوندي به سنڌ جي ڪنهن استاد ۽ عالم جي فارسي تصنيف بابت ڪا ڄاڻ ميسر نه ٿي آهي.

(۳_۴) سنڌي زبان ۽ ادب:_

موجوده دور ۾ سنڌي زبان جي قدامت جي باري ۾ حيرت انگيز طور تي تحقيقي ڪم ٿيو آهي. سراج الحق هن زبان جي ارتقا کي موهن جي دڙي سان منسوب ڪيو آهي. عرب سياحن نه صرف سنڌي زبان جي وجود جي شاهدي ڏني آهي، ليڪن ان سان گڏ رسم الخط جو به ڏس پتو ڏنو آهي. سنڌي ادب جا بنياد سومرن جي دور ۾ پيا. ان ڏس ۾ مختلف رومانوي ۽ عشقيه داستانن مکيه ڪردار ادا ڪيو. حڪمرانن جي ٻولي هجڻ سبب سمن جي دور ۾ معياري سنڌي وچ سنڌ مان نڪري ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچي ويئي. هن دور جو درست سماجي نقشو هڪ ليکڪ هن ريت پيش ڪيو آهي: "اسان کي سچو پچو سنڌي چوائڻ جو حق مليو سو سمن جي حڪومت کان پوءِ ئي مليو. نه ته انهيءَ ۾ وڌو شڪ هو ته اسين عربي ۽ پارسي ادب، پنيان عرب ۽ ايراني سڏجي وڃون ها، ۽ قدرت کي شايد اهوئي منظور هو جو اڄ اسين ڏسون ٿا" (۱۳).

مخدوم احمد ڀٽي، حماد جمالي، نوح هوٿياڻي، اسحاق آهنگر ۽ شيخ ڀرڙ_ هن دور جا نامور سنڌي شاعر ٿي گذريا آهن. هن دور جي شاعري پنهنجي مڪمل ادبي خوبين جي ڪري مشهور آهي.✻ واقعاتي شعر کان وٺي تصوف جي رمزن تائين سنڌي شاعرن پنهنجي شاعريءَ ۾ رنگ ڀريا آهن (۱۴).

## ۵_ سمن جي دور جي علمي ۽ سرڪاري ٻولي

سمن جي دور جي علمي ۽ سرڪاري ٻولي تلاش ڪندي، اسان مٿي مختلف رخن کان بحث ڪري آيا آهيون. عنوان کي ڪنهن منطقي نتيجي تي پهچائڻ لاءِ هيٺ ڪجهه وڌيڪ ذريعن کان مدد ورتي ويندي.

(۱_۵) محققن ۽ عالمن جا رايا:_

هن باري ۾ محققن نه صرف پنهنجي پسند ۽ ناپسند بلڪ پنهنجن نظرين ۽ خيالن کي سامهون رکي راءِ قائم ڪئي آهي.❖

✻ عام طرح قاضي قادن کي به سمن جي دور جو شاعر تسليم ڪيو وڃي ٿو. تاريخي لحاظ سان هي راءِ درست ڪانهي. ڪيس ارغون دؤر جو شاعر سڏڻ وڌيڪ درست ٿيندو.

❖ هن ڏس ۾ گهڻن عالمن پنهنجا ويچار ڏنا آهن. هتي ڪجهه چونڊ اسڪالرن جي راءِ ڏجي. بهرحال اڪثر محققن جو خيال آهي ته فارسيءَ جو سنڌ ۾ سرڪاري عمل دخل ارغونن جي حڪومت کان شروع ٿيو.

محمد صديق ميمڻ: "ارغون حڪومتي دور کان سنڌ جي سرڪاري ۽ دفتري ٻولي فارسي رهي. عالم سڳورا مدرسن ۾ فقط عربي ۽ فارسي ٻولين جي تعليم ڏيندا هئا" (١٥).

*پيرومل مهرچند آڏواڻي:* "سنڌ ۾ فارسيءَ جي ابتدا غزنوي دور حڪومت سان ٿي، ليڪن هتي فارسي تعليم ۽ تدريس ارغونن جي حڪومتي دور ۾ رائج ٿي" (١٦).

*الهه بچايو يار محمد سمون:* "سومرا خاندان کان پوءِ سما حڪومت ۾ آيا. ان وقت ارغونن جي دخل اندازيءَ سبب، فارسي دفتري زبان مقرر ٿي، ان ڪري ماڻهن فارسي سکڻ تي گهڻو ڌيان ڏنو" (١٧).

*ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ:* "سمن جي دور ۾ عربي تعليمي زبان رهي ۽ فارسي ٻولي سرڪاري، دفتري ۽ ڪاروباري سلسلي ۾ استعمال ڪئي ويندي هئي" (١٨).

*ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي:* "هن دور حڪومت ۾ فارسي علمي ۽ سرڪاري ٻولي رهي. فارسيءَ ۾ تصنيف و تاليف جي شروعات ٿي، ۽ سنڌ مان بلند مرتبي جا فارسي شاعر پيدا ٿيا" (١٩).

*ڪريم بخش چنا:* "سمن جي دور ۾ عربي مذهبي ۽ سرڪاري زبان هئي، ليڪن عام ماڻهو سنڌي لکندا ۽ پڙهندا هئا" (٢٠).

*ايم. ايچ. پنهور:* "شايد فارسي سومرن جي حڪومت جي خاتمي سان سنڌ جي سرڪاري زبان بنجي چڪي هئي" (٢١).

ان کان علاوه ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي ۽ عبدالڪريم لغاريءَ پڻ هي راءِ ڏني آهي ته: "ارغونن سنڌ ۾ فارسي ٻوليءَ کي سرڪاري ۽ دفتري زبان مقرر ڪيو هو" (٢٢).

(٢_٥) مختلف ٻولين جا ڪتبا:_

اسين پنهنجي سهوليت خاطر ڪتبن کي ٻه جدا جدا ٻولين جي لحاظ کان اڀياس هيٺ آڻينداسين.

(الف) عربي ڪتبا: سمن جي دور حڪومت ۾ جيڪي ٻه تعميرات سرڪاري سطح تي ٿيون، يا وري اهي عمارتون جيڪي حڪمرانن جي نگرانيءَ ۾ نهي راس ٿيون، انهن سڀني جاين تي يادگار ڪتبا عربي ٻوليءَ ۾ آهن. سمن جامن ۽ ان دور جي مشاهيرن جا اڪثر مقبرا، مدفن گاهه ۽ چوکنڊيون مڪلي ٽڪريءَ جي اترئين چيڙي تي آهن. مير علي شير قانع "مڪلي نامه" نالي مختصر ڪتاب لکيو، جنهن تي موجوده زماني جي مثالي مؤرخ سيد حسام الدين راشديءَ تاريخي واڌارا ڪيا آهن. هن دور جي جن ڪتبن جو هت حوالو ڏبو، يا وري کي اقتباس ڏبا، اهي سڀ راشدي صاحب جي مرتب ڪيل "مڪلي نامه" تان کنيا ويا آهن. انهن مقبرن، چوکنڊين ۽ ديوارن تي نصب ٿيل ڪتبا، عملي طرح سان عربي زبان ۾ ڏسجن ٿا.

مقبرو جام صلاح الدين، مقبرو ملڪ تاج الدين، مقبرو ملڪ راج پال ۽ مدفن گاهه درياخان کان علاوه همشيره ميان فتح خان ۽ جام ننڍي جي شاندار مقبري تي جيڪي ڪتبا لڳل آهن، اهي نوانوي سيڪڙو عربي زبان ۾ آهن. هڪ ٻه سيڪڙو ڪتبن جو فارسي ٻوليءَ ۾ به ڏسجي ٿو (٢٣).

(ب) فارسي ڪتبا: مٿي اسان سنڌ ۾ فارسي ڪتبن جي پس منظر تي مختصر روشني وجهي آيا آهيون. هڪ ڪتبو سيوهڻ ۾ قلندر شهباز جي درگاهه تي لڳل آهي. ان مان صاف ظاهر آهي ته مذڪوره ڪتبو فيروز تغلق جي دور ۾ حڪم تي لڳو هو:

بعهد دولت فيروز شه سلطان دين پرور،
که خاک درگهش سازند شاهان جهان افسر.

تاريخ واريون سٽون هن ريت آهن:

بروز هفتم از ماه رجب مبني شد اين روضه،

بسال هفصد و پنجاه وهفت از هجرت مهتر (٢٤).

ٻيو فارسي ڪتبو گجي جي پرسان شيخ ترابيءَ جي مزار تي لڳل هو، جو هن وقت سنڌ ميوزم حيدرآباد ۾ رکيل آهي. هي ڪتبو جام جوڻي جي ٻئي ڀيري حڪومت ۾ اچڻ وقت لڳو هو. هي ڪتبو ٣ صفر ٧٨٢هه تي نصب ٿيو. ڪجهه سٽون ڏجن ٿيون جن مان تاريخ ظاهر ٿئي ٿي:

بسال هفصد و هشتاد و دو از هجرت احمد،

زعون ايزد ذوالمن والا فضال والاحسان،

بناشد، ثالث ماه صفر، اين روضهٔ ميمون،

بسعي كمترين بندگان موسیٰ بن شهجان.

هن ڪتبي جي شروع وارين سٽن ۾ فيروز تغلق جو نالو چٽو آهي:

بعهد شهريار دهر سلطان داور [كذا]

شه فيروز منصور و مظفر در صف شاهان (٢٥).

هنن ٻن ڪتبن کان علاوه سيوهڻ ۾ ٻه وڌيڪ فارسي ڪتبا پڻ فيروز تغلق جي دور جا يادگار آهن. انهن مان هڪ ڪتبو سيد عليءَ جي مرقد تي آهي، ۽ ٻيو ڪتبو محمد تغلق جي عارضي مدفن گاهه تي لڳل هو. انهن جي اڀياس مان معلوم ٿئي ٿو تہ آزاد سمن ڄامن جو هن ڏس ۾ ڪو بہ عمل دخل نہ هو. اهي ڪتبا دهليءَ جي بادشاهن جي حڪم ۽ پاليسيءَ پٽاندر لڳا هئا.

(ج) سنڌي تحرير ۽ ڪتبا: سنڌي زبان جي قدامت ۽ ان دور جي ادبي سرمايي جو ذڪر مٿي ٿي چڪو آهي. ان کان سواءِ هي بہ ٻڌايو ويو آهي تہ سمن جي دور ۾ ڪنهن نہ معياري سنڌي وچ سنڌ مان نڪري،سڄي سنڌ ۾ پکڙجي رهي هئي. عربي زبان کي هر لحاظ کان هن زماني ۾ فوقيت حاصل رهي. سمن حاڪمن جي مقبرن، قبرن ۽ چوکنڊين تي بہ عربي زبان ۾ ڪتبا لڳل آهن. فارسي ٻولي پاڙيسري ملڪ ايران جي زبان هجڻ ڪري سنڌ ۾ وڌي ۽ ويجهي، ۽ ان ۾ سمن ڄامن جو ڪوبہ ڪردار نہ هو. واپاري ۽ ڪاروباري طبقو خاص ڪري هي ٻولي وڏي شوق سان سکندو هو، ڇو تہ ان وقت تائين فارسي زبان ايران کان نڪري افغانستان، مرڪزي ايشيا ۽ هندستان تائين پهچي چڪي هئي. ارمان آهي تہ قديم سنڌي تحرير جو ڪوبہ نمونو دستياب نہ ٿيو آهي. باوجود ان جي تہ ابن نديم ۽ البيروني جهڙا عالم سنڌي تحرير ۽ رسم الخط جو ذڪر ڪن ٿا. قوي گمان آهي تہ ان دور ۾ سنڌي زبان، عربي رسم الخط جي بجاءِ ديوناگري لپيءَ ۾ لکي ويندي هئي. اهڙو رسم الخط واپاري طبقي وٽ عمل ۾ هو. ويچار صرف ان ڳالهہ جو آهي تہ سمن ڄامن، جيڪي نج نبار سنڌي نسل جا هئا، انهن پڻ پنهنجي مادري ٻوليءَ جي ترقي ۽ واڌاري ۾ ڪا دلچسپي نہ ورتي. يا وري معلومات جي کوٽ سبب، ان ڏس ۾ تاريخ جا صفحا خاموش ڏسجن ٿا (٢٦).

## (٣-٥) سمن جي دور جي علمي ۽ سرڪاري ٻولي:-

هن مقالي ۾ اسان کي سمن جي دور جي علمي، تعليمي ۽ سرڪاري ٻولي ڳولي تاريخ جي هڪ مکيہ باب کي نروار ڪرڻو آهي. عنوان کي نباهڻ لاءِ مختلف رخن کان بحث ٿي چڪو آهي. اچو تہ هاڻي هن بحث کي سميڙي ڪو نتيجو ڪڍون.

(١) تحقيق ۽ تلاش جي راهه ۾ آخري راءِ نه ٿيندي آهي. ممڪن آهي ته اڳوڻي راءِ ورندڙ ڏينهن تي ملندڙ نئين مواد جي روشنيءَ ۾ تبديل ٿي وڃي.

(٢) اسان وٽ اڃا اهڙي قسم جي مطالعي جي اهميت تسليم نه ڪئي وئي آهي. سڀ کان اول محمد صديق ميمڻ هن موضوع تي راهه زني ڪئي. اڪثر لکندڙن هن قسم جو اڀياس ڪندي، سياسي توڙي تاريخي پس منظر کي نظر انداز ڪيو آهي.

(٣) هن دور جي ابتدائي فارسي ڪتبن کي ڏسي هي راءِ قائم ڪئي وئي ته سمن جي دور جي دفتري ٻولي فارسي هئي. اهڙي راءِ ڏيندي ڪتبن جي نصب ٿيڻ جي حقيقي پس منظر تي بلڪل غور نه ڪيو ويو. ٻئي طرف آزاد سمن حاڪمن جي تعميرات تي نوانوي سيڪڙو ڪتبا عربي زبان ۾ آهن.

(٤) قرين قياس آهي ته سمن جي آخري دور تائين سنڌ ۾ فارسي زبان پنهنجا قدم وڌائي چڪي هئي. حاڪمن حالتن جي تقاضا تحت فارسي ٻوليءَ لاءِ به نرم گوشو پيدا ڪيو. اهوئي سبب آهي جو سندن ڪرايل تعميرات تي هڪ به سيڪڙو تحرير فارسي ٻوليءَ ۾ به ڏسجي ٿي. بهرحال هڪ به سيڪڙو فارسي ڪتبن کي ڏسي، هي چئجي ته سمن حاڪمن فارسي ٻوليءَ جي بالادستي قبول ڪري ورتي هئي، اها اهڙي راءِ ٿيندي جو اسين مير علي شير قانع جي "مقالات الشعراء" ۾ هڪ به سيڪڙو عربي اکر ڏسي چئون ته هي ڪتاب عربي ٻوليءَ ۾ لکيل آهي.

(٥) سمن جي دور جي علمي ۽ تعليمي زبان "عربي" رهي. ان ڏس ۾ "الزبدة" جي تحرير هڪ بهترين مثال آهي. هن زماني ۾ عام ادبي ٻولي به "عربي" ڏسجي ٿي. ان جو عمدو مثال شيخ صفائيءَ جي ڪتاب "تذكرة المراد" جي روپ ۾ ملي ٿو.

(٦) ان دور جي تاريخي اڀياس ۽ سمن جامن ۽ تغلقن جي چڪتاڻ کي ذهن ۾ رکڻ سان گڏ خود جام جوڻي ۽ جام تماچيءَ جي جدا جدا سوچ توڙي پاليسين کي ڏسي بنا ڪنهن هٻڪ جي چئي سگهجي ٿو ته سنڌي حاڪم مڪمل آزادي وٺڻ کان پوءِ، غلامي ۽ محڪوميءَ جي هر نشان کي ختم ڪيو هوندو. فارسي بدستور سرڪاري ٻولي رهندي اچي ها ته (علاؤالدين جام جوڻي کان پوءِ)، سمن جي خاتمي تائين سنڌ ۾ هن ٻوليءَ ۾ تصنيف ۽ تاليف جا انبار لڳي وڃن ها. مٿي ڏسي چڪا آهيون ته ذڪر هيٺ دور ۾، سنڌ ۾ فارسيءَ جا ڪي ٿورا شاعر پيدا ٿيا، جن پڻ چند سٽن کان وڌيڪ شعر نه ڇڏيو آهي. انهن مان به اڌ بزرگ ٻاهران آيا، ۽ ڪجهه شاعرن ڏي منسوب شعر تذڪرن ۾ ٻين شاعرن جي نالي ۾ به داخل ڏسجن ٿا.

(٧) ڪجهه عالمن جو رايو آهي ته ٻن صدين کان فارسي ٻولي دهليءَ جي مرڪزي حڪومت جي دفتري ۽ سرڪاري زبان رهندي ٿي آئي، انڪري سمن جي دور جي ابتدا کان هي ٻولي سنڌ ۾ به سرڪاري ٻولي بڻجي وئي هئي. هن ڏس ۾ مفصل بحث اڳ ٿي چڪو آهي. تاريخي طور تي هي خيال درست ڪونهي. ٻن صدين ۾ هندستان ۽ سنڌ ۾ ڪڏهن به مفاهمت پيدا نه ٿي سگهي. سنڌ جي سمن ۽ گجرات جي بادشاهن ۾ بهترين لاڳاپا قائم هئا. گجرات ۾ عربي زبان کي اعليٰ مقام مليل هو. ان ريت سنڌ جي حاڪمن به هن زبان کي اهميت ڏني، جا سندن خاتمي تائين جاري رهي.

(٨) سمن جي پنهنجي سڪي جو مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي، ان تي پڻ تحرير عربي رسمالخط ۾ آهي. سرڪاري زبان جي حوالي سان سڪن جي تحرير به ان دور جي پاليسيءَ کي چٽو ڪري ٿي. هن ڏس ۾ سمن جي تعميرات جو وڌيڪ اڀياس، اڃا به مکيه مدد ۽ رهنمائي ڪري سگهي ٿو.

(۹) مٿيون مطالعو، جائزو، علمي ۽ ادبي ذخيري جو اپياس توڙي مليل ڪتبن جي چنڊڇاڻ هن حقيقت جي تائيد ٿا ڪن ته سمن جي دور جي علمي، تعليمي ۽ سرڪاري زبان "عربي" مقرر رهي. سڪن جو ملڻ به هن ڏس ۾ هڪ نوس ثبوت ٿي پيو آهي. هاڻي هن ڳالهه ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي ته عربن کان وٺي سمن جي زوال تائين پوريون اٺ صديون "عربي" مختلف رخن کان سنڌ ۾ نافذ ۽ غالب رهندي آئي.

(۱۰) ارغونن جي حڪومت قائم ٿيڻ شرط، مدرسن ۽ دفترن توڙي دربار ۾ فارسي زبان کي مڪمل بالادستي حاصل ٿي. ان طرح عربيءَ جي اٺن صدين جي فوقيت ختم ٿي. نون حاڪمن سنڌي ٻوليءَ ڏي نهايت بي رحم رويو اختيار ڪيو. فارسي زبان ارغونن کان ڪري ٽالپرن جي خاتمي تائين، سنڌ جي سرڪاري ٻولي رهي.

## حوالا ۽ حاشيا

(۱) مير علي شير قانع: "تحفة الڪرام"، مرتب: سيد حسام الدين راشدي، (عرب حاڪمن جي لسٽ)، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد ۱۹۷۱ع.

(۲) عمر حسين الخشاب: "ابن بطوطه جو سفر"، مترجم: محمد ابراهيم عباسي، ص ص۱-۱۲، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۷٦ع.

(۳) سمن حاڪمن جي فهرست ۽ دور جي سياسي جائزي لاءِ سيد حسام الدين راشديءَ جي "مڪلي نامه" تان مدد ورتل آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي مرتب ڪيل "تاريخ طاهري" پڻ منهنجي سامهون رهي آهي.

(۴) ڀيرومل مهرچند آڏواڻي: "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ"، ص ۲۱۱ ۽ ص ۲۱۴؛ سنڌي ادبي بورڊ، سال ۱۹۷۲ع.

(۵) مولائي شيدائي: "تاريخ تمدن سنڌ"، حصو ٻيو، باب ٽيون، سنڌ يونيورسٽي پريس حيدرآباد ۱۹۵۹ع.

(٦) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: "سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ"، ص ۵۷، حيدراباد سنڌ، سال ۱۹٦۲ع.

(۷) انهن ڪتبن لاءِ ڏسو: "تاريخ مظهر شاهجهاني"، مرتب: سيد حسام الدين راشدي، ص ص ۲٦۷-۲٦۹؛ ۽ پڻ ڏسجي: "مڪلي نامه" مرتب: سيد حسام الدين راشدي، ص ص ۱۰٦-۱۰۷، ناشر سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سال ۱۹٦۷ع.

- محمد تغلق جي مزار ۽ سيد عليءَ جي مرقد وارا ڪتبا، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڏنا آهن (تاريخ معصومي، اردو، ص ص ۴۱٦-۴۱۹، سنڌي ادبي بورڊ، سال ۱۹۵۹ع.

(۸) مولائي شيدائي: "جنت السنڌ"، ص ۳۷۴، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۵۸ع.

(۹) عبدالله درياهه جو مقالو، ڇپيل رسالو "سنڌي ادب" سنڌالاجي، سال ۱۹۸۰ع.

(۱۰) حوالو (٦)، ص ص ۸۳-۸۵.

(۱۱) شيخ حاجي حسين جي ڪتاب "تذڪرة المراد" کي يا ته نظر انداز ڪيو ويو آهي، يا وري مورخن هي تصنيف ارغونن جي دور جي شمار ڪئي وڃي ٿي. سن ۹۲۷هه ۾ ڄامن جي حڪومت ختم ٿيڻ جي باوجود به ننڍي تي ڄام فيروز جي حاڪميت قائم هئي. شاه بيگ ارغون ۲۲ شعبان ۹۳۰هه تي فوت ٿيو. ان کان پوءِ ارغونن ۽ سمن ۾ تازا معرڪا ٿيا. ان ريت ننڍو به ارغونن جي تسلط هيٺ آيو، جڏهن ته حاجي حسين صفائي ۹۳۱هه ۾ وفات ڪري ويو. ظاهر آهي ته پاڻ هي تذڪرو وفات کان ڪجهه وقت اڳ لکي پورو ڪيو هوندائين.

(۱۲) مير علي شير قانع: "مقالات الشعرا"، مرتب: سيد حسام الدين راشدي، ص ص ۱۰، ۱۵، ۹۱، ۱۵٦،

۴۲۲، ۴۵۷، ۸۱۵، ۸۱٦: سنڌي ادبي بورڊ ۱۹۵۷ع.

(۱۳) الله بچايو يار محمد سمون: "لاڙ جو سير"، ص ۲۳، سنڌي ادبي بورڊ ۱۹۷۱ع.

(۱۴) ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي: "سنڌي ادب جو تاريخي جائزو"، سمن وارو باب، اوائلي ڇاپو، سکر سنڌ.

(۱۵) محمد صديق ميمڻ: "سنڌي جي ادبي تاريخ، برٽش حڪومت کان اڳ"، ص ۵ ۽ ص ۴۲، سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي حيدرآباد ۱۹۳۷ع.

(۱٦) ڀيرومل مهرچند آڏواڻي، حوالو مٿي ڏنل، ص ۲۱۴.

(۱۷) "لاڙ جو سير"، ص ۲۲، سنڌي ادبي بورڊ ۱۹۷۱ع.

(۱۸) "سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ"، ص ۱۳٦.

(۱۹) "سنڌي ادب جو تاريخي جائزو"، ص ۴٦

(20) Sindh Quarterly, P. 47, No, 1; -1977.

(21) Sindh Quarterly, P. 41, No, 3; -1978.

(۲۲) سنڌالاجيءَ جا ڇاپيل ڪتاب: "سنڌيون"، ص ٦؛ ۽ پڻ: "سنڌي الف-ب جي ارتقا"، ص ۴۲.

(۲۳) سيد حسام الدين راشديءَ جا "مڪلي نامه" تي لکيل حاشيا؛ ص ص ۱۱۰، ۱۱۱، ۱۱۲، ۱۲۸، ۱۲۹، ۱۳۰؛ ۽ پڻ ص ص ۷۲۲-۷۳۰.

(۲۴) "تاريخ مظهر شاهجهاني"، مرتب: سيد حسام الدين راشدي، ص ص ۲٦۷-۲٦۹، سنڌي ادبي بورڊ، سال ۱۹٦۲ع.

(۲۵) مڪلي نامه، ص ۱۰٦ ۽ ص ۱۰۷.

-ڪتبي جو درست سال ۷۸۲هه آهي (مڪلي نامه، ص ۱۰٦). جڏهن ته ساڳئي ڪتاب جي صفحي ۱۰۷ تي سن ۸۷۲هه آهي، جيڪا ڇاپي جي غلطي ڏسجي ٿي. هي غلطي پوءِ ٻين لکندڙ به پنهنجي ڪئي آهي. ڪجهه وقت اڳ سنڌ ميوزم حيدرآباد ڏسڻ جو موقعو مليو. هي ڪتبو سمن جي دور جي گئلريءَ ۾ رکيل آهي ۽ وضاحتي پرچيءَ تي، ساڳي ۸۷۲هه واري غلطي دهرائي وئي آهي.

(قلم تازو: هي ڪتبو هن وقت سنڌ ميوزم جي سومرن جي دور واري گئلريءَ ۾ رکيل آهي ۽ ان بابت وضاحتي پرچي پڻ اتان هٽائي وئي آهي).

(۲٦) تعجب آهي ته هن دور جي ايڪڙ ٻيڪڙ سرانڪي ڪتبن بابت معلومات ملي ٿي، جڏهن ته سمن جي پنهنجي مادري ٻولي "سنڌي" جا تحريري دستاويز گم آهن!



شيخ ترابيءَ وارو ڪتبو

ڊاڪٽر عبدالرزاق گهانگهرو

# ڪلهوڙا دور ۾ قرآن پاڪ جا سنڌي ترجما ۽ تفسير

ڪلهوڙن حاڪمن جو دور سنڌ جي تاريخ ۾ علمي ۽ ادبي لحاظ کان سواءِ مذهبي ۽ سياسي نقطه نگاهه کان به اهم دور سمجهيو وڃي ٿو. ڪلهوڙا سنڌ جا اصل باشندا هئا. هو پيري مريديءَ جي جامي مان اسرندي، طاقت وٺي سنڌ جا حاڪم بڻيا، ان ڪري سنڌ جا ماڻهو کين عزت ۽ احترام جي نگاهه سان ڏسندا هئا. هن دور ۾ ٺٽو علمي، ادبي ۽ سياسي لحاظ کان هڪ مشهور شهر هو ۽ صدين کان وٺي تهذيب و تمدن، صنعت و حرفت، تجارت و تعليم جو اهم مرڪز به هو. ڪلهوڙن جي دور ۾ هتان جي عالمن جي هڪ طبقي ۾ هڪ نئين تحريڪ جنم ورتو، جنهن جو مقصد هو ته عربي ۽ فارسي بولين جي بدران اسلامي علمن جو درس "مادري زبان سنڌيءَ" ۾ ڏنو وڃي ته جيئن عام ماڻهن کي اسلامي علمن ۽ فنن کي سمجهڻ ۾ آساني پيدا ٿئي (١). ان تحريڪ کان متاثر ٿي سنڌ جي اڪثر عالمن مادري زبان سنڌيءَ ۾ لکڻ شروع ڪيو. سنڌ جي علمي ۽ ادبي تذڪرن ۾ هن دور سان تعلق رکندڙ عالمن ۽ اديبن جي هڪ وڏي فهرست نظر اچي ٿي، جن مادري زبان ۾ علمي ۽ تحقيقي ڪتاب تصنيف ۽ تاليف ڪيا. اهوئي سبب آهي، جو سنڌي زبان ۾ هن وقت تائين جيڪو به ڪلاسيڪي ادب دستياب ٿيو آهي، سو هن دور جي عالمن ۽ محققن جي محنتن ۽ ڪاوشن جو ثمر آهي. ان ڳالهه جو اعتراف مشهور مستشرق عالم رچرڊ برٽن پنهنجي ڪتاب "سنڌ ۽ سنڌو ماٿر ۾ وسندڙ قومون" ۾ ڪيو آهي. برٽن لکي ٿو ته "جڏهن انگريزن سنڌ ملڪ فتح ڪيو ته ان وقت سنڌ اندر سنڌي زبان ۾ مذهبي ادب ايترو ته هو جو برصغير جي ڪنهن به علائقائي ڏيهي زبان ۾ ڪونه هو." (٢) دراصل برٽن جنهن علمي ۽ ادبي سرمايي جو ذڪر ڪيو آهي، سو ڪلهوڙن جي دور ۾ ئي تصنيف ۽ تاليف ڪيو ويو.

علمي ۽ تحقيقي لحاظ کان هن دور ۾ اسلامي علمن ۽ فنن تي جيڪي ڪتاب تصنيف ۽ تاليف ڪيا ويا، تن جو معيار نهايت بلند نظر اچي ٿو. جيتوڻيڪ اڪثر عالمن اسلامي فقهي مسئلن تي ڪافي علمي ۽ تحقيقي ڪم ڪيو آهي، ليڪن قرآن پاڪ جهڙي الهامي ڪتاب کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ لاءِ پڻ وڏو ڪم ڪيو آهي. ان سلسلي ۾ اسان کي قرآن پاڪ جا ڪافي سنڌي ترجما ۽ تفسير ملن ٿا، جن مان ڪجهه ڇپجي عام ماڻهن تائين رسائي حاصل ڪري چڪا آهن ته ڪي وري اڃان تائين قلمي صورت ۾ ڏيهي توڙي پرڏيهي، سرڪاري خواهه ذاتي ڪتب خانن جي زينت بنيل آهن. اسان هتي هن دور ۾ تصنيف ڪيل قرآن پاڪ جي سنڌي ترجمن ۽ تفسيرن جو ذڪر ڪريون ٿا، جيڪي هن وقت تائين دستياب ٿي سگهيا آهن.

(١) تفسير هاشمي (پارو عم):

سنڌي زبان ۾ قرآن پاڪ جو هيءُ پهريون تفسير آهي، جيڪو اسان کي دستياب ٿي سگهيو آهي. هيءُ قرآن پاڪ جي ٽيهين پاري عم جو ترجمو ۽ تفسير آهي ۽ سنڌ جي نامياري عالم ۽ مفسر مخدوم محمد هاشم ٺٽوي (المتوفي ١١٧٤هه/١٧٦٠ع) جو تصنيف ۽ تاليف ڪيل آهي. مخدوم صاحب هيءُ تفسير ١٧ شعبان ١١٦٢هه/١٧٤٩ع تي لکي پورو ڪيو. هن تفسير جا قلمي نسخا اڄ به سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود ذاتي ۽ خانگي ڪتبخانن ۾ موجود نظر اچن ٿا. ١٣٢٠هه/١٩٠٢ع ۾ پهريون ڀيرو هيءُ تفسير بمبئيءَ جي ڪريمي پريس مان ڇپجي شايع ٿيو ۽ ڊيمي سائيز جي ٥٠٣ صفحن تي مشتمل هو. ڪافي وقت گذرڻ کان پوءِ محمد يوسف نصرپوريءَ انهيءَ ساڳئي تفسير

ڪي موجوده صورتخطيءَ ۾ قرآن پريس حيدرآباد ۽ فردوس پريس حيدرآباد مان الڳ الڳ حصن ۾ شايع ڪرايو. اهو پويون ڇاپو پڻ پهرئين ڇاپي وانگر هن وقت ناياب آهي. ١٩٨٧ع ۾ سنڌ جي قومي اداري سنڌي ادبي بورڊ، تفسير هاشمي جي ڪريمي پريس واري ڇپيل نسخي کي ٻيهر آفسيٽ تي شايع ڪرايو آهي، جنهن جو مهاڳ علامه غلام مصطفيٰ قاسمي لکيو آهي. تازو ١٩٩١ع ۾ سنڌ جي هڪ ٻئي علمي اداري مهراڻ اڪيڊمي هن ساڳئي تفسير کي قديم مروج نظمي سٽاءُ مان موجوده نثر ۾ لکرائي شايع ڪرايو آهي.

(٢) تفسير هاشمي(پارو تبارڪ الذي):

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي ٽيهين پاري عم جي تفسير کان علاوه سندس ٻئي اوڻٽيهين پاري تبارڪ الذي جي تفسير جو ذڪر پڻ سنڌ جي ادبي تاريخن ۽ تذڪرن ۾ ملي ٿو. مرحوم محمد صديق مانر جو چوڻ آهي ته هن تفسير جو هڪ قلمي نسخو لکنو جي ندوة العلما لئبرريءَ ۾ محفوظ آهي.(٣) ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي لکي ٿو ته هيءُ تفسير پڻ بمبئيءَ جي ڪريمي پريس مان شايع ٿيو ۽ ڊيمي سائيز جي ٥٧٠ صفحن تي مشتمل هو ۽ هن وقت ناياب آهي.(٤) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ اوڻٽيهين پاري جي انهيءَ تفسير کان علاوه مخدوم صاحب جي صرف "سورة تبارڪ الذي" جي تفسير جو ذڪر پڻ ڪيو آهي ۽ لکيو آهي ته هيءُ سورة تبارڪ الذي جو تفسير ١٢٩٠ھ/ ١٨٧٣ع ۾ يا ان کان اڳ بمبئي مان ڇپيو هو.(٥) دراصل مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي انهيءَ مذڪوره اوڻٽيهين پاري جي سموري تفسير يا صرف سورة تبارڪ الذي جي تفسير جي باري ۾ وثوق سان ڪجهه چئي نٿو سگهجي: ڇاڪاڻ ته سنڌ جي ڪنهن به ڪتبخاني ۾ انهيءَ تفسير جو ڪوبه ڇاپي يا قلمي نسخو موجود نظر نه ٿو اچي. البت اوڻٽيهين پاري جو هڪ تفسير قلمي صورت ۾ سنڌ جي ڪافي ڪتبخانن ۾ موجود آهي، جيڪو چيو پئي ويو ته مخدوم صاحب جي اوڻٽيهين پاري جو تفسير آهي. راقم ڊاڪٽريٽ جي ٿيسز لکڻ دوران جڏهن مختلف هنڌن تي انهيءَ نسخي جو مطالعو ڪيو ته معلوم ٿيو ته هيءُ تفسير مخدوم صاحب جو نه بلڪ سنڌ جي هڪ ٻئي عالم ميان مهر دل جو تصنيف ڪيل آهي، جيڪو ٽالپرن جي دور جو هڪ بلند مرتبي وارو عالم هو.(٦) بهرحال ندوة العلما لکنو جي ڪتبخاني ۾ محفوظ ڪيل تفسير هاشمي جي اوڻٽيهين پاري واري نسخي تائين رسائي حاصل ڪرڻ کانسواءِ ان باري ۾ ڪابه قطعي راءِ قائم نه ٿي ڪري سگهجي.

(٣) تفسير گرهوڙي:

هيءُ تفسير مخدوم عبدالرحيم گرهوڙيءَ جو تصنيف ڪيل آهي. دراصل مخدوم گرهوڙي "تفسير گرهوڙيءَ" جي نالي سان ڪوبه تفسير ڪونه لکيو آهي، ليڪن پاڻ پنهنجي سنڌي ڪلام ۾ "حقيقت محمدي" کي بيان ڪرڻ کان پوءِ قرآن پاڪ جي چند سورتن جهڙوڪ الفاتح، الاخلاص، الڪوثر ۽ آيت تبارڪ الذي بيده الملڪ جو مفصل صوفيانه تفسير بيان ڪيو آهي. ان ڪري اسان انهن چند صورتن جي بيان ڪيل تفسير کي پڙهندڙن جي سهوليت لاءِ "تفسير گرهوڙي" جو نالو ڏنو آهي.

مخدوم عبدالرحيم جو هيءُ تفسير جيتوڻيڪ مختصر آهي، ليڪن پنهنجيءَ جاءِ تي هڪ بيش بها املهه خزانو آهي. سنڌي زبان ۾ جيڪي به قديم ديني ڪتاب نظر اچن ٿا، تن ۾ مخدوم گرهوڙيءَ جو هيءُ تفسير ٻارهين صدي هجريءَ جي تفسيرن ۾ اعليٰ مقام رکي ٿو. مشهور جرمن اسڪالر ڊاڪٽر انيمري شمل مخدوم صاحب جي هن تفسير جي باري ۾ لکي ٿي ته " جن ماڻهن قرآن پاڪ جو تفسير صوفيانه طريقي ٔموجب ڪيو آهي، تن مان مخدوم گرهوڙيءَ جو ذڪر خاص طرح سان ڪري سگهجي ٿو. مخدوم صاحب جي سورة الڪوثر جي ڪيل تشريح حضور ﷺ جي صوفيانه خيالن جو شاندار مثال آهي. سندس قرآن پاڪ جي شرح ارڙهين صدي عيسويءَ جي ڪيترن مثالي سنڌي

صوفي شاعرن جي نقط نگاهه سان ملنڙ آهي. (٧)

(۴) تفسير بسم الله:

هيءُ تفسير قلمي صورت ۾ برٽش لئبرري لنڊن ۾ موجود آهي. سمورو تفسير ڊيمي سائيز جي ٢٢ صفحن تي مشتمل آهي. هن تفسير جي نشاندهي سڀ کان پهريائين ڊاڪٽر ڪرسٽافر شيڪل "انڊيا آفيس لئبرريءَ ۾ موجود سنڌي ۽ پنجابي قلمي نسخن جو ڪئٽلاگ" ۾ ڪئي آهي ۽ لکيو آهي ته ڪنهن نامعلوم شاعر بسم الله جي متعلق هي نظم چيو آهي.(٨) تازو راقم انهيءَ مخطوطي جي فوٽو ڪاپي برٽش لئبرريءَ مان گهرائي آهي. جنهن جي مطالعي مان اهو صاف طرح سان معلوم ٿئي ٿو ته هن مخطوطي جو مصنف مخدوم خليفو محمد نئوي آهي. اسان جي خيال ۾ ڊاڪٽر شيڪل هن مخطوطي جي تفصيلي مطالعي کان سواءِ پنهنجي راءِ ظاهر ڪئي آهي. جا صحيح نه آهي. مخطوطي جي آخر ۾ قديم مصنفن وانگر مخدوم خليفي محمد پنهنجو نالو هن طرح ظاهر ڪيو آهي.

آهي تفسير بسم الله جو پڻ وڏو عظيما
ڪير پڄائيندو تنهن کي ڪري تفسيرا
پر ڪارڻ تسلي مؤمنن جي لکيم ڪو قدرا
ته ڪرين حق ۾ هن عاصي جي ڪا ڏٺي لڳ دعا
محمد کي مهر منجهان دعا سڀ ڪجاه
ته ٿئين شفاعت منجهان بسم الله جي ڪو بهرو نصيبا... الخ(٩)

(٥) تفسير سورة الملڪ:

سورة الملڪ جو هيءُ تفسير پڻ مخدوم خليفي محمد نئويءَ جو تصنيف ڪيل آهي ۽ اڃان تائين قلمي صورت ۾ موجود آهي. هن تفسير جو هڪ قلمي نسخو انگريزن جي دور ۾ ڪنهن طرح سنڌ مان لنڊن پهتو ۽ هن وقت برٽش لئبرري لنڊن جي اورينٽل سيڪشن جي زينت بڻيل آهي. تازو راقم انهيءَ تفسير جي فوٽو ڪاپي گهرائي آهي. سمورو تفسير ڊيمي سائيز جي ٦٣ صفحن تي مشتمل آهي. قديم مفسرن وانگر خليفي صاحب تفسير جي تيار ٿيڻ جي تاريخ ۽ سن ٢٧ محرم الحرام ١١٩٣هه/١٧٧٩ع هن طرح ڄاڻايو آهي.

پنو ترجمو تبارڪ جو منجهه مهيني محرما
سن اڪاره سا ترنانوءِ هوءِ ستايهم تاريخا
جيڪو پڙهي هن سنڌي کي سٿي سهد منجهان
سو دعا ڪري محمد کي ڪٿي پني هنٿڙا.... الخ (١٠)

(٦) تفسير آية الڪرسي:

قرآن پاڪ جي سورة االبقره جي آيت ٢٥٥ کي آية الڪرسي چئجي ٿو. هن آيت جو هيءُ تفسير ڪلهوڙا دور جو هڪ منفرد تفسير آهي. هن تفسير جي نشاندهي سڀ کان پهريائين ١٩٠٥ع ۾ بلمهارٽ، برٽش ميوزيم ۾ موجود قلمي ڪتابن بابت ڪئٽلاگ ۾ ڪئي (١١). ان کان پوءِ ڊاڪٽر انيمري شمل پنهنجي ڪتاب Pearls from the Indus ۾ تفصيل سان هن جو ذڪر ڪيو آهي ۽ لکيو آهي ته ڪئپٽن اسٽئڪ کي سنڌ مان جيڪي ناياب قلمي مخطوطا هٿ آيا، تن ۾ هيءُ تفسير به شامل هو.(١٢). تازو ١٩٩٠ع ۾ محترم غلام محمد لاکي برٽش لئبرري لنڊن مان انهيءَ تفسير جي فوٽو ڪاپي گهرائي، ان جو عڪسي ايڊيشن، پاڪستان اسٽڊي سينٽر ڄامشورو جي سهڪار سان شايع ڪرايو آهي ۽ گمان ڏيکاريو آهي ته هن تفسير جو مفسر مخدوم عبدالله نرئي وارو آهي. اسان جي راءِ ۾

هن تفسير جو مفسر مخدوم عبدالله نہ بلڪ سنڌ جو ڪو ٻيو عالم ٿي سگهي ٿو. ڇاڪاڻ تہ هن وقت تائين مخدوم عبدالله نرئي واري جا ڪافي ڪتاب دستياب ٿي چڪا آهن. مخدوم صاحب جي تصنيفات ۾ اها خوبي عام طرح سان واضح آهي تہ پاڻ پنهنجي هرهڪ تصنيف ۾ پنهنجو نالو صاف طور تي ظاهر ڪيو اٿائين. سندس ڪافي تصنيفن ۾ سندس نالو هڪ کان وڌيڪ دفعا نظر اچي ٿو، جڏهن تہ تفسير آية الڪرسي جي هن مخطوطي جي مطالعي جي آڌار تي ڪا قطعي راءِ قائم نہ ٿي ڪري سگهجي. بهرحال اهي سڀ ڳالهيون اجان تحقيق طلب آهن. ممڪن آهي تہ سنڌ جي ڪنهن ڪتبخاني مان هن تفسير جو ڪو ٻيو قلمي نسخو نڪري نروار ٿئي ۽ هن منجهيل سٽ کي سلجهائي وجهي!

(٧) تفسير احسن القصص:

قرآن پاڪ جي سورة "يوسف" جو هيءُ تفسير ڪلهوڙا دور جي ناميارِي عالم ۽ مفسر مخدوم عبدالله نرئي واري جو تصنيف ڪيل آهي. هن تفسير جي باري ۾ سنڌ جي علمي ۽ ادبي تذڪرن ۾ مختلف عالمن جون لکتون ۽ روايتون پڙهي مليون آهن تہ ڪلهوڙن جي دور ۾ مخدوم عبدالله نرئي واري سورة يوسف جو سنڌي ڪلاسيڪي نظم معريٰ ۾ تفسير لکيو هو. ان سلسلي ۾ برٽن سڀ کان پهريائين هنً ڪتاب جي نشاندهي ڪئي ۽ تفسير جو نالو "قصص الانبيا" ڄاڻايو.(١٣) ان کان پوءِ سنڌ جي اڪثر عالمن برٽن جي تقليد ڪندي، پنهنجن تذڪرن ۾ هن تفسير کي "قصص الانبيا" ڪري ڄاڻايو.(١٤) راقم کي هن تفسير جو قلمي مخطوطو ڪنڊياري تعلقي جي مشهور درگاه شيخ احمد جي سجاده نشين محترم محمد حسن قريشي جي ڪتبخاني مان دستياب ٿيو. هي مخطوطو هن وقت ڊاڪٽر قريشي حامد علي جي ڪتبخاني ۾ موجود آهي. هن تفسير جي مطالعي مان واضح ٿئي ٿو تہ هن تفسير جو اصل نالو "تفسير احسن القصص" آهي. مخدوم عبدالله تفسير بيان ڪندي، ٽن جاين تي پنهنجو نالو ڄاڻايو آهي ۽ آخر ۾ قديم مفسرن وانگر تفسير جي تيار ٿيڻ جي تاريخ ٦ رمضان المبارڪ ١١٩٦هه/١٧٨٢ع پڻ لکي آهي. (١٥)

(٨) تفسير سورة يوسف:

قرآن پاڪ جي سورة يوسف جو هيءُ تفسير قلمي صورت ۾ ناميارِي عالم ۽ محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ڪتبخاني جي زينت بڻيل آهي. سنڌي بوليءَ جي بااختيار اداري طرفان "سنڌي صورتخطي ۽ خطاطي" جي عنوان سان هڪ شاندار ڪتاب شايع ٿيو آهي، تنهن ۾ هن تفسير جو عڪس ڏنو ويو آهي. ڊاڪٽر صاحب فهرست ۾ هن تفسير جو جيڪو مختصر تعارف ڏنو آهي، تنهن ۾ اهو ڄاڻايو آهي تہ هن تفسير جو مصنف مخدوم عبدالله نرئي وارو آهي. (١٦) اسان جڏهن انهيءَ مذڪوره تفسير جي عڪس واري عبارت کي مٿي بيان ڪيل سورة يوسف جي تفسير "احسن القصص" (جنهن ۾ واضح طور تي ٽن جاين تي مصنف جو نالو مخدوم عبدالله ڄاڻايو ويو آهي) سان ڀيٽيون ٿا تہ اسان کي هيءُ ٻئي مخطوطا الڳ الڳ معلوم ٿين ٿا ۽ ائين محسوس ٿئي ٿو تہ هن تفسير جومصنف مخدوم عبدالله کان سواءِ ڪو ٻيو عالم آهي، جنهن پنهنجو نالو نہ ڄاڻايو آهي.

(٩) تفسير سورة السجده:

هن تفسير جو قلمي نسخو پڻ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ڪتبخاني جي زينت بڻيل آهي. "سنڌي صورتخطي ۽ خطاطي" ۾ هن تفسير جو جيڪو مختصر تعارف ڏنو ويو آهي، تنهن ۾ مصنف جي باري ۾ ڪا بہ ڄاڻ ڏنل نہ آهي. البت آخري صفحي جي عڪس جي آڌار تي ڪاتب جو نالو محمدي بن مرحوم ميان حيدر عرف آگره ۽ ڪتابت جو سن ١٢٧٢هه/١٨٥٤ع ڄاڻايل آهي.(١٧) تفسير ۾ نظم جو جيڪو انداز اختيار ڪيو ويو آهي، تنهن مان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ هيءُ تفسير ڪلهوڙا دور جي ڪنهن بلند مرتبي واري عالم جو تصنيف ڪيل آهي.

(١٠) تفسير ڪريمي:

هيءُ تفسير مخدوم عبدالڪريم نقشبندي ڪاهي راهو ضلعي نوشهروفيروز واري جو تصنيف ڪيل آهي. انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جي قلمي نسخن ۾ ڪاتب محمد حسين سومري جو ڪتابت ڪيل هڪ مجموعو موجود آهي، جنهن ۾ سورة "يٰسين" ۽ سورة "الدهر" جو تفسير بہ شامل آهي. جيئن تہ انهن ٻنهي مذڪورہ سورتن جي مفسر مخدوم عبدالڪريم پنهنجو نالو واضح طور تي ڄاڻايو آهي، ان ڪري اسان پڙهندڙن جي سهوليت لاءِ انهن سورتن جي تفسير کي "تفسير ڪريمي" جو نالو ڏنو آهي. سنڌالاجي ۾ موجود انهيءَ مخطوطي کان علاوہ انهيءَ تفسير جو هڪ ٻيو قلمي نسخو "الڪبير اڪيڊمي" ڪوٽڙي ڪبير ضلعي نوشهروفيروز جي ڪتبخاني ۾ پڻ موجود آهي، ليڪن ان ۾ صرف سورة "يٰسين" جو تفسير آهي. تازو ١٩٩٠ع ۾ اڪيڊميءَ جي سرپرست مخدوم غوث محمد پيرزادہ گوهر سورة يٰسين جي تفسير کي موجود صورتخطيءَ ۾ ترتيب ڏيئي شايع ڪرايو آهي. بهتر ٿئي ها تہ "سورة الدهر" جي تفسير کي بہ ان ۾ شامل ڪيو وڃي ها.

(١١) تفسير سورة يوسف:

سورة "يوسف" جو هيءُ تفسير قلمي صورت ۾ برٽش لئبرري لنڊن ۾ موجود آهي. ڊاڪٽر شيڪل جي چوڻ مطابق قديم مفسرن وانگر، هن تفسير ۾ ڪٿي بہ مصنف پنهنجو نالو نہ ڄاڻايو آهي (١٨)، البت مرحوم محمد صديق ميمڻ پنهنجي "سنڌ جي ادبي تاريخ" جي آڌار تي گمان ڏيکاريو آهي تہ هيءُ تفسير مخدوم عبدالله عرف ميان موريي جو تصنيف ڪيل آهي. اسان جي راءِ ۾ هيءُ تفسير مٿي بيان ڪيل سورة يوسف جي تفسيرن "تفسير احسن القصص" ۽ ڊاڪٽر بلوچ صاحب واري نسخي کان علاوہ ڪلهوڙا دور جي ڪنهن ٻئي عالم جو تصنيف ڪيل آهي. ڊاڪٽر شيڪل هن تفسير جي شروع ۽ آخر جون جيڪي سٽون پنهنجي ڪئٽلاگ ۾ ڏنيون آهن، سي هن ريت آهن:

ابتدا: شروع ڪريان ٿو قصي کي نالي ذات خدا جلشانہ
جو سائين سڀاجهو سڀ ڪو پڙهي سميع سلطانا
خاتمو: مرشد رحمانا جلشانہ تڪهان ڪلمو
حضرت نبي ڪريم تي سچي سهند منجا (١٩)

ڊاڪٽر بلوچ صاحب واري نسخي جي ابتدا هن طرح ڪيل آهي:

حمد الله تعاليٰ کي جو پاڪ پاتشاهہ
حي قيوم سميع بصير پڻ علي ۽ عظيما
باقي بقا تنهن جي هوندي هميشا ....الخ (٢٠)

تفسير "احسن القصص" جو خاتمو هن طرح ڪيو ويو آهي:

تاپي نالو احسن القصص رکيو اتس ڪني اسما
قادرسا قبول ڪري خاطيءَ خذمتا
اجر ڏياري تهجو من آگا منجهہ عقبيٰ
پن وجہ شوق وجودن ۾ تن احسان سي ان لاءِ
ڏي محبت مؤمنن کي تہ پرنس پرن منجا
۽ ڪرين هن عاصي عاجز جي حق منجهہ دعا. (٢١)

مٿي بيان ڪيل حوالن جي بنياد تي اسان جو گمان غالب ٿئي ٿو تہ برٽش لئبرري لنڊن ۾ موجود سورة

"يوسف" جو هيءَ تفسير. سنڌ ۾ موجود سورة "يوسف" جي تفسيرن کان مختلف آهي. اسان جڏهن ڊاڪٽر شيڪل طرفان مرتب ڪيل ڪئٽلاگ جو مطالعو ڪريون ٿا ته اسان کي ڪافي جاين تي مخطوطن متعلق ناقص معلومات حاصل ٿئي ٿي. مثال طور لئبرريءَ ۾ اسلامي عقائد جي باري ۾ موجود مجموعي ۾ بسم الله جي تفسير جو مصنف نامعلوم ڄاڻايو ويو آهي.(٢٢) اسان جڏهن بسم الله جي انهيءَ مذڪوره نسخي جي فوٽو ڪاپي گهرائي ان جو مطالعو ڪيو ته اهو صاف طرح سان معلوم ٿيو ته هن نسخي جو مصنف مخدوم خليفو محمد نٿوي آهي ( هن تفسير جو ذڪر اسان مٿي ڪري آيا آهيون) ان لحاظ کان اسان ان راءِ جا آهيون ته ڊاڪٽر شيڪل سورة يوسف جي هن تفسير جي مصنف جي باري ۾ جيڪا راءِ قائم ڪئي آهي، سا سرسري مطالعي جي آڌار تي ڏني آهي. ممڪن آهي ته سنڌ جو ڪو عالم سورة يوسف جي انهيءَ تفسير جو گهري نظر سان مطالعو ڪري، هن منجهيل سٽ کي سلجهائي، واضح معلومات فراهم ڪري.

(١٢) قرآن پاڪ مترجم پاره الم:

قرآن پاڪ جي پهرئين پاري "الم" جو هيءُ ترجمو شاهه ولي الله اورينٽل ڪاليج منصوره تعلقو هالا جي ڪتبخاني جي زينت بڻيل آهي. هيءُ قلمي مخطوطو، جنهن جا پهريان ورق گم آهن، سورة بقره جي آيت نمبر سٺين کان وٺي آخر تائين مڪمل پاري جو ترجمو آهي. سمورو نسخو نهايت سهڻي عربي-سنڌي خط نسخ ۾ آهي، جنهن جي هرهڪ صفحي تي سٽن جو تعداد هڪجيترو نه آهي. ترجمي جي آخر ۾ نه ڪتابت جو سن ڏنو ويو آهي ۽ نه وري ئي مترجم جي باري ۾ ڪا ڄاڻ وٺي ڏني آهي. هن وقت تائين ڪلهوڙا دؤر جا جيڪي قرآن پاڪ جا ترجما مليا آهن، تن سان گڏ تفسير پڻ شامل آهي، ليڪن "الم" پاري جو هيءُ ترجمو پنهنجيءَ نوعيت جو خالص ترجمو آهي، جيڪو اسان کي دستياب ٿي سگهيو آهي.

## حوالا، حاشيا ۽ واڌارا


(١) محمد صديق ميمڻ: "سنڌ جي ادبي تاريخ"، جلد اول، آر. ايچ. احمد اينڊ برادرس، حيدرآباد سنڌ، ١٩٧٦ع، ص ١١

(٢) سر رچرڊ برٽن: "سنڌ ۽ سنڌو ماٿر ۾ وسندڙ قومون"، مترجم حنيف صديقي، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، سنڌ، ١٩٧١ع، ص ٧١

(٣) محمد صديق مانڙ: "سنڌالاجي ۾ موجود قلمي نسخن جو تشريحي ڪئٽلاگ"، ١٩٨٠ع، ص ٣٠.

(٤) مخدوم محمد هاشم نٿوي: "تفسير هاشمي"، مهراڻ اڪيڊمي ڪراچي سنڌ، ١٩٩١ع (ڏسو مقدمو از ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ، ص ١٠)

(٥) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ"، پاڪستان اسٽڊي سينٽر ڄامشورو سنڌ، ١٩٩٠ع، ص ٣٩٥.

(٦) هن تفسير جو علمي ۽ تحقيقي جائزو راقم طرفان رسالي مهراڻ نمبر ٢- ٣، ١٩٩١ع ۾ شايع ٿيو.

(7) DR: Annemarie Schimmel: "Pearls from the Indus", Sindhi Adabi Board, Hyderabad, 1986, p 56

(٨) غلام محمد لاکو: "انڊيا آفيس لئبرريءَ ۾ سنڌي قلمي ڪتاب"، رسالو مهراڻ نمبر ٣- ١٩٨٦، ص ٨٩

(٩) مخدوم خليفو محمد نٿوي: "تفسير بسم الله" (قلمي)

(١٠) خليفو مخدوم محمد نٿوي: "تفسير سورة الملڪ" قلمي، ص ٦٣

(١١) غلام محمد لاکو: "برٽش ميوزم ۾ سنڌي قلمي ڪتاب"، رسالو "مهراڻ"، ٣/١٩٨٨ع.

(12) DR: Annemarie Schimmel: "Pearls from the Indus", p-17.

(١٣) سر رچرڊ برٽن: "سنڌ ۽ سنڌ ماٿر ۾ وسندڙ قومون"، ١٩٧١، ص ١٧٨

(١۴) راقم طرفان هن تفسير جو علمي ۽ تحقيقي جائزو رسالي مهراڻ ٢ -١٩٨٩ع ۾ شايع ٿيو.

(١۵) مخدوم عبدالله نرئي وارو: "تفسير احسن القصص" (قلمي) ص ۴٨۴.

(١٦) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: "سنڌي صورتخطي ۽ خطاطي" سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد سنڌ، ١٩٩٢ع، ص ٣١- ٣٢.

(١٧) ڪتاب ايضاً، ص ٧٩ - ٨٠

(١٨) غلام محمد لاکو: "انڊيا آفيس لئبرريءَ ۾ سنڌي قلمي ڪتاب"، رسالو مهراڻ، ٣-١٩٨٦، ص ٨٩

(١٩) ايضاً، ص ٩٣

(٢٠) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: "سنڌي صورتخطي ۽ خطاطي"، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد سنڌ، ١٩٩٢، ص ٧٩- ٨٠.

(٢١) مخدوم عبدالله نرئي وارو: "تفسير احسن القصص"، قلمي، ص ۴٨۴.

(٢٢) غلام محمد لاکو: "انڊيا آفيس لئبرريءَ ۾ موجود سنڌي قلمي ڪتاب"، رسالو مهراڻ ٣ - ١٩٨٦، ص ٨٩.




*Verse in Sindhi*

بسم الله الرحمن الرحيم

پرور پنهجي نام سين، قادر تون ڪيا،
جو خالق مخلوقن (٢) جو، هادي ڪنين لاءِ
صلواتون سرور اتي، جو مولي محبوبا.
جيڪي جدا تنه (٣) ڪنا، سي مرڻي مردودا.
۽ پڻ اصحابن اتي، ۽ مٿي (٤) اولادا،
جي رتا رنگ حبيب جي، آڳي در اڳهيا.
ڪين قدر ڪوثر سور (٥) منجهان ڪجي (٦) بيانا،
ته طالب سڀ تنه کي، رڳهن ربانی راه،
مذهب وڻي محمدي، وڃن وحدت ڏاه؛
پرن پريان جي پيچري (٧)، رسن راڄ رضا.

(١) ا: سنڌي انا اعطينا؛ ج: سنڌي انا اعطينا اري؛ ح: تفسير سورة انا اعطينا؛ ا: تفسير سورة الڪوثر؛ ق: سنڌي انا اعطيناڪ؛ ل: سنڌي تفسير سورة انا اعطينا؛ ب: سورة الڪوثر؛ ن: سنڌي تفسير انا اعطيناڪ. (٢) س: ڪل خلق. (٣) س: انه (٤) س: مٿي انجي (٥) س: سورة ڪوثر (٦) س: ڪريهون (٧) ب ح: پيرتي.

ڪلام گرهوڙي ۾ ڏنل تفسير الڪوثر جي هڪ صفحي جو عڪس

بسمله جوئن وڏو عظيما. ڪير پڄائيندو

پهلي ڪري تفسيرا. پر ڪارڻ تسلي

مؤمنن جي لکئم ڪو قدرا. تکرين

حتم من عاصي جي ڪاڏي لکه دعا.

محمد کي مهر منجا دعا سڀ ڪجاه. ته

نبيس شفاعت منجا بسمله جي ڪو بهرو

نصيبا. جو ر سا نبيس جنتم پڻ لورا

نبيس لقاءِ. ته خليفنکي خيري ايمان

ڪري عطا. پڻ مرن مؤمنن ڪلمو

سارا مرن مؤمن جي ڪلمو ڪهڻ تا

---

تفسير آية بسم الله جو آخري ورق

كري شفاعة قيامت ڏينهن سڀني جي جنة ڏاهه

نيون ترجمو تبارڪ جو هيڪ ماڻهن محمد سان

سڀن اڪ اريسا مرثا نفر هو سڀا يهم تارڪا

ڪٿيو يرڪ هن مشندي ڪري سڀني سڀن منا

مشو دعا ڪري محمد ڪي ڪنو بني هتر ا

مان اڪو سا قبول ڪري موکي منما دعا

ٿين شفاعة منجهان سڀ سُورجي ريشين بضنا

مادر تنارپشت الموت جي و شرا

ـ مسر ن مؤمن جي عملو کهن تا

لا اله الا الله

محمد رسول الله

---

برٽش لئبرري لنڊن ۾ موجود

تفسير سورة الملڪ جي آخري صفحي جو عڪس

بسم الله الرحمن الرحيم

وڏائي تنهِ واحد کي وڏي جني وصفا

ڪندو ڪير تهجي وا ناوا ڪا نا

پڻ هوءِ صلوٰة سڀجي رسول اُتي دائم مداما

جنهنجي الهي اُپري ڪري شمس شعاعُ

هاڻي پڌائي آية الڪرسي جي سنهو سبو رجا

ته قادر مکي قرآن پلي آيت جا

سا آهي آية الڪرسي ريهم ڪشها

منجهس وحدت واحد جي ۽ هيڪراڻي الله

اسمُ اعظمُ انکي لکن تا علما ۽

سو لفظ الله لا اله الا هو سي يا ڏکجاه

۽ ڪن الحي القيوم جو لکئو قولا

اي

---

برٹش ميوزم لنڊن ۾ موجود تفسير آية الڪرسي (سنڌي) جي پهرئين

صفحي جو عڪس.

آمين ثم آمين ثم آمين يا الله جل جلاله

تحقيق شروع ڪيو مون ۾ نسخي هي اعانت الله ڪري

ڪارهين ماه رمضان جي ڏينهن لکيا

منجهه تفسير سورة يوسف جي طرز ايجاز

تاريخ اهم ماهه تنهن ٿيو تماما

اڳي وچين وچ خميس جي ڏينها

تنهن ٿيو پنجم ماه سا سنه ۾ رمضانا

سن ٻن سنهار سوهو بعد هجرتا

ڪارڻ سا اچانو ٿيم ورد تنهن وقتا

تاريخ نالو احسن القصص رکيو اتي لئي اشما

قادر سا قبول ڪري خاصي خدمتا

اجر ڏيارے محمود آڪا منجهه عقبي

پڙهڻ جي شوق ڪو جوڙيم تنا احسان سوا ڪاءِ

ڏي محبت مؤمن کي تنهن پڙهڻ پڙهائڻ منهنجا

۽ ڪريهن هن عاصي عاجز جي حق منجهه دعا

ڪاتب الفقير حقير پر تقصير اضعف عباد الله [illegible]

ساڪن [illegible] تحرير بتاريخ [illegible] ماه [illegible] سنه [illegible]

---

تفسير احسن القصص جي هڪ صفحي جو عڪس،

جنهن ۾ تصنيف جي سال ۽ ان جي نالي کي ڄاڻايو ويو آهي

بسم الله الرحمن الرحيم

سُبحانك لا علم لنا الا ما علّمتنا انك انت العليم الحكيم

حَمدُ الله تعاليٰ کي جو پاڪُ پاتشاهُ

حيُ قيومُ سميعُ بصيرُ ٻي عليُ ۽ عظيما

باقي بقاءِ نهجي هندي هميشاه

ٻيو ٿيندو فاني سڀڪو الا ما شاء الله

ڪل من عليها فانٍ ويبقيٰ وجه ربڪ ذوالجلال والاڪرام

ٻيو ور جاهه اتا

مولو منزه منڌي شريڪ شبيها

ليس كمثله شيءٌ وهو السميع البصير صاحب سبحانها

ٻين هو وا صلوٰة سيد اڳي ۽ ٻين سلاما

ڪنار عرش جي سنجي صبوحا

جا نبي قيامت قائم ٿيي منجهه اسفل ۽ اعليٰ

جو مهدار مرسل ۽ ملڪ زينت ارض سماء

محبوب مقبول مقرب محمد رسول الله

---

تفسير سورة يوسف جي پهرين صفحي جو عڪس
(سنڌي صورتخطي ۾ خطاطيءَ تان ورتل)

حضور حضرة جي ٿيان مقبولا

ثابت رکي ٿا تن سين محبت محبوبا

ٻارهين ٻنهن جي ٻچن سڀ ساها

قاضي عبدالڪريم کي بخش بدي ٻوجها

مهر ماٿر نکي ان جي اهل اولادا

سي مرن ڏو نسٽ اڳا احسانا

جي جيرا هون ڏني ۾ ڪي رسيا دارئا

۽ بخشش مهر جي پاڪي ذهني صحت شفا

مرض لاهيس مهر سين مهربان مولا

هون هميشه دارين سڀني سرها

حرمت حضرت جناب جي محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم

جيڪو ٻيءِ هن تفسير کي مڃيا محسا ·

---

تفسير ڪريمي جي هڪ صفحي جو عڪس،

جنهن ۾ مفسر جو نالو ڄاڻايو ويو آهي.

يَعْمَهُوْنَ تا ترددُ ڪن مُوڳا مُونرا حيرن ۾ پيا

اُولٰئِكَ الَّذِيْنَ اشْتَرَوُا الضَّلٰلَةَ بِالْهُدٰى اُوءِ سِي آهِنِ جن ڪيرو

ڪُمراهي کي سِنْ هِدايتا ڇڏي واٽ سڀئي ڏاءِ منجهالا

فَمَا رَبِحَتْ تِّجَارَتُهُمْ پُوءِ ڪِنهِ سُوْدِي اُنهي جو نه ٿيو مذڪورا

وَمَا كَانُوْا مُهْتَدِيْنَ نه هئا اُوءِ سوا تا سُنهاوا تِن سُودي ڪيا

ٿِيا نه ڪِنهؤ سُودي اُنهي پانا پئن وڏا ڇِيا

تِرا دُنيا ۾ ڪنا رحمت خدا جي ۽ راحتا

هُنْدا منجهه ٿري دوزخ جي منجهه آخرتا

مَثَلُهُمْ حال آن منافقن جو منجهه هنئن اُنهي جيرانا

كَمَثَلِ الَّذِي اسْتَوْقَدَ نَارًا مثل حالتهم جماعت جي جنهن باريو

جيرا فَلَمَّا اَضَاءَتْ مَا حَوْلَهُ پوءِ جڏهن سُهائيو ڪُنئون جيري

تهنڪي جيڪي داري پاسي اُن جماعتا: ذَهَبَ اللّٰهُ بِنُوْرِهِمْ نيو

الله تعالىٰ اُنجو سهائيو وَتَرَكَهُمْ فِيْ ظُلُمٰتٍ ۽ ڇڏيائين اُنکي

منجهه اونڌرا ئينئا لَا يُبْصِرُوْنَ نه ٿا پسن ڪِهِ ٿو ڪي وڃي مو شائي

ٻِيا. مثل حيران هُنئن هِن جماعت جي هُا منافقن ناه

قرآن پاڪ مترجم پاره الٓمٓ جي هڪ صفحي جو عڪس



بلاول فقير زرداريءَ جو مقبرو

پروفيسر ڊاڪٽر محمد لائق زرداري

# بلاول فقير زرداري

## (ڪلهوڙا دؤر جو مشهور امير، جنگي ماهر، سفارتڪار، منتظم ۽ اهل دل بزرگ)

بلاول فقير زرداري ڪير هو، ڪٿان آيو، سندس زندگي ڪهڙي طريقي سان گذري، ڪهڙا ڪارناما سرانجام ڏنائين، انهي جاڻ ڪي حاصل ڪرڻ لاءِ تاريخ جو سهارو وٺڻ ضروري آهي. جتي تاريخ خاموش آهي، اتي تاريخي روايتون، جيڪي سيني به سيني هلنديون اچن ٿيون، ان جو به سهارو وٺڻ لازمي آهي. بلاول فقير زرداري جو مقبرو نوابشاهه کان ٽن ڪوهن تي، اتر طرف، دوڙ روڊ کان هڪ ڪلوميٽر واقع آهي. هن هستيءَ تي اڄ تائين ڪنهن به قلم نه کنيو آهي ۽ ان طرح تاريخ جي دفتر مان هڪ روشن ۽ اهم باب گم آهي. سندس شخصيت، ڪارنامن ۽ خاندان کي پرکڻ لاءِ تاريخ جو تجزيو ڪرڻ ضروري آهي. ان لاءِ تاريخي حوالن، ٻولي، ڏنڌي، پوشاڪ، روايتن ۽ شجري جي چند چاڻ ڪرڻ سان ڪنهن نتيجي تي پهچي سگهجي ٿو.

سنڌ ۾ مکيه چار قبيلا سڪونت پذير آهن. هڪ اُهي، جيڪي اسلام کان پوءِ مسلمان ٿيا، تن کي "سماٽ" سڏيو ويندو آهي. ٻيو عربي نسل، ٽيون جَت قبيلو ۽ چوٿون بلوچ قبيلو. هر قبيلي جو مختصر ذڪر ڪجي ٿو، جيئن هر قبيلي جي قدامت کي سمجهي سگهجي. ان لاءِ تاريخي چنڊڇاڻ ڪرڻ بعد ڏسجي ته "زرداري" قبيلو ڪهڙي نسل سان تعلق رکي ٿو.

**سماٽ:** هن وقت سنڌ جون جَت -ميد ۽ راجپوت نسل واريون قومون ۽ ذاتيون، جيڪڏهن نسلي اعتبار کان نه تڏهن به تمدني اعتبار کان پاڻ ۾ گهڻي کان گهڻي مشابهت رکن ٿيون ۽ سنڌ اندر اهي قومون ۽ ذاتيون، پنهنجن ريتن ۽ رسمن کان وٺي خوراڪ ۽ پوشاڪ، هڏ ڪاٺ ۽ شڪل شبيهه، ڏنڌي ڌاڙي ۽ ٻولي، مذهب ۽ ٻين معاشرتي ۽ تمدني هڪجهڙاين جي ڪري هڪ تمدني ايڪي "سماٽ" جي نالي سان سڏجن ٿيون. محترم ڊاڪٽر المرڪني ٻُٽ پنهنجي ڪتاب "سماٽ" ۾ الف بچاڻي سمي جي حوالي سان لکيو آهي ته "سماٽ" يعني سما قوم جو تعلق سنڌ ۽ ڪڇ ملڪ سان رهيو آهي. اُن مان جيڪي قبيلا وڌيا، اهي جدا جدا نالن سان مشهور ٿيندا ويا. حمڙوڪ ڄُتا، گنجا، ٻُرفت، خدراني، جاموٽ، بنديجا، برا، آگريا، رونجها، پاٻڙا، واهرا، شاهڪ، موندرا وغيره. لس ٻيلي جا جام به سما آهن. سمن ۽ سومرن سنڌ جي "سماٽ" قوم جو بنياد وڌو (١)

محترم غلام محمد لاکي جي ڪيل تحقيق موجب "سمن ماڻهن گڏجي فيروزالدين انڙ کي جام جو لقب ڏنو. جام انڙ جو اولاد اڳتي هلي سماٽ جي سيني قبيلن ۽ ذاتين جو مکيه سردار بنجي وينو. هن گروهه ۾ ٻرڊت، پلي، لاکا، ذاريجا، ڏهر، سهتا، ڪوريجا، ڏاهري، انڙ، راهو ۽ جوٽيجا وغيره اهم جاءِ والارين ٿا." (٢) هن وقت سنڌي سماج ۾ جوٽيجا، سهتا، جوکيا، ڪوريجا، ڏهر ۽ انڙ پاڻ کي 'جام' جي لقب سان سڏائيں ٿا. سنڌ ۾ عربن جي اچڻ سان عربي نسل جي قبيلن به سنڌ ۾ سڪونت اختيار ڪئي. اهي پاڻ کي قريشي، صديقي، فاروقي، سيد، عباسي، هباري وغيره سڏائين ٿا. اهي قبيلا سنڌ ۾ سماٽ، جت ۽ بلوچ کان علحده سڃاتا وڃن ٿا.

**جت:** پنجاب ۾ جت ٻن وڏن گروهن ۾ ورهايل آهن. سندن پيشي سان تعلق رکڻ ڪري، انهيءَ پيشي جي نسبت سان قبيلو سڏجي ٿو. پنجاب ۾ زمين تي هارپو ڪندڙ، جنهن ۾ سک، هندو ۽ مسلمان اچي وڃن ٿا، تن کي

جت سڏيو ويندو آهي. پنجاب ۾ زمينداري ڪندڙ کي جت سڏيو ويندو آهي، چاهي اهو نسلي ۽ مذهبي طرح ڪهڙي به گروهه سان تعلق رکندڙ هجي. "جاٽن بابت، جيڪي پنجاب جي ڏکڻ اوڀر ۾ زمينداري ڪن ٿا، جڏهن انهن کان ذات پڇي وڃي ٿي ته اڪثر جاٽ زميندار ٻڌائين ٿا. جاٽ قبيلن ۽ نسلن جا کيترائي خاندان ڳوٺن ۾ رهن ٿا. اڪثريت اسلام جي دائري ۾ اچي ويئي آهي. هندو ۽ سک جاٽ آبادگار صوبي جي ٻين نسلن کان سکيا سٺا آهن." (٣)

پنجاب ۽ سنڌ ۾ مالوند ماڻهن يا اُٺن پالڻ وارن قبيلن کي "جاٽ" ۽ "جت" سڏيو ويندو آهي. عربيءَ جو لفظ "زط" ۽ سنڌي ٻوليءَ جو لفظ "جت" بلڪل ساڳي ڳالهه آهي. جت اصل سنڌ کان عراق پهتا ته عربن کين "زط" چوڻ شروع ڪيو. ڇاڪاڻ ته عربيءَ ۾ 'ج' جي اچار کي "ز" سان اچارين ٿا. ڪيترا جت مڇي مارڻ، ڪيتي ڪرڻ ۽ ٻين هنرن هوندي به جت سڏائين ٿا. "اسان وٽ جت ذات جي ماڻهن بابت عام مفهوم اهو آهي ته جت معنيٰ اٺ پاليندڙ ته پوءِ مڇي ماريندڙ پاڻ کي جت چو ٿا چوائين. حقيقت ۾ اهي "دباني" پاڻيءَ ۾ رهندڙ پاڻ کي 'بلوچ جت' يا 'جت بلوچ' سڏائين ٿا. سندن چوڻ مطابق هو ڪرامتي (قرمطي) بلوچ آهن ۽ جتڪي ڏنڌي، يعني اُٺن پالڻ جي ڪري هنن جي اصل ذات بلوچ سان لفظ جت ڳنڍيو ويو آهي." (٤)

عربن جي سنڌ فتح ڪرڻ وقت، جن قومن جي اڪثريت سنڌ ۾ رهندي هئي، سي سما، لاکا، سهتا ۽ لهاڻا جت هئا. "سنڌ جي پاڙيسري لس واري علائقي ۽ ڪڇ ۾ به جت ۽ ٻيون سماٽ قومون رهنديون هيون، جيڪي هاريءَ جو ڌنڌو ڪنديون هيون. سنڌ جي جت ۽ راجپوت نسل مان هتان جون ڪيتريون ئي ذاتيون نڪتيون آهن." (٥)

ميرجت پاڻ کي رند بلوچ مان سمجهن ٿا. لاشارين کي جت چون، سي به بلوچ آهن. دادو ۽ حيدرآباد جا ٻهر پاڻ کي جت بلوچ سڏائين ٿا، ته ڪٿي وري جمالي بلوچ چوائين. قلات جا ٻهر جَت سڏائين ٿا ۽ اُٺ پالين ٿا. سنڌ ۾ ڪهڙي به ذات ۽ قبيلي وارو ماڻهو جيڪو اٺ پالي يا اٺ تي مال برداريءَ وارو ڌنڌو ڪري، تنهن کي جت سڏيو ويندو آهي. جت ذات نه بلڪ هڪ ڌنڌو آهي، جيئن سون جو ڪم ڪندڙ سونارو، لوهه جو ڪم ڪندڙ لوهار، چاهي ان جي ذات ۽ قبيلو ڪهڙو به هجي.

**بلوچ:** بلوچستان ۾ رهندڙ هر قبيلي کي بلوچ چيو ويندو آهي. "هاڻوڪي بلوچستان ۾ بروهين، پٺاڻن ۽ سنڌين جو تعداد بلوچن کان وڌيڪ آهي. بلوچستان جو نالو، انگريزن پنهنجي سهوليت لاءِ رکيو هو، ٻيءَ صورت ۾ بلوچستان جو نالو ڪٿي به نظر ڪونه ٿو اچي." البته بلوچ قوم اولهه کان هجرت ڪري آئي. انگريز تاريخدان هينري پاٽينجر لکي ٿو ته "ان ڳالهه ۾ ذري ماتر به شڪ نه آهي ته هو مغرب کان آيل آهن. انهيءَ ڳالهه جي ثابتي هن مان به ملي ٿي ته بلوچڪي زبان ايراني زبان سان گهڻو ملي اچي ٿي. تنهن کان سواءِ انهيءَ قوم جا زياده ماڻهو اولاهين سرحد تي رهن ٿا." (٧)

مير حاجي محمد بخش ٽالپر تمام گهڻي بحث کان پوءِ انهيءَ نتيجي تي پهچي لنمبرڪ جي حوالي سان لکي ٿو ته "بلوچن ۾ گهڻا نسل شامل ٿيا آهن. بلوچ ٽن طريقن سان ٿيا: هڪ اصلي بلوچ، ٻيو ادغامي بلوچ، ٽيون الحاقي بلوچ. اصلي بلوچ کان علاوه ادغامي عرب، شام ۽ عراق ۾ اچي گڏيا، جن جي هاٿي سڃاڻپ مشڪل آهي. ٻيا الحاقي، جيڪي ايران، بلوچستان بلڪ ڪيترا پنجاب ۾ به گڏيا آهن. انهن بلوچن جي غلبي سبب بلوچن جي ٻولي ۽ پوشاڪ اختيار ڪئي آهي. پاڻ کي خاص طرح سنڌ ۽ ڪراچي سميت بلوچ سڏائيندا آهن." (٨)

بلوچ پاڻ کي امير حمزه (حضور صلعم جن جي چاچي) جو اولاد سمجهن ٿا. الحاقي بلوچ امير حمزه سان شامل ڪن ٿا ۽ مير جلال خان ايران ۽ سيستان مان وقت جي حاڪمن سان وڙهي ايراني بلوچستان ۾ چوٽيناليهه

قبيلن سان اچي آباد ٿيو. "مير جلال خان کي پنج ڇهه پٽ هئا: رند، لاشار، هوت، ڪورا ۽ جَتُو. رندو خان مير جلال جو وڏو پٽ هو، جنهن مان لغاري، جکراڻي، جمالي، ڪوسا، ڊومبڪي ۽ رند ٿالث ٿيا. مولائي شيدائي رند بلوچن جا پنجهٺ قبيلا ٻڌايا آهن، جن ۾ مکسي، رند، لغاري، مزاري، لنڊ، گشڪوري، ڪهيري، جلباڻي، مشوري ۽ مري وغيره شامل آهن. لاشاري قبيلي مان چاليهه قبيلا ٻڌايا وڃن ٿا. مري بلوچ بہ رندن جي شاخ مان آهن ۽ ان مان ٽي شاخون ٿيون: غزيني، لوهاراڻي ۽ بجاراڻي. انهن مان وري ٻاويهہ ٻيا پاڙا ٿيا." (٩)

مري جو لقب ڪين رندن جي سردار مير چاڪر خان ان وقت ڏنو هو، جڏهن مير چاڪر خان مغل شهنشاهہ همايون جي مدد لاءِ لشڪر گڏ ڪري وڃي رهيو هو. مرين جي ابي بجار خان، مير چاڪر خان سان گڏ وڃڻ کان انڪار ڪيو هو، جنهن ڪين 'مري' يعني 'ضدي' سڏيو هو. ان وقت کان بجار خان جو خاندان "مري" سڏجڻ لڳو.

**زرداري:** زرداري قبيلو ڪهڙي نسلي قبيلي سان واسطو رکي ٿو، ان لاءِ تاريخ جي مواد کي ڪوٽڻو پوندو ۽ هت تاريخ جي ڪيترن ڪتابن جا حوالا ڏيڻ بيسود بہ سمجهان ٿو، ڇاڪاڻ تہ تاريخ جي ڪيترن ئي ڪتابن ۾ ڪيترن بلوچ قبيلن کي سماٽ ۾ شامل ڪيو ويو آهي تہ وري ڪيترن سماٽ قبيلن کي بلوچ قبيلي ۾ ليکيو ويو آهي. مثال طور ڪجهہ تاريخي حوالا ڏيان ٿو تہ سنڌ جي ذاتين ۽ قبيلن تي هن وقت ڪيتريون ئي تصنيفون اچي چڪيون آهن. جن محققن هن موضوع تي ڪم ڪيو آهي، انهن ۾ رچرڊ برٽن، هينري فيلڊ، ايس ايس. سارڪر، ڊاڪٽر سگرڊ ويسٽ ڦال، هيلبش، مرزا قليچ بيگ، رحيم داد خان مولائي شيدائي، سردار خان گشڪوري، جسٽس خدا بخش مري، راءِ بهادر هيتورام، شيخ صادق علي شير علي انصاري، ڊاڪٽر الهہ رکيو ٻُٽ، غلام محمد لاکو ۽ ڊاڪٽر غلام حيدر ٻرڙو شامل آهن. انهن کان علاوه ٻين ڪيترن محققن ۽ اديبن سماٽ ۽ بلوچ قبيلن تي ڀرپور انداز سان لکيو آهي. مٿين ذاتين جي اصليت، رسم و رواج، اهي علائقا جن ۾ اهي گهڻي تعداد ۾ رهندا آهن، ٿن تي بہ بحث ڪيو ويو آهي. زرداري قبيلو موجوده سماٽ، جٽ يا بلوچ قبيلي مان ڪنهن سان تعلق رکي ٿو، ڪڏهن سنڌ ۾ آباد ٿيو، سندن رسم و رواج ڪهڙا آهن، ڪهڙن حصن ۾ آباد ٿيل آهي، ديني ۽ دنيوي ميدان ۾ ڪيتري قدر اثر انداز رهيو آهي، ان لاءِ ضروري آهي تہ مٿين نقطن جا جواب اسان تاريخ جي روشنيءَ ۾ ڳوليون. مگر افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ هن قبيلي متعلق ڪو گهڻو مواد شايع ٿيل نہ آهي، تنهن ڪري تاريخي حوالن سان گڏ مروج روايتن کي لازمي طرح نظر انداز ڪري نٿو سگهجي. اهي روايتون، جيڪي بزرگن کان سيني بہ سيني منتقل ٿينديون رهيون آهن، انهن تاريخي حقيقتن کي سامهون رکي، سنڌ جي تاريخ جي هڪ وسريل ورق کي اُجاگر ڪري سگهجي ٿو.

اسان اها ڪوشش ڪنداسين تہ تاريخ ۽ روايتن کي مد نظر رکي حقيقت کي ڇنڊي ڇاڻي ڇنو ڪري سامهون آڻجي. هٿ آيل تاريخي مواد جي حوالي سان نوابشاهہ ڊسٽرڪٽ گزيٽيئر هن قبيلي لاءِ ظاهر ڪري ٿو تہ هي اُٺ پاليندڙ جَت قبيلو آهي. اهڙي شاهدي شيخ صادق علي شير علي انصاري صاحب پنهنجي ڪتاب "سنڌ بلوچستان ۽ افغانستان ۾ مسلمان قومون" ۾ ڏني آهي. شيخ صاحب هي ڪتاب ١٩٠١ع ۾ لکيو، جڏهن هو سنڌ ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر هو. هن سمن جون ڪل ٨٠٩ ذاتيون لکيون آهن، جن ۾ زرداري قبيلي کي جريان نمبر ٨٠٧ تي ڏيکاريو اٿس. سندس خيال آهي تہ زرداري سما آهن. ڪتاب جي صفحي ٤٣ تي شيخ صاحب لکي ٿو تہ سما قوم جي مختلف شاخن جي وضاحت ۾ ڪيئي غلطيون ۽ گهٽ وڌايون بہ ٿي ويون آهن. سبب اهو هو تہ هر مختيارڪار ڪيس علحده وضاحت موڪلي هئي، تنهن ڪري تمام گهڻيون وضاحتون ٿيڻ ڪري، ڪجهہ ترميمون بہ ڪيون ويون. بهرحال هن الف - ب جي ترتيب سان ڏنل سمن جي لسٽ ۾ زردارين کي "ز" جي خاني ۾ جريان نمبر ٢ تي ظاهر ڪيو آهي، سندس

اها هڪ مجيل حقيقت آهي تہ زرداري قبيلو ۔ سنڌ جي سماجي، اقتصادي، علمي ۽ تهذيبي شعبن ۾ اٽڪل ٽي سو سالن کان پنهنجو ڪردار اداڪندو رهيو آهي. هي قبيلو سنڌ جي موجوده ضلع نوابشاهہ، نوشهرو فيروز ۽ سانگهڙ ۾ تہ اڪثريت سان آباد آهي، مگر ان سان گڏ خيرپور، دادو، حيدرآباد، ٺٽي ۽ بدين ۾ پڻ ججهي تعداد ۾ سڪونت پذير آهي. هن قبيلي جا وڏا بہ ٻين بلوچ قبيلن وانگر ايران، مڪران، بلوچستان کان ٿيندا ديره جات ۾ اچي آباد ٿيا. هي قبيلو بلوچ قبيلو تہ هو، مگر پنهنجي انفراديت واري حيثيت ۾ نہ هو. هن قبيلي جي شروعات بہ ٻين بلوچ قبيلن جي ابن ڏاڏن جي نالي پٺيان يا ڪنهن مخصوص رهائش واري هنڌ جي نسبت سان ٿي. جڏهن بلوچ قبيلي جي اڪثريت ترڪ وطن ڪري ميان آدم شاهہ ڪلهوڙي سان گڏ سنڌ ۾ آئي تہ ٻين بلوچ قبيلن بہ ڪلهوڙن جي پيري مريدي جي ڪري ڏکڻ پنجاب جي ديره جات علائقن مان وڏي تعداد ۾ اچي سنڌ ۾ سڪونت اختيار ڪئي. وڏيڪ بلوچ قبيلا وري ڪلهوڙي بزرگ ميان نصير محمد جي پيري مريديءَ ۾ اچي چانڊڪا پرڳڻي ۾ آباد ٿيا. ڏکڻ پنجاب مان ڪوسا قبائل بہ ميان الياس محمد ڪلهوڙي جي دور ۾ اتر سنڌ ۾ جاگير وٺي اچي آباد ٿيا. ساڳئي وقت لغاري مان ٽالپر قبيلو بہ سنڌ ۾ اچي آباد ٿيو. ٽالپور = ٽال معنيٰ ٽاري، پور/پُر معنيٰ وڍيندڙ: ٽاري وڍيندڙ جي نسبت سان "ٽالپر" سڏجڻ لڳا. ساڳيءَ طرح لاشار جي اولاد کي لاشاري سڏيو ويو.

سردار خان، ميان نصير محمد جو پيارو مريد هو. وڏو مالدار هو. جڏهن ميان صاحب جي دعوت ڪندو هو تہ پاڙيوارا مريد سندس اوطاق تي گڏ ٿيندا هئا. وڏو لنگر ڪندو هو. هڪ دفعي ميان صاحب کيس دعا ۽ حجت مان چيو تہ "سردار خان! تون زردار خان ٿي ڳيا هين." ان بعد سڀ واسطيدار مريد ۽ پاڙيسري کيس زردارخان جي نالي سان سڏيندا رهندا هئا. سردار خان عرف زردار خان جي اولاد کي "زرداري" سڏيو ويو. مرشد جي دعا ۽ خطاب سان نوازيو هو، تنهن ڪري هن زردار سڏائڻ ۾ فخر محسوس ڪيو. زردار خان کي ست پٽ ٿيا، جن جا نالا داد خان، سالار خان، زنگو خان، پنجو خان، مرڪو خان، سُلهو خان ۽ مهراڻ خان رکيا ويا. سندس پٽن مان جيڪا واڌ ٿي، انهن پنهنجي پنهنجي نالي جي نسبت سان سڃاڻ رکي: جيڪي اڳتي هلي زردارين جا مکيہ پاڙا ٿيا، جهڙوڪ داداڻو، سالاراڻو، زنگاڻو، پنجاڻو، مرڪاڻو، سُلهاڻو ۽ مِهراڻو. اهڙيءَ طرح مٿين ستن پاڙن جي هر هڪ پاڙي مان ڇهہ ست ٻيون برانچون بہ ٿيون. اهڙيءَ طرح اڳتي هلي سٺ ۽ سٽر جي لڳ ڀڳ پاڙا ٿيا. جيڪي پنهنجي پنهنجي ڏاڏي جي نالي سان سڃاتا وڃن ٿا. ساڳيءَ طرح مير جلال خان، جيڪو اڪثر بلوچ قبائل جو ابو هو، ان کي جيڪي پٽ هئا: جهڙوڪ رندو خان، ان مان رند ٿيا، لاشار خان مان لاشاري ٿيا، هوت مان هوت بلوچ، ڪورا خان مان ڪوراڻي ۽ جتو خان مان جتوئي ٿيا. اهڙيءَ طرح "رندن جي اولاد مان نظام خان جي نالي سان نظاماڻي بلوچ ٿيا. مهيري بہ لاشارين جي برانچ مان آهن، مگر جيئن تہ اهي 'مهر جبل' وٽ رهندا هئا، تنهن ڪري انهن کي مهيري سڏيو ويو." (١٢) اهڙيءَ طرح سنڌ ۽ پنجاب، بلوچستان ۽ سرحد مان آيل هرهڪ قبيلو پنهنجن وڏن جي نالي يا ماڳ جي نسبت سان قبيلو سڏجڻ لڳو.

سردار خان، جنهن کي ميان نصير محمد ڪلهوڙي "زردار خان" جي لقب سان نوازيو هو، سنہ ١٦٤٠ع ۾ پيدا ٿيو ۽ ١٧١٠ع ۾ فوت ٿيو. هو ميرالي بلوچن جي شاخ بليدي قبيلي جو فرد هو. بليدي قبيلي کي پندرهن صدي جا رند ميرالي ڪري سڏيندا هئا." اهي رندن جي ڪيترن ئي پاڙن تي مشتمل هئا. ببرڪ بليدي هڪ بهادر پهلوان هو ۽ هيبت خان جو پٽ هو. ببرڪ خان جو پُٽ سردار خان، هن خاندان جو هڪ نمايان ۽ ممتاز فرد هو. جنهن ميان نصير محمد جي دربار ۾ اعليٰ منصب ماڻيو ۽ ميان صاحب کيس پنهنجو امير بڻائي، دُعا سان "زردار خان" جي لقب سان سرفراز ڪيو. اهڙيءَ طرح زرداري خاندان جو شجرو هيٺين نروار ٿئي ٿو.




(نوٽ: مڪيہ پاڙي جي ٽئين پيڙهيءَ مان ست اٺ پيا نندا پاڙا ٿيا. تاهم مڪيہ پاڙو وري بہ پهريون رهي ٿو.)

محترم امام راشدي لکي ٿو تہ زرداري قبيلو بلوچ قبيلي مان آهي، جيڪو ايران ۽ بلوچستان کان ٿيندو، ڏکڻ پنجاب ۾ اچي گذر سفر لاءِ آباد ٿيو. بعد ۾ هو ڪلهوڙا دور ۾ هجرت ڪري سنڌ ۾ آباد ٿيو هن قبيلي جا فرد نهايت محنتي، وفادار ۽ خوشحال سمجهيا وڃن ٿا. اهوئي سبب هو جو هي قبيلو پنهنجي شروعاتي اوسر دوران علم ۽ واپار کان پري رهيو. زرداري قبيلو يوناني نسل سان مشابهت رکڻ ڪري نهايت خوبصورت سمجهيو ويندوآهي. سنڌ ۾ هن قبيلي جي اڪثريت رهي ٿي، جنهن جا نوي سيڪڙو فرد پنهنجي زمين جا خود مالڪ آهن. "(١٣)

**ٻولي ۽ پوشاڪ:** جيڪي بلوچ نسل جا قبيلا ديره جات کان آيا، انهن جا معاشرتي تعلقات بہ ديره جات وارن سان رهيا، تنهنڪري آهستي آهستي انهيءَ ٻوليءَ کي اختيار ڪيائون. وري جڏهن ڪلهوڙن فقيرن جي مريديءَ جي محبت ۾ سنڌ ۾ آيا تہ ڪلهوڙن جي مادري زبان بہ سرائڪي هئي، تنهنڪري اڪثر بلوچ قبيلا جيڪي سنڌي معاشري ۾ ضم ٿيا، تن ۾ اڪثريت جي مادري ٻولي وري بہ سرائڪي رهي. بلوچن جي پوشاڪ انفراديت واري رهي آهي. عورتن ۾ اڄ تائين ڳاڙهي گربي جي سلوار، ڳاڙهو گج يا چولو ۽ ڳاڙهي چُني برٽ پريل استعمال ڪن. مرد پهراڻ اڇو ململ جو پٽڪو ۽ سلوار سفيد يا رنگدار پهرين. اگر ۾ مرد مٿي ۽ ڏاڙهي جا وار نہ لهرائيندا هئا. مصنف جو ڏاڏو ۽ نانو، پنهنجي مٿي جا وار زناني چوٽيءَ وانگر پير جي آڱوٺي ۾ قاسائي پوءِ ڦٽي ڏيندا هئا. اڪثر غسل ميت ۽ تيل سان ٿيندو هو. اڄ جي نسل ۾ اهي ڳالهيون تہ نہ رهيون آهن، مگر پوءِ بہ عورتن ۽ مردن جي شڪل شبيهہ ۾ انفراديت قائم آهي. سنڌ جي قديم رواج ۽ اسلامي اصولن موجب اڪثر ڪري سڱابندي ۽ مٽي مائٽي ننڍن پاڙن تائين محدود هوندي آهي. ڪوبہ پاڙو ٻئي پاڙي ۾ مٽي مائٽي نہ ڪندو هو. اڄ بہ رت جا رشتا ننڍن پاڙن ،پنهنجن تائين محدود آهن، تاهم ڪجهہ خاندانن ٻاهرين ۽ ڏارين قبيلن ۾ بہ سڱابندي شروع ڪئي آهي.

**سياسي زندگي:** ميان آدم شاهہ ڪلهوڙي جي اولاد مان ميان الياس محمد پيري مريديءَ ۾ واڌارو آندو ۽ ان بعد سندس پيءُ شاهل محمد مغل حڪمرانن خلاف مسلح جدوجهد ڪئي، مگر ناڪام ٿيو ۽ شهيد ٿي ويو. ان بعد ميان دين محمد بہ مريدن جي مدد سان مغلن خلاف بغاوت ڪئي، مگر ڪيس جنگ ۾ شهيد ڪيو ويو. ميان دين محمد جي شهادت بعد پڳ ميان نصير محمد جي حوالي ٿي. هي بزرگ ديني تعليم سان آراستہ هو. سندس مريدن ۾ بہ اضافو ٿيو. اجتماعي پورهئي سان ڪيل ڪمائي گڏ خرچ ٿيڻ لڳي. ميان نصير محمد جي وڌندڙ طاقت کان خوفزده ٿي مغل سرڪار ڪيس گرفتار ڪيو. دهليءَ مان جڏهن آزاد ٿي "ڳاڙهي" پهتو تہ مريدن ۽ عقيدتمندن ميان صاحب جو وڏو آڌرڀاءُ ڪيو. انهيءَ گڏ تيل ميڙ ۾ ميان صاحب سنڌ جي خودمختياريءَ جو اعلان ڪيو. ميان صاحب جي بنيادي طاقت "بلوچ" هئا، جيڪي مريد هئڻ سان گڏ سندس لشڪر جا سپاهي بہ هئا. ميان صاحب جي معتبر مريدن ۾ ٽالپر ۽ ليکي فقير هئا. ٽالپر فوجي منصب ۾ هئا ۽ ليکي سياسي مشير هئا. زرداري قبيلي جا ماڻهو ميان صاحب جا محافظ (گارڊ) هئا. اڪثر ميان صاحب جي جنگي سفر ۾ مال براديءَ جو ڪم زرداري ۽ لاشاري ڪندا هئا. ليکي فقير بلوچ قبيلي مان هئا. جيئن تہ اُهي ميان صاحب جي ليکي چوکي (حساب ڪتاب) جو ڪم بہ ڪندا هئا، تنهنڪري اهي ليکي مان "ليکي قبيلو" بنجي ويو. ليکي ۽ ٽالپر شاهي خاندان ۾ اهم عهديدار هئا، مگر هڪ ٻئي سان حسد ڪندا هئا. خداداد خان پنهنجي ڪتاب "لب تاريخ سنڌ" ۾ لکي ٿو تہ ليکي خاندان ڪلهوڙن جي وقت ۾ طاقت وارو قبيلو سمجهيو ويندو هو، اهوئي سبب آهي جو ليکي خاندان جي ڪنهن نہ ڪنهن فرد جو ڪلهوڙن جي تخت گاهہ ۽ قبرستان ۾ مقبرو ضرور هوندو. ليکي قبيلو ايڏو طاقتور ۽ عزتدار هو، جو 'راجو ديرو' جو پٽ گل محمد لغاري (نئن گاج پرسان) انهيءَ خاندان جو آباد ڪيل آهي. نصرپور جي پرسان "تاجپور" جو تاريخي شهر راجو

ليکي جي فرزند تاجو ليکي جو وسايل آهي." (١۴). ڪلهوڙن حاڪمن جي مريدن کي "فقير" سڏيو ويندو هو. "فقير" جو لفظ عزتدار ۽ معتبر هوندو هو.

سيني ڪلهوڙا حڪمران پاڻ کي "خادم الفقراء" جو لقب ڏيندا هئا. ميان آدم شاهه کان وٺي ميان عبدالنبي تائين هرهڪ حاڪم جي مُهر ۾ "خادم الفقراء" لکيل هوندو هو. ديني تبليغ جو ڪم رند، لاشاري، زرداري، ليکي، کهاوڙ ۽ ڪوسا قبيلن جي حوالي هوندو هو. انهن قبيلن جي مقرر ٿيل ماڻهن کي ميان جي طرف کان "خليفي" جو لقب مليل هوندو هو. ان لاءِ اها نشاني هوندي هئي ته خليفي جي ڪلهن تي ڪاري رنگ جي "ڪنٽي" رکيل هوندي هئي. انهيءَ کي سرڪاري پوشاڪ به سمجهيو ويندو هو. اهي ميان جا "سنديافته خليفا" سڏيا ويندا هئا. قبيلن ۽ قومن جا فيصلا به 'خليفا' ڪندا هئا. دعا ڏيڻ، سڳو پاڻي پڙهي ڏيڻ، انهن خليفن جي اختيار ۾ هوندو هو. سندن نعرو "الله توهار" هوندو هو. ڪنهن مهم تي نڪرڻ، حملو ڪرڻ، ڪنهن به ڪم جي شروعات ڪرڻ، ڪچهريءَ مان موڪلائڻ "الله توهار" جي تڪيي ڪلام سان ٿيندو هو. ڪنهن کان ڏوهه بخشائڻ ۽ ڪنهن ڏي ميڙ ڪٺي وڃڻ لاءِ "ميان وال ڪنٽي" ڪافي هوندي هئي. سندن فقيرن ۽ خليفن جي ذڪر ڪرڻ جو طريقو، ڪنڌ کي کبي-سڄي لوڏڻ ۽ وڏي آواز سان "لااله الاالله" جي ذڪر تي مبني هو. الله ۽ رسول صہ جي نالي وٺڻ سان ايڏي خوشي ٿيندي هئي جو ذڪر ڪندا جهومندا رهندا هئا. "ديوان غلام حيدر شر فقير" ۾ لکيل آهي ته "فقيري جي طريقه ذڪر ۾ ذڪر نفي اثبات لا الله الا الله جي بلند آواز سان ڪرڻ وقت پنهنجو منو کبي سڄي لوڏيندا آهن، جنهن ڪري انهيءَ طريقي 'ميان وال' طريقو سڏيندا آهن." (١۵)

محترم مولوي نبي بخش زرداري جي قلمي نسخي مطابق "زردار خان جو پٽ سالار خان، ميان نصير محمد جي ڳاڙهي واري جامع مسجد جي مدرسي ۾ قرآن شريف پڙهائڻ ۽ ديني تعليم جو معلم هو. ميان نصير محمد جي ڪتهڙي جي ڏکڻ ۾ شهيد ميان دين محمد جي پيرانديءَ ۾ سندس تربت آهي."

ميان نصير محمد ڪلهوڙي جڏهن مغل حڪمرانن خلاف بغاوت ڪئي ته کيس قيد ڪري دهلي موڪليو ويو. سندس گهر بار ۽ حويليءَ جي سار سنڀال سندس مريدن جي حوالي هئي، انهن محافظن ۾ زرداري به هئا. ميان نصير محمد جي وفات بعد جڏهن ميان يار محمد ڪلهوڙي مغل ڪاردارن سان جنگ ڪري سنڌ تان قبضو خالي ڪرايو ته دهليءَ جي حڪمرانن کيس سنڌ جو حڪمران تسليم ڪيو ۽ ميان صاحب دادو جي پرسان پنهنجو تختگاهه "خداآباد" جي نالي سان قائم ڪيو. ميان يار محمد، سالار خان جي اولاد کي جوهي تعلقي ۾ جاگير عطا ڪئي. ميان يارمحمد جي وفات بعد سندس پٽ ميان نورمحمد سنڌ جو حاڪم ٿيو. هن سنڌ جي جاگرافيائي حدن ۾ واڌارو آندو ۽ مريدن جي تعداد ۾ ڪافي واڌ ٿي. زرداري قبيلي جا باقي ڇهه پاڙا درياهه جي اوپر طرف اچي آباد ٿيا. درياهه جو پراڻو ڦاٽ، جيڪو ڪڏهن ٻانڌي ۽ موري جي وچان نوابشاهه جي طرف وهندو هو، ان تي ٻدو، نانياڻي، جوڻيجي، لياري، هبيري، ڪاجهري، خارجاڻي، ٺلو، ڏگو، پراڻا دريائي پتڻ هئا. اهو ڦاٽ سنتو قاضي احمد کان اچي وري درياهه ۾ شامل ٿيندو هو. سُلهاڻو پاڙو ٻدي ۾ آباد ٿيو ۽ زنگاڻو پاڙو موري جي اوپر گنجڻ ۾ ڳوٺ ٻڌي ويٺو. مرڪاڻو، جنگاڻو ۽ داداڻو پاڙن وارا موجوده بالو فقير جي اتر ۽ ڏکڻ پاسي جاگير وٺي مير خان زرداري ڳوٺ ناهي اچي آباد ٿيا، باقي پنجاڻو پاڙي وارا ڏگي ۾ آباد ٿيا. جڏهن خداآباد ۾ دريا جي ٻوڏ آئي ته تختگاهه کي سخت نقصان پهتو. ماڻهن کي جاني ۽ مالي نقصان سهڻو پيو. ان بعد ميان صاحب عوام ۽ هنرمندن کي صلاح ڏني ته هو "محمد آباد" ۾ وچي آباد ٿين، جو ڳاديءَ جو هنڌ بنايو ويو. محمد آباد موجوده شاهپور جهانيان جي اوپر طرف اٽڪل ڇهن ڪلوميٽرن تي واقع آهي. زرداري، جتوئي، سينار، سيال ۽ ٻين قبيلن ۽ ميان صاحب جي مريدن ۽ عوام ۽ هنرمندن



ٻلاول فقير جي مقبري سان گڏ ٺهيل قديم مسجد



ديني درسگاھ سان ملحق مدرسي جي شاگردن جي رهائش گاھ

"محمد آباد" کي اچي آباد ڪيو. محمد آباد هڪ وڏو شهر ٿي ويو.

**نادرشاهه افشار جو حملو:** سنڌ ۾ هراس ٿي ويو ته ايران جو بادشاهه افغاني فوج وٺي حملو ڪري رهيو آهي.

نادرشاهه جڏهن سنڌ ۾ داخل ٿيو ته ميان صاحب حڪومت جو دفتر ۽ اهل وعيال وٺي ٿر جي ريگستان (عمر ڪوٽ) طرف نڪري ويو. نادر شاهه غير متوقع طور سيوهڻ واري جابلو لڪ جي بدران درياه ٽپي نوشهري واري ميداني علائقي جي رستي سان شهدادپور طرف ڪاهڻ شروع ڪيو." (١٦) ١٤ فبروري ١٧٤٠ع تي نادرشاهه درياه پار ڪري نوشهري واري علائقي ۾ پهچي ويو. نادر جي بڪايل فوج سنڌ ۾ ڦرلٽ شروع ڪئي. سنڌس حملي جي رخ وارا ماڳ ڦٽڻ شروع ٿيا. ماڻهن مال متاع ڪاهي لڏا ڪٿي سلامتيءَ وارن علائقن ڏانهن ڀڄڻ شروع ڪيو. ميان صاحب جو خداآباد کان نڪري ريگستان طرف وڃڻ جو مطلب اهو هو ته نادرشاهه کي ريگستان ۾ پاڻي ۽ چارو نه ملي سگهندو ۽ هو واپس موٽي ويندو، مگر نادرشاهه چانڊڪا کي ڦريندو، خداآباد ۽ محمد آباد کي لٽيندو، اڳتي وڌندو رهيو. نادرشاهه جي ٿوري گهڻي مزاحمت ته ٿي، مگر عوام بچاءَ کان سواءِ ڪجهه نه ٿي ڪري سگهيو. نادر جا ٻه جاسوس سپاهي، نادر جي فوج جي اڳيان رستي جي نشاندهي ڪندي جڏهن ميرخان زرداري جي ڳوٺ کان لنگهي رهيا هئا ته انهن کي بلاول فقير جي اڳوائي ۾ زردارين قتل ڪري دفن ڪري ڇڏيو. ✪ روايتون آهن ته مير خان زرداريءَ جو ڳوٺ تمام شاهوڪار هو. سوين گهوڙا ۽ هزارين اٺ هئا، جي ماڻهن جي معاش جو ذريعو هئا. نادري فوج جڏهن هن ڳوٺ ۾ پهتي ته انهن ڳوٺ ۾ ڪو هڪ ننيڙو وڇيرو يا هڪ ٻه گورو (ڪنوات) نه ڇڏيو. ماڻهن جو گذران اٺن ۽ گهوڙن پالڻ تي هو. اهي سڀ تباهه ۽ برباد ٿي ويا. ڪيترائي ماڻهو قتل ڪيا ويا. ڳوٺ جي ڪاردار فقير بلاول زرداريءَ کي گرفتار ڪيو ويو، جنهن ميان صاحب سان گڏ جنگين ۾ حصو ورتو هو ۽ سياسي جوڙ توڙ کان واقف هو. بلاول فقير ميان صاحب جو نيابو نادر جي اڳيان پيش ڪيو ته "اي شهنشاهه ايران! پرامن سنڌي عوام ۽ فقير حاڪمن وٽ ڇا آهي، جو ايڏي تڪليف ڪري آيو آهين." نادر ڪيس چيو ته انهيءَ حالت (گرفتاري) ۾ وڃي ميان صاحب کي ٻڌاءِ!

"نادرم در مُلک ايران قـادرم بر هر ديار،
لافـتيٰ الا علي، لاسـيـف الاذو الفـقـار"

(ترجمو: ايران ۾ نادر جي نالي مشهور آهيان ۽ دنيا جي هر ملڪ تي قادر آهيان. حضرت علي کان سواءِ دنيا ۾ ڪو به پهلوان نه آهي ۽ ذوالفقار جهڙي تلوار نه آهي)

بلاول فقير زرداري کي فوجي جٿي جي گهيري ۾ هلڻ لاءِ حڪم ڪيو ويو. بلاول فقير چيو ته "الا توهار." نادر چيو ته "اهو ڇا چيئي؟" تنهن تي بلاول فقير وراڻيو ته " اسان فقير ماڻهو آهيون. اسان جو بادشاهه پاڻ کي فقيرن جو غلام سڏائيندو آهي. عوام جون دعائون ان سان گڏ آهن." مگر نادر به نادر هو. هن فوجي جٿي کي هلڻ جو حڪم ڏنو ۽ بلاول کي هڪ خط لکي اڳ ۾ روانو ڪيو ۽ ڪيس چيو ته "ميان کي وڃي ٻڌاءِ ته نادر ڪڏهن به موٽ نه کاڌي آهي. ميان کي ٻڌاءِ ته اچي پيش پوي." نادري حڪم ۾ لکيل هو ته:

"اي مور ڪمزور، ساڪن زمين شور، چون گور بلند بيني. بگلزار وخودي وخودپسندي ازخود دور دارد بايد و شايد ڪه ڪمري وار - طوق اطاعت در گردن انداخته حاضر بشوي - ورنه به سم سمند ميدان آهن شڪن پائمال خواهي شد."

---

✪ ١٨٣١ع ۾ انگريز جاسوس جڏهن بلاول جي مقبري تي آيا ته انهن ٻن مسافرن جي قبر جي نشاندهي ڪئي آهي.

(ترجمو: اي ڪمزور ڪول ۽ اي ڪلراٺي زمين جا رهاڪو. جا قبر وانگر سوڙهي آهي. مٿي نهارڻ ۽ پاڻ کي ڪجهه سمجهڻ ڇڏي ڏي. بهتر آهي ته قمريءَ وانگر فرمانبرداريءَ جو طوق گردن ۾ وجهي حاضر ٿي، نه ته ميدان جنگ جي گهوڙن جي سنبن هيٺان، جي فولاد کي به ٽوڙي ڇڏيندا آهن، چيپاٽجي ويندين." (١٧)

بلاول فقير اهو خط ۽ نادر جي فوج جو تفصيل ميان صاحب جي مشيرن راجو ليکي، مير بهرام ۽ ميان جان محمد ڏاهري کي پيش ڪيو. پويان نادر فوج سميت شهدادپور ۾ گذاري ٻئي ڏينهن عمرڪوٽ ۾ اچي پهتو ته ميان جا مشير نادر جي اڳيان پيش پيا. ڪافي گفت شنيد کان پوءِ طئي ٿيو ته "ميان صاحب نادر کي هڪ ڪروڙ روپيا ڏيندو ۽ ساليانو ويهه لک خراج ايراني حڪومت کي ڏيندو رهندو. ان کان علاوه ميان نور محمد جا به فرزند محمد مراد ياب خان ۽ ميان غلام شاهه ايران ۾ يرغمال ٿي رهندا."

جيڪڏهن مٿيان شرط ميان صاحب قبول نه ڪري ها ته نادر سنڌ کي ساڙي ٻاري تهس نهس ڪري ڇڏي ها. ميان نور محمد پنهنجا به شهزادا ۽ هڪ ڪروڙ روپيا نادر جي حوالي ڪيا. پنهنجن شهزادن سان گڏ ڄام ننڍو ٽالپر ۽ بلاول فقير زرداري به گڏ روانا ڪيائين، جيئن شهزادا اڪيلائي محسوس نه ڪن. نادر ساڳئي رستي سان واپس موٽي ايران پهتو ته چيائين:

سڪه زد بر هند و سند، وطبل زد بر روم و شام،
ثاني سلطان سڪندر شـــــاه نادر ذوالڪرام. (١٨)

(ترجمو: نادر شاهه، جيڪو سلطان سڪندر جو ثاني، عزت ۽ عظمت وارو بادشاهه آهي، ۽ هند ۽ سنڌ ۾ پنهنجو سڪو هلايائين. روم ۽ شام ۾ پنهنجو ڏونڪو هنيائين.)

بلاول فقير زرداري ۽ ڄام ننڍو ٽالپر، شهزاده ميان مراد ياب ۽ ميان غلام شاهه سان گڏ ايران روانا ٿيا. هي ٻيئي فقير نظربند شهزادن جي صحبت ۾ رهندا هئا. ميان غلام شاهه گهٽو حسين نوجوان هو، ان تي نادر شاهه جي ساليءَ مٿس فدا ٿي. نيٺ ميان صاحب ان شهزاديءَ سان شادي ڪئي. (هن مان ڪيس شاعر ۽ اديب پٽ ميان سرفراز ڄائو) ٽي سال ميان غلام شاهه سان گڏ رهڻ کان پوءِ ايران ۾ فقير بلاول کي واپس ورڻ جي اجازت ملي ۽ ڪيس حڪم مليو ته شهزادن جي خير خيريت ۽ حال احوال کان سندن والدين کي آگاهه ڪري. فقير بلاول موٽي اچي ميان صاحب کي خداآباد ۾ شهزادن جي خير عافيت ۽ حال احوال پيش ڪيو. بلاول خان ٽي سال ميان غلام شاهه سان ايران ۾ صلاح مشوري جا فرائض ادا ڪري ١٧٤٣ع ۾ پنهنجي ڳوٺ مير خان زرداري پهتو. بعد ۾ جڏهن نادر قتل ٿيو ته سنڌ جا هي جلاوطن شهزادا به ستن سالن کان پوءِ واپس وطن پهتا. ان موقعي تي بلاول خان به ميان غلام شاهه جي خدمت ۾ حاضر ٿي صلاحڪاريءَ جا فرائض ادا ڪرڻ شروع ڪيا. سنه ١٧٤٨ع ۾ ميان نورمحمد پنهنجي گاديءَ جو هنڌ محمد آباد ڪيو. بلاول فقير پوڙهو ٿي چڪو هو. واپس ڳوٺ آيو ته ڳوٺ ويران ٿي چڪو هو. نادر شاهه جي حملي ۾ ڳوٺ جا ماڻهو هزارن جي تعداد ۾ ماريا ويا هئا، تن کي ڳوٺ جي پر ۾ دفن ڪيو ويو هو. انهن جي دفن ڪفن جو خرچ ميان صاحب ڪيو هو ۽ مٿان پڪين سرن جون تربتون تعمير ڪرايون. شهيد ٿيندڙن ۾ زرداري، رند، لاشاري، سينار، جتوئي ۽ چانڊيا قبيلن جا ماڻهو هئا. مير خان جو ڳوٺ مدفن گاهه بڻجي ويو. ١٧٥٣ع ۾ ميان نورمحمد وفات ڪئي ته ٻئي سال بلاول فقير به ١٧٥٤ع ۾ وفات ڪئي. کيس "شهيدن جي قبرستان" ۾ دفن ڪيو ويو. ميان نور محمد جي مقبري جي تعمير کان پوءِ سنه ١٧٦٨ع ۾ بلاول فقير جي تربت مٿان ميان غلام شاهه مقبرو تعمير ڪرايو. ان بعد "بالو فقير جو قبو" مشهور ٿيو. سندس مقبري تي ذوالحج جي پهرئين ۽ ٻي تاريخ هر سال ميلو ٿيڻ لڳو. بلاول فقير جي دليري ،سياڻپ ۽ بزرگي سندس حياتي ۾ ئي مشهور هئي، بعد ۾ بلاول فقير تي ماهانه

ميلو بہ لڳڻ شروع ٿيو. اڳتي هلي زرداري قبيلو هن ڳوٺ کي خيرباد چئي نئين مليل جاگير "ڦتوهل" زرداري ۾ قاضي احمد جي اولھہ ۾ اچي آباد ٿيو.

ميان غلام شاھہ سنڌ جون سرحدون ڪشاديون ڪيون. سندس فتوحات جو سلسلو وڌيو ۽ سنڌ جون حدون ملتان، ليہ، ميان والي، سبي ۽ ديري اسماعيل خان تائين پهتيون. سنڌ جو عوام طاقتور ۽ سجاڻ حڪمران جي ڪري ٻاهرئين حملي کان محفوظ ۽ خوشحال ٿيو. زرداري خاندان بہ ٻين قبيلن وانگر ميان صاحب جي فوجي خدمت ۾ هو. سندس حويليءَ جي نگهداشت کان وٺي فوجي سپهہ سالاريءَ تائين سڄو ڪم زردارين جي حوالي هو. لشڪرڪشيءَ جي وقت مال برداريءَ جو ڪم بلوچ قبيلن جي حوالي هوندو هو. ميان غلام شاھہ محمد آباد مان نڪري هالا جي ڀر ۾ "خداآباد" جي نالي سان گاديءَ جو نئون هنڌ بنايو، مگر وري بہ درياھہ جي ٻوڏ جي خطري سبب "نيرون ڪوٽ" کي "حيدرآباد" جو نالو ڏيئي گاديءَ جو هنڌ مقرر ڪيو. ميان غلام شاھہ ٻين بلوچن سرائي مريدن وانگر زردارين کي موري، دولتپور، قاضي احمد ۽ سڪرنڊ علائقن ۾ اجتماعي هاريپي لاءِ جاگيرون عطا ڪيون. هوت فقير رند، جيڪو بلاول فقير زرداري جو همعصر فقير هو، ٿر ڇڏي اچي بالو فقير کان ڇھن ڪوهن جي اوڀر ۾ سڪونت اختيار ڪئي. ڪلهوڙا دور ۾ اهو دستور رهيو آهي تہ جنهن بہ حڪمران يا امير جتي وفات ڪئي آهي تہ اُن جو مزار مقام بہ گاديءَ واري هنڌ ٿيو آهي. اهڙيءَ طرح ميان صاحب جي جنهن بہ بزرگ فقير وفات ڪئي تہ ان جو آخري آرامگاھہ بہ سندس ڳوٺ ۾ ئي ٿيو. بلاول فقير، ميان نورمحمد جي دور ۾ ٻين فقيرن شاھہ پنجي، گاجي شاھہ ۽ شاھہ گودڙئي وانگر نامور فقير هو. بلاول فقير جو ڳوٺ، جيڪو سندس والد مير خان زرداري جي ڳوٺ سان مشهور هو، اتي چار سو گهر هئا ۽ مختلف قبيلن جا خاندان آباد هئا. سنڌ جي آبادي ان وقت ٽيھہ لک هئي.

ڳوٺ ۾ مدرسو ۽ مسجد هئي، جتي قرآن شريف ۽ ديني تعليم ڏني ويندي هئي. بلاول فقير متقي ۽ پرهيزگار فقير هئڻ سان گڏ دلير فوجي سپهہ سالار بہ هو. جڏهن بيهي الله جو ذڪر ڪندو هو تہ ڳوٺ جا ٻيا فقير سندس سات ڏيئي ڪلمي جو ورد ڪندا هئا. جڏهن مستي ۾ اچي تہ "لااله الاالله" بلند آواز سان ذڪر ڪندو هو تہ سندس پوئلڳ پنهنجو ڪنڌ ڪلمي جي ساڄي ۽ کابي هڻندا، لوڏيندا مستي ۾ نچڻ شروع ڪندا هئا. سندس گذر سفر مال جا وڳ (ڍاچيون) ۽ ٻڪرين جا ڌڻ هوندا هئا. ڍاچين جو کير مفت ۾ ٻين گهرن ۾ ورهايو ويندو هو. هندو دڪاندار جنس، ڪپڙي ۽ سيڌي جو واپار ڪندا هئا. مال ڳچيري کان خريد ڪيو ويندو هو، جيڪو ان وقت دريائي بندرگاھہ هو. ڪابل، ڪشمير ۽ پنجاب کان ٻيڙا درياھہ جي رستي سکر کان ٿيندا ڳچيري ۽ نٽي تائين ويندا هئا. ڳچيري کان ٻيڙيءَ رستي دولتپور ۽ اتان انن جي ذريعي ڳوٺن تائين مال پهچندو هو. ڳوٺ ۾ هر مهيني ميلو لڳندو هو. اُتي ۽ گهوڙن جي گوءِ ٿيندي هئي. ان ۽ گهوڙا هر مهيني ميان صاحب فوجي ضرورت لاءِ خريد ڪندو هو، جنهن ڪري ان ۽ گهوڙا پالڻ ذريعہ معاش بہ هو. هر ماڻهو ڪوشش ڪندو هو تہ ڪيس گهڻو مال هجي. معتبر اهو هوندو هو جنهن وٽ سؤ ڍاچيون هجن. "جو ڍاچيءَ جو، سو سائينءَ جو" معتبريءَ جي علامت طور پهاڪو بنجي ويو. اهوئي تمام وڏو شاهوڪار ۽ عزت ڀريو سمجهيو ويندو هو، جنهن وٽ سؤ کان مٿي ڍاچيون هجن. درياھہ جي ٻوڏ ني پوکي راهي ٿيندي هئي يا درياھہ مان نئيو ڪڍيو کوٽي ڪچھہ آبادي ڪئي ويندي هئي. مگر اها بہ گهڻو ڪري آبڪلاٽيءَ جي موسم ۾. جاگير ڪنهن وڏي فقير جي حوالي ڪئي ويندي هئي. ان فقير کي "ڪاردار" جي حيثيت هوندي هئي. ڳوٺ ۾ لنگر هلندو هو، جتي ماڻهو اچي کائيندا هئا ۽ گهرن ۾ بہ کڻي ويندا هئا. جاگير ڪنهن جي ذاتي ملڪيت ۾ نہ هوندي هئي؛ ڳوٺ جي نالي ٿيندي هئي، جنهن جو انتظام وڏي فقير جي هٿ ۾ هوندو هو. ڪاردار لاءِ پرهيزگار ۽ متقي هئڻ ضروري هو. اهو جج بہ هو تہ منتظم اعليٰ ۽ فوجي آفيسر بہ ۽ ڪاردار بہ هو تہ دعا ڏيڻ وارو فقير بہ. ان وقت جي ماڻهن جي

عقيدي موجب نفسياتي علاج "دعا" هو. فقير جي عزت وقت جي حاڪم جي برابر هوندي هئي. ماڻهو ان جي عزت ۽ احترام ڪندا هئا. ميان صاحبن جي منزل ڪرڻ وقت دَف ۽ نغارا وڄندا هئا ۽ ماڻهو خوشيون ڪندا هئا. فقير خليفا جڏهن ڪنهن ڳوٺ ۾ منزل انداز ٿيندا هئا ته ڳوٺ جا ماڻهو دعا وٺڻ ۽ حاضري ڀرائڻ لاءِ گڏ ٿيندا هئا.

بلاول فقير زرداري ١٧٥٤ع ۾ وفات ڪئي. سندس وفات تي ميان غلام شاهه ڪلهوڙي ڳوٺ ۾ منزل ڪئي ۽ خاندان سان عذرخواهي ڪئي. ميان نورمحمد جي وفات بعد حڪومت ميان مراداياب کي ملي. مگر جلد ميان غلام شاهه ١٧٥٧ع ۾ تخت نشين ٿيو. ميان صاحب پنهنجي والد ميان نورمحمد ۽ ٻين بزرگن، عزيزن ۽ اڪابرن جا مقبرا تعمير ڪرايا. ١٧٦٣ع ۾ ميان نورمحمد جي مقبري جي تعمير شروع ٿي ۽ ١٧٦٨ع ۾ مڪمل ٿي. بعد ۾ ميان صاحب جي حڪم سان ١٧٦٨ع ۾ بلاول فقير جو مقبرو تعمير ٿيو ۽ زيارت گاهه عام بنجي ويو.

ميان غلام شاهه بلاول فقير جي اولاد کي قاضي احمد لڳ اولهه ۽ ڏکڻ طرف جاگير عطا ڪئي. ١٧٧٠ع ۾ ڦتوهل زرداري جي نالي سان جاگير ملي ۽ ان سان گڏ ليکي فقيرن کي به جاگير ملي. ياد رهي ته ڪلهوڙا دور ۾ جاگير اجتماعي هاريي جي بنيادن تي ڏني ويندي هئي ۽ نه ذاتي حيثيت ۾. جاگير جو سنڀاليندڙ خليفو فقير زُهد ۽ بزرگي وارو هوندو هو. بلاول فقير جي مقبري ۽ شهيدن جي تربتن هئڻ سبب قبرستان تي "بالو زرداري جو قبو" نالو پئجي ويو. هن قبرستان ۾ وڌيڪ اضافو تڏهن آيو، جڏهن ميرن ۽ ڪلهوڙن جي وچ ۾ هالاڻيءَ ۾ جنگ لڳي.

ميان غلام شاهه جي وفات کان پوءِ ڪلهوڙا خاندان ۾ سازشن جنم ورتو. انهيءَ سازش ۾ پاڙيسري حڪمران پيش پيش هئا. گهرو ويڙهه ۾ ٻين قبيلن پنهنجي پنهنجي مفاد خاطر حصو ورتو. ميان نورمحمد جي ننڍي فرزند ميان عبدالنبي جي تخت نشين ٿيڻ بعد جن سازشن جي شروعات ٿي چڪي هئي اها انتها تي پهتي. گهرو لڙائيءَ ۾ ڪيترن ئي شهزادن جا سر قلم ٿي ويا. ٽالپر بلوچ، جيڪي فوجي سربراهه هئا، تن به سازشن ۾ ڀرپور حصو ورتو. نتيجي ۾ ٽالپر سردار مير بجار خان دربار ۾ مارجي ويو. ميرن انهيءَ قتل کي بنياد بنائي ڪلهوڙن جي خلاف بغاوت جو اعلان ڪيو. ميرن پنهنجن مرشدن خلاف "بلوچ اتحاد" ڪري بغاوت جو اعلان ڪيو. ميان جا مريد، جيڪي اڪثر بلوچ قبيلا هئا، سي هڪ وڏي امتحان ۾ پئجي ويا. سنڌ ۾ وڏي بيچيني پکڙجي وئي. پوري ملڪ ۾ بدامني، لٽ مار ۽ ڌاڙا شروع ٿي ويا. حڪومت جي خلاف به محاذ ڪلي پيا. هڪ پاسي امن امان جو مسئلو ته ٻئي پاسي مسلح بغاوت! فتح ٿيل علائقا سنڌ کان ٽٽڻ شروع ٿيا. اهي قبيلا جن جي شورش کي ميان جي حڪومت دٻائي ڇڏيو هو، اُهي به اچي ٽالپرن جي ساٿ ۾ شامل ٿيا. هالاڻيءَ جي ميدان ۾ جنگ جو نغارو وڄي ويو. هڪ طرف باغي ٽالپر ۽ ڪلهوڙا دشمن عناصر هئا ته ٻئي طرف ميان جا وفادار مريد. ڪلهوڙن جي طرفان جتوئي، جمالي، لنڊ، ليکي، ڪهاوڙ، رند، زرداري، لاشاري، سينار، سيال ۽ سامٽيا هئا ته ٻئي طرف ٽالپر باغي بلوچ اتحاد جا قبيلا هئا.

مولاني شيداني لکي ٿو ته "ميان يار محمد ڪلهوڙي جڏهن سنڌ جي نوابي حاصل ڪئي، تڏهن جتوين کي وڏا عهدا ملڻ لڳا. ميان نورمحمد ڪلهوڙي جي ڏينهن ۾ شڪارپور ۽ لاڙڪاڻي جي وچ ۾ 'جتوئڪي رياست' قائم ٿي. ١٧٨٣ع ۾ هالاڻيءَ جي جنگ وقت ڏگهو خان جتوئي ميان جي لشڪر جو سپهه سالار هو." (١٩) هي ڪلهوڙن جا نهايت وفادار ڪماندار هئا. هالاڻيءَ جي جنگ کان پوءِ ٽالپرن جي عتاب هيٺ آيا.

"روحيل خان ڪوسو، ميان الياس محمد ڪلهوڙي جي وقت ۾ سنڌ ۾ آيو. ميان نصير محمد ڪيس جاگير عطا ڪئي. روحيل جي پٽ راجا کي ميان نورمحمد جاگير ڏني. راجا جي ٻئي ڀاءُ شير خان کي وري غلام شاهه جاگير عطا ڪئي. شير خان جا به پٽ روحيل ۽ عالم خان هئا. عالم خان کي ميان عبدالنبي جاگير ڏني. اهڙيءَ طرح ڪوسا هميشه ميان جا وفادار رهيا." (٢٠) ٽالپر دور ۾ ڪوسن کي ملڪ نيڪالي ڏيئي ٿر ۽ ڪاڇي ۾ ڪڍيو ويو. اهڙيءَ

طرح ڪهاوڙ بہ ميان جا وفادار مريد هئا. ڪيترا تہ لشڪر جا امير ۽ معتدار هئا. محمد حسن ڪهاوڙ ميان عبدالنبي جي طرفان ميرن سان وڙهيو." (٢١)

بلوچن مان ٽالپر، مري، لغاري وغيره ٽالپر فوج سان شامل هئا. سنڌ جا چانگ بلوچ، جکي سنجراڻي بہ سڏبا آهن، اهي ٽالپرن جي پاسي سان وڙهيا. (٢٢) جنگ ۾ ٻنهي طرفن کان ٻہ هزار ماڻهو ماريا ويا. ميانوال لشڪر جا مقتول "خدا آباد"، "محمد آباد" ۽ "بالو جا قبا" مقام ۾ دفن ڪيا ويا. سنڌ جي هر گهر ۾ ڪهرام متل هو. بلاول جو پٽ سردار خان ۽ پوٽو دلاور خان هالاڻيءَ جي جنگ ۾ مارجي ويا. کين "بلاول جي مقام" ۾ دفن ڪيو ويو. ميان عبدالنبي هار کائي جنگ بندي جو اعلان ڪيو ۽ پنهنجي لشڪر سميت سنڌ ڇڏي جوڌپور رياست ۾ پناهہ حاصل ڪئي. عبدالنبي سنڌ جي حڪومت وري حاصل ڪرڻ لاءِ وڏي جدوجهد ڪئي، مگر ڪلهوڙا صاحبيءَ جو سج لهي چڪو هو. آخر پاڻ راجن پور ضلعي ۾ سِک راجا کان جاگير حاصل ڪري زندگيءَ جا باقي ڏينهن اتي گذاري وفات ڪئي. سندس مقبرو حاجي پور شريف ۾ عام زيارت گاهہ آهي.

ميان عبدالنبي جي هار بعد سنڌ جي ڪيترن ئي قبيلن هجرت ڪري مارواڙ ۽ جوڌپور ۾ سڪونت اختيار ڪئي. ميان عبدالنبي جي اولاد اڏيپور رياست وسائي. (٢٣) جوڌپور ۾ سندن ڪيئي پيڙهيون ختم ٿي ويون. جوڌپور ۾ پُٽا خاندان بہ هجرت ڪري ويا. انهيءَ پٽن جي ڳوٺ ۾ وڏي مسجد آهي، جنهن کي "پٽہ مسجد" سڏيو وڃي ٿو. اڄ بہ هزارين پٽا ۽ ڪلهوڙا جوڌپور ۾ آباد آهن.

باغي اڳواڻن ڪامياب انقلاب آڻڻ بعد اهوئي ڪم ڪيو، جيڪو شڪست خورده قوم سان ٿيندو آهي. ميرن ڪلهوڙن حاڪمن جي ڪردارڪشي ڪرڻ شروع ڪئي. ميان جي اثرات کي زائل ڪرڻ لاءِ ڪلهوڙن جي مريدن تي سختيون ڪرڻ شروع ڪيون. انهن جي آبادين تي حملا ڪيا ويا. سندن جاگيرون ضبط ڪري پنهنجي حمايت يافتہ طبقن کي موروثي طرز تي ڏنيون ويون. اجتماعي انتظام هيٺ هلندڙ جاگيرون ختم ڪيون ويون. پوري سنڌ کي چئن پاڙن ۾ ورهايو ويو ۽ ٽالپر، لغاري، مري ۽ ٻين قومن کي جاگيرون ڏنيون ويون. زرداري قبيلي جون موري، دولتپور ۽ سڪرنڊ ۾ ٿي جاگيرون ختم ڪيون ويون. نہ صرف زرداري خاندان بلڪہ ميان جي ٻين وفادار قبيلن کي بہ وڏيون تڪليفون ڏنيون ويون. وَسايل ڳوٺن مان ڪين اُٿاريو ويو. ڪن کي تہ ملڪ بدر ڪرڻ تي مجبور ڪيو ويو. "ڪوسا ڪلهوڙن سان گڏ سنڌ ۾ اچي آباد ٿيا ۽ ميان جا مريد هئا. فوج ۾ بہ خدمتون سرانجام ڏيندا هئا. اهي ڪلهوڙن جي زوال بعد هجرت ڪري مارواڙ ۽ سنڌ جي علائقي ٿر ۾ آباد ٿيا." (٢٤) ڪلهوڙن کي قتل ڪرڻ عيب نہ هو. انهن کي ايترو تہ ڪچليو ويو، جو حڪمران خاندان مان هئڻ جي باوجود دربدر، پناهہ جي تلاش ۾ ڀٽڪندا رهيا. زرداري قبيلن کي ڳوٺن مان لڏايو ويو. مال متاع ضبط ڪيو ويو. حڪومت جي حمايت ڪرڻ لاءِ ماڻهن تي سختيون ڪيون ويون. سنڌ جي سيدن کي خصوصي طور نوازي مدرسا ۽ مسجدون سندن حوالي ڪري مدرسن جي نالي ۾ جاگيرون ڏنيون ويون. ڪلهوڙن جي پيري مريديءَ واري اثر کي زائل ڪرڻ لاءِ مسجدن ۾ جمع نماز تي ميرن جي حڪمرانيءَ جا خطبا پڙهائڻ شروع ڪيا ويا. " مرشد تہ سيد" ڪلهوڙن جي مرشدي خلاف وعظ ۽ تبليغ ڪئي ويئي. فقيرن جي جاءِ تي سيدن جو گاديون وجود ۾ آنديون ويون ۽ کين زور ونايو ويو. رچرڊ برٽن لکي ٿو تہ "سيدن جي مريدن کي اها همٿ نہ ٿيندي هئي جو نذراني ۾ نڳي ڪري سگهن. اٽلو جيڪڏهن اوچتو وارو ملندو هون تہ انهن سيدن کي قيمتي تحفا ڏيئي ويندا هئا ڇاڪاڻ تہ هو سمجهندا هئا تہ سندن قسمت سيد جي دعا سان کُلي هئي. پير ايترا تہ خوشحال ۽ با اثر ٿي ويا جو هو ميرن لاءِ بہ اٿي ڪونہ بيهندا هئا ۽ نہ انهن جي تعظيم ڪندا هئا. عوام جاگيردارن جو غلام بنجي ويو. نئين سسٽم تحت عوام غريب ۽ مجبور ٿيندو ويو. هڪ قبيلي جي هڪ هئي وجود ۾ اچي ويئي. جاگيردار عياش ٿي

ويا. نتيجي ۾ زرعي پيداوار گهٽجي ويئي." (٢٥)

زردارين، رندن، لاشارين، کهاوڙن، جتوين، سينارن ۽ ٻين ميان جي وفادار مريدن کان زمينون کسي، ميرن پنهنجي قبيلي جي ماڻهن کي ڏنيون.

فيبروري - مارچ ١٨٤٣ع ۾ مياڻيءَ جي جنگ ۾ ميرن هارايو ۽ انگريزن کٽيو. سنڌ ست سمنڊ پار رهندڙ قوم جي قبضي ۾ اچي ويئي. ميرن جي گهرو ويڙهه سبب سنڌن تباهي آئي. انگريزن حڪم ڪيو ته جيڪي به جاگيردار ۽ سردار سرڪار جي حمايت ڪندا، انهن جون جاگيرون بحال رکيون ويندي‍ون. انهيءَ اعلان ٻڌڻ شرط ميرن جي انعام يافته جاگيردارن پنهنجن سان بيوفائي ڪري انگريزن سان وفاداري جو قسم کنيو ۽ پنهنجون جاگيرون بحال ڪرايون. جيڪي غداريءَ جي انعام ۾ کين واپس مليون. نوابشاهه ۽ نوشهري جي ٽالپر جاگيرن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.

١- مير بجار خان ولد مير غلام حسين کي موري واري جاگير بحال ٿي ملي.
٢- ڪريم داد ولد امام بخش مري کي موري واري جاگير بحال ٿي ملي.
٣- مير جان محمد ولد مير علي محمد کي سڪرنڊ ۾ جاگير بحال ٿي ملي.
٤- مير غلام علي ولد مير خان محمد کي موري ۾ جاگير ملي.
٥- مير خدا بخش خان ولد مير چاڪر خان کي ڪنڊياري ۽ هالاڻي ۾ جاگير ملي.
٦- مير ڪرم خان ولد مير غلام مرتضيٰ کي نوشهري فيروز ۾ جاگير بحال ٿي ملي.
٧- مير محمد خان ولد مير حسن علي کي محبت ديرو ۾ جاگير بحال ٿي ملي.
٨- مير دوست علي ٽارو کي موري واري جاگير بحال ٿي ملي.
٩- بچل شاهه ولد فاضل علي شاهه کي نوشهروفيروز واري جاگير بحال ٿي ملي.
١٠-مير دوست علي ٽارو کي ٻي جاگير سڪرنڊ واري به بحال ٿي ملي.
١١- سيد مهدي شاهه ولد فتح علي شاهه کي نوشهري واري جاگير بحال ٿي ملي. (٢٦)

مٿيون جاگيرون اڳ ۾ ڪلهوڙن جي طرفان ميان جي فقيرن کي ڏنل هيون. انگريزن سياسي مصلحت خاطر ساڳيون جاگيرون شخصي بنيادن تي بحال رکيون، جيئن جاگيردار انگريزن جي حڪومت ۾ مددگار رهن. انگريز مصنف سنڌ جي جاگيردارن لاءِ لکي ٿو ته "سنڌ جا جاگيردار سرڪار وٽ اٿين اچي ٿا پيش ٿين، جنن ڪنهن اعليٰ پير جي گهر ۾ سندس نوڪر جوتا پنهنجي ئي ڪپڙي سان اگهي پالش صاف ڪري؛ اٿين ئي انگريز سرڪار اڳيان نيچ ٿي پون ٿا. "(٢٧)

بلاول فقير زرداري جو پڙپوٽو الله بخش خان زرداري پنهنجن پائرن سميت لڏي اچي قاضي احمد لڳ ڦتوهل زرداري ۾ وينو. ٿوري زمين آباد ڪندو هو ۽ ان کان علاوه ڏاچيون ۽ گهوڙيون پالي ان مان وڏنڊڙ جانور وڪڻندو هو. ١٠٨٤٣ع ۾ انگريزن ۽ ميرن واري لڙائي الله بخش زرداري پنهنجين اکين سان ڏٺي. الله بخش خان کي ١٨٥٠ع ۾ سجاول خان ڄائو ۽ ١٨٥٢ع ۾ بلاول (بيو) پيدا ٿيو. انگريزن زمين جي ماپ ڪري، جيڪي زمينون جاگيرن کان بچيون هيون، اهي وڪرو ڪرڻ شروع ڪيون. انگريزن جي دور ۾ هندن کي به اختيار هو ته هو زمين خريد ڪري سگهيا ٿي. مگر جيئن ته اڃان نهري نظام ڪلهوڙن وارو هو، انڪري آبادي گهٽ هئي. زمين جي پيداءش جي اهميت کان واقفيت نه هئي. تاهم زرداري قبيلي دورانديشي ڪري زمينون وٺڻ شروع ڪيون. زمينن مان پيداءش ته نه هئي، پر چاڪاڻ ته مالوند ماڻهو هئا، تنهنڪري پنهنجي مال جي چاري لاءِ خريد ڪيائون .سندن محنت سان سندن اباڻي ڏنڌي (مال

مويشي) ۾ اضافو ٿيندو رهيو. انگريز دور ۾ اُٺ گهوڙي جي ڪپت گهٽ ٿيندي ويئي. اڳ ۾ اٺ ۽ گهوڙو وڏي اگهه تي وڪامندو هو، جو واپاري جنگي مقصد لاءِ خريد ڪندا هئا. اٺ ۽ گهوڙا پاليندڙ وڏو شاهوڪار ۽ عزتدار سمجهيو ويندو هو، مگر پوءِ صرف مال برداري لاءِ اٺن جي ضرورت هئي ۽ گهوڙا صرف سواريءَ لاءِ. سجاول خان ڪي ١٨٩٠ع ۾ محمد حسين ڄائو. هن به پنهنجو اباڻو ڌنڌو اختيار ڪيو، ڇاڪاڻ ته پٽي ڪنهن ڌنڌي ڪرڻ جي گنجائش به ڪانه هئي. ١٩٣٢ع ڌاري درياهه مان انگريزن سکر بيراج ڪڍيو. آبپاشي نظام جديد نموني سان ٺهيو. زمينن جي مٺاهين، هيٺاهين ۽ ڪنڊ ڪڙڇ ۾ جڏهن پاڻي پهچايو ويو ته ان جي اهميت آشڪار ٿي. زرداري قبيلي وٽ پئسو ته هو مگر زمين جي اهميت کان واقفيت گهٽ هئي. تاهم سيني پنهنجي پنهنجي سهوليت آهر زمينون خريد ڪيون. جڏهن زمين جا مالڪ ٿيا ته انهن آبادي به پاڻ ڪرڻ شروع ڪئي. انهن ۾ نوي سيڪڙو ماڻهو پنهنجي زمين جا مالڪ ٿيا ۽ ان سان گڏ ڪجهه سيڪڙي پنهنجي مالوندي ڌنڌي کي به جاري رکيو. اٽڪل هڪ سو سالن کان پوءِ اها جاگير، جيڪا ڪلهوڙن جي طرفان هن خاندان کي ڏنل هئي (پوءِ ٽالپرن ضبط ڪري پنهنجن کي ڏني ۽ ان بعد انگريزن به ٽالپر خاندان کي ڏني)، حاجي محمد حسين زرداري خريد ڪئي. روايتون آهن ته هر زرداريءَ جي گهر ۾ سون ۽ چانديءَ جا ڳوٽرا پريل هوندا هئا. هنن ڪيترن ٺي قبيلن کي زمين خريد ڪرڻ ۾ مالي مدد به ڪئي. ڪيترن قبيلن تعليم يافته هئڻ سبب زردارين جي پئسن مان زمين ۾ حصيداري رکي، ڇاڪاڻ ته هو آفيسن جي چڪر ۾ نه پوندا هئا. اهڙيءَ طرح ڪيترائي قبيلا زردارين جي پئسن مان زميندار ٿيا.

حاجي محمد حسين زرداري جي پهرين شادي پنهنجن مائٽن مان ٿي، جنهن مان کيس هڪ پٽ عبدالله خان نالي ڄائو. ٻي شادي ڪُرد قبيلي جي ايراني عورت سلطانه بيگم سان ٿي، جنهن مان کيس چار پٽ - محمد هاشم، حاڪم علي، عبدالجبار ۽ محمد انور ٿيا. رئيس حاڪم علي قتوهل زرداري مان لڏي پنهنجي ڏاڏاڻي ڳوٺ مير خان زرداري (جيڪو بعد ۾ "بلاول جا قبا" سڏجڻ لڳو) ۾ اچي آباد ٿيو ۽ پنهنجي اباڻي زمين کي آباد ڪرڻ لڳو. سنڌ جي سپوت حسن علي آفندي (اصل سعيد آباد جا ميمڻ، جيڪي حيدرآباد ۾ سڪونت پذير هئا) جي پٽ حسين علي جي نياڻي بلقيس خانم سان سندس شادي ٿي. ١٩٥٥ع ۾ سجاول خان (آصف علي) پٽ ڄائو، جنهن جي ١٩٨٧ع ۾ پاڪستان جي مشهور سياستدان جناب ذوالفقار علي ڀٽي جي نياڻي محترمه بينظير ڀٽو سان شادي ٿي. کيس پهريون نرينو اولاد ١٩٨٨ع ۾ ڄائو، جنهن جو نالو بلاول علي رکيو ويو، جيڪو زرداري بلوچ خاندان جي نسب نامي ۾ بلاول (ٽيون) شمار ٿئي ٿو. اهڙيءَ طرح تاريخ جو ارتقائي سفر "بلاول فقير" کان "ماسٽر بلاول" تائين جاري آهي.

## حـــوالا


(١) ڊاڪٽر الهرکيو ٻُٽ: "سمات"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، ١٩٨٤ع، ص ٢٥.

(٢) غلام محمد لاکو: "سمن جي سلطنت"، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، ڄامشورو، ١٩٨٧ع، ص ٩.

(٣) "امپيريئل گزيٽيئر آف انڊيا"، واليوم I، عزيز پبلشرس لاهور، ١٩٧٩ع، ص ٤٨.

(٤) عبدالڪريم لغاري: "جرمن عالم ۽ ڄَت قوم"، ٽماهي "مهراڻ، سال ١٩٦٢ع ص ١٣١.

(٥) ڊاڪٽر الهرکيو ٻُٽ: "سمات"، ص ٣١.

(٦)مولائي شيدائي: "بلوچستان جون قومون"، ماهنامه "نئين زندگي"، نومبر ١٩٥٦ع، ص ٣.

(٧) ليفٽيننٽ ڪرنل هينري پاٽنجر: "سنڌ بلوچستان جو سير ۽ سفر" (مترجم محمد حنيف صديقي ۽ سومار

علي سومرو) سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، ۱۹۷٦ع، ص ۲۸۸.

(۸) مير محمد بخش خان ٽالپر: "تاريخ اميران ميرپورخاص"، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد، ۱۹۹۲ع، ص ۱۹.

(۹) مولائي شيدائي: "بلوچستان جون قومون"، ماهنامہ "نئين زندگي"، جون ۱۹۵۴ع، ص ۱۹.

(۱۰) ڊاڪٽر غلام حيدر ٻرڙو: "سنڌ جون چند ذاتيون"، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد، ۱۹۸۱ع، ص ۱۳.

(۱۱) "سليڪشنس فرام دي پري ميوٽني رڪارڊس لائنگ اِن دي آفيس آف ڪمشنر اِن سنڌ" رپورٽ ۱۸۴۷ع، ص ۲۰۹.

(۱۲) محمد سومار شيخ: "بدين ضلعي جي ثقافتي تاريخ"، لاڙ ادبي سوسائٽي بدين، ۱۹۸۴ع، ص ۸۰.

(۱۳) امام راشدي: "تعارف" روزانہ جنگ ميگزين ڪراچي مارچ ۹، ۱۹۹۴ع.

(۱۴) خداداد خان: "لب تاريخ سنڌ" سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، ۱۹۸۹ع، ص ۱۴۲.

(۱۵) فقير عبدالرحيم بلوچ: "ديوان فقير غلام حيدر شر"، بڪل فقير خيرپور، ص ۴.

(۱۴) ڊاڪٽر محمد لائق زرداري: "واليءِ سنڌ ميان نور محمد ڪلهوڙو"، (ترتيب) سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي، مورو. ۱۹۹۱ع، ص ۱۸۱.

(۱۷) خداداد خان: "لب تاريخ سنڌ"، ص ۱۴۲.

(۱۸) خداداد خان: "لب تاريخ سنڌ"، ص ۱۴۳.

(۱۹) مولائي شيدائي: "بلوچن جو هڪ مشهور قبيلو" ماهنامہ "نئين زندگي"، ڪراچي، ۱۹۵۸ع، ص ۷.

(۲۰) هسٽري آف ائلينيشنس اِن دي پراونس آف سنڌ" واليوم ۲، بمبئي گورنمينٽ، روينيو ڊپارٽمينٽ، ۱۸۸۸ع ص ۲٦۰.

(۲۱) مرزا قليچ بيگ: "سنڌ، ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ص ۴۲۸.

(۲۲) مولائي شيدائي: "چانگ -بلوچن جو بهادر قبيلو"، ماهنامہ "نئين زندگي"، سيپٽمبر ۱۹۵۱ع، ص ۴۲.

(۲۳) محمد بشير گزدر جوڻيوري: "مارواڙ ۾ سنڌي سرڪار"، احباب جوڻيوري، حيدرآباد، ۱۹۸۹ع ص ۳۳.

(۲۴) ڪئپٽن اسٽئنلي نيپئر ريڪس: "ميمائرس آف ٿر اينڊ پارڪر ڊسٽرڪٽس آف سنڌ"، انڊس پبليڪيشن، ڪراچي.

(۲۵) رچرڊ برٽن: "سنڌ ۽ سنڌو ماٿر ۾ وسندڙ قومون" سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ۱۹۷۱ع، ص ۹۰.

(۲٦) "هسٽري آف ائلينيشنس ان دي پراونس آف سنڌ"، واليوم I، روينيو ڊپارٽمينٽ، ڪراچي، ۱۸۷۸ع

(۲۷) "هسٽري آف ائلينيشنس ان دي پراونس آف سنڌ"، واليوم I، ص ۹.

انٽرويو

۱. محترم حاجي محمد بخش زرداري، نوابشاهہ.

۲. محترم منا خان زرداري، رٽائرڊ آفيس سپرنٽينڊنٽ، پوليس کاتو نوابشاهہ.

۳. محترم انجنيئر يعقوب علي زرداري حال ڊپٽي ڊويزنل سپرنٽينڊنٽ، پاڪستان ريلوي، ڪراچي.

۴. محترم حاجي دين محمد زرداري آف تلو (نوابشاهہ)

ڊاڪٽر الهرڪيو ٻُٽ

# ١٨١٩ع کان وٺي سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇپيل ڪتابن جو جائزو

## (درسي/ اسڪولي ڪتاب)

هن کان اڳ ڇپيل مقالي [مهراڻ ١- ١٩٩٥ع] ۾ ذڪر ڪيو ويو هو ته ١٨٥١ع کان اڳ سنڌ اندر سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪوبه ڪتاب شايع ڪونه ٿيو هو. ان سال کان اڳ ڇپيل ڪتاب سنڌ کان ٻاهر شايع ٿيا. سال ١٨٥١ع ۽ ١٨٥٢ع ۾ سر بارٽل جي ڪوشش سان سنڌي ٻوليءَ ۾ جيڪي به ڪتاب هرهڪ حڪايت الصالحين ۽ دوسا ڀائي سورابجي جا جملا شايع ٿيا، تن جو ڪپ به سرڪاري اسڪولن ۾ ٿيڻ لڳو، مگر انهن کي بنيادي درسي ڪتاب چئي نٿو سگهجي. اسڪولن ۾ رائج درسي ڪتاب سن ١٨٥٣ع ۾ موجوده الف بي جي تختي ٺهڻ کان پوءِ ڇپجڻ شروع ٿيا. ساڳئي سال ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي بورڊ آف ڊائريڪٽرس نئين فتح ٿيل صوبي ۾ هر سال تعليمي ضرورتن پوري ڪرڻ لاءِ ڏهه هزار روپين جي رقم منظور ڪئي، جنهن مان هر سال چار هزار روپيا اسڪولي درسي ڪتابن جي تياري ۽ ڇپائيءَ تي خرچ ڪرڻ لاءِ مخصوص ڪيا ويا. هر سال انهيءَ رقم جي منظوريءَ سان سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪتابن ڇپجڻ جو پايو وڌو ويو. اها رقم گذريل صديءَ جي آخر ۾ وڌي اٺيهن هزارن جي لڳ ڀڳ ٿي. اهڙيءَ ريت اسڪولن ۾ ڪتب اينڊ پرائيمر ۽ ريڊر، گرامر، لغتون ۽ درسي ڪتابن جون شرحون يا سنڌي سونهان، تاريخ، جاگرافي، انگي حساب، جاميٽري، آلجبرا، علم بدن وغيره جهڙن مضمونن تي ڪتاب ڇپجڻ شروع ٿيا. درسي ڪتابن جي تياري ۽ ڇپائي ۽ ورهاست جي ڏس ۾ سنڌ سرڪار جيڪي بنيادي نوعيت جا اهم قدم کنيا سي هنريت هئا:

### تعليم کاتي جو برپا ٿيڻ:

هر سال تعليم تي خرچ ٿيندڙ رقم جي منظوريءَ سان سنڌ جي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ اسڪول برپا ٿيڻ لڳا ۽ اسڪولن ۾ استاد مقرر ٿيا. شروع ۾ اسڪولن جو انتظام هلائڻ لاءِ اضافي چارج تي يورپي ڪامورا، جن کي اسسٽنٽ ڪمشنر انچارج ايجوڪيشنل ڊپارٽمينٽ چيوويندو هو مقرر ٿيا. ايلس بٽرو ۽ ميجر گولڊسمڊ تعليم کاتي جا شروعاتي انچارج هئا. سنڌين هيٺيان ڏيهي ڪامورا جهڙوڪ ديوان ننديرام، اڌارام ٿانورداس، ميران محمد شاهه اول، غلام علي نٿوي، نارائڻ جڳنناٿ وديا وغيره مقرر ٿيا. سال ١٨٧١ع ڌاري تعليم کاتي جي نگراني لاءِ الڳ وڏو ڪامورو مقرر ڪيو ويو، جنهن کي ايجوڪيشنل انسپيڪٽر اِن سنڌ ڪوٺڻ لڳا. انهن انگريز ڪامورن هيٺيان ڪراچي، حيدرآباد ۽ شڪارپور ضلعن لاءِ الڳ ڊپوٽي ايجوڪيشنل انسپيڪٽر مقرر ٿيا، جيڪي گهڻو ڪري وڏي قابليت ۽ لياقت جا مالڪ ڏيهي ماڻهو هئا.

### تعليم کاتي جو ڇاپخانو ۽ بوڪ ڊيپو:

شروعاتي سٺن سالن دوران تعليم کاتي وٽ پنهنجو ڇاپخانو ڪونه هو. سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪتاب خانگي ڇاپخانن جهڙوڪ ڪراچي ائڊورٽائيزر يا اردشير پارسيءَ جو ڇاپخانو، سنڌين پريس، سنڌ قاصد پريس، سنڌ نيوز پريس ۽ مفرح القلوب پريس ۾ ليٿو ۾ ڇپيا هئا. سن ١٨٥٨ع ۾ تعليم کاتي لاءِ الڳ هڪ سيڪنڊ هينڊ ليٿو مشين

ورتي ويني. اها مشين اگ ۾ رتناگري ضلعي جي روينيو سروي کاتي جي ملڪيت هئي، جن کان ٽي سو نواني روپيہ چوڏهن آنا ۽ چار پايون جي قيمت تي سنڌ سرڪار خريد ڪئي. اڳتي تعليم کاتي ۾ ڪتب ايندڙ ان پريس جو هيٺيون سامان فيبروري ١٨٥٨ع ۾ تعليم کاتي جي حوالي ٿيو: هڪ ليٿو پريس، پارنهن ليٿو جا پٿر جن مان هڪ ڀڳل. اڌ ڪان هڪ ڪيوبٽ (اڌ وال) ڏگها ڪاٺ جا ست ٽڪرا، مس ڦهلائڻ لاءِ هڪ پٿر، ليٿوگرافي ۾ ڪم ايندڙ چار ٽامي جا ۽ هڪ لوهہ جا برتن (١). مختصر سامان واري ان پريس تي تعليم کاتي جا سوين وڏي اهميت جا بنيادي ڪتاب ڇپجي پڌرا ٿيا. سال ١٨٦٨ع ڌاري سرڪاري اسڪولن ۾ عربي سان گڏ ديوناگري ۽ گرمکي لپين ۾ بہ تعليم ڏيڻ جو بندوبست ڪيو ويو تہ انهن ٽن لپين ۾ اسڪولي ڪتابن جي ڇپائيءَ جي وڌيل ڪم کي منهن ڏيڻ خاطر تعليم کاتي لاءِ ٽائيپ جو الگ ڇاپخانو خريد ڪيو ويو.

سن ١٨٥٩ع ۾ تعليم کاتي جي نگراني هيٺ ڪراچيءَ ۾ هڪ سينٽرل بوڪ ڊيپو بہ برپا ڪيو ويو. ان مکيہ بوڪ ڊيپو جا ڪراچي، حيدرآباد، سکر ۽ شڪارپور ۾ چار برانچ ڊيپو بہ قائم ٿيا. ساڳئي سال سنڌ اندر بوڪ ڊيپوئن لاءِ قاعدا قانون بہ جوڙي پڌرا ٿيا. ننڍن شهرن ۾ اسڪولن جا هيڊماستر ڪميشن تي سرڪاري ڪتاب وڪرو ڪندا هئا. اڳتي هلي ڪين خانگي ناشرن جا ڪتاب بہ وڪرو ڪرڻ جي اجازت ملي.

## ورنيڪيولر لٽريچر ڪميٽي:

سنڌي ادب خاص ڪري درسي ڪتابن جي تياري ۽ ڇپائيءَ جي ڪم کي هٿي ڏيڻ لاءِ سن ١٨٦٨ع ۾ تعليم کاتي جي زير نگراني ورنيڪيولر لٽريچر ڪميٽيءَ جو قيام عمل ۾ آيو. سنڌ صوبي جي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر جي هٿ هيٺ، پريزيڊنٽ سان گڏ ڪميٽيءَ جا اٺ ميمبر هئا. ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد جو هيڊماسٽر ڪميٽيءَ جو پريزيڊنٽ هوندو هو. مذڪور ڪميٽيءَ جون هيٺيون ذميواريون هيون: سنڌي ٻوليءَ جي عربي ۽ هندو -سنڌي (ناگري) لپين جي يونيفارم صورتخطي مقرر ڪرڻ؛ اشاعت لاءِ مليل درسي ڪتابن جا مسودا منظور ڪرڻ؛ ليکڪن، مترجمن ۽ سهيڙيندڙن جي اجرت جا نرخ مقرر ڪرڻ؛ درسي ڪتابن جي نظرثاني ڪرڻ ۽ ادبي انعامن لاءِ ليکڪن جي نالن جي سفارش ڪرڻ. (٢)

ورنيڪيولر لٽريچر ڪميٽيءَ جي مٿي ذڪر ڪيل ڪمن ڪارين جي جلد اڪلاءَ لاءِ سن ١٨٧١ع ۾ تعليم کاتي ۾ ايڊيوڪيشنل ٽرانسليٽر جي آسامي بہ ڪڍي ويئي. ڪتابن جا مسودا حاصل ڪري انهن جي جاچ پڙتال ڪرڻ کان پوءِ ڪين منظور ڪرڻ يا نہ ڪرڻ خاطر ڪميٽيءَ آڏو پيش ڪرڻ، ان ملازم جي فرائض ۾ شامل هئا. ورنيڪيولر لٽريچر ڪميٽيءَ سنڌي ادب جي واڌاري ۽ سڌاري لاءِ نهايت شاندار خدمت ڪئي. ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر سنڌ جون ساليانيون رپورٽون سندن تعريف سان ڀريون پيون آهن. سندن ڪم جو مقدار هر سال ساڳيو نہ هوندو هو: تڏهن بہ سندن ساليانو پورهئي جو اندازو سال ١٨٧١- ٧٢ع واري رپورٽ مان ڪري سگهجي ٿو. ان سال مذڪور ڪميٽيءَ سنڌيءَ جا ٢١ ڪتاب ۽ پارسيءَ جا ۴ ڪتاب ڇپائيءَ لاءِ منظور ڪيا. (٣)

## ليکڪن جي سرپرستي:

سربارٽل فريئر پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ ليکڪن جي همت افزائيءَ لاءِ نهايت ساراهہ جوڳا ۽ دور درس بندوبست ڪيا. ڪتابن لکڻ جي محنتائي سان گڏ ڪين عمدن ڪتابن لکڻ تي روڪ انعام ڏنا ويا. سن ١٨٥٢ع ۾ فريئر منشي ننديرام کي تاريخ معصومي جي هڪ حصي کي پارسيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ جي عيوض ١٥٠ روپيا (جيڪي

منشيءَ جي ڏهن مهينن جي پگهار برابر هئا) روڪ انعام ڏنا. (۴) اهڙي قسم جا انعام وقتاً فوقتاً ترجمن ۽ اصلي ڪتابن لکڻ جي عيوض ملندا رهيا. گنريل صديءَ ۾ اهڙن خوش نصيب سنڌي ليکڪن ۾ هينيان شامل هئا: سن ۱۸۷۲ع ۾ راسيلاس ترجمو ڪرڻ تي نولراءِ شوقيرام آڏواڻيءَ ۽ اڌارام ٿانورداس کي گڏيل ٽي سو روپيا مليا: ۱۸۸۹ع ۾ مرزا قليچ بيگ کي مسز فاسيٽ جي انگريزي ڪتاب کي اصول علم دستور المعاش جي نالي سان ترجمو ڪرڻ تي ۵۵۸ روپيا مليا: سن ۱۸۹۰ع کان ۱۸۹۴ع دوران ڇهن سنڌي ليکڪن کي انعام سان نوازيو ويو. انهن ۾ سڀ کان اهم ۽ وڏو انعام ۱۲۰۰ روپين جو هو جيڪو ڪوڏومل چڱتياڻيءَ کي فلپ جي تاريخ انگلنڊ باتصوير انگريزيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ تي مليو. (۵)

ايڊيوڪيشنل ڊپارٽمينٽ مٿي ذڪر ڪيل سرگرمين وسيلي سنڌ ۾ سنڌي طباعت ۽ اشاعت جي پيڙهه جو پٿر رکي چڪو هو. سن ۱۸۵۹ع تائين سنڌ ۾ ڪتابن لکڻ جي محنتاڻي جا اگهه مقرر نه ڪيا ويا هئا. ڪجهه روڪ رقم جي عيوض ليکڪ پنهنجا حق ۽ واسطا تعليم کاتي کي هميشه لاءِ وڪڻي ڏيندو هو. ان سلسلي جو هڪ مثال ان دور ۾ ليکڪن کي ڪتابن لکڻ جي معاوضي جي نشاندهي ڪري ٿو. سن ۱۸۵۵ع ۾ منشي ميران محمد شاهه کي ۶۱ صفحن جي درسي ڪتاب "آڪاس نروار" سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ جو معاوضو سٺ روپيا مليو. (۶) سن ۱۸۵۹ع ۾ بوڪ ڊيپو قائم ٿيڻ سان ڪتابن لکڻ جو معاوضو مقرر ٿيو، جيڪو هن ريت هو: اصلي ڪم في صفحو ٻه روپيا ۽ ترجمو في صفحو هڪ روپيو. (۷). اهڙيءَ ريت ڪتابن جو اتارو ڪرڻ ۽ پريس ڪاپي تيار ڪرڻ تي تعليم کاتو الڳ معاوضو ڏيندو هو، جيڪو ٻه آنا في صفحي جي لڳ ڀڳ هو. (۸)

تعليم کاتي جا اوائلي ڪتاب خانگي ڇاپخانن ۾ ڇپيا. ۱۸۵۰ع واري ڏهاڪي ۾ ڊپارٽمينٽ کي سراسري طور ۱۰۰ صفحن جي ڪرائون سائيز ڪتاب جي ۱۰۰۰ ڪاپين جي ڇپائي، جنهن ۾ ڪاغذ ۽ بائينڊنگ به شامل هئا، في ڪاپي ٻارهن آنا ادا ڪرڻا پوندا هئا. ڊپارٽمينٽ جڏهن پنهنجي پريس قائم ڪئي ته ڪتابن جي ڇپائي جي لاڳت خانگي جي مقابلي ۾ ٽي حصا گهٽ ٿيڻ لڳي، جنهن سان سنڌي درسي ڪتابن جي اشاعت کي ڪافي هٿي ملي. گنريل صديءَ جي آخري ڏهاڪي ۾ خانگي شخصن ۽ ناشرن کي به سنڌي درسي ڪتابن شايع ڪرڻ جي اجازت ڏني ويئي. نتيجي ۾ اسڪولي ڪتابن جي اشاعت جو دائره ڪار تمام وسيع ٿيو. ايٽريقدر جو بين الاقوامي اشاعتي ڪمپنين جهڙوڪ منڪملن به سنڌي درسي ڪتاب ڇاپڻ شروع ڪيا.

مٿين تمهيد کان پوءِ اچو ته سال ۱۹۰۰ عيسوي تائين ڇپيل سنڌي اسڪولي ڪتابن جي اشاعت جي رفتار جاچي ڏسون. هن صدي ۾ جيڪي ڪتاب اچن ٿا تن جي مضمون وار درجي بندي ڪري ڪين سن وار رکيو ويو آهي. هيٺ سن ۱۹۰۰ عيسوي تائين جملي ۲۸۳ درسي/ اسڪولي ڪتاب درج ڪيا ويا آهن. (ٻيهرئين ڇاپي کان پوءِ وارن ڇاپن ۾ آيل تبديليون جهڙوڪ سال، صفحا، قيمت، پريس وغيره درج ڪيون ويون آهن. جتي جاءِ خالي ڇڏيل آهي اتي ڪابه تبديلي نه سمجهجي.)

(الف) ٻاراڻن پرائيمرن ۽ ريڊرن کان سٺين درجي تائين ڪتاب (تن ڏينهن ۾ سٺ درجا هئا):

| ڪتاب جو نالو | ليکڪ | جاءِ ناشر | سن | ڪاپيون | قسم | صفحا | قيمت | پريس |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| سنڌي الف ب | ايلس بٽرو | ڪراچي: تعليم کاتو. | ١٨٥٣ع | ٤٠٠ | لٿو | هڪ شيٽ | ٦ پايون | ارديشر جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| باب نامو | نٿديرام | ڪراچي: تعليم کاتو. | ١٨٥٤ع | ١٥٠٠ | لٿو | ٤٨ | پ آنہ | ارديشر جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| | | ٻيو ڇاپو | ١٨٥٧ع | ١٤٠٠ | | | | |
| | | ٽيون ڇاپو | ١٨٦٥ع | ٦٠٠ | | | | |
| | | چوٿون ڇاپو | ١٨٦٥ع | ٣٠٠٠ | | | | |
| | | پنجون ڇاپو | ١٨٦٩ع | ٣٠٠٠ | | | | |
| | | ڇهون ڇاپو | ١٨٧٠ع | ٢٠٠٠ | | | | |
| | | ستون ڇاپو | ١٨٧٠ع | ١٠٠٠ | | | | |
| | | اٺون ڇاپو | ١٨٧١ع | ١٠٠٠ | | | | |
| | | نائون ڇاپو | ١٨٧١ع | '٠٠٠ | | | | |
| باب نامو | محمد يوسف | ڪراچي: محمد يوسف ڪتب فروش | ١٨٩٤ع | ١٢٠٠ | لٿو | ٢٠ | ٦ پايون | اسلاميه پريس، لاهور. |
| باب نامو | فيض محمد شاهه | لاهور: فيض محمد شاهه. | ١٨٩٩ع | ١١٠٠ | لٿو | - | ٦ پايون | اسلاميه پريس، لاهور. |
| مفيد الصبيان | ميران محمد شاهه | ڪراچي: تعليم کاتو. | ١٨٦١ع | ١٠٠٠ | لٿو | ٩٨ | ؟ | هاسارام پرنٽنگ پريس، ڪراچي. |
| پهرين پوٿي (گرمکي) | هاسارام هيرانند دسواڻي | ڪراچي: تعليم کاتو. | ١٨٦٩ع | ١٠٠٠ | لٿو | ٤٠ | هڪ آنو، ٦ پايون | تعليم کاتي جو ڇاپخانو، ڪراچي |
| | | ٻيو ڇاپو | ١٨٧٤ع | ٥٠٠ | لٿو | ٢٢ | | |
| | | ٽيون ڇاپو | ١٨٧٨ع | ؟ | ٽائيپ | | هڪ آنو، ٣ پايون. | ڪمشنر جو ڇاپخانو ڪراچي. |
| | | چوٿون ڇاپو | ١٨٨٢ع | ٣٠٠٠ | ٽائيپ | | ٣ پايون | ڪمشنر جو ڇاپخانو ڪراچي. |
| ٻي پوٿي (گرمکي) | هاسارام هيرانند دسواڻي | ڪراچي: تعليم کاتو. | ١٨٦٩ع | ١٠٠٠ | لٿو | ٦١ | ٣ آنہ | تعليم کاتي جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| ٽيدسي پوٿي (گرمکي) | ڪوڙومل چندنمل کلناڻي | ڪراچي: تعليم کاتو. | ١٨٧١ع | ٥٠٠ | لٿو | ٧٨ | ٤ آنہ | تعليم کاتي جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| سنڌي پهرين ڪتاب | اڌارام ٿانورداس | ڪراچي: تعليم کاتو. | ١٨٦١ع | ؟ | لٿو | ٤٨ | پ آنہ | تعليم کاتي جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| | | ٻيو ڇاپو | ١٨٧٢ع | ٢٠٠٠ | | ٤٨ | | |

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| | | ٽيون ڇاپو | ١٨٧٣ع | ٣٠٠٠ | | ٤٠ | | |
| | | چوٿون ڇاپو | ١٨٧٤ع | ١٥٠٠ | | ٤٠ | | |
| | | پنجون ڇاپو | ١٨٧٥ع | ٣٠٠٠ | | ٤٠ | | |
| | | ڇهون ڇاپو | ١٨٧٦ع | ٦٠٠٠ | | ٤٠ | | |
| | | ستون ڇاپو | ١٨٧٧ع | ٦٠٠٠ | | ٤٠ | | |
| | | اٺون ڇاپو | ١٨٨١ع | ٢٠٠٠٠ | ٽائيپ | ٣٦ | هڪ آنو، ٣ پايون، | ڪمشنر جو چاپخانو، ڪراچي. |
| | | نائون ڇاپو | ١٨٨٣ع | ٢٠٠٠٠ | ٽائيپ | ٣٦ | هڪ آنو | |
| | | ڏهون ڇاپو | ١٨٨٧ع | ١٥٠٠٠ | ٽائيپ | ٥٢ | هڪ آنو، ٩ پايون | |
| | | يارهون ڇاپو | ١٨٨٨ع | ٣٠٠٠٠ | ٽائيپ | ٤١ | هڪ آنو، ٦ پايون | |
| | | ٻارهون ڇاپو | ١٨٩٢ع | ١٠٠٠٠ | ٽائيپ | ٥٥ | ٻه آنا، ٣ پايون، | سنڌ گزيٽ ۽ ڪمرشل پريس، ڪراچي. |
| | | تيرهون ڇاپو | ١٨٩٥ع | ٢٥٠٠٠ | ٽائيپ | ٦٦ | هڪ آنو، ٩ پايون | مرڪنٽائيل پريس، ڪراچي. |
| سنڌي پهريون ڪتاب (ناگري) | اڌارام ٿانورداس | ڪراچي: تعليم کاتو، | ١٨٧٤ع | ١٠٠٠ | لٿو | ٤٤ | ٻه آنا، | تعليم کاتي جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| | | ٻيو ڇاپو | ١٨٧٤ع | ١٥٠٠ | | | | |
| | | ٽيون ڇاپو | ١٨٧٦ع | ٤٠٠٠ | ٽائيپ | ٤٠ | هڪ آنو، ٩ پايون | |
| | | چوٿون ڇاپو | ١٨٨١ع | ١٠٠٠٠ | ٽائيپ | ٣٩ | | |
| | | پنجون ڇاپو | ١٨٩٠ع | ٥٠٠٠ | | | | |
| | | ڇهون ڇاپو | ١٨٩٠ع | ١٠٠٠ | | | ٻه آنا، | سنڌ پرنٽنگ پريس، ڪراچي. |
| سنڌي ٻيو ڪتاب | اڌارام ٿانورداس | ڪراچي: تعليم کاتو، | ١٨٦٢ع | ؟ | لٿو | ؟ | ؟ | تعليم کاتي جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| | | ٻيو ڇاپو | ١٨٦٦ع | | | | | |
| | | ٽيون ڇاپو | ١٨٦٨ع | | | ١١٦ | ٥ آنا، | |
| | | چوٿون ڇاپو | ١٨٦٩ع | | | ٩٠ | ٣ آنا، ٦ پايون | |
| | | پنجون ڇاپو | ١٨٧٠ع | | | ٧٠ | | |
| | | ڇهون ڇاپو | ١٨٧٠ع | | | ٨٤ | | |

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| | | بيو ڇاپو | ١٨٧٦ع | ١٥٠٠ | | ٣٦١ | ١٣ آنہ، ٦ پايون. | ڪمشنر جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| | | ٽيون ڇاپو | ١٨٨٠ع | ٢٠٠٠ | | | ١١ آنہ. | |
| | | چوٿون ڇاپو | ١٨٨٤ع | ٣٠٠٠ | | ٣٠٢ | ٩ آنہ. | |
| | | پنجون ڇاپو | ١٨٨٧ع | ٣٠٠٠ | | | | |
| | | ڇهون ڇاپو | ١٨٩١ع | ٥٠٠٠ | | ٢٤٩ | ٨ آنہ. | |
| | | ستون ڇاپو | ١٨٩٣ع | ٥٠٠٠ | | ٢٥١ | ٨ آنہ. | مرڪنٽائيل پريس، ڪراچي. |
| سنڌي پنجون ڪتاب (ديوناگري) | | ڪراچي: تعليم کاتو. | ١٨٨٣ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ٤٤٨ | ١ رپيو، هڪ آنو. | ڪمشنر جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| سنڌي ڇهون ڪتاب (بيو ڇاپو) | ڪوڙومل چندنمل کلناڻي | ڪراچي: تعليم کاتو. | ١٨٨٢ع | ٥٠٠٠ | ٽائيپ | ٤١٥ | ١٢ آنہ، | ڪمشنر جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| | | ٽيون ڇاپو | ١٨٩٠ع | ٥٠٠٠ | | ٢٦٢ | | |
| | | چوٿون ڇاپو | ١٨٩٦ع | ٥٠٠٠ | | ٢٥٢ | | مرڪنٽائيل پريس، ڪراچي. |
| وهنواري رواجي ڪتاب (ديوناگري) | ڪوڙومل چندنمل کلناڻي | ڪراچي: تعليم کاتو. | ١٨٧٠ع | ١٠٠٠ | لٿو | ٩٨ | ٥ آنہ، | تعليم کاتي جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| پڪو پهه | ڪوڙومل چندنمل کلناڻي | ڪراچي: تعليم کاتو. | ١٨٧٤ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ٩٦ | ٤ آنہ، | تعليم کاتي جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| | | بيو ڇاپو | ١٨٨٥ع | | | | ٣ آنہ، ٦ پايون. | ڪمشنر جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| | | ٽيون ڇاپو | ١٨٩٠ع | | | | | |
| | | چوٿون ڇاپو | ١٨٩٦ع | | | ٦٣ | ٦ آنہ، | مرڪنٽائيل پريس، ڪراچي. |
| سنڌي مشق جو ڪتاب (١) | جهمٽراء منگهومل ۽ اڌارام سترامداس | ڪراچي: ليڪ، | ١٨٨٥ع | ٢٠٠٠ | لٿو | ٢٠ | هڪ آنو، ٤ پايون. | ڪمشنر جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| سنڌي مشق جو ڪتاب (٢) | جهمٽراء منگهومل ۽ اڌارام سترامداس | ڪراچي: ليڪ، | ١٨٨٥ع | ٢٠٠٠ | لٿو | ٢٠ | هڪ آنو، ٤ پايون. | ڪمشنر جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| سنڌي مشق جو ڪتاب (٣) | جهمٽراء منگهومل ۽ اڌارام سترامداس | ڪراچي: ليڪ، | ١٨٨٥ع | ٢٠٠٠ | لٿو | ٢٠ | هڪ آنو، ٤ پايون. | ڪمشنر جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| سنڌي مشق جو ڪتاب (٤) | جهمٽراء منگهومل ۽ اڌارام سترامداس | ڪراچي: ليڪ، | ١٨٨٥ع | ٢٠٠٠ | لٿو | ٢٠ | هڪ آنو، ٤ پايون. | ڪمشنر جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| بيو ڇاپو | | | ١٨٨٩ع | ٣٠٠٠ | | | | سنڌ پرنٽنگ پريس، ڪراچي. |

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| سنڌي مشق جو ڪتاب (۵) | جهمتراءِ منگهومل ۽ اڌارام سترامداس | ڪراچي: ليڪ، | ۱۸۸۵ع | ۲۰۰۰ | لٿو | ۲۰ | هڪ آنو، ۴ پايون. | ڪمشنر جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| ٻيو ڇاپو | | | ۱۸۸۹ع | ۳۰۰۰ | | | | سنڌ پرنٽنگ پريس، ڪراچي. |
| سنڌي مشق جو ڪتاب (٦) | جهمتراءِ منگهومل ۽ اڌارام سترامداس | ڪراچي: ليڪ، | ۱۸۸۵ع | ۲۰۰۰ | لٿو | ۲۰ | هڪ آنو، ۴ پايون. | ڪمشنر جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| ٻيو ڇاپو | | | ۱۸۸۹ع | ۳۰۰۰ | | | | سنڌ پرنٽنگ پريس، ڪراچي. |
| سنڌي مشق جو ڪتاب (۷) | جهمتراءِ منگهومل ۽ اڌارام سترامداس | ڪراچي: ليڪ، | ۱۸۸۵ع | ۲۰۰۰ | لٿو | ۲۰ | هڪ آنو، ۴ پايون. | ڪمشنر جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| ٻيو ڇاپو | | | | ۳۰۰۰ | | | | سنڌ پرنٽنگ پريس، ڪراچي. |
| سنڌي مشق جو ڪتاب (۸) | جهمتراءِ منگهومل ۽ اڌارام سترامداس | ڪراچي: ليڪ، | ۱۸۸۵ع | ۲۰۰۰ | لٿو | ۲۰ | هڪ آنو، ۴ پايون. | ڪمشنر جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| سنڌي مشق (۱) | آسٽمل ريجهومل | ڪراچي: سنڌ پرنٽنگ پريس، | ۱۸۹۱ع | ۳۰۰۰ | لٿو | ۱٦ | هڪ آنو. | |
| سنڌي مشق (۲) | آسٽمل ريجهومل | ڪراچي: سنڌ پرنٽنگ پريس، | ۱۸۹۱ع | ۳۰۰۰ | لٿو | ۱٦ | هڪ آنو. | |
| سنڌي مشق (۳) | آسٽمل ريجهومل | ڪراچي: سنڌ پرنٽنگ پريس، | ۱۸۹۱ع | ۳۰۰۰ | لٿو | ۱٦ | هڪ آنو. | |
| سنڌي مشق (۴) | آسٽمل ريجهومل | ڪراچي: سنڌ پرنٽنگ پريس، | ۱۸۹۱ع | ۳۰۰۰ | لٿو | ۱٦ | هڪ آنو. | |
| بمبئي ڪاتي جو مختصر نوٽ بوڪ | مورجمل سخاوتراءِ | حيدرآباد: سرسوتي پريس، | ۱۸۹۱ع | ۱۰۰۰ | لٿو | ۳۲ | هڪ آنو. | |
| اسٽري اپديش پاڱو پهريون | جيٺانند ڪلٺداس | ڪراچي: ليڪ، | ۱۸۹۱ع | ۱۰۰۰ | لٿو | ۵۳ | ٻه آنه، ٦ پايون. | سنڌ پرنٽنگ پريس، ڪراچي. |
| اسٽري اپديش پاڱو ٻيو | جيٺانند ڪلٺداس | ڪراچي: ليڪ، | ۱۸۹۱ع | ۱۰۰۰ | لٿو | ۵۳ | ٻه آنه، ۹ پايون. | سنڌ پرنٽنگ پريس، ڪراچي. |
| اسٽري اپديش پاڱو ٽيون | جيٺانند ڪلٺداس | ڪراچي: ليڪ، | ۱۸۹۱ع | ۱۰۰۰ | لٿو | ۴۰ | ٻه آنه، ۹ پايون. | سنڌ پرنٽنگ پريس، ڪراچي. |
| پراڻي شاستر | ڪوڙومل چندنمل ڪلٺاڻي | ڪراچي: تعليم کاتو، | ۱۸۹۲ع | ۵۰۰۰ | ٽائيپ | ۱۴۴ | ٦ آنه. | سنڌ گزيٽ ۽ ڪمرشل پريس ڪراچي. |

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| بال سکيا | ويرچند هيمومل | ڪراچي: ليڪ، | ۱۸۹۴ع | ۵۰۰ | لٿو | ۱۶ | هڪ آنو، ٦پايون. | سنڌ پرنٽنگ پريس، ڪراچي. |
| دنيا جي چوويڙي علي مراد (ديوناگري) | | بمبئي: ليڪ، | ۱۸۹۴ع | ۵۰۰ | لٿو | ۱۶ | ٻہ آنا، | دتا پرساد پريس، بمبئي. |
| پهرين سنڌي جي علي مراد چوويڙي (ديوناگري) | | بمبئي: ليڪ، | ۱۸۹۴ع | ۵۰۰ | لٿو | ۴۸ | هڪ آنو، | دتا پرساد پريس، بمبئي. |
| سنڌي ڪاپي (۱) | پريداس شوقيرام آڏواڻي | حيدرآباد: سرسوتي پريس، | ۱۸۹۴ع | ۱۰۰۰ | لٿو | ۲۴ | هڪ آنو. | |
| سنڌي ڪاپي (۲) | پريداس شوقيرام آڏواڻي | حيدرآباد: سرسوتي پريس. | ۱۸۹۴ع | ۱۰۰۰ | لٿو | ۲۴ | هڪ آنو. | |
| سنڌي ڪاپي (۳) | پريداس شوقيرام آڏواڻي | حيدرآباد: سرسوتي پريس، | ۱۸۹۴ع | ۱۰۰۰ | لٿو | ۲۴ | هڪ آنو. | |
| سنڌي ڪاپي (۴) | پريداس شوقيرام آڏواڻي | حيدرآباد: سرسوتي پريس، | ۱۸۹۴ع | ۱۰۰۰ | لٿو | ۲۴ | هڪ آنو. | |
| املهہ چوويڙي | ڏيومل ڪلياڻ چند | حيدرآباد: سرسوتي پريس. | ۱۸۹۵ع | ۷۵۰ | لٿو | ۲۴ | هڪ آنو. | |
| ڪاميٽي امتحان جا پيپر | موتيرام ميلهومل | حيدرآباد: سرسوتي پريس. | ۱۸۹۷ع | ۵۰۰ | ٽائيپ | ۱۰۰ | ٦ آنہ، | قيصريہ پريس، حيدرآباد. |
| پيو چاپو | | | ۱۹۰۰ع | ۱۰۰۰ | | ۱۱۲ | ۸ آنہ. | |
| سنڌي الف-ب | هريسنگ ڏنگومل | سکر: هريسنگ، | ۱۸۸۸ع | ۱۰۰۰ | لٿو | ۲ | ٦ پايون، | چشمہ نور پريس امرتسر. |
| بمبئي يونيورسٽي گپتراءِ مئٽرڪ امتحان جا سنڌيءَ ۾ پيپر ۱۸٦۲-۱۸٦٦ (ٽائيٽل انگريزيءَ ۾) | | بمبئي: ليڪ، | ۱۸۹۷ع | ۷۰۰ | لٿو | ۱۶ | ۴ آنہ، | چشمہ نور پريس، امرتسر. |
| گرمکي الف-ب | رامچند مورجمل | حيدرآباد: ليڪ | ۱۸۹۸ع | ۵۰۰۰ | ٽائيپ | ۱۴ | ٦ پايون، | قيصريہ پريس، حيدرآباد. |
| قصہ حڪايات عرف پير ڏنو شاهہ مفيد الطالبين | | شڪارپور: پوڪرداس، | ۱۸۹۷ع | ۷۵۰ | لٿو | ۴۴ | ۳ آنہ، ٦ پايون، | اسلاميہ پريس، لاهور. |

# معنائن جا ڪتاب ۽ سوال جواب

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| سنڌي سوال ۽ جواب | نولراءِ شوقيرام آڏواڻي | ڪراچي: وديا ونود پريس، | ١٨٦٧ع | ٥٠٠ | لٿو | ٨٤ | ١٢ آنہ. |
| مفيد الطالبين جي سنڌيءَ ۾ معنيٰ | روچيرام ماڻڪراءِ | سکر: ويلس پريس، | ١٨٨٣ع | ١٠٠٠ | لٿو | ٤٨ | ٤ آنہ. ايجوڪيشن سوسائٽي پريس، بمبئي. |
| سنڌي سونهن ٣ حصا (ٽائيٽل انگريزيءَ ۾) | جهمٽراءِ منگهومل | بمبئي: ليڪ، | ١٨٨٣ع | ٢٠٠٠ | ٽائيپ | ٣٨ | ٤ آنہ. ايجوڪيشن سوسائٽي پريس، بمبئي. |
| پڪي پهي جي لفظن جي معنيٰ | جهمٽراءِ منگهومل | ڪراچي: ليڪ، | ١٨٨٥ع | ٦٠٠ | ٽائيپ | ١٦ | هڪ آنو، ٣ پايون. ڪمشنر جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| آغاز فارسي جي لفظن جي سنڌي معنيٰ | هريسنگ ڏنگومل | سکر: هريسنگ، | ١٨٨٦ع | ٢٠٠ | ٽائيپ | ٣٠ | هڪ آنو، ويلس پريس، سکر. ٦ پايون. |
| نئين ڪتاب جي اهنجن لفظن جي معنيٰ | هريسنگ ڏنگومل | سکر: هريسنگ، | ١٨٨٧ع | ٢٠٠٠ | لٿو | ٢٤ | هڪ آنو، وڪٽوريہ پريس، ٣ پايون. سکر. |
| سنڌي ٻئي ڪتاب جي اهنجن لفظن جي معنيٰ | هريسنگ ڏنگومل | سکر: هريسنگ، | ١٨٨٧ع | ٠٠٠ | لٿو | ١٦ | ٩ پايون. وڪٽوريہ پريس، سکر. |
| سنڌي چوٿين ڪتاب جي اهنجن لفظن جي معنيٰ | هريسنگ ڏنگومل | سکر: هريسنگ، | ١٨٨٧ع | ٢٠٠٠ | لٿو | ٢٤ | هڪ آنو، وڪٽوريہ پريس ٣ پايون. سکر. |
| سنڌي پنجين ڪتاب جي اهنجن لفظن جي معنيٰ | هريسنگ ڏنگومل | سکر: هريسنگ، | ١٨٨٧ع | ٢٠٠٠ | لٿو | ٢٤ | هڪ آنو، وڪٽوريہ پريس، ٣ پايون. سکر. |
| سنڌي ڇهين ڪتاب جي اهنجن لفظن جي معنيٰ | هريسنگ ڏنگومل | سکر: هريسنگ، | ١٨٨٧ع | ١١٠٠ | لٿو | ٣٢ | هڪ آنو، وڪٽوريہ پريس، ٦ پايون. سکر. |
| ٻئي ڪتاب جي اهنجن لفظن جي معنيٰ | هريسنگ ڏنگومل | سکر: هريسنگ، | ١٨٨٨ع | ١٠٠٠ | لٿو | ٢٤ | ٩ پايون، چشمہ نور پريس امرتسر. |
| ٽئين ڪتاب جي اهنجن لفظن جي معنيٰ | هريسنگ ڏنگومل | سکر: هريسنگ، | ١٨٨٨ع | ١٠٠٠ | لٿو | ٤٠ | هڪ آنو، اسلاميہ پريس لاهور. |
| | | ٻيو ڇاپو | ١٨٨٩ع | | | ٤٤ | هڪ آنو، آمريڪن مشن ٣ پايون. پريس، لڌيانہ. |

## گرامر ۽ ڊڪشنريون

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| گرامر آف دي سنڌي لئنگويج (ٽائيٽل انگريزيءَ ۾) | ڊبليو ايچ واٿن | بمبئي: گورنمينٽ گزيٽ پريس، | ١٨٣٦ع | ؟ | ٽائيپ | ؟ | ؟ | ؟ |
| گرامر آف دي سنڌي لئنگويج (ديوناگري) | جارج اسٽئڪ | بمبئي: گورنمينٽ آف انڊيا، | ١٨٤٩ع | ؟ | ؟ | ؟ | ٻ روپيه، ٻ آنه، | آمريڪن مشن پريس، بمبئي. |
| گرامر آف دي سنڌي لئنگويج (ٽائيٽل انگريزيءَ ۾) اڳيڪو تبديل ٿي سنڌي گرامر يا وياڪرڻ ٿيو) | اڌارام ٿانورداس | ڪراچي: تعليم کاتو، | ١٨٥٧ع | ؟ | لٿو | ٤٥ . | ؟ | سنڌ نيوز پريس، ڪوٽڙي/حيدرآباد. |
| | | ٽيون ڇاپو | ١٨٦٧ع | ١٠٠٠ | لٿو | ١٣٨ | ٥ آنه. | |
| | | چوٿون ڇاپو | ١٨٧٠ع | | | ٩٩ | ٤ آنه. ٦ پايون. | |
| | | پنجون ڇاپو | ١٨٧١ع | | | ١٠٠ | | |
| | | ڇهون ڇاپو | ١٨٧٥ع | ٢٠٠٠ | | ٥١ | ٻ آنه. ٦ پايون. | وديا ونود پريس، ڪراچي. |
| | | ستون ڇاپو | ١٨٧٦ع | | | | ٻ آنه. ٩ پايون. | |
| | | اٺون ڇاپو | ١٨٧٩ع | ٢٠٠٠ | ٽائيپ | | | ڪمشنر جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| | | نائون ڇاپو | ١٨٨٢ع | ٥٠٠٠ | | | | |
| | | ڏهون ڇاپو | ١٨٨٧ع | ٥٠٠٠ | | | | |
| | | يارهون ڇاپو | ١٨٨٩ع | ١٠٠٠٠ | | ٦٨ | ٻ آنه. ٣ پايون. | سنڌ گزيٽ ۽ ڪمرشل پريس، ڪراچي. |
| | | ٻارهون ڇاپو | ١٨٩٢ع | ٢٠٠٠٠ | | ٧٠ | ٻ آنه. ٩ پايون. | مرڪنٽائيل پريس، ڪراچي. |

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| آف فرست پرائمري (انگريزي ۽ سنڌي) | ملڪاڻي | پريس، | | | | | | |
| فرسٽ ٽين اسٽوريز آف حڪايات سعدي (انگريزي-پارسي-سنڌي) | وسٽمل ڪشنچند ملڪاڻي | حيدرآباد: قيصريہ پريس، | ١٩٠٠ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ٣٠ | ٣ آنہ، ٦ پايون. | |

## رياضي

### آلجبرا

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ضبطي ڪتاب | سک لال | ڪراچي: تعليم ڪاتو، | ١٨٥٤ع | ١٠٠٠ | لٿو | ١٥ | ٤ آنہ، | اردشير جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| پيمانشي ڪتاب | خانداس منسارام | ڪراچي: تعليم ڪاتو، | ١٨٥٥ع | ١٢٠٠ | لٿو | ٦٩ | ٤ آنہ، | سنڌين پريس، ڪراچي. |
| ڪتاب جبر ۽ مقابلو | ننديرام ٿڌي مل ميراڻي؛ مترجم | ڪراچي: تعليم ڪاتو، | ١٨٥٩ع | ١٢٠٠ | لٿو | ٥٢٠ | هڪ روپيو ٥ آنہ، ٦ پايون، | تعليم ڪاتي جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| تحرير اقليدس (ڀاڱو پهريون ۽ ٻيو) | ڪوڙومل چندنمل کلناڻي | ڪراچي: تعليم ڪاتو، | ١٨٦٣ع | ٥٠٠ | لٿو | ؟ | ٦ آنہ، | تعليم ڪاتي جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| | | ٻيو ڇاپو | ١٨٧٠ع | ٥٠٠ | لٿو | ٧٤ | ٦ آنہ | |
| | | ٽيون ڇاپو | ١٨٧٤ع | ١٠٠٠ | | ٧ | | |
| | | چوٿون ڇاپو | ١٨٨١ع | ٣٠٠٠ | ٽائيپ | ١٤٧ | ٥ آنہ، | ڪمشنر جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| تحرير اقليدس (ڀاڱو ٽيون) | ڪوڙومل چندنمل کلناڻي | ڪراچي: تعليم ڪاتو، | ١٨٦٦ع | ٣٠٠ | لٿو | ؟ | | تعليم ڪاتي جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| پيمانشي ڪتاب | صادق علي مرزا | ڪراچي: تعليم ڪاتو، | ١٨٨٤ع | ٢٠٠٠ | ٽائيپ | ١٥٣ | ٣ آنہ، ٣ پايون، | ڪمشنر جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| آلجبرا | اوڌنمل سترامداس سڌاڻي؛ مترجم | ڪراچي: تعليم ڪاتو، | ١٨٩٣ع | ١٣٠ | ٽائيپ | ٥٢٤ | هڪ روپيو، ١٢ آنہ، | ڪمشنر جو ڇاپخانو، ڪراچي. |

## جاميٽري

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| سنڌي جاميٽري - حصہ اول | | ڪراچي: تعليم ڪاتو، | ١٨٦٢ع | ؟ | ؟ | ؟ | ؟ | تعليم ڪاتي جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| استعمالي جاميٽري | صادق علي مرزا، | ڪراچي: تعليم ڪاتو، | ١٨٨٨ع | ٥٠٠ | لٿو | ١٥١ | ٧ آنہ، | ڪمشنر جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| سطحي جاميٽري | صادق علي مرزا | ڪراچي: تعليم ڪاتو، | ١٨٨٨ع | ٥٠٠ | لٿو | ٢٦ | هڪ آنو، | ڪمشنر جو ڇاپخانو |

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | | | | | ۹ پايون. | ڪراچي. |
| ٻيو ڇاپو | | | ١٨٩٣ع | | | | | مرڪنٽائيل پريس ڪراچي. |
| پرنڪٽيڪل جاميٽري | گوپالداس لولا | سکر: ليکڪ، | ١٨٩٦ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ٦٨ | ٦ آنه | البرٽ پريس سکر. |
| جاميٽري جو پهريون ڪتاب | ڪوڙومل چندنمل ڪلثائي | ڪراچي: تعليم کاتو | ١٨٩٧ع | ١٠٠٠ | لٿو | ١٠٠ | ۴ آنه. ٦ پايون. | ڪمشنر جو ڇاپخانو ڪراچي. |

## انگي حساب

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ليکي جي پيڙهه | ننديرام ٿڌي مل ميراڻي | ڪراچي: تعليم کاتو | ١٨۵۴ع | ١٠٠٠ | لٿو | ؟ | ٨ آنه. | اردشير جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| سڌاريل | پربداس قسمتراء | | ١٨٦٩ع | | | ٨۵ | ۴ آنه. | تعليم کاتي جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| | ٻيو ڇاپو | | ١٨٧٠ع | | | ٨٩ | ۵ آنه. | |
| | ٽيون ڇاپو | | ١٨٧١ع | | | | | |
| | چوٿون ڇاپو | | ١٨٧٣ع | | | | | |
| | پنجون ڇاپو | | ١٨٧٩ع | | ٽائيپ | | | ڪمشنر جو |
| | ڇهون ڇاپو | | ١٨٨۴ع | | | ٩٢ | ۴ آنه. ٦ پايون. | ڇاپخانو، ڪراچي. |
| | ستون ڇاپو | | ١٨٨٩ع | | لٿو | ٩١ | | سنڌ پرنٽنگ پريس، ڪراچي. |
| ليکي جو ڪتاب ١ | خانداس منسارام | ڪراچي: تعليم کاتو، | ١٨۵۵ع | ١٩٨٩ | لٿو | ١١٢ | هڪ روپيو | سنڌين پريس، ڪراچي. |
| ليکي جو ڪتاب ٢ | خانداس منسارام | ڪراچي: تعليم کاتو، | ١٨۵٦ع | ٢٠٠٠ | لٿو | ؟ | هڪ روپيو | سنڌين پريس، ڪراچي. |
| ليکي جي پيڙهه (ديوناگري) | نارائڻ جڳنات وديا | ڪراچي: تعليم کاتو، | ١٨٦٩ع | ١٠٠٠ | لٿو | ٣٢ | هڪ آنو. | تعليم کاتي جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| | ٻيو ڇاپو | | ١٨٧٠ع | | | | | |
| | ٽيون ڇاپو | | ١٨٧١ع | | | | | |
| | چوٿون ڇاپو | | ١٨٨٣ع | | | ٢۴ | | ڪمشنر جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| | پنجون ڇاپو | | ١٨٩٢ع | ١٠٠٠ | | | | |

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| انگي حساب | ڪرشنا شاستري گودبولي | ڪراچي: تعليم کاتو، | ١٨٦٩ع | ١٠٠٠ | لٿو | ٧٢٤ | هڪروپيو، ٨ آنہ. | تعليم کاتي جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| | | ٻيو ڇاپو | ١٨٨٣ع | ١٠٠٠ | لٿو | ٥٢٨ | هڪ روپيو ٩ آنہ. | ڪمشنر جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| دل جا زباني حساب | ڪرشنا شاستري گودبولي | ڪراچي: تعليم کاتو، | ١٨٧٠ع | ١٠٠٠ | لٿو | ٢٧ | هڪ آنو. | تعليم کاتي جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| | | ٽيون ڇاپو | ١٨٧٤ع | | | | | |
| | | چوٿون ڇاپو | ١٨٧٦ع | | ٽائيپ | ٢٣ | هڪ آنو، ٣ پايون. | ڪمشنر جو ڇاپخانو ڪراچي. |
| | | پنجون ڇاپو | ١٨٧٧ع | | لٿو | ٢٢ | ٩ پايون. | |
| | | ڇهون ڇاپو | ١٨٨٢ع | ٥٠٠٠ | | | | |
| سنڌي ارٿميٽڪ (حسابن جو ڪتاب) | ڪوڙومل چندنمل کلناڻي | ڪراچي: تعليم کاتو، | ١٨٧٧ع | ٤٠٠٠ | لٿو | ١٥ | ٦ پايون. | ڪمشنر جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| | | ٻيو ڇاپو | ١٨٧٩ع | | | | | |
| ترڪيبي وات | اوڌنمل سترامداس سڌاڻي ۽ جهمتراء منگهومل گلراجاڻي | ڪراچي: تعليم کاتو، | ١٨٨٤ع | ٢٠٠٠ | ٽائيپ | ٥٠ | ٥ آنہ. | ڪمشنر جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| | | ٻيو ڇاپو | ١٨٩٤ع | ٤٠٠٠ | | | | مرڪنٽائيل پريس، ڪراچي. |
| گنجينہ حساب ڀاڱو ٻيو | عبدالحق | لاهور: ليڪ، | ١٨٨٨ع | ٧٥٠ | لٿو | ١٨٨ | ٣ روپيہ، ٦ پايون. | قمرالهند پريس، لاهور. |
| واڻن سان حساب (ڀاڱو پهريون) | رحيم بخش | لاهور: ليڪ، | ١٨٨٩ع | ٥٠٠ | لٿو | ١٢٠ | ٩ آنہ. | اسلاميہ پريس، لاهور. |
| ديسي حسابن جو ڪتاب | جهمٽمل نارومل وسٽاڻي | ڪراچي: تعليم کاتو، | ١٨٩٠ع | ٣٠٠٠ | ٽائيپ | ١٧٤ | ٩ پايون، | ڪمشنر جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| ديسي حسابن جو ڪتاب | جيٺانند ڪلنداس مامتاڻي | ڪراچي: ليڪ، | ١٨٩١ع | ١٠٠٠ | لٿو | ٧٢ | ٣ آنہ. | سنڌ پرنٽنگ پريس، ڪراچي. |
| انگي حساب | همتسنگ گاجسنگ | ڪراچي: تعليم کاتو، | ١٨٩٣ع | ٥١٥٠ | ٽائيپ | ٤١٤ | هڪروپيو، | ڪمشنر جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| واڻن سان انگي حساب (ڀاڱو ٽيون) | غلام محمد | لاهور: ليڪ، | ١٨٩٥ع | ١١٠٠ | لٿو | ٢١٢ | هڪروپيو، | اسلاميہ پريس، لاهور. |
| درسني هندي مشهور پند سودمند | ديولومل | لاهور: ليڪ | ١٨٩٥ع | ٧٥٠ | لٿو | ٢٠ | هڪ آنو، | اسلاميہ پريس، لاهور. |

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| واٽن سان نٽون انگي حساب حصو پهريون | پرسرام | لاهور: ليڪ، | ١٨٩٦ع | ٦٠٠ | لٿو | ٢٠٤ | ٣ آنا، ٦ پايون، | اسلاميه پريس، لاهور. |
| انگي حساب | اوڌنمل سترامداس سڌاڻي | ڪراچي: تعليم کاتو، | ١٨٩٧ع | ٥٠٠ | لٿو | ٨٤ | هڪ رپيو، ٤ آنا، | قيصريه پريس، حيدرآباد. |
| خيالي حساب | محمد صالح | لاهور: ليڪ، | ١٨٩٨ع | ٥٠٠ | لٿو | ٨٤ | ٣ آنا، ٦ پايون، | اسلاميه پريس، لاهور. |
| زباني حساب | پوڪرداس ٿانورداس | شڪارپور: پوڪرداس، | ١٨٩٩ع | ٧٥٠ | لٿو | – | ٦ پايون، | پوڪر پريس، شڪارپور. |
| زباني حساب ۽ جدولون | هيمراج | لاهور: ليڪ، | ١٩٠٠ع | ٧٥٠ | لٿو | ٢٦ | هڪ آنو، ٣ پايون، | اسلاميه پريس، لاهور. |
| ايليمينٽس آف ارٿميٽڪ فار فرسٽ ٿري انگلو ورنيڪيولر اسٽئنبرڊس (انگريزي ۽ سنڌي) | عبدالحق | ڪراچي: ليڪ، | ١٩٠٠ع | ؟ | ٽائيپ | ١٠٠ | ١٠ آنا، | وڪٽوريه پريس، ڪراچي. |

## ڪوڙا ۽ جدولون

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ڪوڙا | | ڪراچي: تعليم کاتو، | ١٨٧٥ع | ٦٠٠٠ | لٿو | ١٦ | ٦ پايون، | تعليم کاتي جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| | | بيو ڇاپو | ١٨٨٠ع | ١٢٠٠٠ | ٽائيپ | | | ڪمشنر جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| | | ٽيون ڇاپو | ١٨٨٤ع | ٢٠٠٠٠ | | | | سنڌ گزيٽ ۽ ڪمرشل پريس، ڪراچي. |
| | | چوٿون ڇاپو | ١٨٨٨ع | | | | | |
| | | پنجون ڇاپو | ١٨٩٢ع | ١٠٠٠٠ | | | | ڪمشنر جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| ڪوڙا (ديوناگري) | | ڪراچي: تعليم کاتو، | ١٨٧٥ع | ٤٠٠٠ | لٿو | ١٦ | ٦ پايون، | تعليم کاتي جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| | | بيو ڇاپو | ١٨٨٤ع | ١٠٠٠٠ | | | | |
| ڪوڙا (ديوناگري) | پوڪرداس ٿانورداس، | شڪارپور: پوڪرداس، | ١٨٩٨ع | ٢٠٠٠ | ٽائيپ | ١٦ | ٣ پايون، | پوڪر پريس، شڪارپور. |
| ڪوڙا | | حيدرآباد: سنڌ جوينائيل ڪوآپريٽو سوسائٽي، | ١٨٩٨ع | ٧٥٠ | لٿو | ١٦ | ٦ پايون، | قيصريه پريس، حيدرآباد. |

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| سنڌي انگريزي | هريسنگ دنگومل | سکر: ليڪ، | ١٨٨٣ع | ٢٠٠٠ | لٿو | ١٦ | هڪ آنو. | ويلس پريس، سکر. |
| جدول انگريزي سنڌي جدولون | چيناننډ ڪلڊاس مامتاڻي | ڪراچي: ليڪ | ١٨٩٦ع | ١٠٠٠ | لٿو | ١٥ | هڪ آنو | سنڌ پرنٽنگ پريس، ڪراچي. |
| سنڌي انگريزي جدول | گمبيل | لاهور: ليڪ، | ١٩٠٠ع | ١١٠٠ | لٿو | ١٢ | ٦ پايون، | اسلاميه پريس، لاهور، |
| سنڌي جدولون | وڏل شاهه | لاهور: ليڪ، | ١٩٠٠ع | ٥٠٠ | لٿو | ١٠ | ٦ پايون، | اسلاميه پريس، لاهور. |

## علم ڪيميا، نباتات، حياتيات ۽ ڪيتي جو هنر

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| علم ڪيميا | ڪوڙومل چندنمل ڪلناڻي | ڪراچي: تعليم کاتو. | ١٨٩٢ع | ٢٠٠٠ | ٽائيپ | ٢٢٧ | ٩ آنه. | مرڪنٽائيل پريس، ڪراچي. |
| علم حيات | | ڪراچي: تعليم کاتو. | ١٨٩٢ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ١١٩ | ٨ آنه. | ڪمشنر جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| آغاز علم نباتات | صادق علي مرزا | ڪراچي: تعليم کاتو. | ١٨٩٤ع | ٥٠٠ | ٽائيپ | ١٦٨ | ؟ | مرڪنٽائيل پريس، ڪراچي. |
| ڪيتي جو پهريون ڪتاب | ڪوڙومل چندنمل ڪلناڻي | حيدرآباد: قيصريه پريس، | ١٨٩٧ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ٥٢ | ٻه آنه. | |

## صحت ۽ صفائي

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| سينيٽري پرائمر | ڪوڙومل چندنمل ڪلناڻي | ڪراچي: تعليم کاتو. | ١٨٨٠ع | ٥٠٠ | ٽائيپ | ٥٤ | هڪ آنو، ٩ پايون. | ڪمشنر جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| نئون سينيٽري پرائمر | ڪوڙومل چندنمل ڪلناڻي | ڪراچي: تعليم کاتو. | ١٨٨٨ع | ٣٠٠٠ | ٽائيپ | ١٠٧ | ٣ آنه. ٣ پايون. | ڪمشنر جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| | | ٻيو ڇاپو | ١٨٩٣ع | ٥٠٠٠ | | | | مرڪنٽائيل پريس، ۾ ڇگ پلاڻي جو رستو جي نالي سان ڇپيو. |
| سينيٽري پرائمر | فقير محمد | لاهور: ليڪ، | ١٩٠٠ع | ٢٥٠ | لٿو | ٩٢ | ٦ آنه. ٦ پايون، | اسلاميه پريس، لاهور. |

## ڊرائينگ

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| چٽ جي پاڙ | خانداس منسارام | ڪراچي: تعليم کاتو. | ١٨٥٤ع | ؟ | لٿو | ٣٥ | ٣ آنه. | سنڌين پريس، ڪراچي. |

## ڌرتي نروار يا جاگرافي

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ڌرتي نروار (١) | ننديرام ٿڌي مل ميراڻي | ڪراچي: تعليم کاتو. | ١٨٥٤ع | ١٢٠٠ | لٿو | ٩٥ | ٨ آنه. | سنڌ نيوز پريس، ڪوٽڙي. |
| ڌرتي نروار (٢) | ننديرام ٿڌي مل | ڪراچي: تعليمي کاتو. | ١٨٦٤ع | ١٥٠٠ | لٿو | ؟ | ؟ | تعليم کاتي جو |

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | | | | | | چاپخانو، ڪراچي. |
| دنيا جو نقشو | | ڪراچي: تعليم کاتو، | ١٨٥٤ع | ١٥٠ | لٿو | هڪ شيٽ | ٨ آنا. | |
| آڪاس نروار | ميران محمد شاهه | ڪراچي: تعليم کاتو، | ١٨٥٦ع | ؟ | لٿو | ٦١ | ٤ آنا. | سنڌين پريس، ڪراچي. |
| سنسار نروار | ننديرام ٽڏي مل ميراڻي | ڪراچي: تعليم کاتو، | ١٨٦١ع | ٢٠٠ | لٿو | ٢٠٧ | ٤ آنا. | تعليم کاتي جو چاپخانو، ڪراچي. |
| سيڪاڻتو نروار | ننديرام ٽڏي مل ميراڻي | ڪراچي: تعليم کاتو، | ١٨٦١ع | ١٥٠٠ | لٿو | ٩٤ | ٤ آنا. | تعليم کاتي جو چاپخانو، ڪراچي. |
| جغرافيہ الجديد ڀاڱو پهريون | ننديرام ۽ مهاديو شاستري | ڪراچي: تعليم کاتو، | ١٨٦١ع | ١٥٠٠ | لٿو | ٢٤٦ | ٩ آنا. | تعليم کاتي جو چاپخانو، ڪراچي. |
| املهہ علم طبعي | ڪوڙومل چندنمل ڪلناڻي | ڪراچي: تعليم کاتو، | ١٨٦٨ع | ٥٠٠ | لٿو | ٣٠١ | ؟ | وديا ونود پريس، ڪراچي. |
| سٽريل ٽہ جلدي ٻيو ڇاپو | هريسنگ ڏنگومل ۽ آئلمل | سکر: ليکڪ، | ١٨٨٥ع | ٢٠٠٠ | ٽائيپ | ١٥٢ | ٦ آنا. ٦ پايون. | ويلس پريس، سکر. |
| | | چوٿون ڇاپو | ١٨٩٤ع | ٧٥٠ | لٿو | ١٢٤ | | مصطفائي پريس، لاهور. |
| فزيڪل جاگرافي سوال ۽ جواب | تاراچند شوقيرام آڏواڻي | ڪراچي: تعليم کاتو، | ١٨٨٥ع | ٥٠٠ | لٿو | ٢٩ | هڪ آنو. ٦ پايون. | ڪمشنر جو چاپخانو، ڪراچي. |
| دنيا جي جنرل جاگرافي | تاراچند شوقيرام آڏواڻي | ڪراچي: تعليم کاتو، | ١٨٨٦ع | ٥٠٠ | لٿو | ١٨٠ | ٦ آنا. ٦ پايون. | ڪمشنر جو چاپخانو، ڪراچي. |
| ٽہ جلدي يعني جهان جي جاگرافي ۽ علم طبعي ۽ سينيٽري پرائمر جا سوال جواب | هريسنگ ڏنگومل | سکر: هريسنگ، | ١٨٨٨ع | ٧٥٠ | لٿو | ١٤٤ | ٦ آنا. ٦ پايون. | چشمہ نور پريس، امرتسر ۾ ڇپيو. |
| جهان جي جاگرافي | جمال الدين | لاهور: ليکڪ، | ١٨٩٤ع | ٧٥٠ | لٿو | ٣٢ | ٣ آنا. | اسلاميہ پريس، لاهور. |
| ٽہ جلدي علم طبعي | واحد بخش | لاهور: ليکڪ، | ١٨٩٤ع | ٥٠٠ | لٿو | ٤٠ | ٣ آنا. | اسلاميہ پريس، لاهور. |
| جاگرافي دنيا ست جلدي | پوڪرداس ٿانورداس | شڪارپور: پوڪرداس، | ١٨٩٩ع | ٥٠٠ | لٿو | ٢٥٠ | ٧ آنا. | اسلاميہ پريس، لاهور. |

## مختلف کندن جي جاگرافي

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| جاگرافي جلد اول (يورپ، آفريڪا ۽ آمريڪا) | -- | ڪراچي: تعليم کاتو، | ١٨٦٢ع | ؟ | ؟ | ؟ | ؟ | تعليم کاتي جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| ٻہ ڪنڊي جاگرافي يعني ايشيا ۽ يورپ جو مختصر نروار | هريسنگ ڏنگومل | سکر: هريسنگ | ١٨٨٤ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ٤١ | ٣ آنہ، | ويلس پريس، سکر. |
| | | ٻيو ڇاپو | ١٨٨٨ع | ٧٥٠ | | | ٤ آنہ، | وڪٽوريہ پريس، سکر. |
| | | ٽيون ڇاپو | ١٨٨٩ع | | | | ٻہ آنہ، | اسلاميہ پريس لاهور. |
| | | پنجون ڇاپو | ١٨٩٤ع | ٧٥٠ | لٿو | ٤٨ | | اسلاميہ پريس لاهور. |
| آفريڪا ۽ آمريڪا جي مختصر جاگرافي | هريسنگ ڏنگومل | سکر: هريسنگ، | ١٨٨٤ع | ١٠٠٠ | لٿو | ٩٢ | ٦ آنہ، | وديا ونود پريس، ڪراچي. |
| انگلينڊ ۽ آمريڪا جي مختصر جاگرافي | هريسنگ ڏنگومل | سکر: هريسنگ، | ١٨٨٤ع | ١٠٠٠ | لٿو | ٩٢ | ٦ آنہ، | وديا ونود پريس، ڪراچي. |
| ٻہ ڪنڊي جاگرافي | واحد بخش | لاهور: ليکڪ، | ١٨٩٣ع | ٧٥٠ | لٿو | ٣٦ | ٻہ آنہ، ٦ پايون، | اسلاميہ پريس لاهور. |
| آفريڪا، آمريڪا ۽ اوشنيا جي جاگرافي | ٻگومل تلسيداس سڄاڻسنگهاڻي | حيدرآباد: ليکڪ، | ١٨٩٣ع | ٢٥٠٠ | ٽائيپ | ٩٩ | ؟ | مرڪنٽائيل پريس، ڪراچي. |
| جاگرافي ايشيا ۽ يورپ | محمد يوسف | ڪراچي: محمد يوسف، ڪتب فروش | ١٨٩٧ع | ٥٠٠ | لٿو | ٦٤ | ٣ آنہ، ٦ پايون. | اسلاميہ پريس، لاهور. |

## يورپ جي جاگرافي

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| يورپ کنڊ جي جنرل جاگرافي | تاراچند شوقيرام آڏواڻي | ڪراچي: تعليم کاتو، | ١٨٨٥ع | ٥٠٠ | لٿو | ٣٦ | ٻہ آنہ، ٦پايون. | وديا ونود پريس، ڪراچي. |
| يورپ کنڊ جي تفصيلوار جاگرافي | تاراچند شوقيرام آڏواڻي | ڪراچي: تعليم کاتو، | ١٨٨٦ع | ٥٠٠ | لٿو | ٥٦ | ٻہ آنہ، ٦پايون. | مرڪنٽائيل پريس، ڪراچي. |
| يورپ کنڊ جي جاگرافي | ٻگومل تلسيداس سڄاڻسنگهاڻي | حيدرآباد: ليکڪ، | ١٨٩٣ع | ٢٠٠٠ | ٽائيپ | ٥٦ | ؟ | قيصريہ پريس، حيدرآباد. |
| | | ٻيو ڇاپو | ١٩٠٠ع | | | ٧٢ | | |

## ايشيا کنڊ جي جاگرافي

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ايشيا کنڊ جي جنرل جاگرافي | تاراچند شوقيرام آڏواڻي | ڪراچي: تعليم کاتو، | ١٨٨٥ع | ١٠٠٠ | لٿو | ٣٨ | ٻہ آنہ، | وديا ونود پريس، ڪراچي. |
| ايشيا کنڊ جي جنرل جاگرافي، | عبدالحق | لاهور: ليکڪ، | ١٨٨٨ع | ٧٠٠ | لٿو | ٢٦ | هڪ آنو، | قمرالهند پريس، لاهور. |

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| هندستان جي مختصر نروار سميت | | | | | | | | |
| ايشيا کنڊ جي جاگرافي | بگومل تلسيداس سجانسنگهاڻي | حيدرآباد: ليک، | ١٨٩٣ع | ٢٠٠٠ | ٽائيپ | ١١٤ | ٨ آنہ، | مرڪنٽائيل پريس، ڪراچي. |
| ايشيا کنڊ جي مختصر جاگرافي | جمال الدين | لاهور: ليک، | ١٨٩٨ع | ٥٠٠ | لٿو | ٥٢ | ٣ آنہ، | اسلاميه پريس، لاهور. |

## انگلينڊ جي جاگرافي

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| نارمل اسڪولن جي شاگردن لاءِ انگلينڊ جو نقشو | تاراچند شوقيرام آڏواڻي | ڪراچي: تعليم کاتو، | ١٨٨٦ع | ٥٠٠ | لٿو | هڪ شيٽ | هڪ آنو، | ڪمشنر جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| نوٽ بُڪ آف جاگرافي آف برٽش آئلس پارٽ ون (انگريزي ۽ سنڌي) | -- | حيدرآباد: قيصريه پريس، | ١٨٩٦ع | ٥٠٠ | ٽائيپ | ٥٢ | ٢ آنہ، ٦ پايون، | |

## هندستان جي جاگرافي

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| هندستان جو نقشو (سنڌي ۽ هندستاني) | واسديو | بمبئي: تعليم کاتو، | ١٨٦٩ع | ١٠٠٠ | لٿو | هڪ شيٽ | ٥ روپيہ، ٨ آنہ، | ايڊيوڪيشن سوسائٽي پريس، بمبئي. |
| هندستان جي جاگرافي | اتمچند تاراچند | ڪراچي: تعليم کاتو، | ١٨٧٨ع | ٥٠٠ | لٿو | ٢٣ | ٣ آنہ، ٦ پايون. | ودياونود پريس، ڪراچي. |
| هندستان جو مختصر نروار | محمد رمضان آخوند | سکر: ليک، | ١٨٨٢ع | ٢٠٠٠ | لٿو | ٢٥ | ٻہ آنہ، | ويلس پريس، سکر. |
| | | ٻيو ڇاپو | ١٨٨٦ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | | | |
| هندستان جي مختصر جاگرافي | هريسنگ ڏنگومل | سکر: هريسنگ، | ١٨٨٥ع | ١٠٠٠ | لٿو | ٤٠ | ٻہ آنہ، | ودياونود پريس، ڪراچي. |
| | | ٻيو ڇاپو | ١٨٨٥ع | | ٽائيپ | ٢٤ | | |
| | | ٽيون ڇاپو | ١٨٨٩ع | ٧٥٠ | | ٢٨ | ٻہ آنہ، ٦ پايون. | اسلاميه پريس، لاهور. |
| | | چوٿون ڇاپو | ١٨٩١ع | | | ٣٤ | ٻہ آنہ، | مصطفائي پريس لاهور. |
| هندستان جي مختصر سنٽريل جاگرافي | هريسنگ ڏنگومل ۽ عبدالجبار | سکر: ليک، | ١٨٨٥ع | ١٠٠٠ | | ٣٦ | ٻہ آنہ، | |

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| | | پنجون ڇاپو | ١٨٨٥ع | ٥٠٠٠ | | | | |
| | | ڇهون ڇاپو | ١٨٨٧ع | ١٣٠٠٠ | | | | |
| | | ستون ڇاپو | ١٨٩٠ع | ١٥٠٠٠ | | | | |
| سنڌ جو مختصر نروار (ديوناگري) | محمد رمضان آخوند | ڪراچي: تعليم کاتو. | ١٨٨٢ع | ٥٠٠٠ | ٽائيپ | ٢٠ | ٩ پايون. | ڪمشنر جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| سنڌ جو ذرتي نروار | بولچند ڪوڙومل | ڪراچي: تعليم کاتو. | ١٨٩٣ع | ٥٠٠٠ | ٽائيپ | ١٥٥ | ٤ آنہ. | مرڪنٽائيل پريس، ڪراچي. |
| سنڌ جي مختصر جاگرافي | محمد يوسف | ڪراچي: محمد يوسف ڪتب فروش. | ١٨٩٤ع | ٥٠٠ | لٿو | ١٦٨ | ١٢ آنہ. | اسلاميہ پريس، لاهور. |
| سنڌ جي سهنجي مختصر جاگرافي | محمد يوسف | ڪراچي: محمد يوسف ڪتب فروش. | ١٨٩٤ع | ٥٠٠ | لٿو | ٥٢ | ٻہ آنہ. | اسلاميہ پريس، لاهور. |
| مختصر جاگرافي سنڌ | ٽوپڻداس | لاهور: ليڪ. | ١٨٩٤ع | ٧٥٠ | لٿو | ٦ | ٻہ آنہ. | اسلاميہ پريس لاهور. |
| سنڌ جي مختصر جاگرافي | فقير محمد | لاهور: ليڪ. | ١٨٩٨ع | ٥٠٠ | لٿو | ٣٤ | ٻہ آنہ. | مفيد عام پريس، لاهور. |
| سنڌ جي سهنجي جاگرافي | پوڪرداس ٽانورداس. | شڪارپور: پوڪرداس. | ١٩٠٠ع | ٢٠٠٠ | ٽائيپ | ١٤ | هڪ آنو. | البرٽ پريس، سکر. |

## دنيا جي تواريخ

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| دنيا جي مختصر تواريخ | اڌارام ٽانورداس ۽ نولراءِ شوقيرام آڏواڻي | ڪراچي: تعليم کاتو. | ١٨٧٣ع | ١٠٠٠ | لٿو | ١٣٤ | ٦ آنہ. | تعليم کاتي جو ڇاپخانو، ڪراچي. |

## تواريخ آمريڪا

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ڪولمبس جي تواريخ | ڪوڙومل چندنمل کلناڻي | ڪراچي: تعليم کاتو. | ١٨٦٢ع | ١٠٠٠ | لٿو | ؟ | ؟ | تعليم کاتي جو ڇاپخانو، ڪراچي. |

## انگلينڊ جي تواريخ

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| منتخب تواريخ انگلينڊ | واڌومل چنديرام | ڪراچي: تعليم کاتو. | ١٨٦٢ع | ٥٠٠ | لٿو | ٢٢ | ١١ آنہ. | وديا ونود پريس، ڪراچي. |
| انگلينڊ جي تواريخ ڀاڱو پهريون | پريداس انندرام مترجم | ڪراچي: تعليم کاتو. | ١٨٦٨ع | ٥٠٠ | لٿو | ٤٠٠ | هڪ روپيو. | تعليم کاتي جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| انگلينڊ جي تواريخ باب ١٤-٢٥ | واڌومل چنديرام ۽ پريداس انندرام | ڪراچي: تعليم کاتو. | ١٨٧١ع | ٥٠٠ | لٿو | ٣٥٠ | ١٤ آنہ. | تعليم کاتي جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| | | ٻيو ڇاپو | ١٨٧٤ع | | | ٤٦ | | |
| انگلينڊ جي تواريخ ڀاڱو پهريون | تاراچند شوقيرام آڏواڻي | ڪراچي: تعليم کاتو. | ١٨٨٦ع | ٥٠٠ | ٽائيپ | ٧٩ | ٦ آنہ. | ڪمشنر جو ڇاپخانو، ڪراچي. |

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| انگلينڊ جي تواريخ پاڱو ٻيو | تاراچند شوقيرام آڏواڻي | ڪراچي: تعليم کاتو. | ١٨٨٦ع | ٥٠٠ | ٽائيپ | ٥٢ | ٣ آنہ. | ڪمشنر جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| انگلينڊ جي تواريخ | بولچند ڪوڏومل جڳتياڻي | ڪراچي: تعليم کاتو. | ١٨٩٢ع | ٣٠٠٠ | ٽائيپ | ٥٦٧ | ہ روپيا. | ڪمشنر جو ڇاپخانو، ڪراچي. |

## هندستان جي تواريخ

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| هندستان جي تواريخ | غلام علي قاضي | ڪراچي: تعليم کاتو. | ١٨٥٥ع | ١١٧٠ | لٿو | ؟ | ١٠ آنہ. | سنڌ نيوز پريس، ڪوٽڙي. |
| هندستان جي تواريخ | پريداس قسمتراءِ تولاراماڻي | ڪراچي: تعليم کاتو. | ١٨٦٣ع | ؟ | ؟ | ؟ | ؟ | تعليم کاتي جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| | | ٻيو ڇاپو | ١٨٨٤ع | ٣٠٠٠ | ٽائيپ | ٢٧١ | ١٢ آنہ. | ڪمشنر جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| | | ٽيون ڇاپو | ١٨٩٢ع | | | ٤٨٥ | هڪ روپيو، ٦ آنہ. | سنڌ گزيٽ ۽ ڪمرشل پريس، ڪراچي. |
| هندستان جي مختصر تواريخ | پريداس قسمتراءِ تولاراماڻي | ڪراچي: تعليم کاتو. | ١٨٧٣ع | ١٠٠٠ | لٿو | ٦٩-١٤ | ٥ آنہ. ٤ پايون. | تعليم کاتي جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| | | ٻيو ڇاپو | ١٨٧٤ع | ٢٠٠٠ | ٽائيپ | ٢٣،١١٤ | | ڪمشنر جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| | | ٽيون ڇاپو | ١٨٧٦ع | ١٠٠٠ | | ٢٤،١٠٨ | | |
| | | چوٿون ڇاپو | ١٨٧٨ع | | | ٢٠٢ | ٩ آنہ. ٣ پايون. | |
| | | پنجون ڇاپو | ١٨٧٩ع | ٢٠٠٠ | | ١٣٢ | ٤ آنہ. | |
| هندستان جي مختصر تواريخ (ديوناگري) | پريداس قسمتراءِ تولاراماڻي* | ڪراچي: تعليم کاتو. | ١٨٧٨ع | ؟ | ؟ | ٣٢،١٦٠ | ؟ | |
| | | چوٿون ڇاپو | ١٨٧٩ع | ١٠٨ | | ٢٤ | | |
| هندستان جي مختصر تواريخ | جمعتراءِ منگھومل گلراجاڻي | ڪراچي: تعليم کاتو. | ١٨٨٠ع | ١٠٠٠ | لٿو | ٩٦ | ٨ آنہ. | وديا ونود پريس، ڪراچي. |
| هندستان جي مختصر تواريخ پاڱو ٻيو | گل محمد | لاهور: ليڪ. | ١٨٨٨ع | ؟ | ؟ | ٤٨ | ؟ | |
| هندستان جي مختصر تواريخ پاڱو ٻيو | عبدالحق | لاهور: ليڪ. | ١٨٨٨ع | ٥٠٠ | لٿو | ٤٨ | ٤ آنہ. | قمرالهند پريس، لاهور. |
| هندستان جي مختصر تواريخ پاڱو ٻيو | هريسنگ ڏنگومل | سکر: هريسنگ. | ١٨٨٨ع | ٧٥٠ | لٿو | ٤٨ | ٤ آنہ. | چشمہ نور پريس امرتسر ۾ ڇپيو. |

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| نوٽ بُڪ تواريخ هند ڀاڱو ٻيو | واحد بخش | لاهور: ليکڪ، | ١٨٩٢ع | ٥٠٠ | لٿو | ؟ | ٣ آنہ | اسلاميہ پريس، لاهور. |
| هندستان جي مختصر تواريخ | واحد بخش | لاهور: ليکڪ، | ١٨٩٣ع | ٧٥٠ | لٿو | ٩٦ | ٦ آنہ | اسلاميہ پريس، لاهور. |
| هندستان جي مختصر تواريخ ڀاڱو پهريون | هريسنگ ڏنگومل | سکر: هريسنگ، | ١٨٩٣ع | ٧٥٠ | لٿو | ٦٤ | ٥ آنہ | اسلاميہ پريس، لاهور. |
| | | ٻيو ڇاپو | ١٨٩٤ع | | | ٤٠ | ٤ آنہ | مصطفائي پريس، لاهور. |
| هندستان جي مختصر تواريخ ڀاڱو پهريون | ٽڏارام | لاهور: ليکڪ، | ١٨٩٣ع | ٧٥٠ | لٿو | ٩٠ | ٦ آنہ، ٦ پايون. | اسلاميہ پريس، لاهور. |
| هندستان جي مختصر تواريخ ڀاڱو پهريون | واحد بخش | لاهور: ليکڪ، | ١٨٩٤ع | ٧٥٠ | لٿو | ٩٦ | ٦ آنہ، ٦ پايون. | اسلاميہ پريس، لاهور. |
| هندستان جي مختصر تواريخ | جمال الدين | لاهور: ليکڪ، | ١٨٩٤ع | ٧٥٠ | لٿو | ٣٨ | ٤ آنہ | اسلاميہ پريس، لاهور. |
| هندستان جي منتخب تواريخ ڀاڱو پهريون | پرتاٻراءِ ٽيڪمداس واڌواڻي | حيدرآباد: ليکڪ، | ١٨٩٥ع | ٧٥٠ | لٿو | ١٤٤ | ٦ آنہ، ٦ پايون، | سرسوتي پريس، حيدرآباد. |
| هندستان جي مشهور ڳالهين جو اختصار | پرتاٻراءِ ٽيڪمداس واڌواڻي | حيدرآباد: ليکڪ، | ١٨٩٥ع | ٤٥٠ | لٿو | ٦٠ | ٤ آنہ | سرسوتي پريس، حيدرآباد. |
| تواريخ هندستان | تيجومل عالمچند | حيدرآباد: ليکڪ، | ١٨٩٨ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ٣٨٨ | هڪ رپيو، ٤ آنہ. | قيصريہ پريس، حيدرآباد. |
| هندستان جي تاريخ | ٻگومل تلسيداس سجانسگهاڻي | حيدرآباد: ليکڪ، | ١٨٩٩ع | ٣٠٠٠ | ٽائيپ | ١٥٢ | ١٢ آنہ | قيصريہ پريس، حيدرآباد. |
| هندستان جي مختصر تواريخ | گيمچند شيوڪرام آڏواڻي | حيدرآباد: ليکڪ، | ١٨٩٩ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ٣٦ | ٣ آنہ | قيصريہ پريس، حيدرآباد. |
| هندستان جي مختصر تواريخ | فقير محمد | لاهور: ليکڪ، | ١٨٩٩ع | ٧٥٠ | لٿو | ٩٤ | ٦ آنہ | اسلاميہ پريس، لاهور. |

## سنڌ جي تواريخ

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| سنڌ جي تواريخ (معصومي) | ننديرام ٽلڏي مل: مترجم | ڪراچي: تعليم کاتو، | ١٨٦١ع | ؟ | لٿو | ٣٦٨ | هڪ رپيو، ٤ آنہ. | مفرح القلوب پريس، ڪراچي. |
| سنڌ جي مختصر تواريخ | آلومل ٽيڪمداس | ڪراچي: تعليم کاتو، | ١٨٦٨ع | ١٠٠٠ | لٿو | ٣٤ | هڪ آنو، ٦ پايون. | تعليم کاتي جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| | | ٻيو ڇاپو | ١٨٦٩ع | ٢٠٠٠ | | | | |
| | | ٽيون ڇاپو | ١٨٧١ع | | | | | |

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| | | چهون ڇاپو | ١٨٧٦ع | | ٽائيپ | ٢٣ | هڪ آنو، ٩ پايون. | ڪمشنر جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| | | ستون ڇاپو | ١٨٨١ع | | | ٣١ | هڪ آنو، ٦ پايون. | |
| | | انون ڇاپو | ١٨٨٢ع | ٥٠٠٠ | | | ٻہ آنہ | |
| | | نائون ڇاپو | ١٨٨٨ع | ٣٠٠٠ | | ٦٧ | | سنڌ گزيٽ ۽ ڪمرشل پريس، ڪراچي. |
| | | ڏهون ڇاپو | ١٨٨٩ع | ١٠٠٠ | | ١٠٤ | ٦ آنہ | |
| سنڌ جي مختصر تواريخ (ديوناگري) | آلومل ٽيڪمداس | ڪراچي: تعليم کاتو، | ١٨٧١ع | ١٠٠٠ | لٿو | ٤٨ | ٻہ آنہ | تعليم کاتي جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| | | ٽيون ڇاپو | ١٨٨٠ع | | ٽائيپ | | ٻہ آنہ، ٦ پايون. | ڪمشنر جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| | | چوٿون ڇاپو | ١٨٨٩ع | | | ١٠٤ | ٦ آنہ | |
| سنڌ جي تواريخ (ديوناگري) | محمد رمضان آخوند | ڪراچي: تعليم کاتو، | ١٨٧٦ع | ٣٠٠٠ | ٽائيپ | ٢١ | هڪ آنو، | ڪمشنر جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| سنڌ جي تمام مختصر تواريخ | هريسنگ ڏنگومل | سکر: هريسنگ، | ١٨٨٦ع | ٢٠٠٠ | ٽائيپ | ٤٢ | هڪ آنو، | ويلس پريس، سکر. |
| | | ٻيو ڇاپو | ١٨٨٨ع | ٧٥٠ | لٿو | | ٤ آنہ | وڪٽوريہ پريس، سکر. |
| | | ٽيون ڇاپو | ١٨٨٩ع | | | ٤٠ | هڪ آنو، ٦ پايون. | اسلاميہ پريس، لاهور. |
| | | چوٿون ڇاپو | ١٨٩١ع | | | | | |
| سنڌ جي سهنجي مختصر تواريخ | عبدالحق | لاهور: ليڪڪ، | ١٨٨٨ع | ٧٠٠ | لٿو | ٣٦ | ٦ آنہ، ٦ پايون. | قمرالهند پريس، لاهور. |
| سنڌ جي تمام مختصر تواريخ | محمد اسلم | لاهور: ليڪڪ، | ١٨٩١ع | ٥٠٠ | لٿو | ٣٢ | ٻہ آنہ، ٦ پايون. | مجتبائي پريس، لاهور. |
| | | ٻيو ڇاپو | ١٨٩٤ع | ٧٥٠ | | ٦٤ | | اسلاميہ پريس، لاهور. |
| تواريخ سنڌ سوال ۽ جواب | پوڪرداس ٿانورداس | شڪارپور: پوڪرداس، | ١٨٩٧ع | ٧٥٠ | لٿو | ٥٠ | ٻہ آنہ، ٦ پايون. | اسلاميہ پريس، لاهور. |
| | | ٻيو ڇاپو | ١٩٠٠ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | | | البرٽ پريس، سکر. |
| سنڌ جي تمام مختصر تواريخ | ڪيمچند شيوڪرام آڏواڻي | حيدرآباد: ليڪڪ، | ١٨٩٨ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ٧٢ | ٣ آنہ، | قيصريہ پريس، حيدرآباد. |
| ميرن جي لڙائي | پرمانند ميرارام ملڪاڻي | حيدرآباد: ليڪڪ، | ١٨٩٨ع | ٥٠٠ | ٽائيپ | ١٢ | ٣ آنہ، | قيصريہ پريس، حيدرآباد. |
| سنڌ جي مختصر تواريخ | جمال الدين | لاهور: ليڪڪ، | ١٨٩٩ع | ٥٠٠ | لٿو | ٦٠ | ٻہ آنہ، ٦ پايون. | اسلاميہ پريس لاهور. |

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| سـتاريل سوال جواب تواريخ سنڌ | هوتچند | لاهور: ليڪڪ، | ١٨٩٩ع | ٧٥٠ | لٿو | ٦٠ | ہ آنہ، | مصطفاني پريس، لاهور. |
| تواريخ سنڌ سوال ۽ جواب | پوڪرداس ٽانورداس | شڪارپور: پوڪرداس، | ١٩٠٠ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ؟ | ہ آنہ، ٦ پايون، | البرٽ پريس، سکر. |

هن کان پوءِ ديني ڪتابن جو تذڪرو ڪيو ويندو.

## REFERENCES.


1. Trott to Collector of Karachi, Selections from the Records of Commissioner in Sindh, No. 163, 8 February, 1858.
2. "Report of the Educational Inspector in Sindh" in Report on Public Instruction in the Bombay, Presidency 1868-69 (Bombay: Education Society's Press, 1869), App. A-4, p.214.V/24.
3. "Report of the Educational Inspector in Sindh" in Report on Public Instruction in the Bombay Presidency 1871-72 (Bombay: Education Society's Press, 1872), App.5, p. 460. V/24.
4. General report on administration of the Bombay Presidency 1857-58 (Bombay: Government Central Press, 1858), P. 469.V/10.
5. General report on administration of the Bombay Presidency 1891-92 (Bombay: Government Central Press, 1892), p.32. V/10.
6. Frere to Collector of Karachi, Records of Commissioner in Sindh, No. 3336, 20 October 1855.
7. "Report of the Educational Inspector in Sindh" in Report on Public Instruction in the Bombay Presidency 1859-60 (Bombay: Education Society's Press, 1860), p.45. V/24.
8. Frere to Collector of Karachi, Records of Commissioner in Sindh, No. 3649, 20 November 1855.


## Other Sources Consulted


1. Blumhardt, J.F. Catalogue of the Library of The India Office Vol.II part III: Hindi, Punjabi, Pushto and Sindhi books. London: 1902. Personally examined some selected books in the Library.
2. Blumhardt, J.F. Catalogues of the Hindi, Punjabi, Sindhi and Pushto printed books in the library of the British Museum. London: 1893.
3. Butt, Allah Rakhio. The Nineteenth-Century booktrade in Sindh, Ph.D thesis, University of Wales, 1988.
4. Catalogue of books printed in the Bombay Presidency 1868-1900. Bombay: Central Government Press, 1869-1900 SV 412.
5. Institute of Sindhology Library, Sindhi books in the Oriental Section. Personally examined Nineteenth-Century printed textbooks in the library.

Institute of Sindhology Jamshoro Sind

# باب نامو

سِنڌِيَانِ ٿو باب نامُوان ڏِي لاءِ

جِهِ جوڙِيو آهي جگ جي جوڙڻ واه

## اِئيو ٻيتا

ا ب ٻ ت ٿ ٽ ث پ ڦ ج ڄ جھ

ڃ چ ڇ ح خ د ڌ ڏ ڊ ڍ ذ ر ڙ ز س ش ص ض

ط ظ ع غ ف ڦ ق ڪ ک گ ڳ گھ ڱ ل م ن ڻ و ھ

ء ي ✱

## زَبَرَ سانُ پڙهڻ اکر

اَ بَ ٻَ تَ ٿَ ٽَ ثَ پَ ڦَ جَ ڄَ جھَ

ڃَ چَ ڇَ حَ خَ دَ ڌَ ڏَ ڊَ ڍَ ذَ رَ ڙَ زَ سَ شَ صَ ضَ طَ ظَ عَ

فَ قَ ڪَ کَ گَ ڳَ گھَ ڱَ لَ مَ نَ ڻَ وَ هَ ءَ يَ ✱

# تحرير اقليدس

سنڌ جي ڏيهي اسڪولن جي ڪم لاءِ

هي پهريان ٻه ڪتاب تحرير اقليدس جا جي سال ١٨٦٣ع

۾ پهريون ڀيرو ڇپيا هوا سي تنهي مسٽر ڪوٽرهل

چندنمل ڪلناڻي هيڊ ماسٽر نارمل اسڪول حيدرآباد

سنڌي جنهن جا اصلي انگريزي تان ترجمو

ڪيل هوا

تنهن واري سڌاري تيار ڪيا

تعليم کاتي جي ڇاپخاني ۾ ڇپيا

سنه ١٨٦٨

ڇاپو ٻيو

جلد ٥٠٠ ڪراچي قيمت ٠-٦-٠

# ٽيون ڪتاب

هي ڪتاب منشي پربداس انند رام هيڊ ماسٽر نارمل

اسڪول سکر جي جوڙيو

مسٽر جوهرمل ڪندمل بي اي سنواري تعليم کاتي

لاءِ تيار ڪيو

## ٽيون ڇاپو

ڪراچي

جلد ۱۰۰۰ قيمت في جلد -۸-

سنه ۱۸۶۸

تعليم کاتي جي سرڪاري ڇاپخاني ۾ ڇپيو

SINDEE FOURTH BOOK.

PREPARED BY

**PRIBDASS ANUNDRAM,**

AND PUBLISHED BY THE

# EDUCATIONAL DEPARTMENT

*For the use of Vernacular Schools.*

IN TWO PARTS.

## PART II.

سنڌي چوٿون ڪتاب

منشي پريداس انندرام تيار ڪيو ۽ تعليم کاتي جي ڇاپخاني

منجهه سنڌي اسڪولن لاءِ ڇپيو

ٻه ڀاڱان

ٻيو ڀاڱو

• سنه ١٨٦٦ •

جلد ١٠٠٠ — 1866. — قيمت في جلد اٺ آنا

**Price 8 Annas.**

THIRD AND FOURTH BOOKS OF EUC

TRANSLATED BY

**KOWRAMAL CHANDAMAL,**

AND PUBLISHED BY

# THE EDUCATIONAL DEPARTM

*For the use of Vernacular Schools.*

تحرير اقليدس

ٽيون ۽ چوٿون ڪتاب

ڪوڙيمل پٽ چندنمل جي ترجمو ڪيو ۽ تعليم

کاتي سنڌي اسڪولن لاءِ

سرڪاري ڇاپخاني ۾ ڇپارايو

ب ٣٢ HYDERABAD

وره ١٨٦٦

في جلد آنا ١٠ 1866. جلد ٣٠٠

**Price 10 Annas.**

ابتگي حساب

اتکل، ڪلا، ۽ گھٽا مثال

هنن سوڌو

سنڌي ۽ نارمل مڪتبن جي ڪم لاءِ

ڪرشڻ شاستري گوڊبولي

هنن جو تريو

سو

مهربان سنڌ جا ايجوڪيشنل انسپيڪٽر صاحب

هنن جي حڪم سان

ڪراچي ۾

سرڪاري تعليم کاتي جي ڇاپخاني ۾ ڇاپيو

---

۱۸۶۹ع

[ قيمت ڏيڍ روپيو ]

# GRAMMAR

OF THE

# SINDHÍ LANGUAGE.

V 4196 LIBRARY

F. D. Ramos.—Printer.

Government Gazette Press.

**1836.**

ڊبليو. ايچ. واٿن جي گرامر جو سرورق

مُحمد پنهل ڏهر

# ڪلهوڙا حڪمرانن جا علمي ۽ ادبي ڪارناما

سنڌ تي ڪلهوڙا حڪومت جي ابتدا سلطنت دهلي جي مغل شهنشاهه اورنگزيب عالمگير جي دؤر ۾ ٿي. انهيءَ دور ۾ سنڌ ملتان جي گورنر جي ماتحت هوندي هئي ۽ ملتان وري سنئون سڌو مرڪز يعني دهلي سان واسطو رکندو هو. ان وقت ملتان تي شهزادو معزالدين (اورنگزيب جو پوٽو) حاڪم هو. شهزادي محمد معزالدين جي سفارش سان ميان يارمحمد ڪلهوڙي کي "خدا يارخان" جو خطاب ڏنو ويو ۽ اُن سان گڏ سبي، ڍاڍر، بکر ۽ سيوستان جو حاڪم مقرر ڪيو ويو. مطلب تہ سنڌ تي ڪلهوڙن جي حڪومت جي باقاعده شروعات ميان يارمحمد خان ڪلهوڙي کان ٿي. ميان يارمحمد خان ارڙهن يا اٺويهہ سال مغل سلطنت جي هڪ ناظم جي حيثيت سان سنڌ ۽ بلوچستان جي مٿي ڄاڻايل علائقن تي حڪومت ڪندو رهيو. ميان يارمحمد خان ١٧١٩ع ۾ وفات ڪري ويو. سندس وفات بعد سندس پٽ ميان نورمحمد ڪلهوڙي کي انهن علائقن جو ناظم مقرر ڪيو ويو. (١). ١٧٣٧ع ۾ ٺٽو پرڳڻو بہ سندس حوالي ڪيو ويو، جنهنڪري هاڻ تقريباً سموري سنڌ تي ميان نور محمد خان جي حڪومت قائم ٿي ويئي.

١٧٣٩ع ۾ نادرشاهه دهليءَ تي حملو ڪيو، جنهن ڪري دهليءَ جي مغل بادشاهه ۽ نادرشاهه جي وچ ۾ هڪ معاهدو ٿيو. انهيءَ معاهدي موجب سنڌ جو پرڳڻو نادرشاهه جي حوالي ڪيو ويو. نادرشاهه ١٧٤٠ع ۾ سنڌ تي ڪاهي آيو ۽ سنڌ کي ٽن حصن ۾ ورهائي ڇڏيائين. سبي ۽ ڪاڇي وارو علائقو محبت خان بروهي والي قلات کي، ڏنائين، شڪارپور وارو ڀاڱو صادق محمد خان دائود پوٽي جي حوالي ڪيائين ۽ سنڌ جو بقايا حصو ميان نور محمد جي سپرد ڪيائين. ١٧٤٥ع ۾ ايراني بادشاهه طرفان شڪارپور وارو حصو بہ ٻيهر ميان نورمحمد جي حوالي ڪيو ويو. نادرشاهه جي وفات بعد ١٧٥٢ع ۾ سنڌ، افغان سلطنت جي ماتحت ٿي ويئي. ميان نورمحمد ڪلهوڙو پهريائين دهلي جي مغل بادشاهن طرفان ۽ پوءِ ايراني بادشاهه نادرشاهه طرفان ۽ آخر ۾ افغانستان جي شهنشاهه احمد شاهه ابدالي طرفان سنڌ تي حڪومت ڪندو رهيو (٢).

ميان نور محمد ڪلهوڙو ١٧٥٣ع ۾ وفات ڪري ويو. وفات بعد سندس پٽ ميان مرادياب خان سنڌ جي تخت تي ويٺو ۽ ١٧٥٧ع ۾ معزول ٿيو. سندس جاءِ تي سندس ڀاءُ ميان غلام شاهه حاڪم ٿيو. تقريباً اڍائي مهينا گذرڻ بعد ميان غلام شاهه گهرو جهڳڙن سبب فرار ٿي ويو ۽ سندس جاءِ تي سندس ڀاءُ ميان عطر خان سنڌ جو حاڪم ٿي ويو. ١٧٥٨ع ۾ ٻيهر ميانِ غلام شاهه سنڌ جي تخت تي اچي ويٺو. ميان غلام شاهه ١٧٧٢ع ۾ وفات ڪري ويو. سندس وفات بعد سندس پٽ ميان سرفراز خان سنڌ جي تخت تي ويٺو. ٽالپرن ۽ ڪلهوڙن جي گهرو جهڳڙن جي ڪري ميان سرفراز ١٧٧٥ع ۾ معزول ٿيو ۽ قيد ٿي ويو. ميان سرفراز بعد سندس ڀاءُ ميان محمود خان سنڌ جو حاڪم مقرر ٿيو. ٿوري عرصي کان پوءِ ميان محمود معزول ٿيو ۽ سندس جاءِ تي ميان غلام نبي ولد ميان نور محمد ڪلهوڙو حاڪم ٿيو. ١٧٧٥ع ۾ ميان غلام نبي قتل ٿي ويو ۽ سندس جاءِ تي ميان عبدالنبي ولد ميان نور محمد ڪلهوڙي کي سنڌ جو حاڪم مقرر ڪيو ويو. ميان عبدالنبي سنڌ جو آخري ڪلهوڙا تاجدار هو، جيڪو ٽالپرن هٿان ١٧٨٢ع ۾ شڪست کائي سنڌ مان نڪري ويو ۽ سنڌ تي ٽالپرن جي حڪومت قائم ٿي ويئي. (٣)

سنڌ تي ڪلهوڙن جي تقريباً ٻياسي (٨٢) سالن جي اِنهيءَ دؤر کي علم ۽ ادب جي لحاظ کان "سونهري دور" سڏيو وڃي ٿو. سندن دؤر ۾سنڌ اندر سوين عالم، اديب ۽ شاعر موجود هئا، جن جي قلم مان هزارن جي تعداد ۾ فارسي، عربي ۽ سنڌي ڪتاب لکيا ويا. شاهه عبداللطيف ڀٽائي، مير علي شير قانع، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، مخدوم محمد معين ٺٽوي، محمد محسن ٺٽوي، غلام علي مداح ٺٽويءَ مخدوم ابوالحسن ٺٽوي جهڙا مشهور شاعر، عالم ۽ اديب ڪلهوڙا دؤر جا يادگار آهن.

ڪلهوڙن جي دؤر ۾ سنڌي شاعري بہ وڏي ترقي ڪئي. ڪلهوڙن جو دور سنڌي زبان جي اوسر ۽ ارتقا لاءِ سونهري دؤر هو. ڪلهوڙن پنهنجي حڪومت جي دور ۾ علم ۽ ادب جي سرپرستي ۾ حتي الامڪان ڪابہ ڪسر ڪانہ ڇڏي. هن دؤر ۾ سنڌي ٻولي ۽ ادب پنهنجي عروج تي پهتو. هن دؤر ۾ سنڌي عالمن ۽ شاعرن، شاعري سان گڏ علم تفسير، حديث، صرف و نحو، طِب، منطق، فلسفي، تاريخ ۽ ٻين ڪيترن ئي علمن تي سوين ڪتاب عربي، فارسي ۽ سنڌي ۾ لکيا. (۴)

ميان يار محمد ڪلهوڙو ارڙهن يا اڻويهہ سال مغل سلطنت جي هڪ ناظم جي حيثيت ۾ ڪم ڪندو رهيو ۽ ان مدت مان لڳ ڀڳ اڌ عرصو ڪشمڪش ۾ گذاريو. ظاهر آهي تہ انهن حالتن ۾ ڪتابن سهيڙڻ يا لکڻ طرف يڪدلي سان توجهہ ڏئي نٿي سگهيو. (۵)

ميان يارمحمد جي وفات بعد جڏهن ميان نورمحمد ڪلهوڙو سنڌ جو حاڪم ٿيو، تڏهن هن چاهيو ٿي تہ سنڌ متحد ٿي وڃي ۽ هر طرف امن امان جو دؤر هجي. ميان نورمحمد خان هڪ حاڪم هجڻ سان گڏوگڏ عالم ۽ اديب بہ هو. سنڌ تي نادرشاهہ جي ڪاهہ کان اڳ وٽس هڪ چڱو خاصو ڪتبخانو بہ هو. نادرشاهہ جتي سون، چاندي ۽ جواهر سميٽيا، اُتي هو ميان نورمحمد جي انهي علمي ادبي ذخيري کي بہ پاڻ سان گڏ کڻي ويو. ميان صاحب پنهنجي وصيت نامي ۾ انهي ڪتبخاني لُٽجڻ جو ذڪر ڪندي لکي ٿو تہ "جڏهن ظالم نادر سنڌ تي چڙهائي ڪئي تہ اسان جو ڪتبخانو ۽ رسالا سڀ ويندا رهيا." (٦) حڪومت جي ڪمن ڪارين ۽ ٻين مشغولين جي باوجود ميان نورمحمد هڪ قرآن مجيد پنهنجي ڪتابت سان پاڻ لکيو. سندس هٿ لکيل اهو خوبصورت ۽ خوشخط قرآن پاڪ هن وقت مشهد مقدس (ايران) جي ميوزيم واري ڪتبخاني ۾ ۲۵۵ نمبر تي موجود آهي. (۷)

ميان نورمحمد خان ڪلهوڙي پنهنجي اولاد لاءِ فارسي ۾ هڪ وصيت نامو لکيو، جنهن جو نالو هن "منشور الوصيت، دستورالحڪومت" رکيو. هن وصيت نامي متعلق مولانا غلام رسول مهر لکي ٿو تہ "ميان صاحب جو وصيت نامو بيان ۽ اسلوب جي اعتبار کان ڪٿي ايڏي بلند پايي جو هجي يا نہ، ليڪن جيتريقدر ناصحانہ نُڪتن جو تعلق آهي، هي وصيت نامو سچ پچ نہ هڪ وڏو قيمتي سرمايو آهي. هي هڪ صاف ۽ شفاف آئينو آهي، جنهن ۾ ميان صاحب جي سيرت، مذهبي عقيدن، سياسي فڪر ۽ سڄي زندگي جي تجربن کي انهن جي حقيقي صورت ۾ ڏسي سگهجي ٿو ۽ اهڙي طرح ميان صاحب جي شخصيت جو زياده کان زياده صحيح اندازو ٿي سگهي ٿو. هي جيتوڻيڪ ڪنهن وڏي عالم جو وصيت نامو نہ آهي، بلڪ هڪ اهڙي شخص جي تحرير آهي، جنهن هوش سنڀالڻ واري وقت کان وٺي زندگي جي آخري دم تائين ملڪ داري ۾ گوناگون ڪشمڪشون ڏٺيون ۽ ظاهري طرح سموريون راتيون ۽ ڏينهن انهي مشغلي ۾ بسر ڪيا، ليڪن ان جي لفظ لفظ مان خدا جي هڪ نيڪ ۽ پرخلوص بندي جي صدا بلند ٿي رهي آهي. ان ۾ نہ تہ ڪا پنهنجي شان ۽ شوڪت جي نمائش آهي ۽ نہ مان ۽ مرتبي تي ڪو فخر جو احساس پيدا ٿئي ٿو. بلڪ هر قدم تي پنهنجي گنگهاري جو اعتراف آهي. سموريون نصيحتون ۽ وصيتون دين ۽ اخلاق تي ٻڌل آهن ۽ هر فقري مان پڙهڻ يا ٻڌڻ واري جي دل ۾ سچي دينداري جو جذبو بيدار ٿئي ٿو." (۸)

هن وصيت نامي متعلق پير حسام الدين راشدي لکي ٿو تہ "ميان نور محمد ڪلهوڙي جي هي پنهنجي لکيل وصيت آهي، جنهن مان تاريخي واقعات سان گڏ سندس ذاتي اخلاق ۽ ذاتي تصورات جو پتو پوي ٿو. هي وصيت سنڌ تي نادر جي ڪاهہ کان پوءِ سنت ئي لکي وئي آهي." (۹) هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد طرفان پهريون دفعو سال ۱۹٦۴ع ۾ ڇپيو آهي. انهيءَ ڪتاب جو سنڌي ترجمو محترم عبدالرسول قادري ڪيو آهي، جيڪو اجان تائين ڇپيو نہ آهي.

پير حسام الدين راشدي، ميان نورمحمد ڪلهوڙي جي لکيل هڪ ٻئي ڪتاب "نادر نامہ" جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن جو مولانا غلام رسول مهر پنهنجي ڪتاب "تاريخ ڪلهوڙا" ۾ ذڪر نہ ڪيو آهي. پير صاحب ميان نورمحمد

ڪلهوڙي جي انهيءَ تصنيف متعلق لکي ٿو تہ "ميان نورمحمد عباسي والي سنڌ، هي ڪتاب نادر جي حملي ١١٥٢هہ کان پوءِ ١١٥٥هہ ۾ تصنيف ڪيو. هي ڪتاب مرحوم حافظ محمود خان شيراني جي ڪتبخاني ۾ هو، جو شايد هاڻي پنجاب يونيورسٽي جي لئبرريءَ ۾ هوندو. ميان نور محمد ان ۾ غالباً نادر جي ڪاهہ جو احوال لکيو آهي، نالي مان اهو قياس ڪري سگهجي ٿو."

ميان نورمحمد، فارسي ۾ طِب تي بہ هڪ ڪتاب لکيو هو، جنهن جو قلمي نسخو "قرابادين قادريہ" جي غلط نالي سان "انسٽيٽوٽ آف سنڌ الاجي" جي لئبرري ڄامشوري ۾ موجود آهي. (١٠)

مولانا غلام رسول مهر "مقالات الشعراءِ" جي حوالي سان ميان دائود خان ولد ميان يار محمد ڪلهوڙي (برادر ميان نور محمد ڪلهوڙو) جي باري ۾ لکي ٿو تہ "هو صاحبدل ۽ سخي امير هو. علم طِب ۾ ڪيس پورو ملڪو حاصل هو. پهلواني ۾ هو دنيا اندر پنهنجو مٽ پاڻ هو. طبيب هجڻ سان گڏ ميان صاحب تمام سنو شاعر بہ هو." ميان دائود خان عباسي بازن متعلق هڪ ڪتاب "صيد المراد في قوانين صياد" فارسي ۾ لکيو، جنهن کي ليفٽيننٽ ڪرنل ڊي. سي. فلٽ (D.C. Phillat) سال ١٩٠٨ع ۾ سنڌي اهتمام سان رايل ايشياٽڪ سوسائٽي طرفان شايع ڪرايو. هن ڪتاب متعلق مولانا غلام رسول مهر لکي ٿو تہ "ڪتاب جي فني حيثيت نهايت بُلند آهي ۽ ان سان گڏ پالتو پکين ۽ جانورن بابت جيڪو احوال منجهس شامل ڪيو ويو آهي، سو تمام قيمتي آهي." مولانا غلا م رسول مهر اڳتي لکي ٿو تہ "ڪن صاحبن کان معلوم ٿيو آهي تہ ميان محمد دائود خان عباسي طِب جي فن ۾ بہ هڪ نهايت عمدو ڪتاب لکرايو هو، ليڪن ان ڪتاب جو اڄ تائين ڪوبہ پتو پئجي نہ سگهيو آهي، انهي ڪري هن جي باري ۾ ڪجهہ بہ چئي نٿو سگهجي. البت هي ڳالهہ مڃڻ جوڳي آهي تہ ميان دائود جهڙي بلند علمي ذوق رکندڙ شخص طب تي بہ ڪو ڪتاب لکرايو هوندو، ڇاڪاڻ تہ هو پاڻ طب جي فن ۾ ڪافي دسترس رکندو هو." (١١) هن ڪتاب جو قلمي نسخو "طب دائود خاني" جي نالي سان "انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي" جي لئبرري ڄامشورو ۾ موجود آهي. (١٢)

جيئن مٿي ڄاڻايو ويو آهي تہ ميان نور محمد ڪلهوڙي جي فرزند ميان عطر خان ڪلهوڙي بہ سنڌ تي ٿورو وقت حڪمراني ڪئي. هن "نگيرانِ سنڌ" جي نالي سان هڪ ضخيم تاريخي ڪتاب لکرايو، جنهن متعلق پير حسام الدين راشدي لکي ٿو تہ "اهو ڪتاب ميان نور محمد جي فرزند ميان عطر خان، ٻارنهن جلدن ۾ تيار ڪرايو هو ۽ هرهڪ جلد جدا جدا عنوانن هيٺ آهي، مثلاً، هڪ جلد سياسي تاريخ تي هڪ جلد جاگرافي تي ۽ هڪ جلد سنڌ جي قومن تي وغيره وغيره. اهڙيءَ طرح اهي ٻارنهن جلد گويا سنڌ جي تاريخ لاءِ اڪت ۽ عظيم الشان سرمايو آهن. اهو سمورو ڪتاب 'پنڊت موهن لالا سيوستاني' جي هٿ اکرين هو، جيڪو صاحب ميان عطر خان جو مُنشي، ڪاتب ۽ درٻاري هو. اهو صاحب نہ فقط خوشخط هو بلڪہ ساڳئي وقت مصنف بہ هو. تاريخ سنڌ جي سلسلي ۾ خدا ڪري جو هي ڪتاب ملي وڃي ۽ ان کي شايع ڪري سگهجي. انهيءَ ڪتاب جو نالو 'نگيران سنڌ' جيو وڃي ٿو." (١٣) هي ڪتاب فارسي ۾ لکيل آهي ۽ هن وقت قلمي صورت ۾ 'ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي' جي ذاتي لئبرريءَ ۾ موجود آهي.

هن ڪتاب متعلق ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو صاحب لکي ٿو تہ "ميان عطر خان حڪمران سنڌ آئين اڪبري جي نموني تي ٻارنهن جلدن ۾ 'نگيران سنڌ' يعني سنڌ جي حڪمرانن جي تاريخ مرتب ڪرائي هئي، جنهن ۾ سنڌ جي تاريخ سان گڏ سنڌ جي ولين جو ذڪر ڪيل آهي. سنڌ جا قصا ڪهاڻيون بہ محققانہ انداز ۾ آيل آهن. هن تاريخ ۾ پنڊت موهن لال لالا سيوستاني جو وڏو هٿ هو." (١٤)

ميان غلام شاهہ جي وفات کان پوءِ سندس پٽ ميان سرفراز خان ڪلهوڙو سنڌ جو حڪمران ٿيو. ميان سرفراز خان فارسي، سنڌي ۽ اردو جو سنو شاعر بہ هو. سندس درٻار سان ڪيترائي شاعر، اديب ۽ عالم وابستہ هوندا

هئا ، جن مان مولوي غلام علي مداح، مشهور مرثيه گو شاعر سيد ثابت علي شاهه، شيخ محمد محفوظ، شيوڪرام عطارد، مرزا محمد علي اصفهاني، ميرزا محمد اصفهاني، سيد عظيم الدين ٺٽوي، منشي بالچند، محمد پناهه رجا ٺٽوي، ميرزا غلام علي بيگ مومن ۽ مير علي شير قانع وغيره جا نالا قابل ذڪر آهن. (١٥)

ميان سرفراز خان ڪلهوڙو خود به فارسي جو صاحب ديوان شاعر هو. سندس ديوان قلمي صورت ۾ ٽالپرن جي شاهي ڪتبخاني حيدرآباد ۾ گهڻو وقت اڳ موجود هو. سندس ڪجهه ڪلام هڪ ٻئي قلمي بياض ۾ هو، جيڪو پڻ مذڪوره ڪتبخاني ۾ هو. اهڙيءَ طرح ميان سرفراز خان جو ٿيو به ڪيترونئي ڪلام مختلف قلمي ۽ ڇپيل ڪتابن ۽ رسالن ۾ ٽڙيو پکڙيو پيو آهي. ميان سرفراز خان جي ڪلام جو انتخاب ميرزا عباس علي بيگ پنهنجي ڪتاب "خدايار خاني ميان سرفراز خان عباسي" ۾ به شامل ڪيو آهي.

مولانا غلام رسول مهر لکي ٿو ته "ميان سرفراز خان ڪلهوڙي سنڌي زبان ۾ نعت ۽ مناجات جو آغاز ڪيو." (١٤) سنڌي ۾ ڇپيل مناجات "پلا چام، هن غلام، سندو سوال سڄ تون" سنڌي ۾ آڳاٽي ليکي وجي ٿي، جيڪا هن قيد ۾ چٽي هئي.

محمد عارف ڪلهوڙو سنڌ جي آخري ڪلهوڙا تاجدار ميان عبدالنبي ڪلهوڙي جو پٽ هو. سنڌ جي حڪومت جڏهن ٽالپرن جي هٿ ۾ آئي ته هي شهزادو اهل عيال سميت جوڌپور هليو ويو، ۽ مدت تائين جوڌپور جي مهاراجا بجي سنگهه طرفان مدد جي اميد تي اتي وينو رهيو ته شايد مهاراجا طرفان مدد جو ڪو گس نڪري پوي ۽ انهيءَ جي آڌار تي سنڌ جي حڪومت وري حاصل ڪري سگهجي. مگر جڏهن اميد برصواب ٿيڻ جي ڪا صورت نظر نه آئي، تڏهن هي صاحبزادو جوڌپور کان روانو ٿي بهاولپور جي مشهور شهر "ديراوڙ" ۾ پهچي ويو. بهاولپور جي والي سندس وڏي عزت ۽ مرحبا ڪئي ۽ عزت راءِ وڪيل صاحبزادي جو "اُچ" ۾ استقبال ڪيو. (١٧)

محمد عارف ڪلهوڙو ١٧٩٤ع ۾ لڙائيءَ ۾ مارجي ويو. سندس مزار "ليه" (ضلعو مظفر ڳڙهه پنجاب) ۾ اٿس. هي ڪلهوڙو شهزادو سنڌيءَ جو سٺو شاعر هو. "مارنيءَ جون راتيون" منظوم ڪيون هئائين. هن "سسئي پنهون" جو قصو به منظوم ڪيو هو، جيڪو پهريون دفعو لنڊن مان ١٨٦٣ع ۾ انگريزي ترجمي سان گڏ ڇپيو هو. اُنهي جو ٻيون ڇاپو "ورنيڪيولر لٽريچر ڪاميٽي ڪراچي" طرفان ١٨٧٠ع ۾ ڇپيو هو. محمد عارف جو پٽ غلام محمد به سنڌيءَ جو سٺو شاعر ٿي گذريو آهي. (١٨)

## حوالا

(١) مولانا غلام رسول مهر: "تاريخ سنڌ - ڪلهوڙا دؤر"، جلد پهريون، (مترجم ابن حيات پنهور ۽ شمشيرالحيدري)، صفحا ١٩٢ کان ١٩٥ ۽ ٢٧٩، ڇاپو پهريون ١٩٦٤ع، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد.

(٢) ساڳيو ڪتاب، صفحا ٢٨٤، ٣٢٠، ٣٦٥، ٣٧٤ کان ٣٧٩، ٣٨٥، ٣٩٤، ٣٩٥، ٤١٩، ٤٢٧ کان ٤٠٤، ٤٢٩، ٤٤٣، ٤٤٩، ٤٥٠ کان ٤٥٢، ٤٥٤ کان ٤٥٥ ۽ ٤٦٥.

(٣) مولانا غلام رسول مهر: "تاريخ سنڌ - ڪلهوڙا دؤر"، جلد ٻيو (مترجم ابن حيات پنهور ۽ شمشير الحيدري) صفحا مختلف، ڇاپو پهريون ١٩٦٤ع سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.

(٤) ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي: "سنڌي ادب ڪي مختصر تاريخ" اردو ترجمو، حافظ خير محمد اوحدي، صفحو ١١١، ڇاپو پهريون ١٩٨٣ع انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو.

= تاريخ سنڌ، ڪلهوڙا دؤر جلد ٻيو (سنڌي ترجمو) صفحا ٩١٧ ۽ ٩٦٨.

= پروفيسر عبدالله مگسي: "سنڌ جي تاريخ جو جديد مطالعو"، صفحا ١٥٥ ۽ ١٥٦. ڇاپو پهريون ١٩٩٤ع، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي.

(٥) "تاريخ سنڌ ڪلهوڙا دؤر"، جلد ٻيو (سنڌي ترجمو) صفحا ٨٧٣ ۽ ٨٧٤.

(٦) "تاريخ سنڌ ڪلهورا دؤر" ، جلد پهريون (سنڌي ترجمو) صفحو ٣٩٦.
= تاريخ سنڌ ڪلهوڙا دؤر، جلد ٻيو (سنڌي ترجمو) صفحو ٨٧٤.
= ميان نور محمد ڪلهوڙو: "منشور الوصيت ودستورالحڪومت" (ايڊٽ: پير حسام الدين راشدي) صفحا ١٥، ١٦. ڇاپو پهريون ١٩٦٤ع، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.
(٧) "تاريخ سنڌ ڪلهوڙا دؤر" ، جلد پهريون (سنڌي ترجمو) صفحو ٤٧٤.
(٨) ساڳيو ڪتاب، صفحا ٤٧٧ ۽ ٤٧٨.
(٩) پير حسام الدين راشدي: "ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون" ، صفحو ٧٣٨. ڇاپو پهريون ١٩٨١ع، انجمن تاريخ سنڌ ڪراچي.
ناز سنائي (مرتب) "سنڌ جي تاريخ جا ماخذ" ، صفحو ٣٥، ڇاپو پهريون ١٩٨٩ع، سنڌ تحقيقي بورڊ حيدرآباد.
(١٠) "ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون." صفحو ٧٤٠.
="سنڌ جي تاريخ جا ماخذ" ، صفحو ٣٨.
= "تحقيق" (ستون نمبر) صفحا ٤٣٨ ۽ ٤٤٦، اردو شعبو سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو
(١١) "تاريخ سنڌ ڪلهوڙا دؤر" جلد ٻيو (سنڌي ترجمو) صفحا ٩٠٥ کان ٩١٤.
(١٢) ڊاڪٽر ظهورالدين احمد، پاڪستان ۾ فارسي ادب (جلد ٽيون) صفحا ٨٤٠ ۽ ٨٤١. ڇاپو پهريون ١٩٧٧ع، اداره تحقيقات پاڪستان، دانشگاهه پنجاب لاهور.
(١٣) "سنڌ جي تاريخ جا ماخذ" ، صفحا ٣٧ ۽ ٣٨.
= "ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون" ، صفحو ٧٤٠.
(١٤) ٽماهي "مهراڻ" نمبر ١٩٨٦/٤ع - صفحو ٦٦ حاشيه. سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.
(١٥) ميرزا عباس علي بيگ: "خدايار خاني ميان سرفراز خان عباسي" ، صفحا ٨٢ کان ٩٩ ڇاپو پهريون ١٩٨٠ع، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو.
(١٦) "تاريخ سنڌ ڪلهوڙا دؤر، جلد ٻيو (سنڌي ترجمو) صفحو ٢٦٨.
(١٧) ساڳيو ڪتاب، صفحو ٧٩٨.
(١٨) "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ،" صفحا ١٦٠ ۽ ١٦١.
= ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: "هفتا ڏينهن ۽ راتيون" (لوڪ ادب سلسلو) صفحو ١٥٠. ڇاپو پهريون ١٩٦١ع، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد .
= آخوند عبدالرحيم عباسي: "جواهر لغات سنڌي اڪيچار" ، صفحو ٣، مهاڳ. ڇاپو پهريون ١٩٩٣ع. سنڌي ٻولي جو بااختيار ادارو حيدرآباد.
= ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، "مشهور سنڌي قصا عشقيه داستان ٤" ، "سسئي پنهون " صفحو ١٠٢ حاشيه. (نوٽ: هي منظوم قصو مٿئين ڪتاب جي صفحي ١٠٢ کان ١٢٣ تي بہ ڏنل آهي.)

ڊاڪٽر فهميده حسين

# ادب ۽ ايڪويهين صدي

اڄوڪي هن مذاڪري جو موضوع آهي "ادب ۽ ايڪويهين صدي" ۽ جاڪاڻ ته منهنجو تعلق سنڌ سان آهي، سنڌي ٻولي ۽ ادب سان آهي، انڪري آءٌ انهيءَ حوالي سان ڳالهه ڪنديس. اسين جنهن سماج ۾ رهون ٿا، ان جا مسئلا ٻين صوبن جي سماجن سان هڪجهڙائي به رکن ٿا ته ڪن ڳالهين ۾ مختلف به آهن. جيڪي مسئلا اسان سڀني جا هڪجهڙا آهن انهن لاءِ اسان جي سوچ ساڳي ٿي سگهي ٿي پر جن مسئلن جو تعلق اوهان سنڌ ۽ سنڌ جي ماڻهن سان آهي انهن جي باري ۾ نه ته سوچ هڪجهڙي ٿي سگهي ٿي ۽ نه ئي احساس ساڳيو ٿي سگهي ٿو. انڪري ممڪن آهي ته منهنجون ڪيل ڪي ڳالهيون توهان کي تلخ محسوس ٿين يا عجيب لڳن. بهرحال اوهان سنڌ جي هڪ ليکڪ جي سوچ سمجهي ان تي غور ڪري سگهو ٿا.

ادب جي باري ۾ ته اسان جا سڀئي ساٿي ۽ دوست انهيءَ نڪتي تي متفق هوندا ته اهو زندگيءَ جي حقيقتن کان جدا ڪا شي ڪانهي ۽ ڪوبه سچو اديب زندگيءَ جي تقاضائن کان بي نياز رهي ڪجهه به تخليق نٿو ڪري سگهي ۽ نه ئي وقت جي تقاضائن کان بي نيازي ۽ اکيوٽ ممڪن هوندي آهي. هونءَ عام طرح سان وقت جي تقاضا مان ماڻهو سياسي صورتحال مطلب وٺندا آهن پر ائين ڪونهي. ادب جو موضوع صرف سياست ڪونه هوندو آهي. بلڪ سياست به زندگيءَ جي هڪ پهلوءَ جي حيثيت ۾ ادب ۾ اچي سگهي ٿي. سچو ادب تخليق ڪرڻ لاءِ نه صرف وقت جي تقاضائن کي پورو ڪرڻو پوندو آهي پر زندگي ۽ ڪائنات جي باري ۾ پنهنجو نقطه نظر بيان ڪرڻ وقت اديب کي پنهنجا خواب به شيئر ڪرڻا پوندا آهن. جيڪي هو سڀان لاءِ ڏسندو آهي. زندگي جاڪاڻ ته ارتقا پذير آهي، ان ڪري ان جي ارتقا سان گڏ وقت جون تقاضائون به بدلجنديون رهنديون آهن. جيڪي تقاضائون سترهين يا ارڙهين صديءَ جون هيون اُهي ممڪن آهي ته ويهين صديءَ ۾ نه رهيون هجن ۽ جيڪي ڳالهيون ويهين صديءَ ۾ سچيون ۽ لاڳاپيل آهن سي ٿي سگهي ٿو ته ايڪويهين صديءَ ۾ بيڪار ۽ اڻ لاڳاپيل ٿي وڃن، پر پوءِ به اهو ممڪن آهي ته فنڪار پنهنجي تخليقي سگهه، تخيل ۽ فنڪاراڻي صلاحيت جي ميلاپ سان اڄون واري دور لاءِ پاڻ به ڪي خواب ڏسي ۽ پنهنجن پڙهندڙن کي به ڏيکاري. پوءِ انهن خوابن جي تعبير لاءِ اهڙن سپنن جي ساڀيا خاطر ماحول کي سازگار بنائڻ جي به پنهنجي ليکي ڪوشش ڪري. اديب پنهنجي قوم کي اڳتي اچا اڳتي وٺي وڃڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ۽ ان ڏس ۾ سنڌ جي اديبن ۽ شاعرن جي تمام اعليٰ روايت رهي آهي.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي سترهين صديءَ جي پنهنجن ديسواسين جي سياسي، سماجي ۽ معاشي غلامي ڏٺي هئي ۽ ان کان نجات لاءِ هن ماڻهن کي پنهنجن بيتن ذريعي ڪئين پيغام ڏنا ته جيئن سنڌ رهنمائي ٿئي، ترقيءَ جون راهون کلن ۽ اهي آزاد فضا ۾ ساهه کڻڻ جي قابل ٿي سگهن. انهن بيتن کي پڙهي اسين بجا طور تي چئي ٿا سگهون ته هو پنهنجي دور ۾ ته لاڳاپيل هو پر اڄ به اينترو ئي لاڳاپيل آهي ۽ ايڪويهين صديءَ ۾ پڻ اسين ڪانئس رهنمائي حاصل ڪري سگهنداسين. سندس هڪ سٽ آهي:

"لهوارو لوڪ وهي، تون اوچو وهه اڀار."

معنيٰ ته سمورو جڳ جيڪڏهن وهڪري سان گڏ وهي هيٺاهينءَ ڏانهن ويندو هجي ته به تون وهڪري جي ابتڙ

رخ ۾ اوچائي يا متانهين، ڏانهن وڌڻ جي ڪر.

سچل سائين، ته ان کان به وڌيڪ مزاحمت ڪرڻ جو سبق سيکاريو:

ٽوڙ رواج ۽ رسمون ساريون، مرد ٿئين مستانو
پاڻ بيگانو مول نه ڇائين، آهين يار يگانو
وهم ڪئي سچل ٻانهپ وارو شملو ٻڌ شاهانو.

معنيٰ ته هن اهي سڀ هاڃيڪار ريتون رسمون ۽ رواج ٽوڙڻ جو ڏس ڏنو جيڪي ماڻهن جي غلاميءَ ۽ ٻانهپ جو باعث هيون ۽ هن ڪين سندن حيثيت ۽ اهميت جو احساس ڏياري سندن دل مان ڪوڙا وهم وسوسا ڪڍي پاڻ وهيٺو ٿيڻ جي صلاح ڏني. هنن شاعرن پنهنجي قوم کي سجاڳ ڪرڻ، ان جي رهنمائي ۽ رهبري ڪرڻ لاءِ سترهين ۽ ارڙهين صديءَ ۾ پنهنجي پنهنجي شاعريءَ کي ذريعو بنايو.

ٿڌيءَ ٿڌيءَ ڪاهه، ڪانهي ويل ويهڻ جي
متان ٿئي اونداهه، پيــر نه لهين پرينءَ جو.

معنيٰ ته گرمي هجي يا سردي تون پنهنجو سفر ۽ پنهنجي جدوجهد جاري رکندو اچ، ڇو ته هاڻ ويهڻ جي ويل ڪانه رهي آهي، ائين نه ٿئي جو دير ۽ اونده ٿي وڃي ۽ توکي منزل جا نشان ڏسڻ ۾ نه اچن.

يا وري:

اڳي پوءِ مــران، مـــر مـــران مـــارڳ ۾
مٿي پوءِ پريان، خــون منهنجــو جيــڏيون.

معنيٰ ته مرڻو ته هڪ ڏينهن آهي پوءِ ڇو نه پنهنجي منزل جي رستي تي مرجي. گهٽ ۾ گهٽ ڪوشش ۽ جدوجهد جي دعويٰ ته ڪري سگهجي.

هاڻي توهان ڏسو ته اهڙا خيال اڄ جي دور توڙي ايندڙ دور لاءِ به اوترائي سچا ۽ لاڳاپيل آهن، پر پاڪستان ۾ انهن شاعرن جي ڪلام جي انهيءَ پهلوءَ کي ڪڏهن به نمايان ۽ اجاگر نه ڪيو ويو آهي، اهو ڪڏهن به نه ٻڌايو ويو آهي ته هي شاعر پنهنجي ڌرتيءَ سان گهري وابستگي رکندا هئا، غريب عوام سان گهرو رشتو رکندا هئا، پنهنجي ديس ۽ ديسواسين جي لاءِ دل ۾ درد رکندا هئا. ان جي بدران پاڪستان جي ماڻهن کي ڇا ٻڌايو ويو آهي؟ ته اهي محض صوفي شاعر هئا، بزرگ هئا، درويش هئا، ڌمال ڪندڙ مجذوب، تارڪ الدنيا ۽ مست سرمست قسم جا ماڻهو هئا. جيڪڏهن هنن شاعرن جي ڪلام ۾ جدوجهد، لاڳيتي عمل، همت ۽ جرات جي درس کي عام ڪيو وڃي ها ۽ سندن عملي زندگيءَ واري فلسفي کي نمايان طور تي بيان ڪن ها ته اڄ صورتحال گهڻي مختلف هجي ها. اڄ اسين انتهائي حد تائين پنتي پيل نه هجون ها، جيڪڏهن سندن بيتن ۾ موجود انسانن سان محبت ۽ وطن سان الفت جي جذبن جي باري ۾ ماڻهن کي سمجهايو وڃي ها ته اڄ روز روز جا جهيڙا ۽ فساد نه هجن ها.

پر اسان وٽ روايت اها آهي ته اسين زمين بدران ستن آسمانن جي ڳالهه ڪرڻ وڌيڪ بهتر سمجهندا آهيون. ايڪويهين صدي ته پري جي ڳالهه آهي اسان وٽ ته ويهين صديءَ جي تقاضائن ۽ مسئلن کي وساري، زمين ۽ ان جي واسين سان رشتا ناتا ٽوڙي ستن آسمانن جون ڳالهيون سمجهائڻ کي ادب جي خدمت جو نالو ڏنو ويندو آهي. آءٌ توهان کي هڪ مثال ٿي ٻڌايان.

اسان وٽ ڪجهه مهينا اڳ جرمن اسڪالر محترمه انيمري شمل آئي هئي ۽ انهيءَ ڪراچيءَ جي هڪ هوٽل ۾

شاهه لطيف تي ليڪچر ڏنو هو ۽ تصوف جي حوالي سان ان جي ۽ پاڪستان جي ٻين ٻولين پنجابي، سرائڪي، بلوچي، پشتو ۽ اڙدوءَ جي شاعرن جي فارسيءَ جي استاد شاعرن مولانا رومي ۽ فريد الدين عطار سان ڀيٽ ڪئي هئي ۽ چيو تہ سڀني صوفي شاعرن حق ۽ حقيقت جي ڳولا ڪئي جنهن لاءِ هنن ڪي ڪيترين ئي منزلون طي ڪرڻيون پيون. هن خاص طور تي فريد الدين عطار جي "منطق الطير" جي پکين جي ڳولا جو حوالو ڏنو ۽ شاهه ۽ سچل ڪي بہ انهن وانگر طلب جي وادي، عشق جي وادي، معرفت جي وادي، استغنا جي وادي، وحدت جي وادي، حيرت جي وادي ۽ فنا جي واديءَ مان پار ڪري حق کي حاصل ڪرڻ وارا صوفي سڏيو، جنهن مان شاهه لطيف تہ پاڻ کي حقيقت ۾ گم ڪرڻ وارو فلسفو بيان ڪيو آهي ۽ سچل وري پاڻ کي ئي حق سمجهي "اناالحق" جو نعرو لڳايو. هن خدا جي بنديءَ هنن کي الائيٰ ڪهڙين ڪهڙين وادين جو سير ڪرائي ڇڏيو پر سندن سنڌ جي واديءَ سان نسبت کي بنهہ وساري ڇڏيو ۽ انهيءَ حقيقت ڏانهن توجهہ ڏياريندي جڏهن اسان جي هڪ اديب ۽ دانشور انور پيرزادي کانئس سوال ڪيو تہ توهين اسان کي اهو ٻڌايو تہ شاهہ لطيف سنڌ جي ڌرتيءَ سان وابستگيءَ جو جيڪو اظهار ڪيو آهي، غريب عوام جي مصيبتن ۽ مسئلن جو جيڪو ذڪر ڪيو آهي، اتان جي ماحول ۽ حالتن جو جيئن تجزيو ڪيو آهي ۽ پنهنجن بيتن ۾ سماجي تاريخ جا جيڪي حوالا ڏنا آهن، انهن جي باري ۾ اوهان جو ڪهڙو خيال آهي؟" تڏهن هوءَ هڪ طنزيہ مرڪ مرڪي چوڻ لڳي "توهين پنائيءَ جي شاعريءَ ۾ ايڪالاجي (ماحوليات)، سوشيالاجي (عمرانيات)، هسٽري (تاريخ) ۽ جاگرافي ڇو ٿا ڳوليو؟ هو انهن سڀني ڳالهين کان مٿانهون ۽ بالاتر هو ۽ سندس ڌرتيءَ يا انسانن سان ناتو رشتو جوڙڻ سندس حيثيت گهٽائڻ برابر ٿيندو. جي ها! هن اهوئي چيو هو ۽ يقين ڪريو تہ اتي موجود ماڻهن ڏاڍيون تاڙيون وڄايون هيون. سنڌ جا باشعور اديب هڪ ٻئي ڏانهن ڏسي ٺلهو مرڪي بہ ڪونہ سگهيا جو اها ڪا خوشيءَ جي ڳالهہ ڪانہ هئي. پر ڏوهہ ماڻهن جو بہ ڪونہ هو ۽ نہ ئي آءٌ ڪو انيمري شمل کي الزام ڏيندس. ڏوهہ تہ اسان جي پنهنجي ميڊيا جو آهي جيڪي پاڪستان جي ٻولين کي علائقائي ٻوليون سڏي سندن شاعرن کي محض هڪ ئي زاويي سان پيش ڪرڻ پنهنجو فرض سمجهندا رهيا آهن. ڏوهہ تہ انهن هٿ ٺوڪين قومي دانشورن ۽ اديبن جو آهي جن جي نگرانيءَ ۾ نڪرندڙ سڀني اخبارون ۽ رسالا اهڙو تاثر ڏيندا رهيا آهن. هنن جي سمجهہ ۾ اهو نٿو اچي تہ انهن شاعرن جون پاڙون مضبوطيءَ سان پنهنجي ڌرتيءَ ۾ کتل هيون ۽ اهي پنهنجي ديسواسين جي ڏکن ۽ سورن جو گهرو ادراڪ رکندا هئا ۽ وڏي ڳالهہ تہ ڪوبہ شاعر انهن جي باري ۾ شاعري ڪرڻ سان ننڍڙو ڪونہ ٿي ويندو آهي. جيڪڏهن هنن شاعرن تصوف جي فلسفي کي پنهنجو ڪيو بہ هو تہ دنيا ترڪ ڪري بي عمل زندگي گذارڻ بدران زندگيءَ کي پنهنجي سڀني حوالن سان قبول بہ ڪيو هو ۽ ماڻهن کي ان جو سبق بہ ڏنو هو. جيڪڏهن هنن جي ڪلام جو ڪجهہ حصو تصوف جي نازڪ نڪتن جي باري ۾ آهي تہ ان جو چڱو وڏو حصو زندگيءَ جي گوناگون مسئلن ۽ حقيقتن سان تعلق رکي ٿو. ڇا ادب جي اهڙي هڪ پاسائتي تشريح ۽ سمجهاڻيءَ سان اسين ايڪويهين صديءَ جون تقاضائون پوريون ڪري سگهنداسين؟ ادب انسان کي هڪ قدم اڳيان رکڻ ٿو سيکاري يا ٻہ قدم پوئتي ڌڪڻ جي تلقين ٿو ڪري؟ اسين ايڪويهين صديءَ جي چائنٺ تي بيهي ادب ۽ شاعريءَ ۾ انسان ۽ ان سان لاڳاپيل مامرا ڳولڻ بدران ان ۾ وينا ڪو "سيمرغ ڳوليون! ائين ٿو لڳي جڻ تہ وقت جي ڪانٽي کي ابتو ڦيرائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هجون. ماضيءَ سان رشتو جوڙڻ خراب ڳالهہ ڪانهي پر ان جو بہ ڏانءُ هوندو آهي. هر عهد ۽ هر صديءَ جون پنهنجون پنهنجون ضرورتون ۽ روايتون ٿينديون آهن. اسان جي شاعرن پنهنجي دور جي ماڻهن کي جيڪا وطن جي حُب ۽ انسانن سان محبت، مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد، همت ۽ جرات جا درس ڏنا، اسٽيٽس ڪو (Status quo) کي قائم رکڻ بدران حرڪت ۽

تبديليءَ جو فلسفو ڏنو، ظالم جاگيردارن ۽ حاڪمن سان مهاڏو اٽڪائڻ جو حوصلو ڏنو. ڇا ڪڏهن توهان ريڊيو يا ٽي. ويءَ تان سنڌن اهڙا بيت يا شعر ٻڌا آهن؟ ڇا ڪڏهن ڪنهن ڪين عوامي يا انقلابي شاعر ڇئي تعارف ڪرايو آهي؟ توهان جڏهن ٻـ ٻڌو يا پڙهيو هوندو تـ اهوئي تـ اهي فلاڻي سلسلي جا صوفي هئا ، سنڌن مزار تي هر سال عرس ٿيندو آهي، ميڙو لڳندو آهي ۽ وقت جا حڪمران پڳ چاڙهڻ ويندا آهن باقي ٻيا ماڻهو باسون وجي باسيندا آهن!

سنڌ جي حالتن تي سموري ملڪ ۾ ڳڻتيءَ جو اظهار ڪيو ويندو آهي. اتي تشدد ۽ فسادن زندگيءَ کي مفلوج ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن ٻـ ڪو اهڙو موقعو ملندو آهي تـ اسان جا قومي دانشور ۽ سياستدان ريڊيو، ٽي. وي ۽ اخبارن رسالن ۾ بيان ڏيندا آهن تـ سنڌ جي سر زمين صوفين جي سر زمين آهي، سنڌ جا شاعر امن، محبت ۽ رواداريءَ جا شاعر آهن. پر ڇا ڪڏهن توهان انهن ادارن تان امن، محبت ۽ رواداريءَ جو اظهار ڪندڙ ڪلام ٻڌا آهن؟ جي نـ! هي جيڪي "علائقائي ٻوليون" ٿيون سڏجن، انهن جي شاعرن جو صرف "عارفاڻو ڪلام" ٿيندو آهي!

سنڌي ٻولي ڄاڻندڙن کي خبر آهي تـ هنن شاعرن جا اصل موضوع ڪهڙا آهن، پر سنڌ ۾ رهندڙ ٻين ماڻهن کي صرف عارفاڻ ڪلام معلوم آهن.

جڏهن توهين انهن شاعرن جي امنَ ۽ محبت يا رواداريءَ واري ڪلام کي عام ٽي ڪونـ ڪندا تـ پوءِ صرف ڇئي ڇڏڻ سان ڪهڙو فرق ٿو پوي؟ پوءِ ادب پنهنجو ڪردار ڪهڙيءَ ريت نڀائيندو؟ خدا شناسيءَ سان گڏوگڏ خود شناسيءَ جو سبق ڏيڻ وارن هنن شاعرن سماج جي سڀني فردن ۽ طبقن کي محبت جو پيغام ڏنو آهي. شاهـ صاحب چوي ٿو.

هلو تـ هلون ڪورئين، نازڪ جن جـو نينهن
ڳنڍين سـارو ڏينهن، ڇنڻ مـور نـ سکيـا.

مـعنيٰ تـ هلو تـ ڪورين وٽ هلي سنڌن مـحبت واري مـحنت ڏسـون، جنهن ۾ هو سارو ڏينهن ڇنل ڌاڳن کي ڳنڍيندا ٿا رهن. ڇنڻ تـ هنن جي سرشت ۾ ئي ڪونهي.

يا هي بيت ڏسو:

وڳـــر ڪيـــو وطن، پـرت نـ ڇنن پاڻ ۾،
پسـو پکيـئڙن مـاڻهـئـان مـيٺ گـهـڻـو.

يعني پکين کي ڏسو تـ ڪيئن نـ گڏجي قطارون ٺاهي ٿا اڏامن. منجهن جيترو پيار آهي ماڻهن ۾ اهو نٿو ڏسڻ ۾ اچي.

اهي ۽ اهڙا ٻيا ڪئين بيت آهن جيڪي امن ۽ مـحبت، انساني ڀائپي ۽ برابريءَ جي فـضا کي پروان چاڙهي سگهن ٿا. تڏهن ئي تـ اسين ايڪويهين صديءَ ۾ وڏي مان ۽ شان سان وک وڌائي سگهنداسين.

ادب خلا ۾ پيدا ڪونـ ٿيندو آهي ۽ نـ ئي اهو انسانن کان سواءِ ڪنهن ٻي مخلوق لاءِ آهي. ادب پنهنجي دور جي سماجي تقاضائن جو تابع هوندو آهي. ان جي تخليق ۾ ڪنهن قوم جي سياسي، سماجي، معاشي تاريخ، علمي ادبي روايتن ۽ ٻين ڪيترن عوامل جو دخل هوندو آهي. انهن سڀني ڳالهين جي صحيح رخ ۾ نمائندگي ڪري ئي اسين پنهنجي قوم کي ايڪويهين صديءَ ۾ قدم رکڻ جي لاءِ تيار ڪري سگهون ٿا. ماضيءَ سان حال جو رشتو درست انداز ۾ قائم ڪيو وڃي تڏهن ئي اسين مستقبل جي صحيح منصوبـ بندي ڪري سگهنداسين.

موجوده ترقي يافتـ صنعتي ملڪ اڄ کان هڪ صدي اڳي پنهنجا سر ترڙيءَ تي رکي عقيدن جي مذي خارج تشريحن ۽ سمجهاڻين جي جبر کان ۽ تنگ نظر روايتن کان نجات حاصل ڪري ترقي يافتـ بڻجي ويا ۽ اڄ ويهين صديءَ ۾ جيڪي ملڪ يا قومون پٺتي پيل آهن انهن ۾، اهڙي ڪا ڪوشش ڪري سگهاڻي يعني ايڪويهين صديءَ ۾ ترقي يافتـ بڻجڻ جو ڪو تصور موجود ڪونهي، بلڪ ڏنو وڃي تـ انهن ملڪن ۾ ڏينهون ڏينهن فرقيواريت، ضعيف

الاعتقادي ۽ جنونيت وڌندي پئي وڃي. ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ عالم ۽ اديب اها ڪوشش ڪن تہ عقيدن جي سلسلي ۾ وسيع النظري، رواداري ۽ وچٽري واٽ وٺڻ وارن پيغامن سان حالتون سازگار بنائي ايڪويهين صديءَ ۾ قوم کي وٺي وڃن ۽ ماڻهن کي ٻڌائين تہ پنهنجي پيل ملڪن ۽ قومن ۾ عقل جو رستو روڪيندڙ اهڙين پراڻين روايتن کي ٽوڙڻ جي ضرورت آهي جن جي ڪري محتاجيون سندن مقدر بڻجي ويون آهن. ايڪويهين صدي سائنس ۽ ٽيڪنالاجي، ڪمپيوٽر ۽ ايٽمي سگهہ جي صدي بہ هوندي، انهيءَ ۾ داخل ٿيڻ جي لاءِ مدي خارج روايتن جا بت ڀڃي علم ۽ آڪهيءَ جي لاءِ راهون هموار ڪرڻ جي ضرورت پوندي ۽ اهي ڪم بہ اديب ۽ دانشور بيشڪ ڪري سگهن ٿا؛ پر شرط اهو آهي تہ سندن ضمير ۽ قلم آزاد هجي.

انساني فڪر هميشہ پنهنجي منزل جي تلاش ڪئي آهي. صوفين چيو ٿي تہ محبوب حقيقي جو وصل اسان جي منزل آهي، جنهن جي لاءِ بي نفس بڻجي پاڻ وسارڻ ضروري آهي. فيلسوفن جو چوڻ هو تہ هن ڪائنات جي حقيقت کي رسڻ ئي اسان جي منطق جو مقصد آهي، اکيون بند ڪري، اسان جو هٿ جهلي هلندا رهو. تڏهن سيني کان آخر ۾ اديب سمجهائي ڏني تہ پهرين اهو شعور ۽ اهو عقل تہ حاصل ڪريو جيڪو توهان جي اندر واري اک کي کولي تہ جيئن توهان پنهنجي منزل ڏسي سگهو ۽ جنهن منزل جي ڳولا جي دعويٰ ٿا ڪريو پهرين انهيءَ جو تعين تہ ڪري وٺو. ڪائنات جي هرهڪ شي پاڻ پنهنجي منزل ڏانهن گامزن آهي، رڳو عقل جا ڏيئا روشن ڪري حياتيءَ ۽ ڪائنات جي هنگامن کي ڪليل اکين سان ڏسڻ جي ضرورت آهي. پوءِ سڀ راز افشا ٿي پوندا آهن ۽ ها سڀ کان اهم تہ آهي دل جو اهو جذبو جيڪو انسان کي ڪنهن منزل يا مقصد سان لڳاءُ پيدا ڪندو آهي. ها تہ اسان کي بہ ايڪويهين صديءَ ۾ اهڙي شعور ۽ اهڙي جذبي جي ضرورت آهي جيڪو صرف ادب جي ذريعي ئي ممڪن آهي. ۾ اسين انهن کي چيا ڪريون جيڪي اديب ۽ شاعر جي باريل شعور جي شمع کي وسائڻ جي ڪوشش ڪندا رهن ٿا. اسان جي سنڌ جي اديب ۽ شاعر هميشہ اهڙي شعور جي شمع ٻارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ۾ جي مٿان مسلط پرماري قوتن سندن پيغام کي ٽوڙي مروڙي پيش ڪيو يا ان کي ماڻهن تائين پهچڻ کان روڪيو، جنهن بہ اڳتي جي ڳالهہ ڪئي، ترقيءَ جي ڳالهہ ڪئي، ان کي زنجيرون پاراني باندي بڻايو ويو. شيخ اياز ۽ سندس ساٿين جو مثال تہ هن ئي صديءَ جو مثال آهي. پرماري قوتن ڪڏهن بہ ڪونہ چاهيو آهي تہ سنڌ ۾ ڪو نئون شعور ڏنو وڃي. سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي هن دور ۾ دنيا جون سيئي قومون تياري ۾ آهن. اسان جي ملڪ جي مختلف علائقن ۾ ميڊيڪل ۽ انجنيئرنگ يونيورسٽيون ۽ ڪمپيوٽر سينٽر کلن ٿا - سنڌ جي ٻهراڙين لاءِ بہ هڪ يونيورسٽيءَ جو اعلان ڪيو وڃي ٿو جيڪا ڀٽ شاهہ وٽ قائم ٿيندي.

چيا توهان کي خبر آهي تہ اها ڪهڙي ٽيڪنالاجيءَ جي يونيورسٽي هوندي. جي ها، اها هوندي صوفي ٽيڪنالاجيءَ جي يونيورسٽي، جنهن ۾ تصوف پڙهايو ويندو. سنڌ جي ماڻهن کي ننڊ آڻيندڙ بلڪ نشي واريون گوريون ڪاراڻي سمهارڻ جي اها ڪوشش ڪئي وڃي هئي. اهو تہ شڪر ٿيو جو ان يونيورسٽيءَ کي قائم ڪرڻ جو اعلان ڪندڙ هڪ شخص هوا ۾ ڦاٽي پيو ۽ پيو ذرتيءَ ۾ دٻجي چڪو آهي نہ تہ انهن تہ پنهنجي طرفان هرڪا ڪوشش ڪئي هئي سنڌ جي عوام کي پستين ۾ ڌڪو ڏيڻ جي. اسان جي سنڌ جي ڪنهن بہ سياستدان يا عالم ان ڳالهہ کي نہ سمجهيو هو. اهي سنڌي اديب ئي هئا جن انهيءَ ڳالهہ ڏانهن ڌيان ڇڪايو.

اديب سماج جو جوڙيندڙ هوندو آهي. جڏهن معاشري کي ناهيندڙ سوچ سهڻن لفظن جو روپ وٺندي آهي تڏهن اديب جي جذبي جي سچائيءَ ۾ رڱيل سچو ادب تخليق ٿيندو آهي، جيڪو سماج جو رهبر، معلم ۽ مسيحا بہ هوندو آهي. اسان جو اديب بہ اهڙوئي هنڌ گهرجي جيڪو ايڪويهين صديءَ ۾ بہ ملڪ ۽ معاشري جي صحيح رخ ۾ رهنمائي ڪري سگهي، صحيح علم ڏانهن راغب ڪري سگهي ۽ ان جي مسيحائي ڪري سگهي.

(اديبن ۽ دانشورن جي قومي ڪانفرنس ۱۹۹۴ع ۾ پڙهيل)

•

"آءٌ نوجوان ليکڪن کي اهو مشورو ڏيندس ته هو پنهنجن تجربن کي پنهنجا موضوع بڻائين ۽ اهو جاچڻ نهايت سؤلو آهي ته ليکڪ پنهنجن تجربن جي بنياد تي لکي رهيو آهي يا خالي خولي پڙهيل يا ٻڌل ڳالهيون بيان ڪري رهيو آهي. نرودا جي هڪڙي مصرع آهي ته "خدايا، آءٌ ڳالهائيندي ڳالهه جي خراب ٿيڻ جي گناهه کان پناهه گهران ٿو." مون کي اها ڳالهه هميشه مضحڪخيز لڳندي آهي ته منهنجي لکڻين جي سڀ کان وڏيک ساراهه ڪرڻ وارا انهن ۾ موجود تخيل کي ساراهيندا آهن. جڏهن ته منهنجي لکڻين ۾ هڪڙي به سِٽ اهڙي ڪانهي، جنهن جون پاڙون حقيقت ۾ کُتل نه هجن."

-- گارشيا مارڪيز

# ڪهاڻيون

عام فنڪار جيان ڪهاڻيڪار بہ عام ماڻهوءَ کان وڌيڪ حساس هوندو آهي. اها ذات ئي آهي جيڪا انهي حساس انسان کي پنهنجن جذبن، احساسن ۽ ڪيفيتن جي اظهار جو رستو ڏسي ٿي. بنيادي طرح ڪهاڻيڪار کي اهوئي ڪجهہ پوڄڻو پوي ٿو، جيڪو ڪو بيو ڪلاڪار، شاعر، مصور، ڳائڪ يا سنگيتڪار پوڄي ٿو. اها پوڄنا ئي ڪلاڪار ۾ اڌمو پيدا ڪري ٿي ۽ جيڪڏهين هو ڪهاڻيڪار آهي تہ لفظن جي سهاري پنهنجي ان ڪيفيت کي ڪهاڻيءَ جو روپ ڏئي ٿو. هڪ سٺي ڪهاڻيڪار لاءِ لازمي آهي تہ هن جو مطالعو نہ صرف وسيع هجي پر مسلسل پڻ هجي. اسان جي ڪهاڻيڪار کي دنيا جي مختلف ٻولين جي ادب ۽ خاص ڪري اولهہ جي ادب جو مطالعو ڪرڻ کپي. ان کان سواءِ هندي، عربي ۽ ٻين شاهوڪار ٻولين جي ادب کي، جيڪو ترجمن جي صورت ۾ ئي هجي، پڙهڻ گهرجي. جڏهن اسان ٽالسٽاءِ کان وٺي ڪافڪا تائين، وڏن اديبن جي لکڻين ۽ خاص ڪري انهن جي فڪشن کي پڙهنداسين تہ اسان کي نت نون تجربن، گهاڙيٽن ۽ انهن جي معيارن کان سواءِ نون نون موضوعن ۽ ڪردارن جي نفسيات جي ڄاڻ پوندي. قرة العين حيدر جا ناول ”آگ کا دريا“ پڙهڻ سان اسان کي ننڍي کنڊ جي ورهاڱي جي سببن ۽ اُن مان پيدا ٿيل درد ۽ اذيت جي خبر پوي ٿي. اهڙيءَ ريت سنڌي ادب ۾ بہ اسان وٽ ڪهاڻيءَ جي حوالي سان وڏا نالا موجود آهن. اسان کي انهن اديبن جي لکڻين جو ڀرپور مطالعو ڪرڻ کپي. -- ساحر پريمي

انيس انصاري

# ”جيڪي“

"ڊاڪٽر رفيعه! هيءَ ڏس ڪير ٿي اچي؟" مون رفيعه کي سڏيو.
"ڪير آهي؟"
"اچ ته سهي."
"ڪير؟"
"هيءَ جا سامهون ٿي اچي."
"مان ته نه سڃاڻانس."
"هيءَ جيڪي نه آهي؟"
"جيڪي؟"
"جيڪولين ڪينيڊي، جيڪي اوناسس"
"اتي بالڪنيءَ ۾ بيٺو رهه، جاڻ هيئان شهزادي ڊائنا لنگهي، مون کي به ڏيکارجانءِ." رفيعه شوخيءَ مان چيو.

* * *

ڊاڪٽر رفيعه ۽ مان "رفي ميڊي ڪيئر" جا ڊاڪٽر ۽ مالڪ هياسون. رفيعه ۽ منهنجو خواب- هڪ اسرنڊڙ پوش ڪالونيءَ ۾، پنهنجي بنگلي جي پرسان هڪ شاندار ڪلينڪ- هاڻي اچي پورو ٿيو هئو. ڪلينڪ "رفي ميڊي ڪيئر" جي ٻن جدا جدا حصن تي ٻاهران بورڊ لڳل هئا. مرداڻي سيڪشن تي ڊاڪٽر شفيق احمد جماڻي ڊگرين سميت ۽ زناني سيڪشن تي ڊاڪٽر رفيعه جماڻي ڊگرين سميت بورڊ تي پينٽ ٿيل هئا. ڊاڪٽر رفيعه منهنجي زندگيءَ جي ساٿي هئي.

* * *

"ذڪيءَ جو ڇا ڪجي؟" هڪ ڏينهن رفيعه مون کان پڇيو.
"ڇا جو مطلب ڇا آهي؟" مون چيو.
"ڪيترو وقت ڪيس ڪلينڪ تي وٺي هلنداسين. هتي ماسيءَ وٽ ته ويهي ئي نه ٿو. ڇو نه کيس ڪنهن "ڪي جي" اسڪول ۾ ويهاريون. ڪلينڪ تي پاڻ به تنگ ٿئي ٿو. اسان کي به پريشان ٿو ڪري."
"صلاح ته سٺي ڏني اٿئي، پر ويهاريونس ڪٿي؟"
"شمس اسڪول ۾"
"اهو ته ڪافي پري آهي."
"گاڏيءَ تي پيو ايندو ويندو."

* * *

"جيڪي!" مون سڏ ڪيو.

مون ڪي حيراني وٺي ويئي جڏهن هن ڪنڌ ورائي پڇيو، "مونکي آهيو؟" مون ڪنڌ ڌوڻي ها ڪئي. هوءَ مون ڏي وڌي آئي. سندس شڪل ڪافي حد تائين جيڪي اوناسس سان ملي پئي آئي.

"هي پارن جو ڏڻ، صبح جو ڪاڏي ڪاهي ويندي آهين؟" مون پڇيو.

"ڏڻ!" هن جي منهن تي مسڪراهٽ ڦهلجي ويئي، مسڪراهٽ جيڪا جيڪي ڪي جناح ڪيپ پائيندي آئي هئي.

"ڊاڪٽر! مان انهن ڪي نورڪي جي اسڪول وٺي ويندي آهيان، هتي ويجهو ئي آهي."

"ڊاڪٽر."

"اوهان ڊاڪٽر شفيق احمد جماڻي آهيو نه؟ مان توهان ڪي صبح جو هر روز بالڪنيءَ ۾ بيٺل ڏسندي آهيان."

"منهنجي نالي جي توکي خبر ڪيئن پيئي. اسان ڪي هتي آئي ته ٿورو وقت ٿيو آهي." مون پڇيو.

"بورڊ تان" هن وراڻيو.

"پر بورڊ ته انگريزيءَ ۾ آهي؟"

سندس مسڪراهٽ جو ڏيئو وسامي ويو.

ذڪي پڻ پارن جي ڏڻ ۾ شامل ٿي ويو. هو هر روز جيڪي (سندس اصلي نالو اڃا معلوم ڪونه ٿيو هو) سان گڏ اسڪول ويندو هو ۽ موٽندو به ان سان گڏ هو. اسان جي ڪلينڪ تي هجڻ ڪري گهر ۾ سندس پرگهور "ماسي" لهندي هئي. ماسي "جڳ ماسي" هئي- منهنجي، رفيعه جي، ذڪيءَ جي ۽ هر آئي وئي جي.

مهينو پورو ٿيو. شمائله (جيڪي جو اصلي نالو) محنتاڻو گهريو.

"گهڻو" مون پڇيو.

"سٺ رپيا" هن وراڻيو.

"سٺ رپيا ٿورا نه آهن؟" مون چيو.

مون کيس سَو جو نوٽ ڏنو.

"چاليهه رپيا موٽائيندي شمائله چيو، "ڊاڪٽر صاحب! مان هر ٻار کان سٺ رپيا وٺندي آهيان."

"باقي پئسا پاڻ وٽ رک" مون کيس چيو.

ٽيبل تي چاليهه رپيا رکندي شمائله چيو، "منهنجو حق سٺ رپيا آهي جو مان هر ٻار کان وٺندي آهيان."

جيڪي جي وڃڻ بعد رفيعه ٽوڪ مان چيو، "هزار رپيا ڏينس ها"

"You jealous girl" ، مون وراڻيو.

* * *

"روزي نوڪري ڇڏي ويئي" ، ڊاڪٽر رفيعه انٽرڪام تي ٻڌايو.

"پوءِ اندور مريضن جو ڇا ٿيندو؟"

"شبانه رات جو ڏهين وڳي تائين ڊيوٽي ڏيڻ جي هامي ڀري آهي. کيس اوور ٽائيم ڏنو ويندو."

"ڏهن ڪان پوءِ؟" مون پڇيو.

"ايمرجنسي جي حالت ۾ چوڪيدار مرداڻي سيڪشن جي وارڊ بواءِ کي اسان ڏانهن موڪليندو.

* * *

"جيڪي!"

"منهنجو نالو شمائله آهي."

"شمائله! نوڪري ڪندين؟"

"ڪاٿي؟"

"اسپتال ۾"

"ٻارن جو ڇا ٿيندو؟"

"اسان توکي سهوليت ڏينداسين. اسڪول کلندو آهي ان کان اڳ ۾ اسپتال نائين وڳي کلندي آهي. منجهند جو اسڪول بند ٿيڻ وقت توکي اڌ ڪلاڪ وٺي ڏينداسين. ڊيوٽي شام جو ڇئين وڳي تائين تنهنجي ٿيندي."

"پگهار گهڻي ملندي؟"

"شروع ۾ هڪ هزار روپيا. ڪم تي منحصر آهي، وڌي به سگهي ٿي."

"ڪم ڪهڙو ڪرڻو پوندو؟"

"وارڊ گرل جو، مريضن جو ڏسڻ وائسڻ، سندن ممڪن گهرجون پوريون ڪرڻ. ايمرجنسيءَ ۾ ٽيليفون تي اسان کي اطلاع ڏيڻ، انهيءَ وقت ۾ نرس پڻ موجود هوندي جا مريضن جي طبي ضرورتن جو پورائو ڪندي."

"منجهند جو ڪلاڪ وٺي ملي سگهندي، ٻارن کي گهر ڇڏڻ وقت؟"

"آهي ته ڏکي ڳالهه پر ائين به ڪري سگهبو."

شمائله ٻاڻ چڱو موڪيو. هن کي انگريزي جي به ڪجهه ڄاڻ معلوم پئي ٿي. وقت تي مريضن کي دوا ڏيندي هئي. سندن ٿورين ٿورين ضرورتن جو پورائو ڪندي هئي. سندس برتاءُ مريض عورتن سان ڏاڍو ڀلو هو ان ڪري اهي به کيس پسند ڪنديون هيون. ڪنهن وقت نرس نه هوندي هئي ته ان جي ڪم کي شمائله ڏسندي هئي. هوءَ ٽيمپريچر ۽ بلڊپريشر صحيح ڏسي سگهندي هئي. انجيڪشن به هڻڻ لڳي هئي. ڊاڪٽر رفيعه سندس ڪم جي اڪثر تعريف ڪندي رهندي هئي. اسان به کيس ڏيڍ هزار ماهوار ڏيڻ لڳاسون.

جيئن پوءِ تيئن شمائله اسان جي ويجهو ٿيندي وئي. ڏکي ته کيس ڏاڍو پسند ڪرڻ لڳو. هڪ ڏينهن رفيعه چيو، "ڊاڪٽر برو نه سمجهو ته شمائله کي اڄ چانهه تي سڏيون. نرس نه اچڻ ڪري شمائله کي آپريشن ٿيٽر ۾ وٺي ويئي هيس. ان منهنجن هدايتن تي اهڙيءَ طرح عمل ڪيو، جهڙيءَ طرح نرس به نه ڪري سگهندي آهي." ان ڏينهن منجهند جو شمائله رٽايرنگ روم ۾ اسان سان گڏ چانهه پيتي. هاڻي ڪڏهن ڪڏهن کيس رٽايرنگ روم ۾ چانهه لاءِ سڏيو ويندو هو.

* * *

هڪ ڏينهن شمائله ايمرجنسي سبب اسپتال مان ٻارن کي ڇڏڻ لاءِ ڪجهه منٽ ليٽ وئي، ان ڪري نور اسڪول جي انتظاميا نئين "بوا" ٻارن جي آڻڻ نيڻ لاءِ رکي ۽ شمائله کي جواب ڏنو. اسان سندس پگهار وڌائي به هزار روپيا ڪئي. پر منجهند جو هڪ ڪلاڪ جو وقفو شمائله جو هلندو آيو.

هڪ ڏينهن رٽايرنگ روم ۾ شمائله اسان سان گڏ چانهه پي رهي هئي. مان بريف ڪيس مان ڪجهه فوٽو ڪڍي رفيعه کي ڏنا ۽ ٻڌايو مانس ته گذريل پڪنڪ جا فوٽو اڄ ئي مليا آهن.

ذڪيءَ جو هڪ فوٽو شمائلہ ڏانهن وڌائيندي رفيعہ چيو، "ماسٽر ذڪيءَ جو هي فوٽو ڪھڙو نہ چڱو آيو آهي؟"

فوٽو ڏسندي شمائلہ چيو، "Is is not somewhat out of focus, doctor" مون ۽ ڊاڪٽر رفيعہ کان چرڪ نڪري ويو.

* * *

هڪ ڏينهن ذڪي ڏاڍو رئڻ لڳو. چوڻ لڳو، "گهوڙي وارو فوٽو ڏسان."

ڪيس ڪئلينڊر ڏنو ويو جنهن ۾ جدا جدا نسلن جي گهوڙن جا ٻارهن فوٽو هئا.

"نہ، نہ،" ذڪي چيخندي چيو، "آنٽي شمالان جي گهوڙي وارو فوٽو کپي."

ذڪي ڪنهن بہ صورت ۾ بس نہ ٿي ڪئي. شمائلہ کي ڪلينڪ ۾ فون ڪئي وئي. ان ٻڌايو تہ سندس آلبم ۾ گهوڙي جو فوٽو موجود هو جو ماسٽر ذڪي ڏٺو هئو. پر اهو فوٽو آلبم ۾ چهٽيل هئو."

مون ڪيس چيو، "مان گاڏي موڪليان ٿو. مناسب سمجهو تہ ان تي چڙهي آلبم کڻي اچو. ذڪي ڪنهن بہ صورت ۾ نہ ٿو سرچي."

شمائلہ جي فيملي آلبم جي پهرين فوٽو لاءِ معلوم ٿيو تہ اهو سندس اباڻي گهر ۾ نڪتل هو. اداڻي ٽن ورهين جي ڇوڪري (شمائلہ) هڪ قيمتي قالين تي ويٺي هئي. سندس چوڌاري رانديڪا رکيل هئا. ان فوٽو کان سواءِ جدا جدا عمر جي شمائلہ جا فوٽو مختلف هنڌن ۽ پوزن ۾ نڪتل پڻ موجود هئا. اهو فوٽو جنهن لاءِ ذڪي مچلي رهيو هئو سو ١٢×١٠ انچ جي اينلارجمينٽ هئي، جنهن ۾ سورهن سترهن جي شمائلہ هاف سليوشرٽ ۽ جينس پهريل هڪ پليل ۽ خوبصورت گهوڙي تي سوار هئي ۽ گهوڙي جي پرسان هڪ ٻگھڙ نما السيشن ڊوڙي رهيو هئو. آلبم ۾ ڪجهہ مردن ۽ ڪن عورتن جون تصويرون ۽ ڪي فيملي گروپ بہ هئا. شمائلہ اڪثر فوٽن ۾ موجود هئي. اڌ آلبم بعد هڪ مضبوط بدن، قداور ۽ قبول صورت مرد جون تصويرون اڪيليون ۽ شمائلہ سان گڏ پڻ هيون. پر ان ماڻهوءَ سان گڏ فيملي گروپ ڪٿي بہ نظر نہ آيو. پڇڻ تي بہ شمائلہ ڪونہ ٻڌايو تہ آلبم ۾ تصويرون ڪنهن ڪنهن جون هيون. رهندو چيائين، "درد جنهن کي دٻائڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم تنهن کي اڀارڻ جي ڪوشش نہ ڪيو تہ چڱو."

اسان کي هاڻي پڪ ٿي تہ شمائلہ وڏ گهراڻي جي عورت هئي پر حالتن ڪيس نوڪري ڪرڻ تي مجبور ڪيو هو.

ان دوران نرس نوڪري ڇڏي ٻي ڪلينڪ ۾ ڪم ڪرڻ لڳي. هوءَ شمائلہ جي جاءِ، لڳن ۽ مريضن ۽ اسٽاف ۾ مقبوليت سهي نہ سگهي. شمائلہ جيئنوٽيڪ ٽرينڊ نرس نہ هئي، پر هوءَ محنت سان هڪ ڪامياب نرس جو ڪردار ادا ڪري رهي هئي. اسان سندس پگهار ۾ اضافو ڪيوءِ هڪ ٻي نرس رکي شمائلہ کي مددگار نرس بڻايو. شمائلہ جي جاءِ تي هڪ نئين وارڊ گرل رکي وئي.

* * *

هڪ ڏينهن شمائلہ جو ٽيليفون آيو. هن ڪنهن ضروري گهرو ڪم سبب ڇهن ڏينهن جي موڪل جي گهر ڪئي.

ڇهن ڏينهن کي هفتو گذري ويو پر شمائلہ ڪم تي واپس ڪانہ آئي. ان دوران اسان کي شمائلہ جي قدر ۽ قيمت جو پتو پيو. مريض عورتن جي لڳاتار تقاضا هئي تہ شمائلہ کي گهرايو وڃي. اسٽاف پڻ محسوس ڪيو تہ شمائلہ ڪين ڪيڏي نہ مدد ڪندي هئي. سڀ کان زياده پريشاني رفيعہ کي ٿيڻ لڳي، شمائلہ سندس ساڄو هٿ هئي.

ڊاڪٽر رفيعہ ۽ مان فيصلو ڪيو تہ شمائلہ جي گهر هلنداسون. ڊرائيور سندس گهر ڏٺو ني هيو. ننڍڙي ذڪيءَ پڻ ٻڌايو تہ هو شمائلہ سان گڏ سندس گهر وڃي چڪو هو جتي گهوڙي وارو فوٽو ڏٺو هئائين. "اتي هڪ انڪل پڻ هئو جنهن کي آنٽي شمائلہ پنهنجي هٿ سان ماني کارائيندي هئي."

مان، رفيعہ ۽ ذکي گاڏيءَ ۾ چڙهي شمائلہ جي گھر وياسون. گھر نسبتاً گھٽ آمدني وارن جي ڪالوني ۾ هئو پر ماحول نهايت صاف ۽ سٿرو هئو.

در کڙڪائڻ تي ڪجھہ وقت بعد شمائلہ اچي در کوليو. اسان کي ڏسي هن جي منهن تي هلڪي مسڪراهٽ آئي پر ڪرب ۽ ڏک جو سندس چهرو پڌائي رهيو هئو، سو لڪائي نہ سگھي.

هن ذکيءَ کي هنج ۾ کنيو.

"اندر اچڻ لاءِ نہ چونديءَ ڇا؟" رفيعہ چيس.

"اچو، اچو، اندر اچو" هن مسڪرائيندي چيو.

گھر نہ رڳو صاف ۽ سٿرو هئو پر ان ۾ مناسب فرنيچر ۽ پردا اڳوڻي فارغبالي جو نقشو پيش ڪري رهيا هئا.

"ويهو تہ چانھہ ٺي آڻيان." شمائلہ چيو.

اينتري ۾ پرواري ڪمري مان هڪ دٻيل دانهن ٻڌڻ ۾ آئي. ڄڻ ڪو ماڻهو پنهنجي درد کي دٻائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو.

"معاف ڪجو" چوندي شمائلہ ان ڪمري ۾ داخل ٿي. ان وقت ني در وٽ اچي چيائين، "ڊاڪٽر هيڏانهن تہ اچو."

* * *

جي شمائلہ جي چوڻ مطابق سندس "جيون ساٿي" کي پنهنجي ني گاڏيءَ ۾ ڪٿي اسپتال نہ آٿيون ها ۽ ٻہ ڪلاڪ مٿس محنت نہ ڪريون ها تہ مريض جو بچڻ محال هئو. اسان جي طبي مدد ۽ شمائلہ جي اڻ ٿڪ خدمت ڪري شمائلہ جي اپاهج مرد ۾ زندگي موٽي آئي. آخر ڪيس ٻڌائڻو پيو تہ "دل جي ان بيماريءَ جي علاج لاءِ ضروري هئو تہ ڪنهن ٻاهرين ملڪ ۾ ترت علاج ڪرايو وڃي."

اسان جي ڪجھہ مالي مدد جي آڇ کي مناسب لفظن سان رد ڪندي چيائين. "سڀ ڪجھہ ٿي ويندو."

سندس مڙس اچا اسان جي اسپتال ۾ ني هئو تہ هڪ ڏينهن شمائلہ اسان کي آمريڪا وڃڻ لاءِ پي آءِ اي جي فرسٽ ڪلاس جون ٻہ ٽڪيٽون ڏيکاريون ۽ چيائين، "ڊاڪٽر پنهنجي زندگي بچائڻ لاءِ ٻہ مان والدين سان رابطو قائم نہ ڪريان ها. پر پنهنجي زندگي کان ٻہ وڌيڪ قيمتي ۽ پياري چيز کي بچائڻو آهي."

* * *

ڪن مهينن بعد واشنگٽن جي هڪ وڏي فرم شهباز اينڊ شهباز وٽان ٽي وڏا پارسل پهتا. فرم جي ني ليٽر پيڊ تي منهنجي پارسل ۾ شمائلہ جو هڪ خط پيل هئو جنهن ۾ اسان جي فيمليءَ جا ساٿس محبت ۽ شفقت ڏيکاري هئي تنهن جو ذڪر ۽ شڪريو لکيل هئو.

منهنجي پارسل ۾ جراحيءَ جو قيمتي سامان، رفيعہ جي پارسل ۾ بلڊ پريشر چڪاسڻ جو اليڪٽرونڪ اوزار ۽ ذکيءَ جي پارسل ۾ هڪ قيمتي اليڪٽرونڪ رانديڪو هئو.

خط ۾ هينئان لکيو هو.

"اوهان جو ٿورو لاهي نہ سگھنديس"

پيار مان اوهان جي،

"جيڪي."

لياقت رضوي

# مقتول نندپڻ جي نديءَ کان ٻاهر

مان هڪ اهڙي ماڻهوءَ کي سڃاڻان ٿو، جيڪو وڃائجي ويو آهي ۽ جنهن کي سڀ وساري چڪا آهن. هونئن هن کي ماڻهو چوڻ بنهه غلط ٿيندو ڇو ته هو اڃا ننڍڙو ٻار آهي، توڙي هن کي گم ٿئي ٻاويهن سالن کان مٿي عرصو ٿي ويو آهي. ضرور هو وڏو ٿي ويو هوندو، پر الائي ڇو مون کي لڳندو آهي ته جيڪي ننڍڙا ٻار هميشه لاءِ گم ٿي ويندا آهن يا هميشه لاءِ وڃائجي ويندا آهن، اهي ڪڏهن به وڏا ڪونه ٿيندا هوندا ۽ جن ماڻهن کي وساري ڇڏبو آهي، اهي يا ته گهڻو عرصو اڳ مري چڪا هوندا آهن يا وري انهن جي هميشه لاءِ وڃائجي وڃڻ جو يقين ٿي ويندو آهي.

جنهن ماڻهوءَ کي مان سڃاڻان ان لاءِ ٻئي ڳالهيون ممڪن ٿي سگهيون پئي. پر گنريل سومر رات، ٻئي ڳالهيون غلط ثابت ٿيون. نه ته هو مري ويو آهي ۽ نه ئي هميشه لاءِ گم ٿيو هو، بلڪ هو ٻاويهن سالن جي گمشدگيءَ پر ننڍڙو ٻار ئي هو. جيڪڏهن ان رات هو مون سان نه ملي ها ته مان ڪڏهن به ان ڳالهه تي يقين نه ڪيان ها.

مان هن کي برابر تڏهن کان سڃاڻان جڏهن هو اڃا گم ڪونه ٿيو هو ۽ سچي ڳالهه ته هيءَ آهي ته جڏهن هو وڃائجي ويو هو تڏهن مون کي گهڻو ڏک به ڪونه ٿيو هو، بلڪ جڏهن هو ٻيهر مون سان مليو ته مان ڏاڍو دکي ٿي ويس. هن جي حالت واقعي به رحم جوڳي هئي. هن جي پيءُ کي مُئي ته عرصو ٿي ويو آهي، البت هن جي ماءُ ۽ ڀائر هن کي سڃاڻڻ کان انڪاري هئا. ٿي سگهي ٿو ته اهي به هن کي سڃاڻي ويا هجن، پر ڪن سماجي مجبورين ڪري ائين ظاهر ڪندا هجن ڄڻ ته هو نٿا سڃاڻين، باقي مان نه رڳو هن کي سڃاڻان ٿو بلڪ ان ڳالهه جو اعتراف به ڪيان ٿو. مان جيڪو پيشي جي لحاظ کان هڪ چور آهيان، پنهنجي هوش حواس سان چوان ٿو ته مان هن کي چڱيءَ طرح سڃاڻان ۽ مون ئي... ٿورو ترسو، ان کان اڳ جو مان هن جي حقيقت کان اوهان کي آگاهه ڪيان، ڀريائين پنهنجي باري ۾ ڪجهه ٻڌايان.

مان مورثي لحاظ کان هڪ چور آهيان، منهنجو پيءُ پنهنجي تر جو ناهوڪو چور هئو. پوءِ به بابا مون کي پڙهائڻ جون ايماندارانه ڪوششون ڪيون، پر اوهان پاڻ سوچيو ته شريف ماڻهن جو سماج ڀلا هڪ چور جي پٽ کي پڙهڻ جو حق ڪيئن ٿو ڏئي سگهي. مون ته ڏٺو آهي ته هتي هاريءَ جو پٽ هاري، مزدور جو پٽ مزدور، مواليءَ جو پٽ موالي ۽ چور جو پٽ چور ئي ٿيندو آهي. امير ماڻهن بابت ٻڌائڻ فضول آهي ڇو ته اوهان انهن کي چڱيءَ ريت سڃاڻندا هوندا.

مون جڏهن کان چوري شروع ڪئي هئي، تڏهن مان به ننڍڙو ٻار هئس ۽ اوهان حيران ٿيندؤ ته مون کي منهنجي پيءُ چوريءَ تان الائي ڪيتريون مارون به ڏنيون. مان افسوسناڪ حيرانيءَ سان دوچار ٿيندو هوس ته بابا جيڪو پاڻ مشهور چور آهي، مون کي ساڳئي ڪم تان ڇو ٿو ماري! پر مون ۾ ڪڏهن به همت ڪانه ٿي ته اهو مان بابا کان پڇي سگهان.

مرڻ وقت بابا جا چيل لفظ منهنجي نندپڻ جي گهڻن اڻچيل سوالن جا جواب ٿيا هئا. بابا جڏهن مئو هو ته جيل ۾ هئو. هڪ چور لاءِ ان کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو اعزاز ٿي سگهي ٿو ته آخري وقت ۾ به هو جيل ۾ هجي. آخري ملاقات دوران هن مون کي چيو هو: "پٽ، هيءَ دنيا چورن جي دنيا آهي، هتي هر ماڻهو چور آهي، بد کان بدترين چور- پر سڀنو چور اهو آهي جيڪو پنهنجي پيشي سان ايماندار هجي." جيڪڏهن چوري ڪرڻ تي ڪوئي گائيڊ بڪ

لکي سگهجي ها تہ بابا ضرور آخر ۾ منهنجي لاءِ ائين ڪري ها. پر بابا خود ني چوندو هو تہ عالم پنهنجي عقل تي ڀروسو ڪندو آهي ۽ چور پنهنجيءَ ڏاهپ تي ۽ ڏاهپ جو ڪنهن ٻوليءَ ۾ اظهار ڪرڻ ڏکيو آهي، جو اها ڪوني انساني تجربو ناهي.

منهنجو تعارف ڪو ڏگهو ناهي. مان گهڻين ڪوششن جي باوجود بہ عام قسم جو چور ني رهيس. البت اهو منهنجو رڪارڊ آهي تہ ڪڏهن بہ مان چوريءَ جي الزام ۾ ڪونہ جهليو آهيان. جيل، جتي منهنجي بابا جو موت ٿيو هو اڄ بہ منهنجي لاءِ اجنبي جاءِ آهي. ڪن خاص سببن جي ڪري مان جيل ۽ قبر جو تصور نہ ڪري سگهندو آهيان. مون کي خبر آهي تہ هڪ چور لاءِ اها ڳالهہ خطرناڪ آهي، پر منهنجي دماغ جا رستا ڪجھ ٻئي انداز سان نهيل آهن. الاني چو مان پاڻ کي چور کان وڌيڪ جج سمجهندو آهيان، جيڪو هڪ ئي وقت دنيا ۽ پاڻ سان انصاف سان پيش ايندو آهي.

ائين مان پنهنجي پيشي ۽ ذات مان بلڪل خوش هئس جو اچانڪ ان رات منهنجي ملاقات هن سان ٿي وئي. هو جي مون سان ڏينهن جو ملي ها تہ مان هن سان ٻيءَ طرح پيش اچان ها، پر ڏينهن جو گهڻو ڪري مان سمهندو آهيان ۽ رات جو.....

منهنجي عادتن مون کي رات جو عاشق بنائي ڇڏيو آهي. مان اڪثر سوچيندو آهيان تہ زمين تي جي رات نازل نہ ٿئي ها تہ منهنجو ڇا ٿئي ها، يا چنڊ ۽ ستارن جو ڇا ٿئي ها. رات.مون کي اصل ۾ زندهہ رهڻ جو اعتماد آڇيندي آهي. ۽ رات جو ئي مان پاڻ سان حقيقي انصاف ڪري سگهندو آهيان. ان رات بہ جڏهن هو مون سان مليو، مان هميشہ جيان سرنهن جي وڻ کي ٽيڪ ڏئي، چانڊوڪيءَ مان مزو وٺي رهيو هوس. چانڊوڪين راتين ۾ مان چوريءَ جي خيال کي ملتوي ڪري ڇڏيندو آهيان، پر پوءِ بہ عادتن تقريباً سڄي رات گهر کان ٻاهر ئي گذاريندو آهيان. مون کي جي اها خبر هجي ها تہ هڪ رات هو مون کي ملي ويندو تہ شايد مان چوريءَ جو پيشو اختيار ئي نہ ڪيان ها پر هاڻ ڇا ٿو ٿي سگهي.

هو جڏهن مون سان مليو تہ مون کي لڳو جڻ هيترا سال هو مون کان وڇڙي ويو هو. مون کي هن سان ملي ڏاڍي خوشي ٿئي ها، پر خوشي منهنجو گهڻو وقت ساٿ ڪونہ ڏيندي آهي. توڙي هن جو پاڇو وڏو ٿي لڳو پر هو اڃا ننڍڙو ٻار هو ۽ هن جي ذهن تي اسڪول جي ڪتابن جو گهرو اثر ٿي لڳو، ان ڪري ئي هن چوريءَ جهڙي عظيم پيشي کي ايڏو غليظ ٿي سمجهيو جو مون کي هن جا خيالات ٻڌي غصو اچي ويو. پر اهو سڀ آخر ۾ ٿيو، پهريائين مون هن کان پڇيو تہ هيترا سال هو ڪٿي هو.

هن مرڪي چيو، الاني- هن "الاني" لفظ ائين ادا ڪيو جڻ اهو بہ سنڌس مرڪ جو حصو هو. ٿوري دير چپ رهڻ کان پوءِ هن ڳالهائڻ شروع ڪيو:

"مان جيڪڏهن اسڪول ويندي/موٽندي وڃانجيٰ وڃان ها، يا ڪنهن خاص ڏينهن ،مثال عيد يا ڳوٺ ۾ لڳندڙ ميلي واري ڏينهن گهر ٿي وڃان ها يا شام جو گهران شي ۽ وڻڻ لاءِ نڪران ها ۽ نہ موٽان ها، يا رات جو ڏاڏيءَ کان ڪوئي لوڪ قصو ٻڌندي سمهي پوان ها، ۽ صبح جو منهنجو بسترو خالي هجي ها، يا امان ڪپڙن ڌوئڻ جي صابڻ يا گيهہ يا چانهہ جي پتي گهرائڻ لاءِ مون کي سڏي ها، ۽ مان گهر ۾ ڪٿي بہ نہ هجان ها، تہ ضرور منهنجي ڳولها ڪئي وڃي ها. مسجدن ۾ اعلان ڪرايو وڃي ها، پوليس ۾ رپورٽ ڪرائي وڃي ها، ڦالون وجهرايون وڃن ها. ۽ پوءِ بہ جڏهن مان نہ لڀان ها تہ گهٽ ۾ گهٽ امان جي اندر ۾ سدائين مان ڪنهن تازي زخم وانگر رهان ها. پر افسوس جو مان هڪ عام ڏينهن تي بنهہ غير محسوس نموني وڃانجي ويس، ڪنهن عام حادثي وانگر، جيئن هلندي هلندي اوچتو

ٿاٻو اچي ويندو آهي. ۽ پوءِ بہ اوهين ڪرڻ کان بچي ويندا آهيو. يا ڪڏهن جلديءَ ۾ وهنجندي اڪين ۾ صابڻ پئجي ويندو آهي، ۽ اوهان تڪڙ ۾ ان کي صاف ڪري ڇڏيندا آهيو. مان هڪ وساريل ٻار آهيان، جنهن جي غير محسوس وڃانجڻ کي فطري عمل سمجهڻ کا ڏکي ڳالهہ ڪونهي.

ائين ڇني هو پنهنجي پاڇي کان الڳ ٿي بيٺو. مون کي هن جي موجودگيءَ اداس ڪري ڇڏيو. ۽ هن جي بي آواز نگاهن منهنجي "تنهائي" کي اگهاڙو ڪري ڇڏيو. مون چاهيو تہ هن کي دلداري ڏيان پر هن جي آواز مون کي خاموش رهڻ ڏنو. هن چيو تہ "ٻين جي ڳالهہ ٻي آهي پر تون بہ مون کي وساري ڇڏيندين، تو مان مون کي اها اميد ڪانہ هئي." مان هن جي ان ڳالهہ تي ڇرڪيس، "ڇا مطلب؟"

منهنجي حيرانيءَ ڀرئي سوال هن کي ۽ مون کي عجيب انداز ۾ ڳنڍي ڇڏيو. مون خالي ڳيت ڏيندي چيو، "مون کي تون ياڻ لاءِ ائين لازم ڇو ٿو ٺهرائين. نيڪ آهي مان توکي سڃاڻان پر ان جو اهو مطلب بہ ڪونهي تہ مان سڄي حياتي توکي ياد رکڻ جو پابند آهيان."

"نہ، تون پابند ناهين، پر ڇا چوريون ڪندي، تو پنهنجي ياداشت ۽ احساس بہ چوراڻي ڇڏيا آهن. ڇا ڪنهن چور کي ڪاني ننڊيڻ نہ هوندي آهي، ۽ تون ڪهڙي قسم جو چور آهين، جو اڃا تائين چوريءَ مان ڪجهہ ڪونہ سکيو آهين."

مان دل ئي دل ۾ کليس. مون کي لڳو تہ اسڪول جو خيال هن جي ننڍڙي ذهن ۾ منجمد ٿي چڪو آهي، ۽ هو ڪنهن اهڙي دنيا ۾ ٿو رهي جنهن کي مون ڪڏهن خواب ۾ بہ ڪونہ سوچيو آهي. مون چاهيو تہ مان هن کي پنهنجين چورين جا قصا ٻڌايان پر هو ڪنهن شرابي جيان ڳالهائيندو رهيو.

هو مون سان ست راتيون گڏ رهيو. هڪ بہ ڀيرو هو منهنجي اٿيورن خوابن ۾ بہ آيو، پر مان هن کي پنهنجين چورين جا قصا ڪونہ ٻڌائي سگهيس، ڇو تہ جڏهن بہ هو ملندو هو رڳو هو ئي ڳالهائيندو هو. مان ڄڻ هن سان گونگو ٿي گڏبو هوس. انهن ستن راتين ۾ منهنجي سڄي زندگي تبديل ٿي وئي. مون کي هن جي وجود وبگاڙو ڪري ڇڏيو، مون کان تہ چوري ڪرڻ بہ وسري وئي. بلڪ حقيقت هيءَ آهي تہ مان ان قابل ئي ڪونہ رهيس تہ وڌيڪ هن دنيا سان رهي سگهان، جنهن ۾ منهنجي ابن ڏاڏن جون هڏيون مليل آهن. اصل ۾ مان هڪ عام رواجي ماڻهوآهيان، ۽ مون کي زندهہ رهڻ جي خواهش بہ آهي، مون هن کي سمجهايو تہ هو مون سان نہ ملندو ڪري. وڌيڪ مان هن سان ڪوبہ واسطو رکڻ نٿو چاهيان پر شايد هو بہ مجبور هو. هو مون سان ملڻ کان سواءِ رهي نہ ٿي سگهيو.

۽ پوءِ نيٺ اهو وقت بہ اچي ويو جو مون کي اهو فيصلو ڪرڻو پئجي ويو تہ يا هو رهندو يا مان رهندس ۽ پوءِ مون هن کي قتل ڪري ڇڏيو.

"جج صاحب! مون هن کي قتل ڪري ڇڏيو، ۽ جيئن تہ هو هڪ وساريل ٻار هئو، ان ڪري ڪير بہ تسليم ڪرڻ لاءِ تيار ڪونهي تہ ڪو مان هن کي قتل ڪري سگهان ٿو. پر سچ تہ اهو آهي تہ مون هن کي قتل ڪري ڇڏيو آهي. مون لاءِ وڌيڪ وقت چور رهڻ ناممڪن هئو، مان قاتل ٿي ويس."

ائين چئي هو ڪليو جيئن شيشي جو گلاس فرش تي ڪري پڄي پوندو آهي. هن جي سامهون ويٺل شخص، جنهن جي ڳچيءَ ۾ پيل اسٽيٿو اسڪوپ ان ڳالهہ جي ترديد هئو تہ ڪو هو جج آهي، پنهنجي ساڄي هٿ جي اشهد آڱر سان چشمو نيڪ ڪندي، هن تان نظرون هٽائي هن جي پاسي ۾ ويٺل ٻئي شخص ڏي ڏٺو، ۽ پوءِ ڪاروباري انداز ۾ ميز تي رکيل پيڊ جي پني تي ڪجهہ لکڻ لڳو.

ڊاڪٽر جي سامهون ويٺل اهو ٻيو شخص هن جو چاچو هو، جيڪو سمورو وقت پنهنجي ڀائٽي جي ڳالهين کان

لاتعلق ٿيو وينو رهيو هو، جڻ هن لاءِ ڪابہ ٺئين ڳالهہ ڪانہ ٿي رهي هئي. ڊاڪٽر جون اچاتريون نظرون هن کي لاتعلقي جي جزيري تان موٽائي آيون. ڊاڪٽر لکيل پرسڪرپشن هن کي ڏيندي چيو، "هيءَ دوائون في الحال کارايوس، ۽ شهر وڃي ڪنهن ماهر نفسيات کي ڏيکاريوس، هن جي دماغ تي ڪنهن گهري صدمي جو اثر ٿو لڳي."

ڊاڪٽر ڪان پنو وٺندي هن جي چاچي سوچيو تہ ڊاڪٽر آڏو وضاحت ڪري تہ گهٽو ني روڪڻ جي باوجود سندس ڀائيٽو ڳوٺ جي قبرستان ۾ سرنهين جي وڻ هيٺان راتين جو راتيون وينو رهندو هو ان ڪري يا تہ هن تي ڀوت پريت جو اثر ٿي ويو آهي يا واقعي هو چريو ٿي ويو آهي، ڇو تہ نہ تہ هن جي مرحوم پيءُ چور هو، ۽ نہ ني هنن جي خاندان ۾ اڄ تائين ڪو چور پيدا ٿيو هو ۽ نہ وري ڪوني جيل ويو هو. هو تہ واڍڪو ڪم ڪندا آهن، ڳوٺ جا سڪيا ستابا ماڻهو، اڪثر هنن جي دڪان تان ضرورت جو ڪم ڪرائيندا آهن ۽ هو محنت ۽ ايمانداريءَ جي اجوري تي پنهنجو پيٽ پاليندا آهن.

پر پوءِ الائي ڇا سوچي هن ڊاڪٽر کي ڪجهہ بہ ڪونہ چيو بس رڳو ڊاڪٽر ڪان پنو وٺندي ويڙهي سيڙهي پنهنجي ميري قميص جي کيسي ۾ وجهي هو اٿيو ۽ ڀائيٽي کي ٻانهن کان جهلي اٿاريو. ۽ ان کان اڳ جو ڪلينڪ کان ٻاهر وڃڻ لاءِ هن جو پهريون قدم زمين تي پوي، هو ڪپيل وڻ وانگر ڪري پيو. ڊاڪٽر تيزيءَ سان ڪرسي تان اٿيو پر دير ٿي چڪي هئي. ڊاڪٽر لاءِ واقعي بہ اهو مشڪل مرحلو هو تہ هڪ پاڳل شخص کي هن جي چاچي جي مرڻ جي خبر ٻڌائي ۾ ڊاڪٽر وٽ ڪو ٻيو رستو بہ تہ ڪونہ هو، جڏهن ڊاڪٽر هن کي ٻڌايو تہ هن جو چاچو مري چڪو آهي تہ هن ميري لباس ۾ لپيٽيل لاش تان نظرون هٽائي، ڊاڪٽر کي پراسرار نگاهن سان آرپار ڏٺو ۽ ائين مرڪي ڏنو جڻ چوندو هجي: "مون کي اڳ ۾ ني خبر هئي."



حفيظ ڪنڀر

# ڪرولي

حشو جي جوڙ جا پوڙها وقت سان ٻهاربا پئي ويا. رستا، گليون، گهٽيون ڇڏي هو پنهنجن گهرن جي اندارن ڪمرن ۾ قيد ٿي، رڙيون ڪندي، ڪنجهندي، ڇنگهندي ساهن جي ڇلهه ۾ لتاڙ ڪان آجا ٿيندي، آهستي آهستي گم ٿيڻ لڳا هئا. باقي بي جوڙ ماڻهن جو حشو لاءِ اهو چوڻ هو ته "اسان ڪيس اهڙو جو اهڙو ڏٺو." ڪنهن کي ڪهڙي لاچاري هئي جو وقت ڪيڏي حشو جي عمر جو ڪتاب پڙهي يا ڪنهن کان پڙهائي؟ ۽ اهڙي شاهدي ۽ گواهي کان پوءِ به حشو، حشو ئي هجي ها. سندس لاءِ اهي ڳالهيون ساڳيون هجن ها. جيڪي هاڻ به مختلف واتن ۾ مختلف انداز سان هونديون هيون. يعني "وڏو حرامي ماڻهو آهي."

يا "سڀ سمجهي ٿو... پر حراميائي ٿو ڪري"

"چريو هجي ته لاليءَ چرني وانگر ڪپڙا لاهي ڪونه گهمي ها!" دينو مٺياري وري ائين چوندو هو جيڪو هر ٽن مهينن کان پوءِ پنهنجي اگهاڙي "مرشد" لاءِ چانورن جون ڇهه بوريون ڊاٽسن ۾ ڪٽاني ويندو هو ۽ اتي ديگ لاهرائي ختمو ڏياريندو هو.

"اڙي صفا چريو آهي. مستن تي ڪهڙي ميار؟" آچو موچيءَ ائين چوندو هو جنهن جي پڙيءَ به دينو مٺياري جي دڪان اڳيان هوندي هئي.

"عقل هجي ته ائين هٿ ڪندو وتي ڇا؟ پٽن کي خوار ڪري هڪڙي ٽڪي جو ڪيو اٿس." سيٺ سليمان جي همدردي حشو جي انهن ٻن پٽن لاءِ هوندي هئي جيڪي شهر جا ڪاروباري ماڻهو هئا.

"ٻئي وڏا حرامي آهن... هڪ پيرو به ڪرولي ناهن ويا" هو پنهنجي ميري گِريءَ، گدلي، چيڙهاريءَ وڪريل ڏاڙهي ۾ آڱريون ڦيريندي، ڪاڇي ڪندي پٽن لاءِ چوندو هو.

"...... مون ته گهٽني چيو ڪرولي نه ڇڏيو.... وطن آهي وطن.... پر هُو.... هُو..... بي غيرت..... حرامي يار.... منهنجو سوٽ آهي نه...... جيوت خان..... پيدي جو پٽ...... ان جي ڏٽن تي لڳي وياسون..... آ..... ها.... ها.... واهه جو شهر هو ڪرولي.... افروزي رهندي هئي نه.... تڏهن ته سنو هو."

"..... پيڻ فرزي جو ڪالهه ئي ته خط آيو آهي.... هر پهرين تاريخ تي خط ايندو آهي...... پڙهه!.... سارو احوال لکيو اٿس.... پر هن پنهنجو احوال الائي ڇو ڪونه لکيو آهي؟"

۽ هو ڪيسي کي لڳل ڪانٽو کوليندو هو. ميري قميص جي ڪيسي مان بٽون ۽ بٽون مان اخبار جو ٽڪرو ڪڍي وڏائي ڏيندو هو. انهيءَ دوران هن جي پيچ وريل اکين ۾ ايري آيل چمڪ گم ٿي ڳوڙهن کي جاءِ ڏني ڇڏيندي هئي جيڪي وهي ڏاڙهيءَ ۾ جذب ٿيڻ لڳندا هئا.

"رکي ڇڏ ڙي ڇورا! رکي ڇڏ! شام جو فرزي لاءِ خط لکائڻ ايندس نه تڏهن اهو به ڪٽندس." هو ويندي چوندو هو.

"وري ڪيڏانهن ٿو وڃين؟"

شهر ۾ ڪنهن کي به خبر ڪونه هئي ته هُو "ڪٿان" اچي "ڪيڏانهن" پيو وڃي. اها خبر هن جي پٽن کي به ڪونه هئي. هن کي به ڪونه هئي ۽ انهن کي به ڪونه هئي جن حشو کي اڌ ڪري ڇڏيو هو ۽ پڇنڊڙ جي انهيءَ سوال ۾

ڏينهن نہ پر مهينا ٿي ويندا هئا وهنجندي. وهنجندي نہ پر مٿس زوري پاڻي هاريندي. بہ ننهون، پٽ، ٿي پوتا، ڌيءُ. الائي ڪيتري مٿاڪٽ ڪندا هئا. پٽن جا دڙڪا، واسطا، مهڻا، طعنا، وري بہ زبردستي ڪيس جهلي اڱڻ جي وچ تي ويهاريندا هئس. رڙي رڙي ساڻو ٿي پوندو هو.

"ڪرولي وجي وهنجندس! ها! ڪرولي."

"ڏاڏا! ڪرولي ويندين تہ هتان وهنجي وڃ.... نہ تہ ويزا ڪونہ نهندو... ها!" قميص سندس پوئو ڇڪي لاهيندو هو.

"باهہ ڏي ويزا کي.... لعنت وجهــــ ان تي.... آءٌ ائين ويندس.... اڙي ڪيـــر پاڳل پنهنجي ڳـوٺ لاءِ ويزا وٺندو..... ڪرولي لاءِ بہ ويزا....؟ پنهنجي ڳوٺ لاءِ بہ ويزا!"

هن جا ٻئي هٿ سلوار جي ابداڻ تي پهچي ويندا هئا.

سندس قميص تہ ڪنهن وقت ننهون بہ ڌوٺي ڇڏينديون هيون پر حشو جي سٿڻ ڌوئڻ سندس بيواهہ ڌيءُ جي ئي ٻلي هوندي هوندي هئي. جيجڙيءَ ماءُ لاءِ بہ پنهنجي ٻار جو گند ڌوئڻ ڏکيو ٿو هجي. هي تہ پوءِ بہ ننهرون هيون.

۽ پوءِ انهيءَ گهڙي اڌ ٻالٽي پاڻي جي مٿانئس اُکي هاربي هئي. زوري صابڻ لڳندو هو. سوبہ اڌ نڪتو اڌ رهجي ويو. باقي بچيل پاڻي مٿان پيو پسيل بت ۽ ساڳي پسيل سلوار تي وري قميص ٻي پئي بس.

"اڄڻ ڏيو فرزي کي.... بيهو! وٺي اچان ڪرولي مان تہ سڀن جـون جناڪون ٿي ڪيي، ڪيـنـن ٿي هاج لاهي....؟"

"اهڙي آهي تڏهن تہ رب منهن ڏيکارڻ کان بچايو آهي" ڪا ننهن تنگ ٿي پٽڪي پوندي هئي ۽ هُو گوڙ ڪندي ٻاهر نڪري ويندو هو.

"اڄ تاريخ ڪهڙي آهي؟" هُو شهر جي انهن ماڻهن کان فقط اهوئي هڪ سوال پڇندو هو جن کي هُو ڪيترن ئي سوالن جا جواب ڏيندو هو ۽ ماڻهو هر ڏينهن ايندي ويندي دهرائي بہ پيا پڇندا هئا.

"ڪرولي ڪڏهن ويندين؟"

"ڪرولي ۾ ڇا آهي؟"

"ڪرولي ڇو ڪونہ ٿو وڃين؟"

"فرزي جو خط آيو يا نہ؟"

"ڪرولي کان ڪڏهن آيو آهين؟"

"پٽ ڇو نٿا ڪرولي ڇڏي اچن؟"

"ڪرولي مان وهنجي آئين يا نہ؟" وغيره وغيره. يا پيا بہ اهڙا ڪئين سوال جن جا جواب ماڻهن کي ورهين کان معلوم هئا ۽ هن اهي آڳاٽا ڏني ڇڏيا هئا پر ماڻهن کي هن جا آڏا ابتا، ٻيڳل ڏند تيڙي کلڻ، ڳالهہ دگهيرڻ ۽ روئي پوڻ ۾ بہ مزو ايندو هو. پر هُو انهن سڀن ڳالهين کان پري. ماڻهن کان فقط تاريخ پڇندو هو. جنهن جوجواب ڪنهن رڪي ماڻهو جي نرڙ تي گهنج، ڪنهن "معتبر" ماڻهو جي منهن تي مات کان سواءِ ڪونہ هوندو هو. پر پنهنجي بوريت ختم ڪرڻ لاءِ ڪونہ ڪو ڪنهن مهل جواب ڏئي بہ ڇڏيندو هو.

"ڇوڏهين تاريخ آهي- ڇوڏهين."

"ڇوڏهين؟ پهرين ڪڏهن ايندي؟"

"پهرين تاريخ، پهرين تي ئي ٿيندي."

چيو.

"او! هاڻ ڪلمو پڙهه.... ها! ڪلمو...... چئو....! ......" ٿورڙيون اکيون پٽيانين ۽ جيوت وري زور سان چيو.

"ها! چئو..... لا..... الا....." حشو جون اکيون وري پورجي ويون.

"ڏيءُ تون چئو....." جيوت پوڙهي چيو.

"ها! پيڻ.... تون چئو ۽ موڪل ڏيئينس هاڻ". وڏي پٽ پيڻ جي مٿي تي هٿ رکي چيو.

"ا....با..... ڪلمو.... پ.... ڙ.... هه..... ڪلمو.... ها....! ڏيءُ کان اوچنگار نڪتي. حشو جي بدبودار ۽ بي ست جسم ۾ اڻ لکي چُر پر پيدا ٿي. مولوي جو آواز وڏو ٿي ويو ۽ ڏيڻس کي ڪنڌ سان وري ٻه چوڻ لاءِ چيائين. حشو جي اکين جا ڇپر ٿورا کليا. ٻانهن مٿي ڪڻڻ جي ڪوشش ڪيائين. وري ايس تي ڪري پئي.

"ابا! ڪلمو پڙهه.... هاڻ چئو تہ.... لا.... الا....." پٽن ۽ ڏيءُ گڏجي چيو زور سان.

"..... آ.... آ.... هُون.... هُون...." (ڪنجهہ).

"ڪلمو پڙهه..... هاڻ.... او اسان موڪل ڏني ابا.... ڪلمو پڙهه....."

"هُو..... هُو..... ڪ..... ر..... و.... لي..... فر.... ز.... ف.... ڪر.... ڪرو.... رو....." حشو جو ڪنڌ لڙڪي پيو ۽ سڀن زور سان ڪلمو پڙهيو.



فياض چند ڪليري

# گهربل ست مسافر

شاليمار ڪوچ جي روانگيءَ جو وقت ويجهو ٿيو. ڪنڊيڪٽر سيٽن تي ويٺل ماڻهن جو تعداد ڳڻڻ لڳو ته هُو به هوا جي جهونڪي سان گڏ بس ۾ داخل ٿي ويو. سندس بس ۾ داخلا ٽيڻ واري عمل جي ڪنهن به مسافر کي سڌ پئجي نه سگهي. ڪنڊيڪٽر پنهنجي نظرن جو وڇايل ڄار، جڏهن سموري بس مان سهيڙيو، تڏهن سندس اٿيي مُک جي پيالي ۾ مرڪ جي ماکي ڦهلجي وئي. ڪنڊيڪٽر پنهنجي روايتي انداز سان ڊرائيور ڏانهن نهاريندي "جانے دو استاد" چئي، ڪجهه جهونگارڻ لڳو. ڊرائيور به پنهنجي نهار جي پوئنرن کي پنهنجي مٿي مٿان سينگاريل آئيني ڏانهن اماڻيندي، معصوم انداز سان مرڪندي، بس اسٽارٽ ڪري، گيئر بدلايو. هو ڊرائيور جي پرسان ويهي رهيو. ڊرائيور کي به سندس موجودگيءَ جو احساس نه رهيو ۽ ڪنهن کي به سندس "هجڻ" جو ادراڪ ڪيئن ٿئي ها. هن جي ڪابه Absolute شڪل ۽ ساخت نه هئي! ڪجهه دير ڪانپوءِ بس شهر جي پڪوڙيل پاڪرن کان آجي ٿي، سپر هاءِ وي جي سيني تي ترڪڻ لڳي. ڊرائيور هڪ ڀيرو ٻيهر پنهنجي نظرن جي پوئنرن کي بس ۾ موجود قسمين قسمين خوبصورت گلن جو واس وٺڻ لاءِ آئيني کي اربي چڏيو. سندس نظر وڃي انهيءَ ڇوڪريءَ تي پئي، جيڪا سندس سيٽ کان ٽي سيٽون ڇڏي ويٺي هئي. ڊرائيور جو ٽامي جي ٿالهيءَ جهڙو چهرو، ٽريفڪ جي ٻتيءَ جيان ڪن ۾ ٻري، وسامي ويو. جڏهن سندس ٻي نظر، انهيءَ نوجوان تي پيئي، جنهن سان هوءَ سرگوشيءَ ۾ بس ۾ هلندڙ اي-سيءَ جهڙيون ٿڌڙيون ڳالهيون ڪري رهي هئي. هو ڊرائيور جي دل مان گهُمي آيو. پنهنجي مقصد جي يادگيريءَ ڪانپوءِ هو سموري بس ۾ ڳولا جون ڪوڙڪيون اڏڻ شروع ڪري ٿو ۽ مسافرن جي پيرن کان ٿيندو، هٿن تائين ۽ اُتان ڪيسن ذريعي سندن دلين تائين پهچي وڃي ٿو.

"منهنجا گهربل ست ماڻهو به هت ئي ڪٿي هوندا!" هو پنهنجي سوال کي بس ۾ هلندڙ ايئرڪنڊيشن جي ٿڌين لهرن ۾ ڦٽي ٿو ڪري ڇڏي. بس ۾ پٽڪندڙ سندس نظر جو باز سيني کان پهرين سيٽ نمبر ٨ تي ويٺل انهيءَ نوجوان جي نرڙ تي وڃي ساهي ٿو پٽي، جيڪو نوجوان ڇوڪريءَ سان هوريان هوريان ڪٽيون مٺيون ڳالهيون ڪري رهيو آهي. هو نوجوان جون ڳالهيون ٻڌڻ لاءِ پنهنجا ڪن آزاد ڇڏي ٿو ڏئي. سندس ڪن نوجوان ۽ ڇوڪريءَ جي ڊبل سيٽ جي وچ واري وٿيءَ ۾ وڃي اٽڪي ٿا پون.

"ٻڌ! رات تون پنهنجي اميءَ جي ڪمري ۾ ڇو وڃي سُتي هئينءَ....... مان سڄي رات بيڊ تي پاسا بدلائيندو رهيس" نوجوان بس ۾ هلندڙ ميوزڪ جو فائدو وٺندي، ڇوڪريءَ جي ساهن کي ويجهو ٿيندو پڇي ٿو.

ڇوڪريءَ جي اکين ۾ حجاب جون رنگين جهرڪيون ڦڙڪڻ لڳن ٿيون. هوءَ وراڻي ٿي، "اصل ۾ رات اميءَ جي طبيعت خراب هئي، انهيءَ ڪري ساڻس گڏ سمهي رهيس...." نوجوان ٻيهر ڳالهه جي ڳنڍ کولي ٿو، "هي سٽاوڙي جي رسم به عجيب هوندي آهي، تنهنجو انهيءَ بابت ڇا خيال آهي....." نوجوان ڇوڪريءَ جي ميندي لڳل هٿ کي دٻائيندي چوي ٿو. ڇوڪري جواب ڏيڻ بدران، حجابن جي فريزر مان مُرڪ جي برف ڪڍي، نوجوان جي اکين ۾ اوتي ٿي ڇڏي. ڪجهه پل خاموشيءَ کان پوءِ نوجوان ٿڌو ساهه ڀري چوي ٿو: "هفتو ڪن زندگي ڪيڏي نه خوبصورت هئي، هاڻ وري ساڳي هڻ هڻان، وٺ وٺان. نوڪري، ڪم، ذميواريون......" هاڻ ڇوڪري جي چهري تي ڪابه ريکا نه ٿي اُڀري. هُو پنهنجي ڪنن کي ڇڪي ٿو وٺي. هن جون نظرون هاڻ سيٽ نمبر ١١ ۽ ١٢ تي وڃي کٽن ٿيون. سيٽ نمبر

مسافرن ۾ ڪاوڙ جي لهر ڊوڙي ٿي وئي. پر ٻئي لمحي مردن جي دل جي ڌڙڪن معمول کان وڌيڪ تيز ڌڙڪڻ لڳي. جڏهن ٻه نوجوان ڇوڪريون ۽ هڪ ٻارڙو بس ۾ سوار ٿين ٿا. بي آواز قدمن واري شخص جي اکين ۾ ٻه سوڀ جو سڄ نروار ٿئي ٿو. ڇوڪريون ڊرائيور واري سائيڊ کان ٢ ۽ ٣ نمبر سيٽن تي ويهي ٿيون رهن. هو ٿڌي هوا جي جهونڪي سان سندن پرسان اچي ويهي ٿو. سندس نظر ٻاهرين پاسي کان ويٺل ڇوڪريءَ جي جهوليءَ ۾ ويٺل ٻار تي پوي ٿي، جيڪو ماحول کان لاعلم پنهنجي هٿ ۾ جهليل ربڙ جي نانگ کي گهوري رهيو آهي. سندس نهار جو پيو نشانو ٻنهي نوجوانڙين مان سانوري رنگ جي ڳوڙهي ميڪ اپ واري ڇوڪريءَ جي چهري جي تِر تي مرڪوز ٿئي ٿو، جيڪا پنهنجي ٻر واري ڇوڪريءَ کي نوٽ هٽندي چوي ٿي "شني! ڏس ته سهي ڊرائيور آئيني ۾ اسان کي ڪيڏي نه وحشي انداز ۾ پيو ڏسي، ڄڻ اسين....." ٻي ڇوڪري مرڪندي لفظ "ويچارو" تي زور ڏئي چپ ٿي وڃي ٿي.

هو گهربل مسافرن بابت پڪ ڪرڻ لاءِ هڪ دفعو ٻيهر معصوم ٻار ۽ تِر واري سانوري ڇوڪريءَ جو جائزو وٺي ٿو ۽ پوءِ هڪ وحشي ٽهڪ ٿو ڏئي، پر ڪنهن جا به ڪن سندس ٽهڪ کي ٻڌي نٿا سگهن. هو پنهنجي ڪارروائي لاءِ طي ٿيل وقت ڏسڻ لاءِ ٻئي مسافر جي ٻانهن ۾ ٻڌل گهڙيءَ ڏانهن ڏسي ٿو. سندس ڪارروائيءَ ۾ اڃا تي منٽ ۽ سادا ستاويهه سيڪنڊ هئا. هو آخري ڀيرو ايئرڪنڊيشن جي سرد لهرن ۾ سلهاڙجي، پنهنجي گهربل ماڻهن جو جائزو وٺي ٿو. جڏهن سندس ڪارروائي ۾ ٢٧ سيڪنڊ بچن ٿا ته هو ڊرائيور کي "ويچارو" چوندڙ ڇوڪريءَ جي اکين ۾ داخل ٿي، سڌ جو هڪ رنگين سمنڊ بڻجي ٿو وڃي. ڊرائيور پنهنجي سونپيل ذميواري کان بي خبر ٿي، انهيءَ سمنڊ جي لهرن ۾ ٻڏڻ لڳي ٿو ۽ ٻئي لمحي بس سپر هاءِ وي تان لهي هڪ کامي ۾ وڃي ڪري ٿي. بس ۾ رڙيون مچي وڃن ٿيون ۽ سيٽ نمبر ٨، ١١، ١٢، ١٧، ٢١، ٢ ۽ ٣ تي ويٺل مسافرن جو وجود بي ساهه ٿي وڃي ٿو!



## محمد حسين چنا

# پرائو رت، پنهنجا لڙڪ

سياري جي سرد رات پنهنجي ڦوهه جواني ۾ هئي. جنوري مهيني گهٽين ۾ راڪاس گهمائي ڇڏيو هو. رات جو ڏهين وڳي کان پوءِ گهٽيون سنسان ۽ ويران پئي لڳيون. ڪتن مالڪن سان وفاداري وساري ٻلال جي ڪرن ۾ وجي پناهه ورتي هئي. سڪيا ماڻهو ڪمري ۾ هيٽر ٻاري سردي کان بي نياز هئا ۽ ڏکيا ماڻهو سوڙين هينيان ٻه پئي ڏکيا. مون ٻه ڪمبل ۾ ويڙهيو سيڙهيو پٽائيءَ جي رسالي ۾ سر مارئيءَ جو پئي مطالعو ڪيو. رات جا يارنهن وڳا هئا. بجلي هلي ويئي، ڪمري ۾ اونده ٿي ويئي. گهنس گولو ٻارڻ لاءِ ماچيس ڪڻڻ جي ارادي سان رڌڻي طرف وڌيس. اينتري ۾ ٻاهرئين دروازي جي هڪ تاڪ ڪلڻ جو نڪاءُ ٿيو، جيڪو تيز ڪلڻ سبب پٽ ۾ وجي لڳو. هڪ ماڻهو تيزيءَ سان گهر اندر داخل ٿيو. ياد آيو ته دروازو بند ڪرڻ وسري ويو هيم ان ويسر واري مرض تي ڏاڍا جڪ اچڻ لڳا. اونده ۾ مان هن کي چڱي نموني ڏسي نه سگهيس. فقط هن جو قد ڏسي سگهيس جيڪو بندرو پئي لڳو. هن جو ساهه تيزي سان هيٺ مٿي کجي رهيو هو جيئن ڊوڙ مقابلي ۾ ڊوڙڻ واري جو ٿيندو آهي. هڪ اجنبي خوف مٿان حاوي ٿي ويو. پوءِ ٻه دل ٻڌي چيم: "ڪير آهين؟"

"هان....." هن کان چرڪ نڪري ويو.

آواز عورت جو محسوس ٿيو.

"ٻڌاءِ ڪير آهين؟" عورت سمجهي منهنجي آواز ۾ رعب ايري آيو. "مان....... مان... خدا جي واسطي مون کي بچاءِ، هو مون کي ڪهاڙين سان ڳپا ڳپا ڪري ڇڏيندا." هن جا هٿ منهنجي پيرن مٿان وجي پيا.

بجلي جي اچڻ سان مون هن کي ڏٺو، هن تي نظر پوڻ سان جڻ منهنجي اندر جي ٻه لوڊ شيڊنگ ختم ٿي. سورهن سترهن سالن جي جوان جماڻ ڇوڪريءَ جي پوري منهن تي پگهر جا ڦڙا بلب جي روشني ۾ شبنم جي قطرن وانگر چمڪي رهيا هئا. قد پورو پنو، پرپل سينو، سنهي چيلهه، پورو پنو جسم پوري ناسي وڳي اندر هوءَ ڪنهن چترڪار جي سنگ مرمري مورتي جيان لڳي رهي هئي.

پانيم ته هيءَ اها ساڳي مارئي آهي، جنهن جو ذڪر ڪجهه وقت اڳ پڙهي رهيو هئس. فرق صرف اينترو هو جو هن مارئي عمر اڳيان بندي خاني مان آزاد ٿيڻ جي سين هنني هئي ۽ هن مارئي منهنجي اڳيان زندهه رهڻ جي.

منهنجا منتشر خيالات گڏ ٿيا ته ڪانئس پڇيم:

"ڪير تون توکي ماري ۽ ڇو تو ماري!؟"

"مان..... مان..... بي ڏوهي آهيان ۽ هو......!!؟"

گهٽيءَ مان ماڻهن جو آواز ٻڌائين ته سجي ڏکي ويئي ۽ جملو اڌ ۾ ڪٽجي ويس. وات تي هٿ ڏيئي پنهنجي خوف ۽ آواز کي دٻائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪيائين. ٻيهر پيرن تي ڪري پيئي ۽ ليلائڻ لڳي:

"مون کي بچاءِ رب جي واسطي بچاءِ."

مون کي هن جي جواني تي قياس اچڻ لڳو. سوچيم مرد آهيان ۽ مردن جو مٽ مرد ئي هوندا آهن. نه ته ڇا فرق رهندو هن ڪمزور ڇوڪري ۽ مون ۾؟ ڪهاڙي هٿ ۾ ناهي ته ڇا ٿيو، قانون جون ڊگريون ته هٿ ۾ اٿم، پوءِ ٻه وقت آيو ته منهن ڏيو: ڪانئس هرگز نه ٻڌبس.

دروازي جي کڙڪڻ جو آواز آيو. ڏاڪڻ جو دروازو کولي احتياطاً هن کي ڇت تي موڪليم. دروازو بند ڪري ڪندو وراڻي تالو هنيم. ٻاهر نڪري ڏٺم تہ ست ماڻهو هئا. ٻن کي بندوقون ۽ باقي ٻين کي لٺيون ۽ ڪهاڙيون هيون. هڪ کي شلوار باقي ٻين کي گوڏيون ٻڌل هيون. قميصون ميريون، شهپر ۽ ڏاڙهي وڌيل. ٻوٿ سڪل. پيرن ۾ چيڳل چپل ۽ ڦاٽل بوٽ هُئن. سڀني اڻ پڙهيل ۽ جاهل هئا. منهنجو ڪم وڏيڪ سنولو بنجي ويو ڇو تہ اهڙي قسم جي ماڻهن جي نفسيات کان چڱي طرح واقف هئس.

"ادا! ڪهڙو مسئلو آهي، جو اڌ رات جو اچي ننڊ ڦٽائي اٿو؟" نارمل ٿي شريفاڻو آواز ڪاهي پڇيم.

"اسان تنهنجي گهر جي تلاشي وٺنداسين، اسان کي شڪ آهي تہ هوءِ هي در ڪليل ڏسي اندر آئي آهي." هڪ نوجوان جذباتي لهجي ۾ چيو.

"ڪهڙو ڙي صوبيدار يا ڊي آءِ جيءِ جو پٽ آهين جو اڌ رات جو ننڊ ٿو ڦٽائين ۽ گهر جي تلاشي ٿو وٺين؟" مون بہ ڪاوڙ ۾ چيو، ڇو تہ لوهہ کي لوهہ ئي ڪپيندو آهي.

"اڙي ڇورا! وڪيل صاحب سان تيز نہ ڳالهاءِ." هڪ ڪرڙوڊ نوجوان کي رهڙ چاڙهي، جنهن شايد مون کي سڃاتو پئي.

"سمجهاءِ چاچا هن کي: معتبري نہ هلائي."

"ها سائين! ناراض نہ ٿيو." هو ٿورو جهڪو ٿيو.

ان گهٽي ۾ هڪ منهنجو ۽ ٻيو هڪ ماستر جو گهر هو. گوڙ ٻڌي هو ٻاهر نڪري آيو. ڊنب ماڻهن جو ڏسي وائڙو ٿي پڇڻ لڳو:

"ابا شهباز! خير تہ آهي، هي ايترا ماڻهو!"

"ها سائين خير آهي، ٻيهي ٻڌو."

"ها تہ چاچا! ڇا ڳالهہ آهي؟" هڪ دفعو ٻيهر هنن ڏانهن مُڙيس.

"وڪيل صاحب! ڇوري گهران ڀڄي نڪتي آهي، بجلي بند ٿي وئي، اسان هن کي ڏسي نہ سگهياسين. شڪ آهي تہ هوءِ توهان جي گهر ۾ آئي هوندي، اها واپس ڪريو." هن ٿورڙن لفظن ۾ پنهنجو مطلب ٻڌايو.

"توهان کي شڪ آهي يا پڪ؟"

"شڪ....." سڀني چيو.

"مان چوان ٿو تہ توهان جي ڇوڪري مون وٽ ڪانهي، يقين ڪندوَ."

"اسان گهر اندر ڏسي پڪ ڪري پوءِ ويندا سين." هي ساڳيو نوجوان هو.

ٻانيم سڀني ان ڳالهہ تي متفق هئا. اها ڳالهہ ٻڌي جڻ منزل جي ويجهو پهچي ويا هجن.

"تہ توهان گهر جي تلاشي وٺي پڪ ڪري پوءِ ويندا؟"

"ها......" سڀني ها ڪئي ۽ انهن جي ها ۾ وحشيپڻو ظاهر پئي ٿيو.

"هڪڙو شرط آهي؟"

"ڪهڙو شرط؟"

"اڳ ۾ سڀني پنهنجا نالا لکرايو."

"نالا ڇو لکرايون؟"

"توهان ڪنهن معمولي ماڻهو جي گهر جي نہ پر هڪ وڪيل جي گهر جي تلاشي ٿا وٺو. جيڪڏهن توهان کي

ڇوڪري منهنجي گهران نہ ملي تہ مان توهان تي آرام ڦٽائڻ، زوري گهر ۾ گهڙي دهشتگردي ڪرڻ ۽ عزت مجروح ڪرڻ جا ڪيس لڳائي پوليس جي حوالي ڪندس. اهو بہ هتي جو هتي رڳو ٺاٺي تي فون ڪرڻ جي دير آ. هاڻي توهان پاڻ فيصلو ڪيو. مون کي ڪوبہ اعتراض ڪونهي. جيل وڃو يا اعتبار ڪريو."

همراهن کي ڄڻ ڪياڙي وارو ڪلو لڳو. سڀ هڪ ٻئي کي ڏسڻ لڳا. ماستر رهڙ چاڙهين: "ميان وڃي نياڳي کي ٻني هنڌ ڳوليو. ڇو هن شريف کي تنگ ڪيو اٿو، اجايو ڦاسي پوندوَ. وڃو..... وڃو."

هو مون تي اعتبار ڪري هليا ويا. مون سک جو ساهہ کنيو. دروازو بند ڪيم ۽ اچي ڊاڪڻ جو دروازو کوليم. ڏٺم تہ هوءَ ڊاڪڻ تان هيٺ لهي رهي هئي، شايد هوءَ بہ پنهنجي زندگي ۽ موت جو فيصلو ڇارين جي وٺين مان ڏسي ۽ ٻڌي رهي هئي.

"سائين وڪيل صاحب! اوهان جا لک ٿورا جو جيئدان ڏياريو." هن خوشي ۽ هراس واري گڏيل لهجي ۾ چيو.

"توکي منهنجي وڪيل هئڻ جي خبر ڪيئن پئي؟"

"ڇت تي اوهان جون سڀ ڳالهيون پئي ٻڌم."

"مون کي خوشي ٿي آهي تہ تنهنجي جان بچايم."

"سائين (قلندر شهباز) توهان کي اجورو ڏيندو."

"اهو اجورو بہ نہ مليو." ٿورو آهستي چيم.

"جي سائين، توهان ڇا چيو؟"

چيم تہ: "هت سيءُ آهي هل تہ اندر ٿا ڳالهيون ڪريون." اسان ٻئي ڪمري ۾ داخل ٿياسين. هيٽر هلڻ ڪري ڪمرو گرم هو. هن ڪمري کي ڏسڻ شروع ڪيو. پلنگ، صوفا سيٽ، شو ڪيس ۾ رکيل ڊنر ۽ ٽي سيٽ ۽ سيف ۾ رکيل ڪتابن کي حيرت وچان ڏسي رهي هئي. هوءَ مون کي ٽُپ ڀرازي جي لڳي، جنهن جي زندگي ڪٽن ۽ پٽن تي گذري هئي. منهنجي نظر هن جي چولي اندر جرڪندڙ جواني تي پيئي. اڪيلائي ويتر ان کي شهہ ڏنو. جسم گرم ٿيندو ويو. سنگ مرمري جسم اندر ۾ بيرحم خواهش کي ولوڙيو. اندر ۾ ٽيمپريچر سڀ ڊگريون اورانگهي ويو. مقصد تي اچڻ لاءِ ڦيرين وک کنيم. چيم:

"توکي ڊچ تہ ڪونہ ٿو ٿئي؟"

"جي سائين!" حيران ٿي.

"مطلب تہ، ڊڄين تہ ڪونہ ٿي؟"

"سائين ڪنهن کان ڊڄندم؟"

دل ٻڌي چيم: "مون کان ڊچ ڪونہ ٿو توکي ٿئي؟ تہ تون هڪ ڌارئي مرد جي اڳيان ويٺي آهين، ساہ اڪيلي ۽ اڪيلي ڪمري ۾."

ٽڪ ٻڌي ڏسڻ لڳي. سندس نظر ۾ ڪا پراسرار قوت محسوس ڪيم. چيائين:

"سائين مون مردن جي واتان ٻڌو آهي تہ وڙ ڪرڻ وارا مرد ڪڏهن بہ بي وڙا ناهن ٿيندا."

هن جي جواب منهنجي اندر ۾ هلچل مچائي ڇڏي. بيرحم سوچن کي سن ڪري ڇڏيو. اندر جي ڪيفيت شرمسار ٿيڻ لڳي. ان کي موت ڏيڻ لاءِ لفظ ختم ٿي ويا. اندر جي جج مون کي ڏوهي قرار ڏنو. ڏوهہ قبوليم. پنهنجي هلڪڙائپ تي خار اچڻ لڳا. سوچيم: منهنجي بدنيتي جي پروڙ هن کي ڀريان پوي ها تہ هوءَ ضرور پنهنجي جسم کي ڪاري ڪرڻ بدران ڪهاڙين جي حوالي ڪري ڇڏي ها.

"سائين بابي جي دوست جو پٽ آهي." شرمائڻ واري انداز ۾ چيائين. هن جي شرمائڻ کي سمجهي ڳالهه جي تهه تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪيم.

"خالد، توکي وڻندو آهي؟" سندس من جي ڳالهه ظاهر ڪرڻ چاهيم.

"........." خاموش هئي. سندس لبن تي مرڪ هُئس، اها هن جي محبت جو اقرار هئي.

صبح ٿي چڪو هو. رات جو دير سان سمهڻ ڪري مان دير سان اٿيس. زبيده پنهنجي بستري تي نه هئي. مان اچا بستري تي ئي ننڊ جي خمارن ۾ هيس، خمار لٿا ته اٿي ويٺس. ڪمري کان ٻاهر نڪتس. ڏٺم ته زبيده اس ۾ ويٺي هئي.

"رات سني گذري؟" فرضي جملو ڳالهايم.

"ها سائين."

"خالد ڪهڙي ڳوٺ ۾ ويٺو آهي؟"

"چو سائين؟ خير ته آهي؟" سڄي ڪاراڻجي ويئي. بي قراري وچان سوال ڪيائين.

"مان توکي ان وٽ ڇڏي ايندس."

"سچ سائين؟"

"ها بلڪل ان جيڏو سچ."

"سائين توهان ڏاڍا ڀلا ماڻهو آهيو." اٿين چئي هوءَ ڪلي پئي. تيار ٿي ٽيڪسي ڪري آيس. ٽيڪسي زبيده جي منزل طرف ڊوڙڻ لڳي. سوا ڪلاڪ جي سفر کان پوءِ اسان ڳوٺ ۾ پهتاسين. خالد هڪ خوبرو ۽ بردبار نوجوان لڳو. ڏاڍو قرب ڏنائين، جيڪو وساري نه سگهندس. زبيده کي ڇڏي واپس موٽي آيس. ڪي ڏينهن اهو واقعو منهنجي ذهن جي محور تي ڦرندو رهيو. مان خوش هيس، هڪ انسان جي حياتي بچائي، ڏاڍو سڪون مليو. ڪيترائي سال انسان جي ناهيل ڪورٽن ۾ بيهي لفظن جي جادوگري سان ماڻهن جون حياتيون بچايون هيم. خبر نه هيم ته اهي چور هئا يا ساڌ.

بس انهن کي نئين زندگي ڏياري هيم. ڏوڪڙ ڪمائڻ خاطر. جڏهن ڪيس ڪٽندو هيم ته منهنجا هٿ ڳاڙهن نوٽن سان ڀريل هوندا هئا. ان محل خوش ٿيڻ بجاءِ منهنجي اندر ۾ هڪ اجنبي خوف اپرندو هو ۽ مان پاڻ کي مجرم سمجهڻ لڳندو هيم. پر هي ڪهڙو ڪيس هيو جيڪو بنا في وٺڻ جي کٽيو هيم. منهنجا هٿ ڳاڙهن نوٽن سان ڀريل نه هئا پوءِ به مان ايڏو خوش چو هيس؟ منهنجي اندر ۾ ڪوبه اجنبي خوف نه هيو. ان واقعي کي ڏينهن بدران مهينا گذري ويا. آهستي آهستي ذهن جي سليٽ تي اڪريل نقش ميسارجڻ لڳا ۽ مان هن نفسانفسيءَ جي عالم ۾ گم ٿي ويس. پورن پنجن مهينن کان پوءِ مان خالد ۽ زبيده کي گڏ ڏٺو. جڏهن هنن کي ڏٺم ته منهنجي وجود ۾ زلزلو برپا ٿي ويو. ڌرتي پنهنجي محور تي زور زور سان ڦرڻ لڳي، درد جي هڪ آهه اندر مان نڪري سڄي سرير کي ساڙي ويئي. اخبار جي فرنٽ پيج تي هنن جي تصويرن هيٺان جڏهن ڪئپشن پڙهيم ته بي اختيار سانوڻي جي مينهن جيان لڙڪ هارجي پيا. اڪيون ٻوٽي ڇڏيم ۽ ڪئپشن جا اکر تير بڻجي اندر ۾ لڳندا رهيا:

"ڪارو ڪاري جي الزام ۾ ٻن معصوم جانين کي موت جي حوالي ڪيو ويو."

شگفته شاهه

# لَو مئريج

منهنجي ۽ ليليٰ جي شادي ٿيڻ جو قصو اڄ به ياد پوندو اٿم. اسين ٻني شاديءَ کان اڳ "ڪيوپڊ" جي تير جو نشانو بڻجي چڪا هئاسين ۽ پوءِ عشق جا ڪيئي امتحان پاس ڪرڻا پيا. اهڙيءَ ريت جو اسان وٽ اڄڪلهه جيان "ڊيٽنگ" ڪرڻ جو چانس به نه هو. هوءَ سچ پچ ليليٰ ٿي چڪي هئي ۽ آءٌ پڻ "مجنونءَ" جي جانشين ٿيڻ جي ڀرپور ڪوشش ۾ هوس ۽ ليليٰ جا ۽ منهنجا مائٽ "ظالم سماج" جو رول ادا ڪري رهيا هئا.

ڪيترن ئي ڏينهن تائين جذهن ڪوشش جي باوجود به اسان جا مائٽ اسان جي شاديءَ لاءِ راضي نه هئا. تڏهن اسان به "لو اسٽوري" جي ڪلائمڪس تي پهچي وياسين ۽ ٻنهين مائٽن کي ڌمڪي ڏني ته جيڪڏهن هو اسان جي شادي نه ڪرائيندا نه اسان ٻئي هڪ ئي ڏينهن ۽ هڪ ئي وقت زهر کائي پنهنجو انت آڻينداسون. (گهر مان ڀڄي ڪورٽ مئريج ڪرڻ جو آئيڊيا به ذهن ۾ آيو هو پر ان دور ۾ منهنجي کيسي ۾ ٽڪو به نه هوندو هو. سو رڪشا جي ڀاڙي جيترا پئسا نه هئڻ ڪري اهو فيصلو ڊراپ ڪرڻو پيو.) سو نيٺ خودڪشيءَ جي ڌمڪيءَ اثر ڪيو ۽ اسان جا مائٽ نيٺ راضي ٿيا. انهن پوءِ مڱڻو ڪري اهو شرط رکيو ويو ته جيستائين مون کي نوڪري نه ملندي، شادي نه ٿيندي. سو نيٺ نوڪري به هٿ ڪيم ۽ انهن منهنجي ۽ ليليٰ جي "لو مئريج" وڏي ڌام ڌوم سان ٿي. اسان هڪ ٻئي کي حاصل ڪري پنهنجي ننڍڙي گهر ۾ انتهائي خوش هئاسين ۽ محبت جي نشي ۾ ايترا مخمور هئاسين جو وقت گذرڻ جو احساس ئي نه ٿيو. ايستائين جو شاديءَ کي سال ٿي ويو ۽ شاديءَ جي پهرين سالگرهه واري ڏينهن ليليٰ مون کي چيو هو:

"ڊارلنگ! اسان شاديءَ جي سالگرهه ۾ ڪنهن کي به انوائيٽ نه ڪنداسين ۽ جيستائين حياتي هوندي، چاهي ڪجهه به ٿئي، سڀ مصروفيتون ڇڏي، ان ڏينهن گڏجي ويهنداسين. اهو ڏينهن اسان جو فقط هڪٻئي لاءِ هوندو. ۽ ها! اسان اڄ کان اها روايت به وجهون ٿا ته هر سال شاديءَ جي سالگرهه تي اسٽوڊيو ۾ هلي گڏ فوٽوگراف ضرور نڪرائينداسين ۽ انهن هڪڙو آلبم ٺاهينداسين جنهن ۾ فقط اهي فوٽو هوندا سين جيڪي اسان ويڊنگ اينيورسريءَ جي موقعي تي ڪيرائينداسين."

مون کي ليليٰ جو ڏنل اهو آئيڊيا تمام گهڻو پسند آيو ۽ اڄ تائين اسان پنهنجي وچ ۾ ٿيل ان معاهدي تي عمل ڪندا آهيون. اهڙيءَ طرح ان آلبم ۾، جنهن جي مٿان ليليٰ گلن واري سهڻي ڀني تي خوبصورت لفظن ۾ "THE ALBUM OF LOVE" لکي ان جي ڪورَ جي مٿان ٽرانسپيرنٽ پلاسٽڪ ڪَور چاڙهي ڇڏيو آهي، ان ۾ ڏهه فوٽو لڳي چڪا آهن.

جي ها! ڪجهه ڏينهن اڳ اسان جي شاديءَ جي ڏهين سالگرهه خير سان ٿي گذري ۽ هينئر آءٌ "آلبم آف لو" کولي ڏسي رهيو آهيان. هيءَ پهرئين صفحي تي اسان جي شاديءَ جي تصوير آهي. ڪنوار جي روپ ۾ ليليٰ ڄڻ نه حُور لڳي رهي آهي. خير آءٌ به ته شهزادو لڳي رهيو آهيان!

۽ هيءَ شاديءَ جي پهرين anniversary جي تصوير آهي. اسان ٻئي هٿ ۾ هٿ ۾ ڏيئي بيٺل آهيون. ٻنهي جا چهرا خوشيءَ، سڪون ۽ آشائن جي جذبن سان ٽمٽار آهن.

۽ هيءَ شاديءَ جي ٻي سالگرهہ تي نڪتل تصوير. اسان ٻنهي جا مرڪندڙ چهرا آهن. اسان جي وچ ۾ وينل جمشيد، جنهن کي اسان پيار مان "جمي" چوندا آهيون، جنهن جي عمر ان مهل اٺ نو مهينا هئي.

۽ پوءِ اڳتي ڪا "نئين" ڳالهہ ڪانهي، سواءِ ان جي تہ سال بہ سال نڪتل تصويرن ۾ ليليٰ مسلسل ٿولهہ ڏانهن مائل ٿيندي نظر اچي رهي آهي. ۽ آءٌ پڻ بيڊولو ٿيڻ سان گڏ تسلسل سان گنجو ٿيندو نظر پيو اچان ۽ اسان سان گڏ بيٺل ٻارن جو تعداد وڌندو پيو وڃي ۽ گذرندڙ وقت سان گڏ هر سال جي تصويرن ۾ اسان جي چهري تان مُرڪَ آهستي آهستي غائب ٿيندي نظر اچي رهي آهي.

۽ هي اهو فوٽو آهي، جيڪو اسان ڪجهہ ڏينهن اڳ پنهنجي شاديءَ جي ڏهين سالگرهہ تي ڪيرايو آهي. اسان جي اڳيان پنج ٻار بيٺل آهن. ٽي پٽ آهن اسان کي ۽ ٻہ نياڻيون جن کي فوٽوگرافر عمر جي تسلسل مطابق اهڙيءَ ريت ترتيب سان قطار ۾ بيهاريو آهي جو ڄڻ "سيڙهي" ٺهيل ٿي پئي آهي. هن تصوير ۾ ليليٰ جي چهري تي مرڪ جو نالو نشان بہ ڪونهي، ۾ هوءَ ڄڻ ڪاوڙ مان ڦوڪي بيٺي آهي ۽ منهنجي چهري تي زوريءَ سجايل مرڪ آهي جنهن مان خوشيءَ جو تاثر گهٽ ۾ تڪليف جو تاثر زياده پيو بکي. تڪليف ڪيئن نہ ظاهر ٿئي. آخر شاديءَ جي ڏهين سالگرهہ واري ڏينهن اسان "حسب معمول" جهيڙو ڪندا رهيا هئاسين ۽ پوءِ پنهنجي عادت مطابق منهنجي "گجگوڙ" جي جواب ۾ هن مون کي ريڪ تان هڪڙو ڪتاب کڻي وهائي ڪڍيو، جيڪو مون تہ پنهنجي روڪڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي هئي، پر پوءِ بہ هن منهنجي مٿي جي رَن وي يعني وارن کان خالي حصي تي لينڊ ڪيو هو. خير هونءَ ليليٰ ايڏي بہ ظالم ڪانهي. هوءَ رحم جي جذبي کي آڏو رکندي هلڪن ڦلڪن "هٿيارن" سان جنگ ڪندي آهي، جن سان "ٽٽڻ ڦٽڻ" يا زخمي ٿيڻ جو چانس نہ هجي، پر بدقسمتيءَ سان هن ڀيري شايد ٻي خياليءَ مان (هاءِ ڙي منهنجي خوشقسمتي) هن اهڙو ڪتاب اڇلي "حملو" ڪيو هو جيڪو وزن ۽ سائز جي حساب سان ڪافي Heavy هو. شڪر جو وڏيڪ "تباهہ ڪاري" ڪرڻ بجاءِ هن فقط ڪجهہ "ڊينٽ" ڪري وڌا هئا ۽ هڪ عدد گومڙو منهنجي ٽِنڊ تي اڀري چڪو هو. ان لاءِ فوٽو ڪيرائڻ مهل جڏهن مون مرڪڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي تہ گومڙي مان نڪرندڙ سُور جي (الفا، گاما اينڊ بيٽا ريز نما) لهرن مرڪ کي تڪليف جي آثارن ۾ بدلائي ٿي ڇڏيو.

ها، اسان جي شاديءَ جي ڇهن سالن کان پوءِ ٿي اسان هڪٻئي آڏو "گهريلو جنگي محاذ" جي ميدان ۾ لهي آيا هئاسون ۽ هر ٻئي ٽئين ڏينهن جهيڙا ڪرڻ اسان جو معمول بڻجي ويو. انهن ئي ڏينهن کان مون ڪيس "ليليٰ" چوڻ بجاءِ "بيگم صاحبہ" چوڻ شروع ڪيو، جو تہ هڪ پاسي تہ وقت جي بمباريءَ اسان جي وجودن جي اصل شڪل شبيهن کي ڪافي ڇيهو رسايو هو انڪري نہ تہ هوءَ شڪل صورت ۽ بدن مان ڪنهن طرح "ليليٰ" ٿي لڳي ۽ نہ ئي "مجنون" ڪنهن گنجي ۽ عينڪ پائيندڙ شخص کي پڪاري ٿي سگهجيو. ان جو ٻيو سبب اهو هو تہ الائي ڇو (اڪثر سوچيندو آهيان تہ ان مسئلي بابت ڪنهن نفسياتي ماهر کان پنهنجو سائيڪو اينالسيز ڪرايان. )لفظ "بيگم صاحبہ" ٻڌندي ئي ذهن ۾ "ٽارزن کي واپسي عرف هنٽر والي" جهڙو ڪو تصور ذهن ۾ اچي ويندو آهي. ٻئي پاسي هوءَ... جيڪا شاديءَ جي ٻن سالن تائين مون لاءِ "هي" يا "هُو" ڪري ڳالهائيندي هئي، اڪثر هوءَ منهنجي متعلق ٻين سان هن ريت ڳالهائيندي هئي.

"هُو بس اچڻ وارا هوندا..."

"هُنن کي مون ٻڌايو هو..." وغيره.

۽ مون کي سدائين "ٻڌو تہ..." چئي مخاطب ٿيندي هئي (حالانڪ شاديءَ کان اڳ ۾ هوءَ منهنجو نالو وٺندي

"آخر آءُ ٿي تہ انھن سيني ڪمن کي مُنھن ڏيندو آيو آھيان... پيو تنھنجو بابا..."

"جميءَ جا پيءُ.. آءٌ چنين ٿي تہ اسان جي جھيڙن ۾ منھنجن مائٽن جو نالو بہ نہ وٺندو ڪر. اڙي ھن جو مون تي اھوئي سڀ کان وڏو احسان آھي تہ ھو توسان منھنجي شادي ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو ھو."

"دراصل ان جو سبب اھو آھي تہ ھُو پھرين ڪان وٺي اڄ ڏينھن تائين مون کي ناپسند ڪندو آھي. ان لاءِ ھن سوچيو تہ ھو مون کي اھڙي سزا ڏئي جيڪا منھنجي سڄي زندگي برباد ڪري، ان ڪري ھو تنھنجي شادي مون سان ڪرڻ تي راضي ٿي ويو ھو..." اھو چوندي آءٌ اڳئين حملي لاءِ تيار ٿي پوزيشن سنڀالي وينس.

"ڇا!...؟ مون تنھنجي زندگي برباد ڪئي آھي. اٺي ... الاھي ڪھڙي ساعت مت ڦري ھيم جو توکي ڏسي پسند ڪيو ھنم..." ھوءَ چئي رھي ھئي تہ اوچتو ماريہ، اسان جي ڌيءَ، ڪمري ۾ داخل ٿي. سندس ھٿن ۾ اسڪول جا ڇِڳل بُوٽ ھئا. ھن ماءُ کي چيو:

"امي! ھي نوان شوز تہ پندرھن ڏينھن ۾ ئي ڦاٽي پيا آھن."

"بس راڻي ڇا ڪريان. مون ۾ سڀ کان وڏي اھا ئي تہ خامي آھي تہ جن بہ شين ۽ ماڻھن کي "معياري" سمجھي حاصل ڪيم سي اڳتي ھلي "غير معياري" نڪريو پون. مسئلو تہ اھو آھي تہ شيون تہ مٽائي بہ سگھجن ٿيون پر ماڻھو تہ..." ھوءَ مون ڏانھن ڏسي جملو اڌ ۾ ڇڏي ٿي ڏني.

"ھا ھا! مون تہ توکي رڳو ڏک ڏنا آھن ۽ تو تہ ڄڻ مون کي سک ڏيئي ڇڏيا آھن." ماريہ جي وڃڻ کان پوءِ مون ڪيس چيو. "مون کي خبر آھي، تہ ڪيئن نارَ جي ڏِڳي جيان وھي اوھان لاءِ ڪمايان ٿو. توکي ان جو ڪو قدر ئي ڪھڙو. پاڻ نوڪري ڪرين ھا تہ خبر پوئي ھا تہ ڪمائڻ ڪيڏو نہ ڏکيو آھي..."

"جميءَ جا پيءُ، مون کي اھو ڪمائڻ جو مھڻو نہ ڏيندو ڪر. اٺي الله... ڪھڙو نہ زمانو اچي ويو آھي جو مرد پنھنجن زالن کي ذري ذري ڳالھہ تان مھڻا طعنا ڏيڻ لڳا آھن. اڳ ۾ چوندا ھئا تہ زالون گھر ٿيون ڦٽائين، نفرتن جون باھيون ٿيون ٻارين، پر... منھنجا مولي...! اڄڪلھہ اسان جا مرد گلا غيبت مھڻا ڏيڻ ۽ ھتي جي ھُتي پھچائڻ ۾ زالن کي تہ الاھي ڪيترو پوئتي ڇڏي ويا آھن.... توبھہ... توبھہ...." ھن چيو.

"ڇڱو ھاڻي اجايو مٿو نہ کاءُ..."

"مون کي ڪو شوق ڪونھي توسان ڳالھائڻ جو. آءٌ تہ اھو چوڻ لاءِ آئي ھيس تہ سائين جن آخر پاڇي ڪيڏي محل آئيندا. اڄ جمعي جو ڏينھن آھي. تون رڳو ويھي پلنگ پچيندين، پر ڪاڙھو تپي ويو آھي. آخر سيٽو ڪيڏي محل ايندو تہ سوير ماني ٺڪي جي ڪري وٺان. توکي ڇاھي، گرميءَ ۾ چلھہ جي پرسان تہ آءٌ ٿي سڙان نہ. اچا ٻارن کي وھنجارڻو بہ اٿم. اڄ صفائي واري مائي بہ ڪانھي آئي، اجا اھو ڪم آھي. اٺي منھنجي تہ ڇيلھہ ڇڀي ٿي وڃي آھي. ھيءَ بہ ڪا زندگي آھي؟"

ھن ڪمري مان ويندي ويندي چيو تہ مون بہ ڪاوڙ مان "THE ALBUM OF LOVE" بند ڪري الماريءَ تي ڦٽو ڪيو ۽ ٿوريءَ دير بعد رڌڻي ۾ وڃي ليليٰ کي چوان ٿو:

"سائڻ! ڇبي ڏيو تہ غلام سودو سلف وٺي اچي."

"ھان! وٺ." ھن ڄڻ ڇبي مون کي اُڇلي ھنئين. آءٌ اھا "ڪيچ" ڪري رڌڻي مان نڪرڻ وارو ھيس تہ اوچتو ھوءَ منٺڙي انداز ۾ چوي ٿي:

"جميءَ جا پيءُ..."

"ڇا ھي." بيزاريءَ مان جواب ڏيان ٿو.

"ھي تنھنجي لاءِ صبح کان محنت ڪري ڪير ڪارڪون ٿاھي ٻارن کان لڪائي رکيون اٿم. توکي وڻنديون آھن نه." ھن ڪير ڪارڪن جو پيالو مون ڏانھن وڌايو ته منھنجو موڊ ھڪڙي لحظي ۾ خوشگوار ٿي ويو ۽ چوان ٿو:

"نه... اڃا رک. ٻاھر وڃي اڃان پھرين. سچي ته الاھي گرمي آھي. پوءِ رڌڻي ۾ ويھڻ عذاب ٿي پوندو. ۽ ھا، مون به سوير ئي اڄ ٻوڙ لاءِ بصر وڏي فرج ۾ رکي ڇڏيو آھي. تون ڪم ۾ مصروف ھئين نه..."

"توکي گھڻا پيرا چيو اٿم ته اھڙا ڪم نه ڪندا ڪريو. مون کي سٺو نه لڳندو آھي. اھي ڪم مرد نه ڪندا آھن."

"اھو ڪھڙي ڪتاب ۾ لکيل آھي ته ننڍا وڏا گھر جا ڪم ڪرڻ سان مرد جو شان گھٽجي ويندو آھي ۽ تون به ته منھنجا ڪم ڪري بار ھلڪو ڪندي آھين."

"ڪھڙا ؟"

"خبر اٿم ته بجت وارن پئسن مان تون گيس جو بل ادا ڪندي رھي آھين ۽ ٻارن جي اسڪول جي رپورٽ به وٺڻ لاءِ ويندي رھي آھين ۽ منھنجن فائلن جا پنا سدائين سنڀالي ترتيب سان فائلن ۾ وجھي رکندي آھين."

ھوءَ مرڪي ٿي ۽ آءٌ به مرڪندو ڇپي ڪٽندو، اگڻ ۾ فٽبال راند ڪندڙ ٻارن جي بال کان پاڻ بچائيندي ٻاھر وڃي وڻڻ لاءِ گھر کان ٻاھر نڪران ٿو.



جودت قدرت

سنڌيڪار: الطاف شيخ

# موت جي خوشي

آسمان تي چوڌاري مينهن جا ڪارا ڪڪر ڇانيل هئا ۽ زمين تي گهاٽو جهڙ. ڳوٺ جا ماڻهو پنهنجي پنهنجي ڪرت ڌنڌي تي روانا ٿي ويا هئا، ان ڪري گهٽيون خالي ۽ ويران هيون. ٻڙ جي وڻ هيٺ، مسجد جي ورانڊن ۾، چشمن تي يا ٻي اهڙي ٿڌي ۽ ڇانوَ واري جاءِ تي اڄ ڪير نه هو. چشمن تي هونءَ ته ڪونه ڪو پاڻي ڀرڻ لاءِ هوندو ئي هوندو آهي، پر اڄ الائي ڇا ڳالهه هئي جو اتي به مان ٿي مات هئي. ڪو ڀڪي ڀڪڻ نظر نه پئي آيو.

ٻپهريءَ جو هڪ ڇوڪرو آهستي آهستي وکون کڻندو ڪوهه ڏي ويندو نظر آيو. هو ڪوهه جي ويجهو پهتو ۽ پوءِ رڙيون ڪندو موٽي آيو:

”روشن آغا مري ويو، روشن آغا مري ويو.“ ۽ پوءِ ڪن پل ۾ اها خبر گهٽيءَ جي ٻارن، مردن ۽ عورتن جي ڳالهائڻ جو موضوع ٿي ويئي.

روشن آغا ان گهٽيءَ جي ڄاتل سڃاتل شخصيت هئي. عمر پنجاه سالن جي لڳ ڀڳ ٿيندس. سگهارو جسم ۽ گول ڏاڙهي هن جي خاص سڃاڻپ هئي. هُو هو ته هڪ پخالي پر پنهنجي اخلاق ۽ شرافت جي ڪري سڀني کي ايترو وڻندو هو جو ڪيس ڏسي هر ماڻهو خوش ٿيندو هو. ڪمائي گهٽ هيس. سڄي ڏينهن جي پورهئي بعد زال ۽ ٻارن جو پيٽ ڀري سگهندو هو. هو پنهنجي ڪٽنب سان هڪ ننڍڙي گهر ۾ رهيو ٿي ۽ روزانو صبح جو هي مختصر سامان کڻي، گهر کان نڪري، گهٽيءَ ۾ هوڪو ڏيندو هو:

”پاڻي، پاڻيءَ وارو. سائين پاڻي.... ڪنهن کي کپي پاڻي!“

هن جو هوڪو گهٽيءَ جي پڇڙيءَ واري گهر تائين ٻڌڻ ۾ ايندو هو. جن کي پاڻيءَ جي گهرج هوندي هئي اهي ڪيس سڏيندا هئا.

”روشن آغا! هڪ وارو.“

ڪو چوندو:

”ٻه وارا.“

ڪو ٽي وارا به گهرندو هو. هڪ واري جو مطلب هوندو هو پاڻيءَ جون ٻه پخالون.

روشن آغا ان کان پوءِ ڪوهه تي پهچي پاڻيءَ سان پخالون ڀري گهرن ڏي ايندو هو. اهڙيءَ طرح سڄو ڏينهن گهرن کان ڪوهه تائين روشن آغا جي اچ وڃ هوندي هئي.

روشن آغا هڪ واري جا فقط ٽي سڪا وٺندو هو. ۽ هي ايترو گهٽ ملهه هو جيئن سنيءَ سان ڪوهه ڪوٽجي. وڏي محنت ۽ پورهئي سان هو فقط ايترو ڪمائي سگهندو هو جو ڇڪي تاڻي سندس گهر جو خرچ پورو ٿي سگهي.

هن جي زال گلناز کي هفتي ۾ مڙيئي ٻه يا ٽي ڏينهن ڪن ماڻهن جي گهرن ۾ ٻهاري ۽ چند ڦوڪ جو ڪم ملي ويندو هو، پر پئسا مهيني پوري ٿيڻ تي ملندا هئس.

هاڻي هي سڀ ڪجهه اوچتو ختم ٿي ويو هو. روشن آغا جي هوندي گلناز کي گهڻو ڪم ڪرڻو نٿي پيو. پر

هاڻ تہ سڄي ذميواري هن جي ڪلهن تي اچي پيئي هئي.

روشن آغا جي موت جي ڪارڻ جي ڄاڻ بہ پنجي وئي هئي. گذريل رات برفباري ٿي هئي جنهن ڪري ڪوهہ جي پگ وٽ برف ڄمي وئي. روشن آغا پاڻي ڪڍڻ لاءِ جيئن ئي ڏول کي ڇڪيو تہ سندس پير ترڪي ويو. هو پنهنجو پاڻ کي جهلي نہ سگهيو ۽ سڌو ڪوهہ ۾ وڃي ڪريو. ويچاري جو مٿو زور سان پٿر تي اهڙو لڳو جو ماڻ منوڙي ۾ موت جي هنج ۾ هليو ويو.

گلناز هن جي موت جي خبر ٻڌي ٽيرس ۾ پنجي ويئي.

"يا الله، هيءَ ڪهڙن گناهن جي سزا ملي اٿم!" هن سوچيو، "خدا ظالم تہ ٿي نٿو سگهي.... هي تہ هڪ اڻ سوچيل سمجهيل حادثو آهي. اها ڳالهہ تہ ظاهر آهي تہ هن جو پير ترڪيو ۽ هو ڪرڻ ڪري مري ويو. ڪير بہ ائين ڪِري مري سگهي ٿو." هن پنهنجو پاڻ کي دلداري ڏني ۽ نئين پيش ايندڙ حالتن سان مقابلو ڪرڻ لاءِ پنهنجو پاڻ کي تيار ڪيو.

"هاڻ مون کي ڇا ڪرڻ کپي،" هوءَ سوچڻ لڳي ۽ سوچيندي رهي، پر ڪوبہ فيصلو ڪري نہ سگهي. هن کي ٻن ٻارن سان گڏ زندگي گذارڻ هيڪاندي ڏکي نظر اچي رهي هئي. ٻار بہ تہ اڃان تمام ننڍا هئا. هڪ نون ۽ ٻيو ڇهن سالن جو. هفتي ۾ فقط ٻہ يا ٽي دفعا پاڙيوارن جو ڪم ڪري هوءَ انهن معصوم ٻارن جو خرچ تہ پورو ڪري نہ سگهندي.

جڏهن ڪنهن جي گهر ۾ موت ٿئي ٿو تہ رڌڻ ڪاڻ جو ڏيان ڪنهن کي اچي ٿو. گهر وارن جو تہ هوش ئي ٺڪاڻي نہ هوندو آهي، پر پاڙيسري ۽ مائٽ مٽ اهڙي موقعي تي هنن جي ماني ٽڪيءَ جو بندوبست ڪندا آهن.

مسلمانن ۾ رواج آهي تہ اهڙن موقعن تي هڪ يا ٻہ ڏينهن پاڙي وارا ۽ مائٽ کاڌو موڪلين. گلناز ۽ هن جي ٻارن لاءِ سڀ ڪان پهرين ماني ڪنڌ واري اچي گهر ڪان آئي. اتي هڪ وڏو واپاري رهيو ٿي. هن جو اهو اڇي رنگ جو گهر ايڏو وڏو ۽ سهڻو هو جو پري ڪان ايندڙ ڏاريون بہ سمجهي ويندو هو تہ هي ڪنهن شاهوڪار ماڻهو جو گهر آهي.

جنهن ڏينهن روشن آغا گذاري ويو انهيءَ منجهند جو هڪ ماني آئي. هن جي هٿن ۾ هڪ وڏو خومچو هو جيڪو لذيذ ٻوڙ پلاءَ سان ڀريل هو. سچي ڳالهہ تہ اها آهي تہ گلناز جي گهر ۾ انهيءَ ڏينهن ڪنهن بہ رڌ پچاءَ جو نہ سوچيو هو. پر جيئن ئي خومچي تان ڪپڙو لاٿو ويو، تہ سڀ مزي سِڙي ڪائڻ لاءِ ويهي رهيا. شايد ان جو سبب اهو هو تہ هنن اهترو سٺو کاڌو ان ڪان اڳ ڪڏهن بہ نہ کاڌو هو.

ٻئي ڏينهن هڪ ٻئي پاڙيسريءَ هنن جي مانيءَ جو بندوبست ڪيو ۽ ٽن چئن ڏينهن تائين ائين ئي هلندو رهيو پر ڪنهن جو کاڌو اهترو لذيذ ۽ سٺو نہ هو جيترو اڇي گهر وارن موڪليو هو. تنهن هوندي بہ ٻين گهرن جي ٻوڙ ماني بہ گلناز جي پنهنجي گهر جي مانيءَ کان گهڻي سٺي هئي.

اهو سلسلو جيڪڏهن ائين ئي هلندو رهي ها تہ گلناز ۽ هن جا ٻار روشن آغا جي ڏک کي سڄي عمر سهي وڃن ها. پيٽ جو دوزخ ڀربو رهڻ سان غم جو بار گهڻي قدر هلڪو ٿيو وڃي، پر ٿورن ئي ڏينهن بعد کاڌي جا خومچا اچڻ بند ٿي ويا تہ هنن محسوس ڪيو تہ تڪليف جي هيءَ ڇيپاٽ نہ فقط ناقابل برداشت آهي پر هڪ لڳاتار سيڪ وانگر هلندي رهي ٿي جنهن کان پاڻ کي آجو ڪري نٿو سگهجي.

اهو ڏينهن جڏهن ٻاهران ماني اچڻ بند ٿي هئي، حيران ڪندڙ هو. هو منجهند تائين کاڌي جي اوسيئڙي ۾ در ڏي نهاريندا رهيا. گهڻيءَ ۾ ڪنهن جي هلڻ جو جيئن ئي آواز ٻارن جي ڪنن تي پيو ٿي تہ هو اچي ڪيڙي ۾ ڊڪيل خومچي کي ڏسڻ لاءِ در ڏي ڊوڙيا ٿي. پر گهٽيءَ ۾ هلندڙ ماڻهو تہ روزمره جي نوڪرين ۽ ڪمن تي ايندڙ ويندڙ ماڻهو

هنا.

جڏهن شام تائين ڪٿان بہ ماني نہ آئي تہ گلناز گهر ۾ ني ڪجهہ نہ ڪجهہ رڌي پچائي ورتو. ٻارن کي، جيڪي ڇٺن پنجن ڏينهن کان قسمين قسمين لذيذ کاڌن جا عادي ٿي پيا هئا. گلناز جي هٿن جا رڌل پٽاٽا تمام بيسوادي لڳا. هو ائين منهن ناهي کائڻ لڳا ڄڻ پهرين پنهنجي ماءُ جي هٿن جو رڌل ڪڏهن کاڌو ئي نہ هجين.

بهرحال اهڙو معمولي ۽ سادو کاڌو بہ ملندو رهي ها تہ شڪايت جو ڪو موقعو ئي پيدا نہ ٿئي ها، پر هن گهر ۾ جيڪي ڪجهہ هو آهستي آهستي ختم ٿي ويو. ۽ پوءِ سڀ ٿانوَ ٿپا خالي ٿي ويا ۽ نوبت لنگهڻ ڪڍڻ تي اچي پهتي. هڪ ڏينهن اهو بہ آيو جو هنن غريبن کي صبح کان شام تائين ڪجهہ بہ نہ مليو. سڄي ڏينهن جا بکايل ٻار روئي رڙي سمهي رهيا.

ٻئي ڏينهن بہ اهوئي ٿيو، پر هاڻ ٻارن کان صبر نٿي ٿي سگهيو. منجهند ڌاري ننڍو ٻار بک کان ڪنجهڻ لڳو:

"امان! منهنجي پيٽ اندر ڪجهہ ٿي رهيو آهي. امان! مونکي ڏاڍي بک لڳي آهي."

گلناز پهرين تہ ان معصوم جان کي ڪمل مان ڍڪيو ۽ پوءِ ڌيرج سان چيو:

"صبر ڪريو منهنجا ٻارو! بس ٿوري دير ٻي صبر ڪريو، ڪجهہ نہ ڪجهہ ضرور ٿيندو."

هنن سڀني سمجهيو ٿي تہ اها فقط هڪ آٿت آهي. خالي خولي ٿانون مان امڙ هنن لاءِ ڇا آڻي سگهي ٿي. ائين روئندي ڌوئندي شام ٿي ويئي. بک وگهي هنن جا پيٽ پٺيءَ سان وڃي لڳا هئا. بيهڻ سان تڪليف ٿي ٿين. ان ڪري پيٽ ڀر سمهندي آرام محسوس ڪيائون ٿي.

گلناز سڄو ڏينهن پور پچائيندي رهي. هوءِ اهوئي سوچيندي رهي تہ ٿي سگهي ٿو تہ ڪنهن جي گهران سڏ اچي وڃي تہ اچي ڪپڙا ڌوءِ، اسين توکي ان جو اجورو ڏينداسين. ۾ گهٽيءَ جا ماڻهو تہ اهوئي سوچي رهيا هئا تہ هن کان پورهيو وٺڻ ڏاڍائي ٿيندي. هنن پنهنجي دل ۾ چيو ٿي:

"ويچاري غريب عورت! هوءِ تہ غم ۾ ئي بي حال ٿي وڃي آهي. هوءِ ڇا ڪم ڪري سگهندي. هن ويچاريءَ ۾ تہ هاڻ ايتري همت ئي نہ آهي."

گلناز ڪنهن کي ٻڌائي تہ جيڪا مصيبت هن تي اچي پيئي آهي، هوءِ ان جو بار کڻڻ لاءِ پاڻ کي تيار ڪري چڪي آهي.

ننڍي ٻار ٿوري دير بعد سڏ ڪيو:

"امان! مون کي ماني ڏسڻ ۾ پيئي اچي. امان ڏس! ڪيتري نرم نرم ۽ سني ماني آهي."

گلناز هن جي ڪٽ جي ويجهو ويهي اباڻڪائيءَ مان هن ڏي ڏسي پنهنجا چپ پڪوڙيا. هن رڙيون ڪرڻ چاهيون ٿي پر ڪري نٿي سگهي. هن جي آلين اکين مان ڳوڙها ڳڙي ڳلن تان وهڻ لڳا.

هڪ ڏينهن وڏي اچل سان در بند ٿيڻ جو آواز آيو. پاڙي واريءَ جو ننڍو ٻار اسڪول وڃي رهيو هو. هو هميشہ اهڙي طرح زور سان دروازو بند ڪندو هو. هن جو وڏو ڀاءُ سنو چوڪرو هو. هميشہ ڌاهن ٻارن وانگر هلندو هو ۽ دروازو بند ڪندو هو. ٻنهي ڀائرن ۾ زمين آسمان جو فرق هو.

گهٽيءَ مان هڪ پوڙهي آهستي آهستي پير گسڪائيندي لنگهي رهي هئي. هيءَ صالح جي ماءُ هئي جيڪا سيتو سامان وٺڻ لاءِ بازار وڃي رهي هئي. صالح هڪ بحري جهاز تي ڪئبن-بئاءِ جو ڪم ڪيو ٿي. ٿوري دير بعد ڪنهن جي قدمن جي وري ڪسر پسر ٿي. هن دفعي پاڙي جو حجام لنگهي رهيو هو، جيڪو ڪنڊ واري ڳاڙهي گهر ۾ رهندو هو. هو روزانو ان وقت دڪان کولڻ ويندو هو. ان کان پوءِ ادريس جو پٽ لنگهيو جيڪو اليڪٽرڪ ڪمپنيءَ ۾

ڪلارڪ هو. هو انين تڪو تڪو گهٽيءَ مان لنگهيو، جنهن اسڪول ويندڙ ڪنهن ڇوڪريءَ جو پيڇو ڪري رهيو هجي ۽ پوءِ ڊبل روٽي وڪڻڻ وارو ڇوڪرو گهٽيءَ ۾ ظاهر ٿيو. هن ڊبل روٽيءَ سان ڀريل ٻه ڪارا گهوڙي تي رکيا هئا. هن جو آواز ڀري ڪان ني ڇٽو ٻڌڻ ۾ آيو. هو "روٽي، ڊبل روٽي" جو هوڪو ڏيندو ويجهو اچي رهيو هو.

گلناز جي وڏي ڀار سڀ ڪان اڳ ڊبل روٽيءَ واري جو هوڪو ٻڌو ۽ پنهنجي بي آرام نگاهن سان پنهنجي ننڍي ڀاءُ ڏي ڏٺو. ننڍي ڀاءُ به آواز ٻڌو، تہ پنهنجي وڏي ڀاءُ ڏي منهن ڪيو. ٻنهي جون نظرون مليون. ننڍي ڇپن ۾ پڇيو:

"ڊبل روٽي!"

ڊبل روٽيءَ واري جو هوڪو ويجهو ٿيندو ويو. گلناز ڪٽ تان اٿي ۽ پنهنجي چادر سنڀاليندي در ڏي وڌي. هن فيصلو ڪيو تہ ڊبل روٽيءَ واري کي چوندي تہ اڄ هڪ ڊبل روٽي اڌاري ڏيئي وڃ، جڏهن ڪو ڪپڙن جي ڏنارٽيءَ جا پئسا ڏيندو تہ رقم ادا ڪنديس. هن آهستي ڪري در کوليو ۽ اميد وارين نظرن سان وڪڻندڙ ڇوڪري ڏي نهارڻ لڳي. گهوڙي جي سنبن جو آواز جيئن ني ويجهو ٿيو تہ گلناز جذبات مان سجو در کولي ڇڏيو. هن ڏٺو تہ ڇگا وڏا ڪارا ڊبل روٽين سان ٽب ٿيل هئا.

جڏهن هو در وٽ پهتو تہ گلناز چوڻ لاءِ وات کوليو پر ڪجهہ نہ ڪڇي سگهي. جڻ سندس ڳالهائڻ جي طاقت ختم ٿي وئي هجي. هوءَ بي وسيءَ جي عالم ۾. ڊبل روٽي وڪڻندڙ ڇوڪر کي لنگهندو ڏسندي رهي. گهوڙو وڏي شان سان پڇ لوڏيندو هن اڳيان انين لنگهي ويو جڻ ڪو رومال لوڏي چئي رهيو هجي:

"خدا حافظ گلناز! خدا حافظ!"

"گلناز ڏڪندڙ هٿن سان در بند ڪيو ۽ ٿڪل وڪن سان ڪمري ڏي وڌي ويئي. هن ۾ ايتري همت نہ هئي جو هوءَ پنهنجن بکايل ٻارن جي واجهايل اکين کي ڏسي سگهي. ٻار وڏي تانگهہ مان ڊبل روٽيءَ جو انتظار ڪري رهيا هئا. هن کي جاءِ نہ پئي ملي جو پنهنجا خالي هٿ ڪٿي لڪائي سگهي. هن کي محسوس ٿي رهيو هو جڻ هٿن جي موجودگي هن جي شرمندگيءَ ۾ واڌارو ڪري رهي آهي. پر ٻارن تہ هن کي ڪجهہ بہ نہ چيو. بس مانٽ ميٽ ۾ پنهنجو منهن ٻئي طرف ڪري ڇڏيو.

وڏي ٻار پنهنجيون اکيون بند ڪري ڇڏيون جيئن پنهنجي ماءُ جا خالي هٿ گهڻي دير تائين نہ ڏسي سگهي. هن جي ننڍڙي ڀاءُ بہ ائين ئي ڪيو. گلناز پنهنجي کٽ تي گگي ٿي سمهي رهي جڻ ان گهڙيءَ هوءَ پنهنجو پاڻ کي فنا ڪرڻ چاهي ٿي. هوءَ قاتل، پراڻن ڪپڙن جي هڪ ڳنڍڙي لڳي رهي هئي.

سڀ مانٽ ئي مانٽ ۾ رهيا. ائين اڌ ڪلاڪ ڪن گذري ويو. ان بعد ننڍڙي ٻار ان لاڳيتار مانٽ جو وجود ڀڳو. هن پنهنجي کٽ تان رڙ ڪئي:

"امان، امان،" هن جي آواز مان ڏک ۽ درد صاف ظاهر ٿي رهيو هو.

"ها! منهنجا لعل!" ماءُ اڌما ڪائيندي وراڻيو.

"امان! مون کان هاڻ گهڻي دير بک نٿي سَٺي ٿئي. امان! پيٽ ۾ اندر ڪجهہ ٿي رهيو آهي." هو پنهنجن ننڍڙن هٿن سان پنهنجي پيٽ تي زور ڏيندو رهيو.

"او منهنجا جاني! منهنجا جگر جا ٽڪرا!" ماءُ کان ڪو بيو جواب پڇي نہ سگهيو.

ٻار وري رنندي چيو: "هتي منهنجي پيٽ ۾، امان! منهنجي پيٽ ۾ ڪا شيءِ چري پري رهي آهي."

"بچا! اهو بک جي ڪري آهي، مون سان بہ ائين ٿي رهيو آهي. فڪر نہ ڪر. اهو ڪجهہ بہ نہ آهي. بس تنهنجا آندا ٿي آهن جيڪي چري پري رهيا آهن." ماءُ پنهنجي پٽ کي دلداري ڏني.

"آئون مران ٿو! آئون مران ٿو.... امان!" پٽ معصوميت مان چيو.

وڏي ڇوڪري اکيون کوليون ۽ پنهنجي ڀاءُ ڏي ڏٺو. هن جي نگاهن ۾ ڀاءُ جي لاءِ بي پناهه سڪ ۽ پيار هو، پر هو بيوس هو. پنهنجي ڀاءُ لاءِ ڪجهه به ڪري نٿي سگهيو.

گلناز ٻنهي ڏي ڏٺو. ننڍو ڇوڪرو هاڻ بلڪل ماٺ ۾ هو. هن جي اکين ۾ ڏک جا پاڇولا گهاٽا ٿيندا ٿي ويا. چپ سڪل ۽ اجا ٿي رهيا هئا. نرم ۽ نازڪ ڳل ڪنهن پاروٿي گل وانگر هنڌا هئا. گلناز وڏي پٽ کي اشارو ڪيو. هو اٿي ويٺو ۽ پوءِ ٻئي ڪمري کان ٻاهر نڪري آيا.

وراندي ۾ اچي گلناز آهستي چيس: "پاڻ کي سيڌي واري دڪان جي مالڪ وٽ وڃڻ کپي. سمجهيءِ! پاڻ کي انين ڪرڻ کپي. تون هن وٽ وڃ ۽ هن کي چئه ته ٿورا چانور، اٽو ۽ پٽاٽا اڌارا ڏئي. اسان ٻن ڇئن ڏينهن ۾ قيمت چڪائي ڇڏينداسين."

وڏو ڇوڪرو ماٺ منوڙي ۾ ٻاهر نڪتو. گهٽيءَ ۾ چڱي سردي هئي. ڇوڪري جو ڦاٽل پراڻو ڪوٽ هن کي سيءَ کان بچائڻ لاءِ پورو نه هو، پر هو ڏڪندڙ هٿن سان اڳتي وڌندو ويو. ڪڏهن ڪڏهن سهاري ڪارڻ هن پٽين کي هٿ ڏنا ٿي. آخر هو پري ٽڪريءَ تي نهيل دڪان تائين پهچي ويو. هو دڪان جي اندر داخل ٿيو، ته هن کي گرميءَ جو احساس ٿيو. ڇو ته دڪان کي سگري ٻاري ڪوسو رکيو ويو هو. هن جي دل چاهيو ته آرام سان هڪ ڪنڊ ۾ ويهي رهي، پر ننڍڙي ڀاءُ جو بڪايل ۽ هنڌو چهرو هن جي اکين اڳيان ڦرڻ لڳو. هو تڪو تڪو دڪان جي مالڪ ڏي وڌيو پر هن اڳيان گراهڪن جو چڱو ميڙ هو. هن سوچيو ته سڀ ماڻهو روانا ٿي وڃن ته اڪيلائيءَ ۾ هن سان ڳالهه ڪريان. پر جڏهن سڀ گراهڪ هليا ويا ته اوڏر تي سيڌو وٺڻ جي ڳالهه ڪندي هن کي شرم محسوس ٿي رهيو هو. هو ٿوري دير لاءِ ماٺ ۾ بيهي پوءِ چوٿو ڪلو چانور، اڌ ڪلو اٽي ۽ اڌ ڪلو پٽاٽن جو آرڊر ڏنو ۽ ٽئي شيون اچي ويون ته کيسي ۾ انين هٿ وجهڻ شروع ڪيو ڄڻ ڪنهن شيءِ جي ڳولا ڪري رهيو هجي. پوءِ ڏڪندڙ آواز ۾ چيو:

"اوه! آئون پئسا ته گهر ئي وساري آيس، پر.... پر هاڻ ڪيڏي ته مصيبت ٿي پيئي. آئون.... آئون هنڙي سيءَ ۾ گهر وڃي ڪيئن موٽي سگهندس. مهرباني ڪري پئسا لکي ڇڏيو. آئون صبح جو ڪٺي ايندس."

دڪاندار ٻار جي چالاڪي سمجهي ورتي. هن عينڪ مٿان گهوريندي چيو:

"تون ته ڏاڍو ڏٻرو ٿي ويو آهين. جن جي گهرن ۾ پئسا هوندا آهن اهي ايترا سنهڙا سڪل ته نه هوندا آهن."

اهو چئي هن سڀ شيون هڪ طرف رکي ڇڏيون ۽ ٻار کي گهوريندي چيو: "پهرين پئسا وٺي اچ پوءِ هي ڪٺي وڃجانءِ."

"چڱو ڀلا!" ڇوڪري چيو، "آئون پئسا کڻيو ٿو اچان پوءِ سيڌو ڪٺي ويندس." هو پنهنجي ڪوڙ کي لڪائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪرڻ لڳو.

دڪان مان نڪري ٻاهر گهٽيءَ ۾ آيو ته هن کي پهرين کان ڪجهه وڌيڪ ئي سيءُ لڳڻ لڳو. ڪنڊ واري اچي گهر وٽ پهتو، ته ان جي بخاري مان دونهون نڪرندو نظر آيس. هن هڪ ٿڌي آهه ڀري پنهنجو پاڻ کي چيو:

"ڪيڏا خوش نصيب آهن اهي ماڻهو جيڪي هن گهر ۾ رهن ٿا!" هن کي انهن ماڻهن تي رشڪ اچي رهيو هو، جيڪي هن جي پيءُ جي موت کان پوءِ سنا سنا ڪاڏا موڪليندا رهيا. پوءِ هن مڙني خيالن کي پنهنجي ذهن مان ڪڍي ڇڏيو. هن جلد از جلد گهر پهچي وڃڻ چاهيو ٿي.

هو ڪمري ۾ داخل ٿيو ته هن جي خالي هٿن گلناز کي سڀ ڪجهه ٻڌائي ڇڏيو.... ۽ جڏهن هن ڳالهايو ته فقط ايترو چيو:

"امان! مون کي سيءُ پيو لڳي، تمام گهڻو سيءُ."

ماءُ ٻار جي ڏکندڙ جسم مٿان ڪمبل وڌو ۽ پوءِ پنهنجي ڦاٽل پراڻي سوڙ سان به هن کي ڍڪيائين. پر هو سيءَ جي رڙ ڪندو رهيو. گلناز هن جي ويجهو ٿي ويٺي ۽ هٿ وڌائي هن جي پيشانيءَ کي ڇهيو ته اها ٽپ جي ڪري جڻ ٻري پئي.

گلناز سڄو ڏينهن گهر ۾ بي چينيءَ سان گذاريو. هن جي سمجهه ۾ ڪجهه به نه پئي آيو ته هوءَ ڪري سو ڪري ڇا. هن جون سوچون مفلوج ٿي ويون هيون. هوءَ خالي خالي نظرن سان ٻار کي ڏسي ڳوڙها ڳاڙيندي رهي.

سڄ لهي چڪو هو. ٻار اهڙي ئي بخار ۾ شل هو. گلناز غمزده ٿي هن جي ويجهو ويهي رهي ۽ اداس اکين سان هن جي ڦڪي چهري ڏي گهورڻ لڳي. هن سوچيو ڇو نه هي ڦاٽل پراڻا ڪپڙا وڪڻي ماني وٺي اچان. هن جي هڪ پاڙيسريءَ پراڻين شين جو وڪرو ڪيو ٿي. پر پوءِ هن کي ياد آيو ته هن جو ته هاڻ دڪان به بند ٿي چڪو هوندو. هيڪاندي ڏک کان هن جي اکين مان ڳوڙها نڪري آيا.

ننڍو ٻار به بک جي ڪري سخت بي چين هو. هن جون اکيون ڪليل، نااميديءَ مان ڪڏهن ڇت ڏي ته ڪڏهن ماءُ ڏي واجهائي رهيون هيون. گلناز هن ڏي نهاريو ته هن آهستگيءَ سان چيو:

"امان-!"

"جي منهنجا ٻچا!" گلناز ورائيس.

"امان! ڇا ادا مري ويندو-؟ پاڻ سنو ٿيندو."

گلناز ڏکي ويٺي، جڻ ڪنهن هن جي دل ۾ ڀالو هڻي ڪڍيو. هن خوفنائين نگاهن سان ننڍي ٻار ڏي ڏٺو ۽ ڏکندڙ آواز ۾ پڇيو:

"تون اهڙي ڳالهه ڇو ٿو ڪرين-؟"

ننڍي ٻار هڪ ساعت لاءِ پنهنجي وڏي ڀاءُ ڏي ڏٺو ۽ پوءِ ماءُ جي ويجهو ٿي هن جي ڪن ۾ آهستي چيو:

"ان ڪري امان جو پوءِ اچي گهر مان پنهنجي لاءِ وري ماني ايندي."



نجم عباسي (آتم ڪٿا)

# ڀرين ڪهاڻيءَ جي وارتا

مٽي تي پٽڪي ۾ ٻڌل ننڍي ڳن وارو ڏقو، جنهن ۾ ٻه چار گهنگهرو ٻه لڳل هئا. هڪڙي ڪلهي تي ٽپال جي پيلي ميري ڳوٿري، جا خطن ۽ پارسلن سان ڀريل هوندي هئي ۽ ٻئي هٿ ۾ پراڻي ۽ ڳوٺ جي موچيءَ جي مڙهيل جُتي. ڪڏهن گرمي گهڻي هوندي هئي ته اها جتي پيرن کي سڙڻ کان بچڻ لاءِ پيرن ۾ پاتل هوندي هيس. هي هو جاڙو ٽپالي، جو ڏهاڙي ٽپال هالاڻي اسٽيشن تان اسان جي ڳوٺ خانواهڻ لاءِ آڻيندو ۽ نيندو هو. گاڏي ليٽ ٿي ٿي سگهي پر هي سدائين پوري وقت تي ايندو. هو قد جو ننڍو، سنهڙو ۽ رنگ جو ڪارو هوندو هو. هو هلڻ چلڻ ۾ ڏاڍو ڦڙت هوندو هو. ڪاڻيچ جا وَر ڪنجيل هوندا هئس ۽ اڪثر پيرين اگهاڙو پڄندو ايندو هو ۽ سياري ۾ ٻه پڳهرجي ويندو هو. ڏقو هن کي پنهنجي بچاءَ لاءِ مليل هوندو هو.

دروازي وٽ گهنگهرن جو آواز ۽ هن جي کنگهڪار ٻڌي اندر وينلن کي پتو پئجي ويندو هو ته ٽپال اچي ويئي.

اسان جي ڳوٺ ۾ ٽپال جو انچارج ملا مڪتب جو هيڊ معلم ميان جي قاضي امام بخش هوندو هو. هڪ ٻجي کان پوءِ هن مڪتب ۾ ميڙاڪو اچي مچندو هو. گهٽ ۾ گهٽ ڇهه ست ماڻهو هوندا هئا. پر هوندا سڀ ماستر هئا. ڪي ملا مڪتب جا ۽ ڪي گورنمينٽ پرائمري اسڪول جا. انهن مان ڪن جا نالا اڄ به مون کي ياد آهن: امام بخش قاضي، محمد يعقوب قاضي، ڪريم بخش، محرم علي شاهه، خدا بخش خشڪ، هيرانند، منهنجو والد حاجي الهه آندو خان. مان لوڪل بورڊ هاءِ اسڪول نوابشاهه ۾ پڙهندو هئس. ونڪيشن ۾ مان ڳوٺ ايندو هوس ته مان بابي سان گڏجي ان ڪچهريءَ ۾ وڃي شامل ٿيندو هوس ۽ مان محسوس ڪندو هوس ته بابي کي به اها ڳالهه پسند هوندي هئي. شايد هو سمجهندو هو ته مان وڏن جي ان ڪچهريءَ ۾ ڪجهه سکندس، ڪجهه پرائيندس.

منهنجي ان ڪچهريءَ ۾ وڃڻ جا ٻه خاص سبب هئا. هڪ ته ٽپال ۾ روز اخبار ايندي هئي ۽ هڪ ئي اخبار ايندي هئي، جا ان زماني جي مشهور اخبار "الوحيد" هئي ۽ سڄي ڳوٺ ۾ هڪ ئي ماڻهو گهرائيندو هو ۽ اهو هو حڪيم شير فقير سهتو. اتي اها اخبار پڙهڻ جو موقعو ملندو هو. مان ۱۹۴۴ع جي ڳالهه پيو ڪريان. ٻيو اتي وڃڻ ۾ منهنجو مقصد هو ته ٽپال ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن دوست جي خط اچڻ جو آسرو به هوندو هو. ٻين ايندڙ ماسترن جا به پاڻ ۾ ڪچهري ڪرڻ کان سواءِ اهي ئي مقصد هوندا هئا. واري واري تي اخبار سڀئي پڙهندا هئا ۽ پوءِ مالڪ کي موڪليندا هئا.

ڪچهريءَ ۾ ماستر هڪ ٻئي کي دنيا جهان جون خبرون ٻڌائيندا هئا، ڳوٺ ۽ آسپاس ۾ ٿيل واقعن ۽ وارداتن کان ٻين کي واقف ڪندا هئا، پنهنجن شاگردن ۽ پنهنجي تعليم کاتي جي خاص خاص خبرن جي پڻ پچار ۽ ٽيڪاٽپڻي ڪندا هئا.

هڪڙي ڏينهن ڳالهين دوران، ماستر ڪريم بخش ڪچهريءَ ۾ ٽن شخصن جو واقعو ٻڌايو، جي حج تي پنڌ وڃي رهيا هئا. هن اِهو به چيو ته اهو سچو واقعو آهي. حج تي ويندي، واٽ تي هنن کي عجيب غريب واقعو پيش آيو. مون هڪ هڪ لفظ غور سان ٻڌو. اهو واقعو منهنجي ذهن ۾ کُپَ کوڙي ويهي رهيو. گهر ڏانهن ويندي ڀرين خيال آيو ته اها هڪ اڻ ٿيڻي ڳالهه آهي. پوءِ وري ان جي هر هڪ جزي تي سوچيم ته نه، ائين بلڪل ٿي سگهي ٿو. پوءِ گهر پهچڻ سان ئي مون اهو حاجين وارو واقعو لکڻ شروع ڪيو ۽ ذهن تان بار تڏهن لٿو جڏهن اهو پورو ڪيم. مون کي ياد اچي

ٿو تہ پورو ڪرڻ ڪانپوءِ مون اها ڪهاڻي پڙهي ڏني ۽ دل ۾ چيو هوم تہ واقعو داستان جهڙو آهي، پر ان ۾ حقيقت پسندي آهي.

ننڍي هوندي کان ئي ڪتابن پڙهڻ جو شوق رهيو هوم، ۽ شاعري تہ ٽن چئن سالن کان ڪندو پئي آيس. ان ڪري هيءَ ڪهاڻي لکڻ ۾ مون کي گهڻي ڏکيائي نہ ٿي.

اِها ڪهاڻي لکي رکي ڇڏيم ۽ مهيني کن کان پوءِ ڪڍي وري پڙهي ڏٺم. ڪن درستين ڪرڻ جي ضرورت محسوس ٿي. ان ڪري پوري ڪهاڻي وري لکيم. وري رکي ڇڏيم ۽ شايد ٽن چئن مهينن کان پوءِ وري پڙهيم. وري ڪجهہ درستين جي گنجائش نظر آئي. وري سڄي جي سڄي ڪهاڻي نئين سر لکيم. هاڻي مون ۾ خود اعتمادي پيدا ٿي تہ هيءَ ڪنهن رسالي ۾ ڇپجڻ لائق آهي. هي ١٩٤٤ع جي ڳالهہ آهي.

١٩٤٦ع ۾ مون سنڌ مسلم ڪاليج ڪراچيءَ ۾ وڃي داخلا ورتي ۽ پنهنجي هيءَ پهرين ڪهاڻي بہ ڪراچيءَ کنيو ويس. منهنجو شوق هو تہ منهنجي پهرين ڪهاڻي سنڌي ادبي بورڊ جي سٺي رسالي "مهراڻ" ۾ ڇپجي. هڪ ڏينهن سنڌي ادبي بورڊ جي آفيس جي ڳولا ۾ نڪتس. ان جي آفيس ڊي. پي. آءِ (Director of Public Instructions) جي آفيس جي هڪڙي ڪمري ۾ هئي. اها آفيس بندر روڊ تي هئي. هينئر اتي سرڪاري اسپتال آهي.

مان ورانڊي ۾ چڪر ڏنو ۽ هڪڙي ڪمري ٻاهران سنڌي ادبي بورڊ جي نالي واري تختي بہ ڏٺي. اندر هڪ ميز جي چوڌاري ڪجهہ ماڻهو ويٺا هئا. ان زماني ۾ هر ڪو ڪاليجي گهڻو ڪري سوٽ يا فل سوٽ پائيندو هو. مان اجان قميص ۽ ڪانچ پهريندو هوس ۽ ڳوٺاڻو نمونو هو. ڪراچيءَ جهڙي شهر ۾ بہ تازو تازو آيو هوس، سو گهٽتائيءَ جي احساس جو شڪار هوس. پهرين ڏينهن ورانڊي جا چڪر ڏئي موٽي ويس.

ٻئي ڏينهن همت ٻڌي ساڳي آفيس ۾ آيس. جهاتي پائي ڏٺم تہ بورڊ جي آفيس ۾ بہ ٽي ڄڻا ويٺا هئا ۽ ڳالهين ۾ مصروف هئا. ان دوران ورانڊي جي هڪ لانگهاڻوءَ کان پڇيم تہ اندر آفيس ۾ جيڪو مکيہ ڪرسيءَ تي ويٺو آهي سو ڪير آهي؟ هن ٻڌايو تہ لالچند امر ڏنومل آهي. ڪاڪو لالچند ڪڻڪ رنگو هو. مٿي تي ٿوري گنج ۽ لباس نارنگي ڪاڏيءَ جو، قد جو اندازو ڪيم تہ هو ڊگهو هو. عمر سٺ کان شايد مٿي.

مان در وٽ رکيل بئنچ تي ٿي ويٺس ۽ انتظار ڪرڻ لڳس تہ ڪاڪو اڪيلو ٿئي تہ اندر وڃان. نيٺ اڌ ڪلاڪ کان پوءِ ملاقاتي ٻاهر نڪتا. مان ڌڙڪندو دل جي تيز ڌڙڪڻ سان اندر گهڙيس. هن مون کي ڏٺو ۽ چپن تي مرڪ آڻي، اٿي بيهي مون سان هٿ ملايائين.

منهنجا سڀ انديشا ۽ وهم غائب ٿي ويا. منهنجي همت کي هالار جبل جي ٽيڪ ملي ويئي ۽ خود اعتمادي پيدا ٿي.

"پٽ! ويهہ" هن پنهنجائيءَ مان چيو ۽ هن جي اها پنهنجائي سارو وقت قائم رهي.

هو ويٺو تہ مان بہ ويهي رهيس.

"پٽ! ڪيئن آيا آهيو؟"

"سائين! هيءَ ڪهاڻي لکي اٿم، چاهيان ٿو تہ "مهراڻ" رسالي ۾ ڇپجي. هيءَ منهنجي پهرين ڪهاڻي آهي."

"مون کي ڏي تہ مان هينئر ئي پڙهي وٺان ٿو تہ ڪيتري قدر مهراڻ جي معيار جي آهي."

مون ڪهاڻي هن ڏي وڌائي. هو پڙهڻ لڳو ۽ مان اميد ۽ انتظار مان نهاريندو رهيس.

هن ڪهاڻي پڙهي پوري ڪئي. منهنجي دل ٺهائين وڌيڪ زور سان ڌڙ ڌڙ ڪرڻ لڳي.

هن نتيجو ٻڌايو:

"تنهنجي هيءَ ڪهاڻي "مهراڻ" ۾ ڇپجڻ جهڙي آهي ۽ ايندڙ پرچي ۾ ڇپبي. مناسب ڪهاڻي آهي ۽ مون کي اميد آهي تہ آئيندي وڌيڪ محنت سان اجان بہ سٺيون ڪهاڻيون لکي سگهندين. هن ڪهاڻيءَ ۾ ٿوريون فني ڪچايون آهن، پر وڌيڪ توجهہ سان اهڙيون ڪچايون دور ٿي وينديون. تنهنجي هن ڪهاڻيءَ جي خاص خوبي اِها آهي تہ ان ۾ ٺيٺ سنڌي ٻولي ڪتب آندي آهي. مون ڏٺو آهي تہ سنڌي ليکڪ جڏهن ڀرين ڪراچي يا ٻين وڏن شهرن ۾ ايندا آهن، تڏهن شروعات ۾ هنن جي لکڻين ۾ ٺيٺ سنڌي ٻولي هوندي آهي، پر ڪجهہ عرصو شهرن ۾ رهڻ کان پوءِ هنن جي ٻوليءَ ۾ اِها خوبي نہ رهندي آهي. ان ڪري مان تنهنجو ڌيان خاص ڪري ان طرف ڇڪايان ٿو. منهنجي ان ڳالهہ کي نہ وسارجان."

"سائين! مان توهان جي اها نصيحت ڪڏهن نہ وساريندس." ۽ مون ڪاڪي لالچند امر ڏني مل جي اها نصيحت اڄ تائين نظر انداز نہ ڪئي آهي.

مان اتان نڪتس. مون اڏامڻ ٿي چاهيو. ڪراچيءَ جا رستا خالي هجن ها تہ مان نچندو وڃان ها.

اِها ڪهاڻي "همت ۽ ڪوشش" جي نالي "مهراڻ" آڪٽوبر ١٩٤٦ع ۾ شايع ٿي. ڪهاڻيءَ جو عنوان مقرر ڪرڻ سدائين مون لاءِ مسئلو رهيو آهي ۽ ڪهاڻين جا عنوان مٽائيندو رهيو آهيان. هيءَ ڪهاڻي ٽي دفعا شايع ٿي آهي ۽ هر دفعي الڳ عنوان ڏنو اٿم. (١) همت ۽ ڪوشش (٢) حاجيءَ جي همت (٣) قلب اندر ڪعبو.

هاڻي جڏهن اها ڪهاڻي پڙهندو آهيان تہ اچرج لڳندو اٿم تہ ان عمر ۾ بہ يعني ٻالڪپڻ ۾ ۽ ڀنهنجي ڀرين ڪهاڻيءَ ۾ بہ اڻ ڄاڻائي ۽ لاشعوري طور مون ڀنهنجو سنڌيت جو جذبو ظاهر ڪيو آهي ۽ ان کي قومي ڪهاڻي ڪري لکيو اٿم ۽ ان ۾ اهو بہ ڄاڻايو اٿم تہ ڏاريا ۽ غير سنڌي ڪڏهن بہ سنڌين جا سڄڻ ۽ ساٿي ٿي نٿا سگهن.

منهنجي هن بيماريءَ کان ٿورو عرصو اڳ، يعني ١٩٨٨ع جي پڇاڙيءَ ڌاري، "مهراڻ" جي هاڻوڪي ايڊيٽر سائين نفيس احمد شيخ سان ملاقات ٿي هئي. گفتگوءَ دوران مون هن کي چيو: "منهنجو ڪاٿو آهي تہ "مهراڻ" ۾ منهنجي ڀرين ڪهاڻي ڇپجڻ يعني ١٩٤٦ع کان اڄ يعني ١٩٨٨ع تائين جي مڙني پرچن ۾، هڪڙي ئي ڪهاڻيڪار جون "مهراڻ" ۾ ڇپيل ڪهاڻيون (اصلي+ترجمو) ڳڻجن تہ منهنجي ڪهاڻين جو ٽوٽل، ٻني ڪنهن بہ ڪهاڻيڪار جي ڪهاڻين جي ٽوٽل کان وڌيڪ ٿيندو. ٻين لفظن ۾ "مهراڻ" رسالي جي سڄي دور ۾ گهٽ ۾ گهٽ منهنجون ڪهاڻيون ڇپيون آهن."

ناشاد مون سان سهمت ٿيو ۽ چيائين تہ شايد ائين ئي هجي.

مون کي مهراڻ جي ڪن پڙهندڙن کان معلوم ٿيو هو تہ هنن سنڌي ادبي بورڊ وارن کي لکيو هو تہ نجم عباسي جون هيتريون ساريون ڪهاڻيون مهراڻ رسالي ۾ پئي شايع ٿيون آهن، هاڻي توهان کي هن جي انهن ڇپيل ڪهاڻين کي بورڊ طرفان ڪتابي صورت ۾ ڇپائي، نجم عباسيءَ جو هڪ شاندار ڪهاڻي ڪتاب ڪڍڻ کپي. اهڙي قسم جو هڪ خط مون روزاني "هلال پاڪستان" ۾ بہ ڇپيل ڏٺو هو.

سو هينئر مون انهن ڳالهين ڏانهن ڌيان ڇڪائيندي، ناشاد کي چيو تہ "منهنجي انهن ڪهاڻين جو ڪتاب ڪٿي ڇپايو. گهٽ ۾ گهٽ سنڌي ادبي بورڊ قسم کڻڻ جهڙو تہ ٿيندو تہ ان جديد ادب پڻ ڇپايو آهي."

سائين نفيس احمد ناشاد مرڪڻ لڳو.

(لکيل ١٥ مئي ١٩٩١ع)

# تبصرا

## سڪ جو سمونڊ

هي ڪتاب علي محمد مجروح جي شاعريءَ جو مجموعو آهي، جنهن جو مهاڳ شيخ عبدالحليم جوش "رنگ، خوشبو ۽ روشنيءَ جو شاعر" جي عنوان سان لکيو آهي. نواز علي شوق ان تي "محبتي مجروح" سري سان ڪجهه قلمڪاري ڪئي آهي ۽ آخر ۾ خود شاعرن "عرضِ حال" ۾ پاڻ بابت معلومات ڏني آهي. انهن ٽنهي لکڻين مان مجروح جي زندگي ۽ ادبي ڪاوشن جو قدري اندازو ٿي وڃي ٿو.

هن مجموعي ۾ حمد، نعت، غزل، نظم، ڪافيون، گيت ۽ قطعا شامل آهن. غزل کي قديم ۽ جديد رنگ جي لحاظ کان ڌار ڌار ڪري ڏيکاريو ويو آهي.

مجروح هڪ سريلو شاعر آهي، جيڪو شاعري ڪري به ڄاڻي ۽ ترنم سان پڙهي به ڄاڻي. مشاعري يا محفل ۾ جنهن به هن کي شعر پڙهندي ٻڌو هوندو سو هن جي ترنم کان ضرور لطف اندوز ٿيو هوندو. جيڪي ماڻهو ان ڳالهه جا قائل آهن ته شعر اهو جو ڳائي سگهجي سي به مجروح جي شعر کي سندس معيار تي پورو پورو لهندي محسوس ڪندا. بيشڪ هو پاڻ پنهنجو ڪلام ڳائي ٻڌائيندو آهي، پر هو ان کي ڪا خاص اهميت ڪونه ٿو ڏئي، بلڪ چوي ٿو.

سينگار پهرين شعر کي جذبي جي سونهن سان،
حسن بيان سان تنهنجي پوءِ ڇا ٿي نٿو سگهي.

اهاني جذبي جي سونهن ۽ بيان جو حسن هن جي ڪلام تي ڇانيل نظر اچي ٿو. هو اڃا به ٻڌائي ٿو:

اسان سچائيءَ کي سينگاري آندو شعرن ۾،
انهيءَ تي دوست ڪي آهن خفا ته ڇا ٿي پيو.

هن کي نه رڳو دوستن جي ان خفا ٿيڻ جو احساس آهي پر زماني سان به شڪايت اٿس، جنهن جو ذڪر ڪندي سهڻي نموني ۾ چوي ٿو:

غزل چوڻ جي مجروح کي ڪا ڏات آهي،
زمانو داد نه ڏيندو پيلا ته ڇا ٿي پيو.

هو اصل ۾ غزل جو شاعر آهي، جنهن جو اظهار هن مٿين شعر ۾ ڪيو آهي. اچو ته هن جي غزل جو ٿورو ساءُ وٺون.

غزل پنهنجي خوبيءَ ۾ تخصيص سان گڏ جديد کان جديد رنگ جون خوبيون ۽ خصوصيتون پاڻ ۾ سمائيندو اڳتي وڌندو، زماني جو ساٿ ڏيندو رهيو آهي، ان ڪري اڄ به اهو شاعريءَ جي سگهاري صنف ٿي ڪم اچي رهيو آهي، هو چوي ٿو:

جيڪي به حسن يار تنهنجيون خوبيون هيون،
سي سڀ غزل ۾ پنهنجي مون آڻي جمع ڪيون.

يار هڪ اهڙي علامت آهي جيڪا ماضيءَ ۾ به هئي، حال ۾ به آهي ۽ مستقبل ۾ به رهندي. اها علامت خوبين جو مظهر بڻجي مجروح جي شاعريءَ ۾ پيهي آئي آهي، هو لکي ٿو:

هر لفظ تنهنجي سونهن منهنجو ساهه گهري ٿو،

باغ بڻـــائي ويـنـــو آهيـــــان.
كـــيـــر پيـــاريندي نانگن كي،
ڏنگ پرائـي ويـنـــو آهيـــــان.
ڇـا ٿـو گـهـري مـجـروح زمـانو،
گـهــر تـه لٽـائي ويـنـو آهيـان.

انهن شعرن کي ذهن ۾ رکي جي ٿورو غور ٿو ڪجي ته معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ جيڪي پلايون ڪيون ۽ ان کي جيڪا ڪُڌي موٽ ملي، تنهن جو نقشو اڀرندي نظر ايندو. اهوئي سبب آهي جو هن چئي ڏنو آهي:

سـرفـروشن جي ڪهـاڻين ۾ اهو پڻ آ لکيل،
ڪيـتــرا جــلاد آيا، منصـفن جي ويس ۾.

–

صــــــدقـي تـنـهـنجـي راهـبـــــريءَ تـان،
هر مـــاڻهـــو گـــمـــراهـ ڏسـان ٿـــو،

–

اســـان بي نيـــاز زمـــانـه ســـهـي،
اوهـان کي تـه پـنـهـنجي بـه ناهي خـــبـــر.

–

چـمـن جـو حـسـن ويو، گل ويا، بهـار وئي،
سـتم هي دورِ خـزان جـا پُـلاٽي ڪيـر سگهي.

–

ڏکن جي اهڙي جيـئڻ کـان مـري وڃـان تـه چڱو،
مـون فـيض تو مـان اي زندگي! پرائي ڏنـو.

تغزل غزل جي جان ٿئي ٿو، اوهان به ان جو حظ حاصل ڪريو:

نور چانڊوڪيءَ جو وڌيو، گل ٽڙيا، غنچا ڪڙيا،
تنهنجي نظرن سـان نظارن کي جوان ٿيندو ڏٺم.

--

انين اڄن اُڌما ٿا، تنهنجي پيار جا هن دل اندر،
جـيـنـن پکيـڙا شـام آيا صـبح جـو اڏري ويا.

--

ڪنهن طرح زلفِ يار جي ســرهاڻ آئي ڏي،
مـــون تي ڪرم تون ايتــرو بادِ بهـــار ڪر.

--

تـنـهـنجي زلـفن جي خـــوشـبـــو وانگر،
جـيـــڏانهن ٿـو وٺي، نـڪـري ٿـا وڃــون.

--

غزل ۾ تنهنجي جوانيءَ جو شوخ رنگ سهي،
مگر هي دل جي حقيقت جو تذڪرو آهي.

--

بدلي ۾ وفائن جي ملي ٿو ته پيون ٿا،
نه ته زهر به ڪو منهنجا سڄڻ! مرڪي پئي ٿو.

--

آهن انهن ۾ پنهنجي جوانيءَ جون مستيون،
هي محفلون نه دوستو هرگز وسارجو.

هيستائين ته رڳو غزل جو جائزو وٺي ان تي مختصر تبصرو ڪيو ويو، ورنه مجروح شاعريءَ جي ٻين صنفن ۾ جيڪي هن مجموعي ۾ شامل آهن، تن ۾ به پاڻ خوب ملهايو آهي. ان ريت هي "سڪ جو سمونڊ"، "فن، فڪر ۽ جذبات جو سمونڊ" بڻجي پڙهندڙن جي ذهن ۾ لهرن وانگر اپرندو رهي ٿو.

ڏسجي ته انين پيو ته هاڻي مجروح حياتيءَ جي هنن پوين ڏينهن ۾ ڏني وڃي بيٺو آهي. اهو سبب آهي جو چيو اٿس:

ڏسندي وري نه پيارا، راهن تي زندگيءَ جي،
مجروح جهڙا ماڻهو، صدين ۾ ٿي اچن ٿا.

تنهن هوندي به هن جي تمنا آهي ته:

منهنجي شعرن سان منهنجي پرک ٿئي،
شل اکين سان اهو مقام ڏسان.

خدائي عزوجل شال هن جي من جي اها مراد پوري ڪري. منهنجي خيال ۾ مجروح جي "سڪ جو سمونڊ" اهڙو آهي جو سنڌ جي هر هڪ لئبريريءَ ۾ موجود هئڻ گهرجي ته جيئن همڙي پياري ڪلام جو وسيع پيماني تي اپياس ممڪن ٿي سگهي.

هي ڪتاب سهڻي نموني ۾ اڇي پني تي، سهڻي ڪور سان، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو/حيدرآباد وارن ڇپائي پڌرو ڪيو آهي. صفحا ٢٥٦، سائيز ڊيمي ۽ قيمت سٺ روپيا اٿس. -- عبدالقيوم صائب

●

## وارداتون

"وارداتون" جو مصنف محترم حبيب الله "حبيب" صديقي پاتائي آهي. هن شعري مجموعي ۾ مصنف جا غزل، نظم، چوسٽا ۽ ڪجهه ڪافيون اشاعت هيٺ آيل آهن. هي ڪتاب حبيب صديقي اڪيڊمي ڄامشوري طرفان شايع ٿيو آهي. اشاعت ۾ تعاون ڪندڙ سنڌي ساهت سوسائٽي آهي.

شاعريءَ جي لاءِ ٽن ڳالهين جي ضرورت هوندي آهي: شاعر جو سهڻو تخيل، شاعريءَ جي گهاڙيٽن جي ڄاڻ ۽ ٻوليءَ تي دسترس. شاعر تخيل جي لاٽ سان جڳ وارن جون دليون روشن ڪندو آهي. انس ۽ انسانيت جو پيغامبر

هوندو آهي.

"واردانون" ڪتاب جي مصنف حبيب صديقي جو دامن تخيل جي بي بها موتين سان مالامال آهي. سندس ڪلام جو هر موضوع مختلف آهي، جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته وٽس مضمونن جي ڪوٽ ناهي. عاشقانه ۽ ناصحانه ڪلام سان گڏ منظر نگاري به بدرجءِ اُتم موجود آهي.

شاعري ۽ محبت به لازم ملزوم شيون آهن. شاعر ڪائنات جي هر هڪ سهڻي شيءِ سان پيار ڪندو آهي. انهيءَ پيار جي راهه ۾ ڪيس ڪيڏي به قرباني ڪرڻي پوي، ساهه ۽ سر جو سودو ڪرڻو پوي ۽ ڪيترين به تڪليفون سهڻيون پون پر انهن کان نه ڪيٻائيندو آهي. محبت جي پاڪ رشتي سان حياتيءَ جون روشن منزلون ماڻبيون آهن. صديقي صاحب فرمائي ٿو:

محبت حياتيءَ سندي ڪاميابي،
محبت ۾ هيڪر مري جي ڏسين ها.

سڄڻ ۽ ساٿيءَ جي جدائي جيءَ کي جهوري ٿي وجهي. اها ٻستي جتي انسان جنم وٺي ٿو، ننڍپڻ جا منٺڙا ڏينهڙا گذاري ٿو، ان جي ياد ۾ وڇوڙي جي ماريل دل ماندي ٿي وڃي ٿي.

صديقي صاحب صبا جي معرفت ساٿيءَ وارن ڏي سنهيا ٿو موڪلي. صبا کي چوي ٿو ته منهنجي مارن کي ٻڌائجانءِ ته اوهان جي فراق ۾ من ماندو آهي، نيڻن جي ننڊ حرام آهي، رات لڇندي، پڇندي، پڇندي، پڇرندي گذري ٿي:

اي صبا ساٿيءَ ڏي واهوند جيان وَرجان وري
رات ڪاري، جان گذري، هير ٿي گهلجان وري
ڳوٺ پنهنجي کان سواءِ، هت ڪانه ٿي منهنجي سري
هيءَ حقيقت منهنجي مارن سان پلي سلجان وري
رات لڇندي مون گذاري، ننڊ نيڻن کي نه آ،
هي قصو سورن سندو، آڏو وڃي رکجان وري.

چڱن جي صحبت مان چڱائي حاصل ٿئي، بزرگن، عالمن ۽ ڪامل رهبرن جي رهنمائي مُرده دلين کي جياري ٿي. اڄ جو مظلوم انسان جيڪو جيون جي چوواٽي تي تن تنها مونجهارن ۾ ٻيٺو آهي، ان کي سهاري ۽ منزل شناس رهنما جي ضرورت آهي.

شاعر، اديب، عالم، ماڻهو عظيم آهن،
مرده دليون جيارن، حاذق حڪيم آهن،
صحبت سندن ۾ راحت، چاهت سندن سوائي،
زنده رهن سدائين، مَن ۾ مقيم آهن.

هن فاني دنيا جي حرص و هوس جي چار ۾ ڦاٿل انسان، انسانيت جي راهه کان هٽي ويو آهي. دغا ۽ دولاب دلين ۾ ديرو ڪيو آهي، قلبن تي ڪدورت جي ڪس آهي، دماغن تي ماده پرستيءَ جو نشو چڙهيل آهي ۽ محبت ملڪ مان موڪلائي ويئي آهي. زماني جي انهيءَ ابتر حالت حبيب صديقي جي روح کي زخم رسايو آهي:

الاهي ملڪ منهنجي کي الائي ڇا ٿيو آهي،
تباهيءَ جي پنيان تڪڙو، لڳو هرڪو پيو آهي.

كدورت، بغض، كيني كي كڏي اچ دل جي ڌرتيَ تي،
سچائيءَ، صدق وارو ڪنهن نه ٻوٽو پوکيو آهي.

سهڻي تخيل سان گڏ شاعر جي لاءِ شاعريءَ جي فن جي ڄاڻ رکڻ به ضروري آهي. انڪساري ڪندي "وارداتون." ڪتاب جي مهاڳ ۾ مصنف چوي ٿو:

"آءٌ بحر وزن قافيه رديف جي پيچيده مسئلن کان پوريءَ طرح واقف نه آهيان. نه ئي منهنجو ڪلام آب حيات آهي پر جي مَن جي دري پٽي ۽ دوئيءَ کي دور ڪري پوءِ هي ڪلام پڙهيو وڃي ته منهنجي من جي مراد پوري ٿي ويندي."

منهنجي خيال موجب صديقي صاحب شاعريءَ جي فن جي چڱي ڄاڻ رکي ٿو. ٿوريون غلطيون ته وڏن شاعرن کان به رهجي وينديون آهن. باڪمال شاعر ۽ اديب پنهنجي تحريرن کي ٻوليءَ جي زيورن سان سينگاريندا آهن. ٻوليءَ جي زيورن ۾ تجنيسون، استعارا، تشبيهون، محاورا ۽ اصطلاح شامل آهن. حبيب صديقيءَ جي شاعري انهن ادبي زيورن کان خالي نه آهي. خاص طرح تشبيهون ۽ اصطلاح گهڻي تعداد ۾ موجود آهن، جن ڪلام جي سونهن کي ٻوبالا ڪيو آهي. هڪ چؤسٽي ۾ تشبيهه جو مثال:

ڪڏهن دل جي حالت، جبل جان ٿئي ٿي،
ڪڏهن موم وانگر، پگهرجي وڃي ٿي.
ڪري حق ادا ٿي حياتيءَ جو ليڪن،
سدا ڏڪرڪنن ۾، رڌل ئي رهي ٿي.

"وارداتون" ڪتاب ۾ اصطلاحن جو چڻ ته مهراڻ موجزن آهي. چرخو ڦري وڃڻ، پنبي پنيان ڊوڙڻ، پاند اٽڪائڻ، ٻاڦ ٻاهر نه ڪڍڻ، سولو واءُ وڄڻ، درڪرڪائڻ، روح ريجهائڻ، ساه منجهڻ، من ۾ جهاتي پائڻ، اڇا ڪارا ڏسڻ، ڍينگو ڍيري ڪرڻ، اهڙا نج سنڌي اصطلاح ٻڌائين ٿا ته صديقي صاحب پنهنجي ٻوليءَ تي مڪمل دسترس رکي ٿو.

احوال زندگيءَ جا، اسرار بي خوديءَ جا،
رک راز دل ۾ سانڍي، ٻاهر نه ٻاڦ ڪڍجان.

-- بلاول "پرديسي"

•

## جڏهن اُلا اُپ ۾

آٿر نائنشاهي سنڌي ٻوليءَ جو اهو شاعر آهي، جنهن پنهنجي نرالي اسلوب ۽ انداز سان الڳ مڃتا ماڻي آهي. آٿر جي شاعري خصوصيت جي حامل آهي، جنهن ۾ فطرت جا اهي رنگ سمايل آهن جيڪي انساني زندگيءَ جو محور رهيا آهن. آٿر صاحب پنهنجي شاعريءَ ۾ پيار، محبت ۽ عشق جو اظهار ته ڪيو آهي، پر انهن جو دائرو به وسيع آهي. پنهنجي ڌرتي ۽ ڌرتيءَ واسين سان محبت شاعر جو فطري عمل آهي. آٿر جو پيار به اڻ ميو، محبت بيپناهه ۽ عشق لامحدود آهي، جيڪو ڌرتيءَ ۾ پيوست ٿيل آهي.

جي سنڌ سڏيندي ته "امڙ جيءَ به چوندس،

مـــان هن جـــو رهاڪو نه اولاد به آهيـــان.

آئم جو اهو پيار وارو اظهار محض سندس پنهنجو ني نه پر هر ان ماڻهوءَ جو آهي، جيڪو ڌرتيءَ جايو آهي ۽ ڌرتيءَ سان محبت ڪري ٿو.

آئم ناٿنشاهي بنيادي طور تي نه ٿڪجندڙ شاعر آهي. سندس قلم جي قوت بيباڪ آهي، جنهن ۾ چوها به آهن، نه مِني موج به! سندس قلم کي رب پاڪ زبردست قوت بخشي آهي. سندس رڳ رڳ ۾ سچ سمايل آهي. سچ کي سچ ۽ ڪوڙ کي ڪوڙ چوڻ وارو آئم ناٿنشاهي هڪ باضمير شاعر آهي، جيڪو هر دور ۾ " اج جو شاعر" پاسندو آهي ۽ اها به هڪ حقيقت آهي ته اج جو شاعر قوم جو ترجمان ٿيندو آهي. بلاشبہ آئم به ترجمان آهي پنهنجي قوم جو ۽ پنهنجي ديس جو ۽ اهو ترجمان شاعر اسان جي سامهون پنهنجي شعري مجموعي "جڏهن اُلا اُڀ ۾" جي روپ ۾ آيو آهي.

"جڏهن اُلا اُڀ ۾" آئم ناٿنشاهيءَ جو پهريون شعري مجموعو آهي، جنهن ۾ وايون، غزل، نظم ۽ آزاد نظم شامل آهن. آئم جي پهرين شعري مجموعي ڇپائڻ جو اعزاز "سچائي اشاعت گهر دڙو" جي روح روان يوسف سنڌيءَ کي حاصل ٿيو آهي. وڏي ڳالھ ته هن مجموعي جو مهاڳ نئين ٽهيءَ جي منفرد ليکڪ نصير مرزا لکيو آهي، جيڪو نهايت ڀرپور ۽ شاندار آهي. جڏهن ته بئڪ ٽائيٽل تي آئم جو تعارف ڪرائيندڙ سندس ني همعصر شاعر ۽ دوست وفا ناٿنشاهي آهي.

آئم ناٿنشاهيءَ کي شاعريءَ جي ڪنهن به هڪ صنف جو ڪامياب شاعر چوڻ زيادتي ٿيندي، بلڪ هُو هر صنف جو ڪامياب شاعر آهي. غزل هجي، وائي، گيت، نظم، آزاد نظم يا وري ڪا ٻي صنف، آئم ان جو بهترين شاعر ثابت ٿيو آهي ۽ اهوئي سبب آهي جو وفا ناٿنشاهي چئي ڏنو ته "آئم اهڙو منفرد ۽ فطري شاعر آهي جو مون کي شاعر به لڳندو آهي ۽ شاعري به."

آئم جي شاعريءَ ۾ هڪ خاص سڳنڌ سمايل آهي، جيڪا ذهن کي معطر ڪري انهن کي ترو تازه ڪري نيون سوچون فراهم ڪري ٿي.

جڏهين جڏهين، منهنجي پاڙي واس ورهائڻ ايندو آهين،
تڏهين تڏهين مـــونکي به رابيل بڻـــائي ويندو آهين.

آئم جي شاعريءَ ۾ نازڪ خيالي به سمايل آهي، جو ته خود آئم به نازڪ مزاج ماڻهو آهي.

"پــهـــــــــــــرين رات مـلـڻ جـي ويـل،
نـازڪ جـــــــان نـڪـــــــورَ وٽـي ٿـي."

يا:

منهـن تـي لڙڪـيل چڳـون هٽـــــــايـئـين ٿـي،
جڻ ڪڪـــــر ڦُـــــوڪ ســــــــان اڏاريـئـين پـي.

يا وري:

ڪيڏي پهچ رکين ٿو پيارا، چولي تي چمڪائڻ ڪارڻ،
چُوندي چُوندي اُڀ مان تارا، چِپڻين سانڻ پَٽيندو آهين.

آئم جي شاعريءَ جي وڏي ۾ وڏي خوبي اها آهي ته ان ۾ ڪشش آهي، جيڪا پڙهندڙ کي مجبور ڪري ٿي ۽ اها هر شاعر جي خوبي نه هوندي آهي. هر شاعر جو پنهنجو هڪ انداز ۽ اسٽائيل هوندو آهي. آئم جو انداز به پنهنجو

جي روشنيءَ ۾ تحرير هيٺ آندو آهي ۽ شيخ صاحب جي هن ڪتاب جو مکيہ محرڪ لاشڪ تہ جمال ابڙي صاحب جي ذاتي، شخصي ۽ ادبي زندگي ئي آهي، پر ساڳئي وقت شيخ صاحب ڪتاب جو ڳچ حصو پنهنجي پاسي وري خود جمال ابڙي صاحب، محمد ابراهيم جويي صاحب ۽ مرحوم رشيد ڀٽيءَ جي صحبت ۽ سنگت ۾ جيڪي يادگار سفر ڪيا آهن، انهن جي باري ۾ لکيو آهي. انهيءَ گڏ ڪيل مسافريءَ ۽ سياحت جي حوالي سان شيخ صاحب لکيو آهي تہ:
"..... مان پنهنجي دوست جمال ابڙي جو احسان مند آهيان، جنهن ويهارو نشستون ڪري، اُهي واقعا لکرايا، جي اسان جي سفر ۾ پيش آيا هئا....."

۽ شيخ صاحب وسڪاري ڪان پوءِ واري ٿر جي منظرنامي کان وٺي اجنتا ايلورا جي گفائن، اسلام ڪوٽ جي نمن جي ڇانئن ۽ 'تاج محل' جي فضائن ۾ ٻيهي، جيڪي ساهہ پساهہ ڪنيا آهن، اُن جو لمحي بہ لمحي بيان انهن حسن ڪاري سان ڪتاب جي صفحن تي آندو آهي، جيئن ڪو ماهر ڪاريگر پانڊٽي واري رَنِي تي اڇين ڦلڙين جو آڪاس تاڪي چڙيندو آهي.

نثر جي ان حسن ڪاريءَ ۾ ڇا ڇا ناهي: جيڪو شيخ صاحب جي گونا گون مطالعي ۽ مشاهدي مان نڪري هن ڪتاب ۾ شامل ناهي ٿي ويو. اُجين ۽ ڪاليداس جو مندر، گرو گورڪنات جي گفا، مهاديو جو آستان، پوڏيسر ۽ راڻا سر تلاوَ، مرگهي ڪُنڊ، ٿر جو وشال رڻ پٽ، شڪنتلا، وڪرم اروشي جي مصنف ميگهہ دُوت ۽ ٻين پراچين ناٽڪن ۽ ڪويتائن جي مصنف ڪاليداس جو مذڪور، اسلام ڪوٽ جي "لارڊ ميئر" مکي نهالچند جون ڳالهيون.... ۽ انهن سڀني جي بيان جي وچ وچ ۾ آگري کان وٺي عمر ڪوٽ تائين ڪوبہ حسين منظر، خوش شڪل چهرو، خوش نما جاءِ، هن ڪتاب ۾ بيان ڪرڻ لاءِ شيخ صاحب جي تيز ۽ عقابي نگاهن کان بچي نہ سگهي آهي. انهن سڀني جاين جي مشاهدي کي شيخ صاحب سنڌي ٻوليءَ جي خوبصورت ترين لفظن، تشبيهن ۽ استعارن ۾ اُٿي جهڙوڪر پنهنجي نثر کي ايران جي قالين جهڙو هنر ۽ حسن ڏئي ڇڏيو آهي. پنهنجي ان راءِ جي سپورٽ ۾ مان رڳو شاهجهان جي تاج محل بابت شيخ صاحب جو هي نمائنده جملو پيش ڪري رهيو آهيان: "......جڏهن جهونجهڪڙو هيو ۽ سوجهرو ڦهليو، تڏهن ائين لڳو تہ سچ تاج جي گنبذ مان اڀري رهيو آهي....."

شيخ صاحب جي هن ڪتاب جي نثر کي ۽ نثر جي هر سٽ کي ان مٺيءَ سٽ جهڙو ڀرپور تاثر آهي. ۽ ذاتي طور تي هن ڪتاب جو مطالعو ڪندي مون رڳو ٿڌا ساهہ کنيا آهن. ڪا سٽ پڙهندي، وات مان بي اختيار "آهہ" نڪري وئي اٿم، تہ ڪا سٽ پڙهندي "واهہ...!" ڪي سٽن جون سٽون تہ اهڙيون بہ آهن جهڙيون اڪيورم ۾ رنگين مڇيون.نہ مڇيون ترندي ٿڪجن ٿيون، نہ اکيون پڙهندي.....!

ٿر وسڪاري کان پوءِ لاشڪ تہ لطيف جي سُر سارنگ وانگر ٿي ويندو آهي، پر يقين ڪريو تہ وسڪاري کان پوءِ ٿر ۾ ايترو حسن ڪٿي، جهڙو شيخ صاحب جي هن ٿر بابت سفرنامي ۾ آهي. چوندا آهن تہ حسن کي فنا آهي ۽ اهو شمع وانگر وڳمرندڙ شئي هوندو آهي، پر اياز صاحب جي نثر جي هن حسن کي فنا ڪٿي! اهو تہ سنڌي ٻوليءَ سان گڏ قيامت تائين قائم رهڻو آهي.

في لحاظ کان شيخ صاحب جو هي ڪتاب پڙهجي ٿو تہ اهو مونتاج ٽيڪنيڪ ۾ آهي تہ ڪٿي رپورتاز انداز ۾، ڪٿي نثر وضاحتي انداز ۾ لکيل آهي تہ ڪٿي وري ان ۾ ايبسٽريڪشن جهڙي فضا آهي. سپنا، عشق، انڪشاف، سفر در سفر يادگيريون، محبت، تصوف ۽ انهن سڀني کي شيخ صاحب روانيڊ.... فاسٽ فارورڊ ٽيڪنيڪ ۾ لکي جهڙوڪر هڪ "خواب ناڪ فضا" وارو اسٽائيل ڏئي ڇڏيو آهي. ۽ وچ وچ ۾ فارسيءَ جي خوبصورت ترين شعرن جي آميزش ان کي جڻ عمر خيام جي رباعيءَ جهڙو سرور الڳ ڏيئي ڇڏيو آهي.

ڪتاب جي پڇاڙيءَ تي رشيد ڀٽي صاحب جي هٿ لکيل ڊائريءَ کي ضميمي طور ڏنو ويو آهي، جيڪا دراصل شيخ اياز صاحب سان ڪيل هندستان جي سفر دوران يادگيرين جي نوٽس تي ٻڌل آهي ۽ جيڪا ٢٢ ڊسمبر ١٩٦٣ع کان ٢٦ جنوري ١٩٦٤ع تائين جي سفر ۾ پيش آيل واقعن ۽ دوستن سان ٿيل لمحي بہ لمحي گڏجاڻين جي وچور سان ٽمٽار آهي ۽ جيڪا ساڳئي وقت وڏي اهميت واري شئي پڻ آهي.

ضميمي-٢ جي عنوان سان: "عوامي ادبي انجمن" جو 'پٽرنامو' ڏنو ويو آهي، جنهن لاءِ شيخ صاحب لکيو آهي تہ "هي هڪ ڪميونسٽ پٽرنامو آهي، جنهن سان هاڻي مون کي اتفاق ناهي...." پٽرنامي جو پهريون ٿي پيراگراف مطالعو ڪندي سوچيم تہ جنهن شئي سان خود پٽرنامي جو ليکڪ ٿي اتفاق نٿو ڪري تہ ان کي مان ناچيز ڇا پڙهي ڪندس! سرسري انداز ۾ ان تان گذري ويس ۽ پٽرنامي کي انهيءَ لاءِ اڌ ۾ ڇڏي ڏنم، جيڪي ان کي پڙهي اچا بہ ايمان تازو ڪرڻ جي سگهہ رکن ٿا. خير....

اياز صاحب جو هي اهم نثري ڪتاب "ڪٿي تہ پڇبو ٿڪ مسافر" بظاهر تہ جمال ابڙي صاحب جي زندگيءَ، ادبي ڪارنامن ۽ شيخ صاحب جي ساٿس گڏ ڪيل سفرن جي پيش منظر ۽ پس منظر ۾ آهي، پر دراصل ڪتاب جي هر پيراگراف هر منظر ۽ هر جهروڪي مان شيخ صاحب پاڻ ٿي جهلڪندو نظر اچي ٿو. شايد ايليٽ چيو هو تہ: "جيڪڏهن شاعر پنهنجي باري ۾ لکي رهيو آهي تہ ان جي معنيٰ هيءَ آهي تہ هو دراصل پنهنجي ئي زماني جي باري ۾ لکي رهيو آهي."

۽ نيو فيلڊس پبليڪيشنس حيدرآباد پاران ڇپرايل شيخ صاحب جي هن ڪتاب "ڪٿي تہ پڇبو ٿڪ مسافر" (جنهن جي حوالي سان هن اهو بہ چيو آهي تہ جي عمر اينتري وٺي ڏني تہ ان جا ٻيا حصا بہ لکي پورا ڪندس) کي منهنجي ڏنل حوالي مطابق ايليٽ جي ان مٿين راءِ جي روشنيءَ ۾ جڏهن اوهين باقاعده پڙهي ڏسندؤ تہ مون کي پڪ آهي تہ اوهان کي مون سان هن ڪتاب جي Content جي سلسلي ۾ سهمت ٿيڻ بابت ڪاني "هبڪ" محسوس ڪانہ ٿيندي. -- نصير مرزا

•

## ملتان - لنگاه دور ميں

سنڌ بابت لکيل پهرئين تاريخي ڪتاب "چچ نامہ" ۾ لکيل آهي تہ راءِ سهيرس بن راءِ ساهسي جڏهن هن ملڪ تي راڄ ڪندو هو، تڏهن پاڻ پنهنجي ملڪ تي چار حڪمران مقرر ڪيائين: هڪ برهمڻ آباد ۾، ٻيو سيوستان ۾، ٽيون (اسڪلنده -اچ) ۾ ۽ چوٿون ملتان ۾. ان طرح پوءِ سنڌ بابت جنهن بہ مؤرخ قلم کنيو، ان پنهنجي تحرير جي ابتدا ملتان کان شروع ڪري ٺٽي تائين پهچائي. سيد عبدالقادر سن ١٠١٦هه ۾ سنڌ جي صوفين بابت "حديقة الاولياء" نالي ڪتاب لکيو، تڏهن شروعات غوث بهاءالحق ملتانيءَ کان ڪيائين. ٻارهين صديءَ ۾ مير علي شير قانع "تحفةالڪرام" لکيو، تڏهن بہ سنڌ جي شهرن جي مذڪور ۾ اوليت ملتان کي ڏنائين. ان ريت سنڌ ۽ ملتان جي تاريخي لاڳاپن تي چٽي روشني پوي ٿي.

سنڌ وانگر ملتان بہ تاريخ جا مختلف دور ڏٺا آهن، سٺا بہ تہ خراب بہ. عروج جا ڏينهن بہ تہ زوال جا بہ، غلاميءَ جا بہ تہ آزاديءَ جا بہ. هڪ وقت ۾ ملتان سنڌ جي تابع رهيو ۽ ٻئي وقت ۾ وري انين بہ ٿيو تہ بکر سرڪار کي ملتان جي صوبي ۾ ڏنو ويو. سنڌ ۽ ملتان ڪڏهن صوبا بہ ٿي رهيا، تہ ڪڏهن وري خود مختيار رياستن طور بہ تاريخ ۾

نشانبر ٿي اڀريا. تغلقن جي زوال وقت برصغير ۾ مختلف رياستن جو ظهور ٿيو. انهن جو ذڪر برصغير سطح جي تاريخي ڪتابن ۾ بہ آهي، تہ مقامي طور تي لکيل تاريخي لٽريچر ۽ تذڪرن ۾ بہ اهڙي زماني کي نمايان ڪيو ويو آهي. اهوئي زمانو آهي جڏهن سنڌ ۾ سمن جامن جي سلطنت قائم ٿي ۽ لڳ ڀڳ ٻہ صديون قائم رهي.

ان تاريخ ساز صديءَ ۾ اڳتي هلي ملتان ۾ "لانگاه" قبيلي ملتان تي هڪ صديءَ کان بہ وڌيڪ وقت راڄ ڪيو ۽ تاريخ ۾ پنهنجا اڻ مٽ نشان قائم ڪيا. تبصري هيٺ آيل ڪتاب "ملتان لنگاه دور ميں" اهڙي تاريخ ساز عهد جي مطالعي تي مبني آهي. هي ڪتاب ملتان جي مشهور محقق جناب عمر ڪمال خان جي تحقيق ۽ جستجو جو نتيجو آهي. عمر ڪمال خان صاحب هڪ ليکڪ جي حيثيت ۾ ڪنهن بہ رسمي تعارف جو محتاج ڪونهي. سندس جنم ١٠ جنوري ١٩٣٤ع تي ملتان ۾ ٿيو. هن جي تعليم ۽ تربيت دهلي، لاهور، ملتان ۽ بهاولپور ۾ ٿي. ١٩٥٨ع کان وٺي وڪيل طور عملي زندگي اختيار ڪيائين، ۽ هن وقت هاءِ ڪورٽ جو هڪ ڪامياب وڪيل سڏجي ٿو. وڪيل طور نهايت سرگرم زندگي گذارڻي پوي ٿي. ان هوندي بہ پاڻ لکڻ ۽ پڙهڻ، خاص ڪري تحقيقي ۽ تاريخي اڀياس لاءِ وقت ڪڍي ٿو، اها پنهنجي ليکي هڪ وڏي ڳالهہ آهي. عمر ڪمال خان صاحب جو تعلق ملتان جي سدوزني خاندان سان آهي، جن ارڙهين صديءَ ۾ ملتان تي حڪومت ڪئي آهي. سن ١٨١٨ع ۾ سکن جي هٿان ملتان جي فتح وقت نواب مظفر خان حملي آورن جو مقابلو ڪيو ۽ ميدان تي وڙهندي شهيد ٿي ويو. ان کان پوءِ "ملتان" پنهنجي تاريخي اهميت وڃائي ويٺو. فاضل ليکڪ هن وقت تائين انگريزي، اردو ۽ سرائڪيءَ ۾ ڏهن کان بہ وڌيڪ ڪتاب لکي ڇپرائي چڪو آهي. انهن ڪتابن تاريخ ۾ عام طرح ۽ ملتان جي مطالعي ۾ خاص طرح سان، پنهنجي اهميت مڃرائي آهي. مصنف سنڌ ۾ پڻ ٿيل مختلف تاريخي سيمينارن ۾ شرڪت ڪندو رهيو آهي. ١٩٨٧ع ۾ ميان نور محمد ڪلهوڙي تي ٿيل سيمينار موري ۾ شرڪت ڪيائين. ١٩٨٨ع ۾ سنڌيونيورسٽيءَ ۾ ٿيل بين الاقوامي سنڌي ادبي ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيو. بعد ۾ ان ڪانفرنس جي روداد اردو ۾ لکي، بزم ثقافت ملتان پاران ڇپرائي پڌري ڪيائين. سندس ڪجهہ مقالا بہ مختلف رسالن ۾ شايع ٿيا آهن. پاڻ ملتان جي ثقافتي ورثي ۽ اتهاسڪ اهميت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ جدا جدا جماعتن ۽ انجمنن جو پڻ سرگرم ڪارڪن ۽ روح روان رهندو آيو آهي. ان ڏس ۾ خاص ڪري "بزم ثقافت ملتان" جو نالو نمايان آهي.

"ملتان لنگاه دور ميں" جناب عمر ڪمال خان جو ڇپيل تازه ترين ڪتاب آهي. هن ڪتاب جي رٿا ڪل پندرهن بابن تي مشتمل آهي. پهرئين باب ۾ ملتان بابت مختصر تاريخي احوال آهي. ان بعد ملتان تي لانگاهن جي حڪومت جو آغاز بيان ڪيو ويو آهي. فاضل مصنف هن قبيلي لاءِ "لنگاه" تلفظ اختيار ڪيو آهي، ۽ جڏهن تہ سنڌ ۾ هن قبيلي لاءِ "لانگاهہ" تلفظ رائج آهي. اسين بہ هن جائزي ۾ اهوئي اختيار ڪنداسين. ان طرح ملتان ۾ لانگاهن جي حڪومت ۽ مختلف حڪمرانن جو ذڪر، يارهين باب تائين پکڙيل آهي. ٻارهين باب ۾ سلطنت جي وسعت تي نظر وڌل آهي. تيرهين باب ۾ لانگاهہ دور جي تهذيب ۽ ثقافت تي روشني وڌي وئي آهي. چوڏهين باب ۾ شخصيتن جو تذڪرو مليل ٿو. آخري باب ۾ لانگاهن جي دور جي عروج ۽ زوال جي سببن جي ڳولا ڪئي وئي آهي. ان بعد چئن ضميمن ۾ هن قبيلي جي حسب نسب ۽ قبيلائي حيثيت تي بحث ڪيو ويو آهي. آخر ۾ ببليوگرافي ۽ جدا جدا ڏسٽيون بہ شامل ڪيون ويون آهن. ان ڪري تحقيقي لحاظ کان ڪتاب جي اهميت اجا بہ وڌي وڃي ٿي. ڪتاب ۾ آيل مواد جا خاص نڪتہ هن ريت آهن.

• ڪتاب جو پيش لفظ ناميارِي دانشور ڊاڪٽر مبارڪ علي صاحب لکيو آهي. اردو لکندڙن جي پيروي ڪندي، ڊاڪٽر صاحب پڻ پاڪستاني ٻولين يا ثقافتن لاءِ "علاقائي" لفظ ڪتب آندو آهي ۽ صوبن کي پڻ هو "علائقہ" سڏي

ٿو. تعجب آهي تہ ان دور ۾ "ملتان" هڪ خودمختيار رياست هئي، تڏهن خود عمر ڪمال خان صاحب بہ ان لاءِ "علائقہ" لفظ استعمال ڪيو آهي.

• سمن جامن ۾ نظاماالدين عرف جام نندي جو دور مثالي سڏجي ٿو. ساڳيءَ طرح ملتان ۾ سلطان حسين لانگاه جو زمانو وڏي اهميت رکي ٿو. ٻنهي بادشاهن جا دوستاڻا تعلقات قائم هئا. مصنف پنهنجي ڪتاب ۾ ان ڳالھہ کي نمايان ڪيو آهي. ان کان علاوه ان وقت ملتان جا گجرات ۽ سلطان سڪندر لوڌيءَ سان سنا لاڳاپا ڏسجن ٿا.

• جام ابراهيم ۽ جام بايزيد سنڌ جي سمن جي خاندان جا فرد هئا، جي هتان ناراض ٿي ملتان پهتا. کين ملتان ۾ عهدا ۽ جاگيرون مليون. هن ڏس ۾ مصنف سنڌ ۾ موجود معلومات جي پيٽ ۾ ڪجھہ وڌيڪ مواد ڏنو آهي.

• جام نظامالدين جي وفات کان پوءِ سندس پٽيلو "دريا خان" اڳتي هلي جام فيروز جي نااهليءَ جو شڪار ٿيو. نيٺ هي سلطنت ڪمزور ٿي ۽ پوءِ بيروني حملن ۾ ختم ٿي وئي. سلطان حسين لانگاه پنهنجي وزيراعظم عمادالملڪ جي پٽ بلال کي نپايو ۽ مٿس خاص توجه ڏنو. سلطان حسين جو پٽ فيروز بادشاه بنيو تہ هن بلال کي قتل ڪرايو. ان ريت لانگاهن جي حڪومت زوال پذير ٿي. ان طرح سان ٻنهي مملڪتن جي زوال ۾ ڪي مشترڪ ڳالهيون سامهون اچن ٿيون.

• پهريائين ارغونن سمن جو خاتمو ڪيو، ان کان پوءِ ارغونن ملتان کي تهس نهس ڪيو ۽ لانگاهن جي پڄاڻي ٿي.

• ملتان تي حملي وقت شاه حسن ارغون وڏو جبر ڪيو ۽ اتان جي معزز ماڻهن سان بہ بدسلوڪي ڪئي. سنڌ جي سپوت مخدوم بلال، شاه حسن ارغون سان روبرو ان تي سخت احتجاج ڪيو. اهڙو مذڪور "ذخيرة الخوانين" ڪتاب ۾ ملي ٿو. جناب عمر ڪمال خان نهايت ڏک ۽ ارمان مان لکيو آهي تہ ارغونن جي ظلم تي اڄ تائين، ڪنهن بہ ملتاني مصنف يا شاعر نہ ردعمل ظاهر ڪيو آهي، ۽ نہ وري ڪو شهر آشوب لکيو آهي. ان لاءِ پاڻ مخدوم بلال کي نهايت شاندار لفظن ۾ خراج عقيدت پيش ڪري ٿو.

• سنڌ ۾ سمن جامن جا مقبرا ۽ ڪي يادگار اڄ بہ محفوظ آهن، خاص ڪري جام نندي جو عاليشان مقبرو فن تعمير جو مثالي نمونو آهي. مصنف لکي ٿو تہ لانگاهن پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ فن جو ڪو عمدو يادگار نہ ڇڏيو. البتہ سلطان حسين خان جو بهترين قبو تعمير ٿيو، جنهن کي سکن پنهنجي حڪومت جي وقت ڊهرائي ناس ڪرائي ڇڏيو. ان مقبري ۾ هن خاندان جي ٻين بادشاهن ۽ اميرن جون قبرون بہ موجود هيون، ليڪن هن وقت اهي سڀ ختم ٿي چڪيون آهن.

هن ڪتاب جي تياريءَ لاءِ استعمال ڪيل مواد جي لسٽ آخر ۾ ڏنل آهي. ان کان علاوه جناب عمر ڪمال خان "عرض مصنف" ۾ لکيو آهي تہ مواد جي فراهمي ۽ رهنمائيءَ لاءِ ڪيس ڪجھہ دوستن بہ مدد ڪئي آهي. ان ڏس ۾ خاص طرح سان ڊاڪٽر عاشق محمد خان دراني، صدر شعبہ تاريخ بهاءالدين ذڪريا يونيورسٽي ملتان ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ جنرل هسٽري ڊپارٽمينٽ جو اسسٽنٽ پروفيسر غلام محمد لاکو سندس شڪريي جا خاص مستحق بڻيا آهن. هن صاحب سمن جي دور بابت لاکي صاحب جي ڪيل تحقيق مان بہ خوب استفادو ڪيو آهي. ڪجھہ ڪوتاهين جي باوجود بہ اميد آهي تہ هي ڪتاب، ملتان ۽ مطالعہ پاڪستان جي سلسلي ۾ نهايت اهم ماخذ طور ڪتب ايندو رهندو. مصنف کي هن يادگار ڪتاب لکڻ تي مبارڪباد پيش ڪجي ٿي. توقع آهي تہ صاحب قلم اڳتي بہ تحقيق ۽ تاريخ جي اپياس ۾ نوان مطالعا پيش ڪندو. هي ڪتاب "بزم ثقافت ملتان" ڇاپيو آهي. قيمت هڪ سؤ رپيہ مناسب ڏسجي ٿي. — **پروفيسر محمد قاسم سومرو**

•

## پٽائي - ۴

اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين پاران وڏي عرصي کان وٺي علمي، ادبي ۽ تعليمي موضوعن تي مئگزن ۽ ڪتابچا شايع ٿيندا رهيا آهن. اهڙن ڪتابچن جاري ڪرڻ جو مقصد هوندو آهي تہ تعليمي ادارن جي استادن ۽ شاگردن ۾ لکڻ پڙهڻ جو چاھ پيدا ڪرڻ، ۽ نون خيالن کان واقفيت حاصل ڪري پنهنجي علم ۾ جان ۾ اضافو آڻڻ ۽ ذهني انقلاب آڻڻ.

تعليمي ادارن جي مخزنن ۽ ڪتابچن جي شروعات ١٨٩٩ع ۾ دي. جي سنڌ ڪاليج ڪراچي ۽ سنڌ مدرسہ ڪراچي مان ٿي. سنڌيونيورسٽي ۽ ڪراچي يونيورسٽي جي سنڌي شعبن پاران مختلف وقتن تي اهڙا ڪتابچا نڪرندا رهيا آهن. مثلاً سنڌ يونيورسٽيءَ پاران "پُورب" ۽ ڪراچي يونيورسٽيءَ پاران "شام" ۽ "ڪلاچي" وغيره.

اهڙي ڪوشش شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي سنڌي شعبي پاران بہ ١٩٩١ع کان ورتي ويئي آهي، جنهن جو نالو "پٽائي" تحقيقي جرنل رکيو ويو آهي. سنڌي شعبي جي چيئرمن، محترم ملڪ نديم جي ادارت ۾ "پٽائي" چوٿين منزل اچي ماٺي آهي.

"پٽائي - ۴" جي خصوصيت اها آهي جو ان ۾ هن ڀيري شعبي پاران لکيل ايم. اي جا مونو گراف ڏنا ويا آهن، جن سان هڪ طرف لکندڙن جي همت افزائي ڪئي ويئي آهي تہ ٻئي طرف شعبي جو مقصد پورو ڪيو ويو آهي ۽ نون ليکڪن جي اُڀرڻ جو اُميدي ڪرڻو ظاهر ٿيو آهي.

هن پرچي ۾ ڪل ١٦ مقالا آهن. پهريون مقالو جيڪب آباد جي نوجوان ليکڪ انتظار چلگري جو "گداني جي شاعري" عنوان سان آهي. ٻيو مقالو انور ڏنگرائيءَ جو " سوپوگيانچنداڻي، هڪ اديب" سري هيٺ آهي. ٽيون حميد سبزوئيءَ جو "شيخ اياز ۽ هائيڪو" سري هيٺ آهي. پنجون مضمون مهر خادم جو "تنوير عباسي، هڪ محقق" عنوان تحت آهي.ڇهون مقالو ادريس جتوئيءَ جو "جمال ابڙو ۽ سندس مختصر ڪهاڻي" موضوع هيٺ آهي. ستون ڊاڪٽر نجم عباسيءَ تي فرزانہ شاهين مگسيءَ جو مقالو آهي، جنهن ۾ سندس افسانن جون خوبيون ۽ خاميون بيان ڪيل آهن. اٺون مقالو نعيم سومري جو "ڊاڪٽر غلام نبي سڏايو" بابت آهي. "غالب لطيف جي ادبي حيثيت بابت" غلام ياسين سڏايو لکيو آهي. ڏهون مضمون شاهد منگيءَ جو "مخفي خيرپوري" جي تعارف تي مبني آهي. يارهين مقالي ۾ واحد بخش "غلام رسول ڪلهوڙي جي مزاح نگاري" جو جائزو ورتو آهي. ٻارهون مقالو غفور چانگ چنن جديد شاعرن جي ايپاس بابت لکيو آهي. تيرهون مقالو " اياز گل جي غزلن جو ايپاس" معشوق ڏاريجي جو لکيل آهي. چوڏهون مقالو غلام سڪينہ "حميده قاضيءَ جو ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ساهت ۾ پير پائڻ" سري هيٺ آهي. پندرهون مقالو ملڪ نديم صاحب جو "بلڙيءَ واري کان بيدل تائين شاعريءَ جو مختصر جائزو شامل آهي. آخري مقالو هڪ ايپاس آهي، جيڪو اياز گل "سائينداد ساند جي شاعريءَ" تي لکيو آهي. مجموعي طرح ڇنڇي تہ "پٽائي" هن ڀيري نون لکندڙن جي ڀرپور حوصلہ افزائي ڪئي آهي. جيڪو ڪم جس لائق آهي.

- جاموٽ حاجي خان چاچڙ سنڌي.

## سنڌي ٻوليءَ جا محقق

۱۸۵۳ع سال سنڌي ٻوليءَ لاءِ نهايت اهميت جوڳو آهي. انهيءَ سال سنڌ جي ناميار ي ڪمشنر سربارٽل فريئر جي سرواڻيءَ ۾ سنڌي الفابيٽ ڪي موجوده شڪل ۾ ترتيب ڏيئي راس ڪيو ويو ۱۸۵۳ع کان پوءِ يا اڳ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي تحقيقي ڪم تمام گهڻو ٿيو ۽ اڄ تائين ٿيندو رهي ٿو، پر موجوده دور ۾ ٻوليءَ جي حوالي سان چند عالم ۽ محقق آهن، جيڪي ان موضوع تي ڪم رهيا آهن. انهن موجوده ۽ گذريل عالمن جي سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان ڪم ڪرڻ جي نوعيت ڪهڙي هئي يا آهي. يا انهن جيڪي ڪوششون ڪيون ۽ پنهنجا نظريا پيش ڪيا اهي ڪهڙا آهن. اهو سڀڪجهه ڄاڻڻ لاءِ تازو هڪ ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جا محقق" جي عنوان سان ڇپجي مارڪيٽ ۾ پهتو آهي، جنهن جو ليکڪ سنڌي ٻوليءَ جو سنو ڄاڻو ۽ مشهور ليکڪ محترم هدايت پريم آهي. جڏهن ته هي ڪتاب مانواري ناز سنائي پنهنجي تحقيقي اداري "سنڌ تحقيقي بورڊ حيدرآباد" پاران ڇپائي پڌرو ڪيو آهي.

هدايت پريم صاحب هن ڪتاب ۾ جملي ٻاويهه اهڙن عالمن کي شامل ڪيو آهي، جن خاص طرح سان سنڌي ٻوليءَ تي تحقيقي ۽ تنقيدي ڪم ڪيو آهي. انهن ۾ ڪجهه انگريز عالمن کي به شامل ڪيو ويو آهي. اهي مشهور عالم ۽ محقق پنهنجي پنهنجي جاءِ تي وڏي اهميت رکندڙ آهن. جن جو تحقيقي ڪم اڄ به بنيادي ۽ مثالي حيثيت رکي ٿو. نه صرف ايترو پر، انهن عالمن سالن جا سال نور نچوئي، سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ زبردست ڪوششون ڪيون اهڙن عالمن ۽ محققن ۾، ڪئپٽن جارج اسٽئڪ، جان بيمس، ارنيسٽ ٽرمپ، سررالف لِلي ٽرنر، سر جارج ابراهم گريئرسن، مرزا قليچ بيگ، ڀيرومل مهرچند آڏواڻي، حڪيم محمدسيوهاڻي، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڄيٺمل دولترام، سراج، ڊاڪٽر لڇمڻ مولچند خوبچنداڻي، پروفيسر علي نواز جتوئي، رايا ييگوروو۱، ڊاڪٽر مرليڌرجيٽلي، ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو، پوپٽي هيرانندائي، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، محمدسومار شيخ، ڊاڪٽر حيدر سنڌي، ۽ ڊاڪٽر داد محمد خادم بروهي. شامل آهن.

هدايت پريم صاحب انهن عالمن ۽ محققن جي تحقيقي ڪم جي اُپٽار مختصر مگر جامع انداز ۾ ڪئي آهي. هڪ لحاظ کان چئڻ ته درياهه کي ڪُوزي ۾ بند ڪيو ويو آهي. هدايت صاحب انهن عالمن جي سنڌي ٻوليءَ بابت قائم ڪيل راين نظرين جي، مختلف عالمن جي حوالي سان تنقيدي چندچاڻ ۽ نقطه نظر بيان ڪيو آهي. البت ان معاملي ۾ اڪثر جاين تي ليکڪ پنهنجا ويچار به پيش ڪيا آهن. هي ڪتاب جتي سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ تي ڀرپور روشني وجهي ٿو، اتي ڪي ڳالهيون ڏيان ڇڪائن ٿيون. مثلاً ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي، سيد عطا حسين شاهه موسوي، واحد بخش شيخ، ڊاڪٽر پارپولا، سربارٽل فريئر وغيره کي هن ڪتاب ۾ شامل نه ڪرڻ سان ڪتاب اڻپورو ۽ اڌورو لڳي ٿو. بهرحال پوءِ به هدايت پريم صاحب جون ڪوششون ساراهه جوڳيون آهن. --امام راشدي

❖❖❖

گهڻيئي تحقيقي مقالا لکيا ۽ آل انڊيا ليول جي قومي ڪانفرنسن ۽ سيمينارن ۾ پڙهيا. عالمن انهن مقالن جي گهڻي ساراهه ڪئي آهي. پنڊت ڪشنچند جي هڪ خاص خوبي اها هئي جو ٨۴-٨٥ ورهين جي وڏيءَ اوستا ۾ به هو لڳاتار پندرهن سورنهن ڪلاڪ لکڻ پڙهڻ ۽ اڀياس ڪرڻ ۾ مشغول رهندو هو. پراڻ تياڳڻ وقت سندس سرير ۾ سگهه نه رهي هئي، پر چئني طرف ڪتابن جا ڍير رکيا هئا. زندگيءَ جي آخري مرحلي ۾ هو راءِ ۽ برهمڻ گهراڻن جي زماني ۾ سنڌ جي تاريخ تي نئين روشني وجهندڙ هڪ تحقيقي ڪتاب لکي رهيو هو، پر اچانڪ پراڻ پکيئڙو پرواز ڪري ويڻ سببان اهو ڪم اڌ ۾ رهجي ويو ۽ هن وقت نوٽس جي روپ ۾ موجود آهي. پنڊت ڪشنچند جيٽلي جون ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيل مکيه رچنائون هيٺيت آهن:-

(١) "سنڌي ڀاشا ڪا سنڪشپت پريچيه" (سنڌي ٻوليءَ جي مختصر واقفيت، ١٩٥٧ع، هنديءَ ۾ لکيل)

(٢) "ميگهه دوت" (ڪوي ڪاليداس جي مشهور سنسڪرت شعر جي ڪتاب جو سنڌيءَ ۾ ساڳئي سنسڪرت ڇند ۾ ترجمو. ١٩٨١ع)

(٣) "شرنگار-لهر" (سنسڪرت جي مشهور شرنگار رس جي شعرن جو سنڌي نظم ۾ ترجمو. ١٩٧۴ع)

(۴) "سنڌي هٽ- واڻڪن اکرن جي تاريخ" (هن ۾ هٽ واڻڪن يا خواجڪي لپيءَ جي اکرن جي قدامت ثابت ڪندي، اُنهن جي پيٽ موهن جي دڙي جي اکرن ۽ براهمي لپيءَ سان ڪئي ويئي آهي).

(٥) "موهن جو دڙو ۽ هڙپا سنسڪرتي- اُنهيءَ جو وقت، مهرن جي لپي ۽ ڀاشا" (هن ڪتاب ۾ موهن جي دڙي مان لڌل مهرن جي اکرن جي پڙهڻي ۽ معنيٰ سمجهائي ويئي آهي. اها ڌيان ڏيڻ لائق حقيقت آهي ته مشهور آرڪيالاجسٽ پروفيسر راءِ جي پڙهڻين کان اڳ پنڊت جيٽلي هيءُ ڪتاب لکيو هو. ٻنهي عالمن جي نتيجن ۾ گهڻي قدر هڪجهڙائي نظر اچي ٿي. ١٩٨٥ع)

(٦) "سنڌي نالن ۾ سنڌيت جي سڳنڌ" (سنڌي هندن ۽ مسلمانن جي نالن جو اڀياس پيش ڪندي ان ۾ سنڌ جي اتهاس جي جهلڪ پيش ڪيل آهي. ١٩٨٦ع)

(٧) "سنڌوي-سنسڪرتي" (سنڌ جي سنسڪرتي. پراچين سنڌ جي اتهاس تي مراني ٻوليءَ ۾ لکيل مقالن جو مجموعو. ١٩٩١ع. اهي مقالا جدا جدا اتهاس جي ڪانفرنسن ۾ پڙهيا ويا هئا).

(٨) "منسج-اُپنشد" (سنسڪرت ۾ لکيل ڪامشاستر تي ڪتاب. ١٩٨٨ع).

(٩) "سنڌي وياڪرڻ پريچيه" (سنڌي ٻوليءَ جو وياڪرڻ. ١٩٨٩ع).

(١٠) "سنڌي زيور" (سنڌي زيورن جي باتصوير سمجهاڻي. ١٩٩۴ع).

پنڊت جيٽلي "سنڌي شبد مهراڻ" نالي سان سنڌي هم معنيٰ لفظن جي ڊڪشنري تيار ڪئي هئي، جنهن ۾ الڳ الڳ موضوعن هيٺ سنڌي هم معنيٰ لفظن کي ورهاڻي جدا جدا بابن ۾ ڏنو ويو آهي. هيءَ ڊڪشنري اڻ ڇپيل آهي. ساڳيءَ طرح، پنڊت ڪشنچند جيٽلي جا ٻيا به ڪجهه ڪتاب ۽ مقالا اڻڇپيل حالت ۾ پيا آهن. انهن کي ترتيبوار سنجوني، ڪتابي صورت ۾ ڇپائي پڌرو ڪرڻ ئي هن ودوان لاءِ سچي شرڌانجلي ثابت ٿيندي.

مرليڌر جيٽلي (دهلي)

# سائين محمد عمر ميمڻ جي ياد ۾

## "منهنجو سائين"

محترم نفيس احمد ناشاد ڪيني پيرا فون تي حڪم ڏنو تہ "سائين عمر" جي مرتبي تي ڪجھہ لفظ لکان، پر منهنجو ذهن اڃا تائين اها ڳالهہ قبول ڪرڻ لاءِ تيار ناهي تہ "منهنجو سائين" مون کان ڌار ٿي ويو آهي. مون ڪي سورن جي سمنڊ ۾ ٻوڙي پاڻ وڃي هالا ۾ مٽي ماءُ جي هنج ۾ ابدي ننڊ ستو آهي. هن خودغرضيءَ ۽ نفسانفسيءَ جي دور ۾ مون کي هميشہ لاءِ هيڪلو ڪري هليو ويو آهي.

اڄ نہ اوطاقن ۾ دونهين ڌنڌ نہ لاٽ،
ويا ويراڳي نڪري، چٽ چڪائي چاٽ،
ماريس تنهن مات، جيجان جوڳيئڙن جي.
شاهہ

منهنجو والد مرحوم ١٩٧٨ع ۾ مون کان هميشہ هميشہ لاءِ جدا ٿي ويو، پر مون ڪڏهن بہ پاڻ کي يتيم نہ سمجهيو، پر ١٧ مئي ١٩٩٥ع تي سائين عمر جي لاڏاڻي کان پوءِ پاڻ کي بي سهارا، يتيم، لاچار ۽ مجبور سمجهي وينو آهيان. اڄ سڄي سنسار ۾ پاڻ کي اڪيلو محسوس ڪيان ٿو. نسيم نگر ۾ رهڻ کان پوءِ جيستائين سائينءَ سان اندر جو احوال نہ اوريندو هئس، چين نہ ايندو هو. جڏهن دوست پُٺي ۾ خنجر هٽي گهائل ڪندا هئا تہ سائين عمر انهن تي پيار جا پَها رکندو هو.

هڪ شفيق پيءُ، هڪ مهربان استاد، هڪ دل وارو دوست مون کان ائين جلدي جدا ٿي ويندو، مون ائين ڪڏهن سوچيو بہ نہ هو. لاڏاڻي کان ڪجھہ ڏينهن اڳ سائين عمر چوندو هو تہ "جنهن هستيءَ لاءِ هي ڪائنات خلقي وئي آهي، ان ٦٣ سال عمر گذاري. لطيف سائين بہ ٦٣ سال عمر گذاري. مان بہ ٦٣ سال گذاري چڪو آهيان. مان ابدي سفر ڏي اسهڻ وارو آهيان. ڪچهري ڪرڻي اٿئي تہ ڪري وٺ." مون محسوس ڪيو تہ سائين مذاق ڪري رهيو آهي، پر اهو مذاق سچ ثابت ٿيو. ١٧ مئي ١٩٩٥ع جي منحوس شام منهنجو سائين مون کان ڏور هليو ويو. انهيءَ سفر ڏانهن جتان واپس ڪير نہ موٽيو آهي.

ڳوليان ۽ ڳنديان ويا ويراڳي نڪري،
صحبت جا سنديان، آئون نہ جيئندي اُن ري.
شاهہ

سائين عمر سان منهنجو ستاويهن سالن کان ساٿ هو. هو هميشہ استاد رهيو ۽ مان شاگرد. هن زندگيءَ جي هر موڙ تي، وِڪ وِڪ تي منهنجي علمي توڙي ذاتي مسئلن ۾ رهنمائي ڪئي. مان جڏهن بہ ڪا غلطي ڪندو هئس تہ هو مونکي دڙڪا ڏيندو هو، جن ۾ هڪ پيءُ جو پيار سمايل هوندو هو. نصيحت ڀريا نڪتا شامل هوندا هئا.

اڄ سنڌ جي سماج ۾ هڪ قومي ڪارڪن يا سماجي ڪارڪن جي صورت ۾ جيڪا بہ مون کي ننڍڙي حيثيت حاصل آهي، ان جي تعمير ۽ تشڪيل ۾ سائين عمر جو وڏو هٿ آهي. مان جيڪي ڪجھہ آهيان، سائين عمر جي طفيل آهيان.

مان يحيٰ دور ۾ جڏهن قيد ڪاٽي آزاد ٿيو هئس، منهنجو (viva) زباني ٽيسٽ رهيل هو. مان جڏهن سنڌ

يونيورسٽيءَ جي علم سياسيات Political Science جي شعبي ۾ داخل ٿيس ته ڏنم ته زباني ٽيسٽ وٺڻ لاءِ سائين عمر ۽ پشاور يونيورسٽيءَ جو هڪ وطن پرست پروفيسر موجود هو. سائين هن مهمان پروفيسر سان منهنجو تعارف هن ريت ڪرايو ته "هي سنڌ جي اُنهن خاموش قومي ڪارڪنن مان هڪ آهي، جنهن ڌرتيءَ جي پيار ۾ مارشل لا دؤر ۾ قيد و بند جو صعوبتون سٺيون آهن. هن مان سنڌ جي مستقبل سڌارڻ جون اميدون وابسته رکي سگهجن ٿيون." مان خاموش ٻڌندو رهيس. پروفيسر ڪجهه سوال ڪيا، مون انهن جا جواب ڏنا. سائين رڳو جيل جو حال احوال پڇيو.

سائين عمر جي روايت اختيار ڪندي مان استاد بڻيس. اج پڙهندي ۽ پڙهائيندي ٽيويهه ورهيه گذري ويا آهن پر منهنجو ضمير مطمئن آهي. مون کي پنهنجي پيشي تي فخر آهي. مان محسوس ڪيان ٿو ته تعليمي ادارا عبادتگاهن کان به مقدس آهن. انهن جو احترام لازمي آهي. تعليمي ادارا اُهي مستقل ڪارخانا آهن جتي ذهن تيار ٿين ٿا ۽ سنڌ کي اج سکڻن نعرن بدران باعمل ذهنن جي ضرورت آهي. تعليمي ادارا انقلاب کي جنم ڏين ٿا، قومن جي مستقبل جو محفوظ مورچو آهن. انهن کي هر حال ۾ بچائڻ گهرجي. جيڪي علم جا ويري آهن، انهن سان ويڙهه وڙهڻ گهرجي.

گذريل سال هڪ موقعو اهڙو به آيو جو مان نوڪري تان استعفيٰ ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويس، پر سائين عمر مون کي ائين ڪرڻ کان روڪيو ۽ پيار مان سمجهايو ته "جيڪڏهن مون وانگر سنڌ جي حقن جي ڳالهه ڪندي سرڪار نامدار توکي نوڪري مان ڪڍي ڇڏي ٿي ته رنج نه ٿجان، ڇاڪاڻ ته تو سنڌ جي دوميسائيل جو حق ادا ڪيو آهي. پر رزق پاڻ نه ڇڏجان، تون جيڪا جاءِ ڇڏي ويندين ان جي والار پيو ڪير ڪري نه سگهندو." مون سائينءَ جي نصيحت تي عمل ڪيو، ڇاڪاڻ ته سائين عمر زندگيءَ ۾ واحد شخصيت هو، جنهن کي ڪڏهن به مون ناڪار نه ڪئي.

مان سائين عمر کان اينرو ڪجهه نه سکي سگهيو آهيان، جو پاڻ کي دانشور يا فلاسفر سڏائي سگهان. علم سياسيات جو اجا هڪ شاگرد آهيان، هڪ ننڍڙو قومي ڪارڪن آهيان ۽ ڪوشش ڪريان پيو ته سنڌ جي دوميسائيل جو حق ادا ڪيان. اجا تائين ضمير جي عدالت ۾ لڄي نه ٿيو آهيان. سائينءَ کي هميشه منهنجي ڪوتاهيءَ جي شڪايت رهي ته مون وٽ جيڪو ماڻهو در تي ايندو هو، ان سان گڏ آڏي مانجهي هليو ويندو هئس. سائين ٺوڪيندي چوندو هو ته "صفا منو نه ٿيءُ. پاڻ ۾ ڪجهه ڪڙاڻ به پيدا ڪر نه ته دنيا توکي کائي ويندي. دوستن تي انڌو اعتماد نه ڪر، دوست پُٺي ۾ خنجر وهائيندي دير نه ڪندني. منهنجي لاءِ هميشه هي جملو چوندو هو، "مُنهن مِني ڳِتا پَٺائي"

سائين هڪ سچو ۽ کرو شخص هو. جيڪا ڳالهه غلط هوندي هئي، اها منهن تي چٽي ڏيندو هو، ان ڪري ڪيترا سائينءَ جا شاگرد جيڪي وزير، مشير ۽ اعليٰ ڪامورا ۽ قومي اڳواڻ بڻيا، سائينءَ وٽ اچڻ کان ڪيٻائيندا هئا.

اها سائين عمر جي سوچ هئي، جنهن " سنڌ ايجوڪيشن اڪيڊمي" کي جنم ڏنو. سائينءَ جي خيال مطابق سنڌ جي نوجوانن جي ذهني سجاڳي لاءِ ضروري آهي ته کين سياسي، سماجي، اقتصادي ۽ ثقافتي مسئلن کان آگاهي ڏجي.

سائينءَ جي سوچ سامهون رکندي مرحوم زبيد فردوسي، پروفيسر خالد وهاب خان، ڊاڪٽر سرفراز احمد ڀٽي، آغا خالد، امير علي قادري، سيد علي اڪبر شاهه، آصف قاضي ۽ مون گڏجي هي "اڪيڊمي" ناهي، جنهن جي زير اهتمام وسيلن آهر ڪافي فڪري ڪم ڪري چڪا آهيون ۽ انشاالله سائينءَ جي خواب جي تڪميل لاءِ پنهنجي ڪم کي وڌيڪ تيز ڪنداسين.

سنڌ ۾ جيتري علمي ۽ فڪري ڪوٽ آهي، نوجوانن کي سياسي، سماجي، اقتصادي، ثقافتي ۽ بين الاقوامي

مسئلن ۾ ڄاڻ جي ضرورت آهي، ان جو اندازو سائين عمر کي گهڻو هو. هو هميشه چوندو هو ته استادن کي ڇئو ته پڙهائين، نوجوانن کي اهو نعرو ڏيو ته "تعليم بچايو، سنڌ بچايو."

ان کري سائين هر پيري نوان موضوع چونڊيندو هو. اسان انهن تي سيمينار، ليڪچر يا ادبي شامون ملهائيندا آيا آهيون، جن ۾ "تعليم جي تباهي"، "ڪالاباغ ڊيم جو فني جائزو"، "سنڌ جو نوجوان ۽ منشيات"، "گهڻ قومي رياستن جو مستقبل"، "انساني حقن جي لتاڙ" متعلق سيمينار ۽ ليڪچر ڪرائي چڪا آهيون. محترمه خيرالنساء جعفري ۽ مرحوم استاد بخاري سان شام ۽ منهنجي ڪالمن جي مجموعي "قومي غدار ۽ حساب ڪتاب" جي مهورت جو پروگرام منعقد ڪري چڪا آهيون.

سائين عمر جي خواهش هئي ته سائنڻ نورالهديٰ شاهه سان ڪا مانائتي شام ملهائجي، پر سائنڻ نورالهديٰ شاهه ٽي-وي ڊرامي جي اسڪرپٽ ڪري تاريخ نه ڏيئي سگهي. سائينءَ جي اها آخري حسرت اسان پوري نه ڪري سگهياسين.

سنڌ جي جاگيردار طبقي يا مڊل ڪلاس جي اها گهڻي پاڳي سوچ رهي آهي ته سندن ٻار اعليٰ انگريزي ميڊيم اسڪولن ۾ تعليم حاصل ڪن. جڏهن سائين عمر جائزو ورتو ته حيدرآباد شهر ۽ قاسم آباد ۾ قائم ٿيل انگريزي ميڊيم اسڪولن ۾ انگريزي سان گڏوگڏ اردو زبان ۾ تعليم ڏني وڃي ٿي ۽ سنڌي زبان کي نيڪالي ڏني ويئي آهي. سائين عمر ڪنهن به ٻوليءَ جي خلاف نه هو، پر ان ڳالهه جو ضرور حامي هو ته سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجو جائز مقام ملي.

سائين عمر ۽ مون گڏجي قاسم آباد ۾ "سنڌ اڪيڊمي" نالي هڪ ننڍو ادارو کوليو، جيڪو صرف پنجن ڪلاسن تائين آهي. جنهن ۾ انگريزي ۽ اردو سان گڏ سنڌي ٻولي ۾ تعليم ڏني وڃي ٿي. هن اداري ۾ سڄي "سيڙپ" سائين عمر جي هئي، پر ماڻهن اڳيان هميشه اهو ظاهر ڪندو هو ته "هي ادارو لياقت عزيز جو آهي." سيد علي اڪبر شاهه، آغا خالد ۽ ٻين سائين هن اداري کي ڪامياب بنائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. هن اداري کي پنهنجي پيرن تي بيهارڻ ۽ معياري بنائڻ ۾ جيترو سائين عمر ۽ منهنجو هٿ هو، ان کان وڌيڪ پگهر ۽ پورهيو سائينءَ جي نياڻي فرحانه عمر ميمڻ مس غزاله چانڊيو ۽ مس سيما چانڊيو جو شامل آهي.

سائين عمر جي نياڻي جي شادي ٿي ويئي، مان اسڪول کي ايترو وقت نه ڏيئي سگهيس. هن دوران اوچتو سائينءَ جي ٻيو نمبر نياڻي فرزانه عمر اوچتو راهه رباني ورتي. سائين سنڌ کان پوءِ جيڪڏهن پيار ڪيو ته پنهنجي اولاد سان ڪيو.

سائين عمر هڪ اڏول پهاڙ مثل هو، پر هن مضبوط ارادي واري شخص کي سندس نوجوان نياڻي جي اوچتي وڇوڙي جهوري وڌو. سائينءَ کي ڪوبه حاڪم وقت نه جهڪائي سگهيو ۽ نه ئي خريد ڪري سگهيو. ضياءَ دور ۾ ڪيس سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر ٿيڻ جي آڇ ملي، پر هن آمر جي اها آڇ ٺڏي ڇڏي. سائينءَ کي حاڪم وقت نه لوڏي سگهيا نه ڊاهي سگهيا، پر ادي فرزانه جي وڇوڙي سائينءَ کي هڪ زنده لاش بنائي ڇڏيو. هو اندران پرندو رهيو. "ديوان مشتاق" هجي يا گهر هجي، مون سائينءَ کي هميشه ادي فرزانه جي غم ۾ روئيندي ڏٺو. هو پُرندو رهيو، جهرندو رهيو، ڏکن کي سگريٽن جي دونهين ۾ ٻاهر ڪيندو رهيو.

سائين ابراهيم جويو، ابرار قاضي، سائين عمر، سائنڻ نورالهديٰ شاهه، تاج جويو ۽ مون گڏجي سنڌ مان نفرت جي سياست کي ختم ڪرڻ ۽ سنڌ ۾ رهندڙ مستقل آبادي کي ويجهو آڻڻ لاءِ اردو ڳالهائيندڙ دانشورن سان لڳاتار ڇهه مهينا ڊائيلاگ ڪيا، ۽ آخر ۾ "CAPS" جو بنياد وڌوسين ۽ سنڌ جي مسئلي جي مستقل حل لاءِ هڪ "پڌرنامو" جاري ڪيوسين، جنهن تي سنڌي توڙي اردو ڳالهائيندڙ دانشورن جون صحيحون هيون.

سائين هڪ فرد نه پر ادارو هو. هر هڪ ڪجهه نه ڪجهه سائينءَ وٽان پرائي ويندو هو. سائين عمر، سائين جي.

ايم. سيد کان پوءِ سنڌ جي حقن جي ڪيس جو هڪ ڄاڻو ماهر ۽ وڪيل هو.

علم سياست جي لحاظ کان سائين عمر سنڌ جو "هيرالڊ لاسڪي" هو. ڪيس "افلاطون" کان وٺي "ايڊمنڊبرڪ" تائين سڄو "سياسي فلسفو" برزبان ياد هو. سائين سياست کي انسانذات جي خدمت سمجهندو هو. ادبي بورڊ بچايو ڪميٽيءَ ۾ سائين عمر پوري ڪميٽيءَ جي فڪري رهنمائي ڪئي، قدم قدم تي همٿايو ۽ عملي طرح تڪي اُس ۾ حيدرآباد ۾ ٿيندڙ ادبي مظاهري ۽ جلوس ۾ حصو ورتو.

قومي جرڳہ ڪميٽيءَ ۾ مان، سائنڻ نورالهدي شاهہ، يوسف لغاري ۽ سائين عمر شامل هئاسين. سائين عمر جنهن همت ۽ جرات سان قومي رهنمائن ۽ شاگرد اڳواڻن سان ڪرو ڳالهايو، اهڙو انسان سنڌ ۾ ٻيو ڪير شايد پيدا ٿي سگهي!

سنڌ پنهنجي هڪ "مضبوط جرنيل"، "ڄاڻو وڪيل"، "عظيم عالم"، ۽ "سياسي فلسفي" کان محروم ٿي وئي آهي. سائين عمر جو لاڏاڻو هڪ قومي نقصان آهي، جنهن جو ازالو شايد صدين ۾ پورو ٿي سگهي.

سائين عمر جي آخري خواهش هئي تہ مان ۽ سائين گڏجي سنڌ سان ناانصافين جو ڪيس تيار ڪريون ۽ اهو ڪيس مضبوط دليلن سان هجي ۽ ان ڪيس کي قومي توڙي بين‌الاقوامي سطح تي پيش ڪيون پر بي وقت موت انهيءَ عظيم ڪم ڪرڻ جي مهلت نہ ڏني.

جان جان هئي جنري، ورچي نہ ويئي،
وڃي پُون پيئي سڪندين کي سڄڻين!
(شاهہ)

اي بي رحم موت! ڪجهہ وقت صبر ڪرين ها. تو سنڌ کان اهڙو عظيم انسان کسي ورتو، جيڪو سائين جي.ايم.سيد وانگر سنڌ سان اڻ ميو پيار ڪندو هو. جنهن جو سنڌ سان عشق اٽوٽ، لافاني، يڪطرفہ ۽ غير مشروط هو. جنهن ڪڏهن سنڌ جي محبت کي "ڪيش" نہ ڪرايو ۽ آخر تائين مسواڙ جي جاءِ ۾ رهيو.

سائين عمر علم، عقل ۽ دانش جو مجموعو هو. دليري، دانائي ۽ وطن پرستيءَ جو روشن مينار هو. اسان جهڙن ڪمزور ماڻهن لاءِ وڏو ڏڍ هو.

سائين گذريل چئن سالن کان مون کي ايڏو تہ پنهنجي قريب ڪيو جو مان سندس گهر جو فرد بڻجي ويس. سندس جدائي منهنجو جيءُ جهوري وڌو آهي. اندر ۾ هڪ آزار مچيل آهي، جنهن کي ماٺي ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو، پر چين نٿو اچي.

جيڪڏهن حياتي وفا ڪئي تہ منهنجو ديس واسين ۽ سائين عمر جي قبر سان اهو وچن آهي تہ مان پنهنجي ساٿين: سائنڻ نورالهديٰ شاهہ، آصف قاضي، امير علي قادري، تاج جويو، زيب سنڌي ۽ سيد علي اڪبر شاهہ سان گڏجي سائينءَ جي آخري خواهش ضرور پوري ڪندس، چاهي ان لاءِ مون کي ڪيترو بہ ڀوڳڻو پوي.

-- لياقت عزيز

## "ڪُهرا ٿيو...!"

پروفيسر محمد عمر ميمڻ صاحب جو لاڏاڻو منهنجي لاءِ ذاتي نقصان آهي. سائين عمر ميمڻ کي ايترو جلدي ماضيءَ ۾ ڪٿي وڃي ڪجهہ لکڻ منهنجي لاءِ ڏاڍو ڏکيو آهي. حق تہ هن جو اسان تي اهو آهي تہ اسين هُن تي لکون ۽ پنهنجو فرض ادا ڪريون.

سائين عمر کي ڏسي مون کي هميشہ شاهہ سائينءَ جي هيءُ سٽ ياد ايندي آهي: "مون سي ڏٺا ماءُ، جنين ڏٺو

ڏيـڻرون بـ ڏڻ ٿـينديون آهن." ٺهڪ ڏئي چيـائين: "توهان مـان اهائي توقع ڪري سگهجي ٿي." پر جڏهن بـ ڪنهن ماڻهوءَ جي اجائي تعريف ڪبي هئي تـ پڇندو هو، "توهين سچاڻوس ٿاءِ جي سچاڻوس ٿا تـ ڪيترو سچاڻوس ٿا؟" ڪيترائي سوال مان بـ ڪانئس پڇندي هئس. مثلاً پڇندي هئس تـ غدار ۽ وطن دوست ۾ ڪهڙو فرق آهي ۽ ڪيئن خبر پوي تـ ڪير وڪائل آهي ۽ ڪير ڪونهي وڪائل؟" تـ چوندو هو: "جيڪو ليڊر توهان کي پنهنجي آمدنيءَ جو حساب نـ ڏيئي سگهي، ۽ اوهان کي ٻڌائي نـ سگهي تـ هن وٽ بنگلا ۽ ڪارون ڪٿان آيون آهن تـ پوءِ سمجهو تـ اهو وڪائل آهي." ان ڪان سواءِ سچ چوڻ جو بـ سائين عمر ميمڻ جو عجيب لهجو هو. مون پنهنجي زندگيءَ ۾ ائين سچ ڳالهائڻ وارو ڪوبـ ماڻهو ڪونـ ڏٺو هو. سائين عمر جي وفات تي مون سوچيو تـ ڇا اهو محض قدرتي اتفاق آهي تـ سائين جي. ايم. سيد ۽ سائين محمد عمر هڪ ٻئي جي پويان جلدي جلدي اسان کي ڇڏي ويا آهن ۽ آءٌ محسوس ڪريان ٿي تـ اهو محض اتفاق ناهي. پوءِ سوال ذهن ۾ اچي ٿو تـ ڇا قدرت سمجهي ٿي تـ اسين سائين جي. ايم. سيد ۽ سائين عمر ميمڻ جهڙن ماڻهن جي لائق ئي نـ رهيا آهيون؟ اسان ۾ اها صلاحيت ئي نـ رهي آهي، اها سچائي ئي نـ رهي آهي، جو اسين انهن ماڻهن کي سمجهي سگهون.

مون کي ياد آهي تـ سنڌ ۽ سنڌ جي مسئلن بابت اسين "اگر مگر" ٽيڪنيڪ ۾ ڳالهائڻ ويهندا هئاسين تـ سائين عمر چپ چاپ سگريٽ پيئندو رهندو هو ۽ ڪلندو رهندو هو. جڏهن سڀ ڳالهائي چپ ڪندا هئاسين، تڏهن اهڙو سخت ۽ ايڏو سچو جملو چوندو هو، جو ان ڪان پوءِ ڪنهن جي بـ ۽ ڪجهـ بـ ڳالهائڻ جي گنجائش ئي ڪانـ بچندي هئي. بلڪ مون ڪيترن ئي ماڻهن کي ڏاڍو پريشان ٿيندي، زيربار ٿيندي، ڏاڍي اضطراب ۾ ڏٺو هوندو تـ سائين عمر جيڪڏهن اهو سڀ ڪجهـ نـ ڳالهائي تـ سٺو ۽ ان جو وڏو سبب اهو هوندو هو جو هن جي ڳالهايل اها سچائي ايڏي تـ چڀندڙ هوندي هئي، جيڪا اسان جي رسمي سچائيءَ کي رد ڪري ڇڏيندي هئي ۽ ان ڳالهـ تي ئي پاڻ مون کي چوندو هو تـ "ڪُمرا ٿيو." آءٌ پڇندي هئي سانس تـ "سائين ايڏو سچ ڳالهائڻ جو سبب ڇا آهي؟" پاڻ چوندو هو: "پنهنجا هٿ صاف رکو، پنهنجو دامن صاف رکو.... توهان کي ڪوبـ خوف ڪونـ ٿيندو." تاج جويي جيڪو "قومي جرڳو" سڏايو هو، سائين عمر سان منهنجي پهرين باقاعده ملاقات ان ۾ ٿي ٿي هئي ۽ ان سلسلي ۾ مهينن جا مهينا روز اسين ملندا هئاسين ۽ ڪميٽيءَ جي ڪاروائي هلائيندا هئاسين. ۽ پوءِ اسين پاڻ ۾ ادبي، سماجي ۽ سياسي موضوعن تي ڪچهريون بـ ڪندا هئاسين. مون کي ياد آهي، اُهي عجيب ڪچهريون هونديون هيون. جرڳي ڪميٽيءَ جي گڏجاڻين ۾ مون جيئن ڪيس شاگرد اڳواڻن سان ڳالهائيندي ڏٺو، آءٌ نٿي سمجهان تـ هِن زماني ۾ جڏهن اڄ جو ماڻهو، 'ليبرس' جي گن پوائنٽ تي رکيل آهي، تڏهن ڪير ايڏي سچائيءَ سان ۽ ايڏي ڪڙي ڳالهـ ڳالهائي سگهي ٿو. آءٌ اڪثر پڇندي هئي مانس تـ "سائين! اوهان کي اهڙو ڪرو اظهار ڪندي خوف نٿو ٿئي." تـ چوندو هو. "بابا خوف ڇاجو؟ منهنجي هٿ تي ڪو داغ ئي ڪونهي." سائين جي. ايم. سيد جو ذڪر مون ڪيترن ئي ماڻهن جي واتان ٻڌو آهي، پر سائين عمر سائين جي. ايم. سيد جو ذڪر ائين ڪندو هو جيئن ڪوئي پنهنجي محبوبا جو ذڪر ڪندو آهي. هن جي اکين ۾ عجيب چمڪ اچي ويندي هئي. هن جو لهجو عجيب پيار ڀريو ٿي ويندو هو. هن ۾ عجيب محبوبيت اچي ويندي هئي. -- نورالهديٰ شاهـ

## سچ جي صدا

پروفيسر محمد عمر ميمڻ، سنڌ يونيورسٽيءَ جي انهن چند عالمي معيار جي استادن مان هڪ هو، جن لاءِ چيني فيلسوف ڪنفيوشس چيو آهي تـ، "يونيورسٽيءَ جي استاد جو ڪم آهي تـ شاگرد جي ذهن ۾ موجود پراڻن/ اڳين عقيدن ۽ ويساهن کي ميساري، نئون ڪجهـ ڏئي؛ نوان ۽ جديد گهرجون پوريون ڪندڙ نظريا ۽ ويساهـ."اسان جي عمر ميمڻ ائين ئي ڪيو. هو استاد سان گڏ هڪ فلاسافر بـ هو، پنهجي عمل ۾ فلاسافر، جو يونيورسٽيءَ جو سڀ

ڪان اهم ۽ سگهارو طبقو يعني شاگرد سندس سوچ کان متاثر ٿيو ۽ اهڙيءَ طرح ان دور ۾ شاگردن جو هڪ سڄاڻ ۽ سنڌ دوست گروهه وجود ۾ آيو، جنهن اڄ جي سنڌي سماج تي اهم اثر ڇڏيا آهن.

هو علم سياست جي استاد هجڻ سان گڏ عملي سياست ۾ استاد جي ڪردار جو حامي هو. هو سياست کي سماج ۾ سٺي تبديلي آڻڻ لاءِ هڪ مضبوط هٿيار سمجهندو هو. اهوئي سبب هو جو هو نظرياتي سياست پڙهائڻ سان گڏ ان جي عمل ۾ آڻڻ لاءِ به جتن ڪندو رهيو. سياست براءِ سياست نه، پر سياست کي سماجي ڀلائي ۽ زندگيءَ جي سياسي سماجي ۽ اقتصادي معاملن کي حل ڪرڻ لاءِ استعمال ڪرڻ جو درس ڏيندو رهيو.

سندس اهڙي ڇتي ۽ سگهاري ڪردار جي ڪري وقت جي ملڪي ۽ يونيورسٽي انتظاميه ڪيس پنهنجن مفادن حاصل ڪرڻ لاءِ وڏي رنڊڪ سمجهيو ۽ ڪيس ان ڪردار ادا ڪرڻ کان روڪڻ لاءِ نوڪريءَ مان ڪڍي شاگردن کان پري ڪري ڇڏيو. نوڪريءَ مان نڪرڻ کان پوءِ به هو پنهنجو اهو ڪردار يونيورسٽي شاگردن، توڙي سڄاڻ سياسي ۽ سماجي ڪارڪنن کان علاوه دانشورن ۽ تعليمي ماهرن سان رابطي ۾ رهي ادا ڪندو رهيو. هو پنهنجو اهو ڪردار ڪيتريقدر نڀاهي سگهيو، اهو هڪ تحقيق طلب موضوع آهي. البت هي پنهنجي سموري حياتي هڪ بهادر، کَري ۽ منهن تي سچ چوڻ واري ڏاهي جي حيثيت ۾ سڃاتو ويندو رهيو. هو سنڌي سماج ۽ سنڌ جي سياست ۾ پنهنجي حيثيت ۽ ڪردار کان ڀليءَ ڀت واقف هو ۽ ۽ هن اهو ڪردار پنهنجي لاءِ پاڻ ئي چونڊيو هو.

هن جي اهڙي پختي قول ۽ عمل ۾ سچي هئڻ واري ڪردار جي ڪري ڪيترن سياسي ۽ سماجي گروهن سندس ساٿ کي وڏي وٿ سمجهي پنهنجو سهڪار ڪري پاڻ سان شامل ڪيو، پر هو سندن مفادن واري گروهي مفادن سان سهمت نه ٿي سگهيو. پنهنجي "سچ ٿا مرد چون ڪنهن کي وڻي نه وڻي" واري طبيعت جي ڪري مختلف تعليمي، سماجي ۽ سياسي تنظيمن ۾ رهڻ جي باوجود اڪيلو رهيو. اڪيلو آواز سڏ ٻڌجي سنڌ جي سماج ۾ پڙاڏي بڻڻ لاءِ پٽڪندو رهيو. ڪن گروهن ۽ شخصن کان پل نه تياڳ ورتو هٿائين، پر سنڌي سماج ۾ پنهنجو اهو کرو ۽ سچو ڪردار عمر جي آخري گهڙي تائين ادا ڪندو رهيو.

هو هڪ انتهائي سياڄهو، نيڪ فطرت ۽ دردمند دل رکندڙ انسان هو. هن تي ننڍڙن نفيس جذبن، احساسن، مرڪن ۽ نفرتن جو به ڀرپور اثر ٿيندو هو ته قومي سطح تي ٿيندڙ ننڍين توڙي وڏين زيادتين ۽ ظلمن کان علاوه انساني قتل عام تي به مات ڪري ڪونه وهندو هو. اظهار جي طاقت کان واقف هو ۽ راءِ جي اظهار ۾ ڪٿي به منافقيءَ کان ڪم وٺندي ڪيپائيندو ڪونه هو.

ڪيس پهاڙ چوڻ ڪنهن طرح موزون ڪونه آهي. هو هڪ انسان هو، محسوس ڪندڙ انسان. پنهنجي ۽ پرائي درد تي ٽڙيندڙ، لُڇندڙ ۽ ڪُڇندڙ انسان. انساني جذبن ۽ رشتن جو قدر ڪندڙ انسان. لفظن جي تقدس جي معنيٰ ۽ استعمال کان واقف. لفظن ۽ ڳالهه کي مان ڏيندڙ. پهاڙ ڪيئن ٿو ٿي سگهي. پهاڙ ته محسوس ڪونه ڪندا آهن، احساس ڪونه رکندا آهن. تنهنڪري ته آئرلينڊ جي هڪ مشهور شاعر چيو آهي:

*I am a rock and rock feels no pain,*
*I am an island and island never cry.*

سائين محمد عمر ميمڻ، مڪمل احتجاج هو، هڪ دانهن هئي، هڪ جذبو هو، هڪ احساس هو، هڪ پيڙا هئي. اها دانهن، اهو جذبو، اهو احساس ۽ اها پيڙا ڪڏهن به مرڻي نه آهي. پر اهي منتقل ٿيندڙ جذبا ۽ احساس آهن، جيڪي سائينءَ کان پوءِ به سنڌي سماج ۾ ٻُرندا رهندا. سچ جا ساڪي ئي نوان ڪردار اپرندا رهندا ۽ سنڌ جي هن پوسائيل، منجهيل، بگڙيل ۽ ذاتي مفادن واري سماج ۾ روشن ڪرٽي جيان چمڪندي سنڌي سماج جي ڀلي لاءِ جنگ جوٽيندا ايندا. -- ڊاڪٽر قاسم ٻگهيو

## توهان ضرور ياد رهندؤ!

"ڪنهن انسان جي موت کان پوءِ رڳو انسان لاءِ نہ پر پنهنجي پٺيان رهجي ويل سندس يادگيرين لاءِ بہ هڪ نئين زندگي شروع ٿيندي آهي." -گيري هامر

"ڪن زندگين جي در تي موت اڳواٽ دستڪ ڏيئي اطلاع ڪري بلڪل ائين ايندو آهي، جيئن ڪو مهمان ڪنهن ميزبان جي در تي ايندو آهي." -اوشو.

۽ ها، ائين ئي سائين محمد عمر ميمڻ جي "زندگي ميزبان محل" جي "موت مهمان" اڳواٽ اچڻ جي اجازت گهري هئي ۽ زندگي ۽ موت جي هن اجهل قافلي ۾ روز زندگي ڪيترا ساٿي سفر ۾ وڃائي ٿي ۽ ڪيترائي نوان ساٿي سفر ۾ شريڪ ڪري ٿي. موت تہ هڪ اهڙي اڻ ڄاتل وادي آهي جنهن جي اسرار جي شايد ڪنهن کي بہ خبر نہ پيئي آهي. بهرحال، سائين محمد ابراهيم جويي جي لفظن ۾ "زندگي هڪ Mystery آهي." پنهنجي ڏکيارين اکين مان سائين عمر ميمڻ جي موت تي لڙڪ هاريندڙ محمد ابراهيم جويي اهو جملو چيو. سائين محمد عمر ميمڻ سنڌ جي انهن خاموش خدمتگارن مان هڪ هو، "فقيري" جنهن جو حقيقي معنيٰ ۾ اوڇڻ هو. هو علم ۾ جيترو "امير" هو، پين مڙني پاسن کان ايترو پاڻ کي فقير ظاهر ڪندو هو. سائين محمد عمر ميمڻ جي لاڏاڻي جي سڌ پوڻ ني رات جو جيڪي ڏکويل سندس گهر پهتا، انهن سڀني وٽ سائين محمد عمر ميمڻ جي حوالي سان پنهنجون يادون هيون. سڀ ڪنهن پنهنجين پنهنجين سمرتين جي سنگهر پٺي کولي تہ ڪڙيون ڪيچ ٿي پئي ويون.

پاڪستان جي قيام کانپوءِ مخصوص نظرين جي ڏنڊ ۾ مڏم ٿي ويل سنڌ جي الڳ تشخص کي اجارڻ لاءِ جنهن قافلي "غردوگبار" جا تہ ماڻهن جي ذهنن تان پٽي لاٿا ان قافلي جو هڪ گمنام سپاهي سائين محمد عمر ميمڻ بہ سائين جي. ايم. سيد جي لاڏاڻي کان ٿي هفتا پوءِ ان سفر تي اُسهي ويو، جنهن سفر تي سيد اُسهي چڪو هو. سيد جي لاڏاڻي تي بنهہ جهڙي پيل ۽ اڳواٽ ئي دل جي دورن هيٺ آيل سنڌ جي هاري جهڙي سنڌي ٻولي ۽ گيري هامر جهڙي انگريزي لکندڙ ۽ ڳالهائيندڙ سائين محمد عمر ميمڻ جڏهن.سيد جي لاڏاڻي کان پوءِ مليو تہ چيائين تہ"هاڻ تہ جيئڻ جا بهانا بہ ختم ٿيندا پيا وڃن." هو چئي رهيو هو تہ "٦٣ سال عمر ٿي ويئي آهي. لطيف سائين جي عمر بہ ٦٣ سال هئي، رسول الله صلعم جي عمر بہ ٦٣ سال هئي. اسان جي زندگيءَ جو سڳو سوڙهو ٿيندو وڃي پيو." موت ۾ اسين سندن صحت ۽ عمر درازيءَ لاءِ دعائون ڏئي پئي سگهياسين.

جڏهن سرڪار پئسي جي چمڪ ۽ دَمڪ تي چڱن ڀلن جا ايمان خريدي ڇڏيا تہ پروفيسر ميمڻ انهن ماڻهن مان هڪ هو، جن سنڌ جي الڳ وجود جي تشخص واري فلسفي تان هٿ نہ ڪنيو ۽ هو ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪم تي نوڪرين مان ڪڍيل ٢٥٠ ماڻهن مان هڪ هو، پر هن ڪڏهن بہ ساڻس ٿيل ان ڪارروائيءَ کي Cash نہ ڪرايو. "اهو هن جو ظرف هو." سندس زندگيءَ جي آخري گهڙين تائين اج جا توڙي سندس استاد هئڻ واري دور جا نامور توڙي سرڪش شاگرد جڏهن سامهون ايندا هئا تہ هن آڏو (سندس رضاڪارانہ احترام ۾) پڳهرجي ميڻ ٿيندا هئا، پوءِ اهو يوسف ٽالپر هجي يا يوسف لغاري. جڏهن سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ وقت جي حاڪمن جا مڙني وسيلا سرڪاري ڏر جي شاگردن جي استعمال هيٺ هئا تڏهن پروفيسر عمر ميمڻ جي ذهن ۽ ضمير جا سڀ وسيلا سنڌ جي اڇي اجري مستقبل جي خواهش رکندڙن لاءِ هئا. جيتوڻيڪ هو سنڌ نيشنل فرنٽ جي مرڪزي ڪميٽيءَ جو ميمبر هو ۽ هن جي فرنٽ جي اڳئين جنم (سنڌ، بلوچ، پشتون فرنٽ) کان ئي ان لڏي سان وابستگي رهي پر هو سڀني نظرين‌ءِ پارٽي دائرن کان "سنڌ" کي اتم سمجهندو هو. سچ چوڻ جي جرات سبب ڪيترائي ڏسٽا وانسٽا ماڻهو هن جا اهڙا مخالف

بنيا جو معاملو ذاتيات تائين بہ وجي پهتو، پر "سچ ٿا مرد چون، ڪنهن کي وڻي نہ وڻي."

جڏهن مهراڻ يونيورسٽيءَ ۾ شاگردن جي ٻن ڌرين جو جهيڙو ٿيو تہ ان وقت جي سنڌي ادبي سنگت جي سيڪريٽري جنرل تاج جويي جي تحرڪ تي "قومي جرڳو" ڪوٺايو ويو تہ سڄي جرڳي جيڪا ڪميٽي جوڙي، ان جو مهندار پروفيسر عمر ميمڻ کي بنايو ويو ۽ جڏهن ڪيس هي ذميواري قبول ڪرائي ويئي تہ پوءِ هن ان سموري جرڳي واري ڪارروائي دوران اهو ثابت ڪري ڏيکاريو تہ عظيم ترين مفادن خاطر ڪيئن ذاتي انائن، مفادن ۽ مصلحتن جي لاشن کي لتاڙيو ويندو آهي. ١٩٧٣ع ۾سنڌ يونيورسٽيءَ مان جلاوطن ڪيل سائين عمر ميمڻ وري يونيورسٽيءَ ۾ ١٩٩٢ع ۾ هن جرڳي جي چيئرمن طور ويو ۽ هن استادن، شاگردن، وائيس چانسلر، انتظاميہ ۽ ٻين ماڻهن سان ملي جڏهن اداري جو حال معلوم ڪيو تہ هن محسوس ڪيو تہ "ڄامشوري جي پل هيٺان ڪيترو نہ پاڻي گذري چڪو آهي."

پوءِ جنهن جرات سان جرڳي جي هن ڪميٽي پروفيسر عمر ميمڻ جي سربراهيءَ ۾ ڪم ڪيو، اهو تاريخ جو هڪ اڻ وسرندڙ باب رهندو. نہ رڳو اهو پر ان جرڳي پروفيسر عمر ميمڻ جي سربراهيءَ ۾ شاگرد تنظيمن لاءِ هڪ Code of Ethic "اخلاقي ضابطو" تيار ڪيو هو. ان ضابطي تي لڳ ڀڳ سنڌ جي سڀني شاگرد تنظيمن صحيحون ڪيون هيون، پر ان تي عمل درآمد نہ ٿيو. جيڪڏهن اخلاقي ضابطي تي عمل درآمد ٿئي ها تہ شايد سنڌ جي تعليمي ادارن جو هاڻوڪو حال نہ ٿئي ها. ان ڪميٽيءَ ۾ نورالهديٰ شاهہ، پروفيسر لياقت عزيز، ابرار قاضي، يوسف لغاري، مشتاق ميرائي ۽ تاج جويي جو بہ اهم ڪردار هو. "(ان تي ڪنهن ٻئي وقت لکبو). سائين عمر ميمڻ کي سنڌ ۾ تعليم جي ڪرندڙ معيار تي هميشہ ڳڻتي رهي. هو بنيادي طور تي هڪ "تعليمدان" هو، انڪري هن جي هر ڪچهريءَ ۾سنڌ جي تعليم بابت سندس ڳڻتي ضرور ظاهر ٿيندي هئي. هو سڀني ڪم ڪي منهن تي ساراهڻ ۽ غلط ڪم ڪندڙ متان منهن تي تنقيد ڪرڻ وارين "اٺليہ" روايتن جو پاسدار هو.

جڏهن سائين محمد عمر ميمڻ جوآخري سفر شروع ٿي رهيو هو تہ سندس هڪ جهوني سائيءَ چيو تہ "موت سنڌ ۾ ماڻهن جو قحط وجهڻ چاهي ٿو. سيد جي لاڏاڻي ڪانپوءِ وري هن سطح جي هڪ عالم ماڻهوءَ جو موت سنڌ لاءِ هڪ ٻيو وڏو صدمو آهي." سائين عمر ميمڻ ٿي سال اڳ "استاد" جي خواهش جي تڪميل لاءِ حيدرآباد جي لساني وڳوڙ کان متاثر ٿيل سنڌي آباديءَ "قاسم آباد" جي ٻارڙن لاءِ هڪ تعليمي ادارو قائم ڪيو تہ اسان ڏٺو تہ سنڌ جي علم ادب جي دنيا سان واسطو رکندڙ ڪيترن ئي ماڻهن پنهنجن ٻارڙن کي چڱن ۽ نالي وارن اسڪولن مان ڪڍائي، سائين عمر ميمڻ جي جوڙيل اسڪول ۾ انڪري داخل ڪرايو تہ انهن تعليم سائين عمر ميمڻ جي نگرانيءَ ۾ ٿيندي. هڪ ڏينهن ان موضوع تي ڳالهائيندي سنڌ جي هڪ ناميارو ليکڪا چيو تہ "مون پنهنجن ٻارڙن کي هن اسڪول ۾ انڪري بہ داخل ڪرايو تہ جيئن سڀاڻي وڏا ٿي اهوفخر مان چئي سگهن تہ اسان سائين عمر ميمڻ جي اسڪول ۾ پڙهياسين ۽ اهو اسان جو استاد هو." پر اوشو جي چوڻ مطابق واقعي "ڪن زندگين جي در تي موت اڳواٽ دستڪ ڏيئي اطلاع ڪري بلڪل ائين ايندو آهي، جيئن ڪو مهمان ڪنهن ميزبان جي در تي ايندو آهي."

شايد سائين عمر ميمڻ جي "زندگي محل" تي "موت مهمان" ڪجهہ مهينا اڳ دستڪ ڏني، انڪري هن پنهنجي هن اسڪول کي ٻين جي حوالي ڪيو هو.سنڌ جو هي "خاموش خدمتگار" هاڻ سنڌواسين کي مختلف موقعن ۽ مرحلن تي ضرور ياد ايندو رهندو. -- ناز سهتو

❋



# ڪھڙو دنيا تي اعتبار آھي

## (مظفر حسين جوش جي ياد ۾)

ڪائنات جي وجود ۾ اچڻ کان وٺي ھن جھان ۾ حيات جو سلسلو جاري آھي ۽ جاري رھڻو آھي. موت برحق آھي. ان حقيقت تازوئي اسان کان سنڌي ادب جو ھڪ ناميارو شاعر ۽ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جو اڳوڻو اسڪرپٽ رائيٽر مظفر حسين جوش صاحب، ۱۲ اپريل ۱۹۹۵ع جي شام جو ھميشہ لاءِ جدا ڪري ڇڏيو آھي. مظفر حسين جوش جي ولادت ۲۲ ڊسمبر ۱۹۱۹ع تي خيرپور ميرس ۾ ٿي ھئي، جتي سندس والد بزرگوار حاجي محمد حسين مرحوم منصف جي عھدي تي فائز ھو. مرحوم مظفر حسين جوش صاحب، ناز ھاءِ اسڪول خيرپور ميرس، نور محمد ھاءِ اسڪول حيدرآباد، سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي ۽ نو وديالیہ ھاءِ اسڪول مان تعليم حاصل ڪئي، جتي ناميارو محقق ۽ شاھہ جو شارح ڪلياڻ آڏواڻي صاحب سندس استاد ھو. ۱۹۵۸ع ۾ مظفر حسين جوش صاحب ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي اسڪرپٽ رائيٽر جي حيثيت سان شامل ٿيو ۽ لڳ ڀڳ ۱۹۸۰ع تائين نھايت شاندار انداز ۾ خدمتون سر انجام ڏيئي ريٽائر ڪيائين. پنھنجي ادبي زندگيءَ جي حوالي سان مظفر حسين جوش صاحب ڪنھن ھنڌ لکيو آھي تہ "ننڍي ھوندي کان ئي ادب سان خانداني شغف ڪري طبيعت جو لاڙو شاعريءَ ڏانھن ھو ۽ ڪم عمريءَ ۾ ئي مصرع موزون ڪندو ھئس ۽ ۱۹۳۸ع کان ان سلسلي ۾ باقاعدي شاعري شروع ڪئي ھئم."

مظفر حسين جوش صاحب پنھنجي ادبي زندگيءَ ۾ بي پناھہ لکيو. ھن حمد، نعت، گيت، غزل، وطن جا گيت، اسٽيج ناٽڪ ۽ پيا ڪيترائي مسودا ريڊيو حيدرآباد لاءِ لکيا. پاڻ اردوءَ ۾ بہ بھترين شاعري ڪئي اٿس. سماھي مھراڻ جي "شاعر نمبر" ۾ برک عالم مولانا غلام محمد گرامي صاحب جن تحرير ڪيو آھي تہ "مظفر حسين جوشؔ جو غزل پختگيءَ، زبان ۽ اندازِ بيان جي حيثيت سان اردو غزل گو شاعرن جي معياري تجربن سان ڪلھو ھٽي سگھي ٿو."

بي ثباتيءَ سان ھمڪنار آھي،
ڪھڙو دنيا تي اعتبار آھي.
ھي جھان بزمِ عيش آھي ڪڏھن،
حسرتن جي ڪڏھن مزار آھي.
گردشِ روزوشب ٻڌائي ٿي،
ڪنھن بہ شئي کي نہ ھت قرار آھي.
باغ ۾ ٿئي ڪڏھن ٿو دؤر خزان،
۽ ڪڏھن موسمِ بھار آھي.
غم کان خالي نہ ڪوبہ ڏسجي ٿو،
دل قمر جي بہ داغدار آھي.

جوش صاحب جي شاعري ۽ شخصيت بابت سندس ڪجھ همعصر دوستن جا تاثرات هن طرح آهن:

"مظفر حسين جوش منهنجو ڪليگ هوندو هو، ائين ڪٿي چئجي ته هن کي ريڊيو ۾ آندو ئي مون هو. گڏ رهياسين، گڏ ريڊيو لاءِ لکيوسين، هو ڏاڍو دلبر ماڻهو هو. ڏاڍو خوش اخلاق ۽ پسنديده ماڻهو ۽ يار ويس به ڏاڍو هو. سچي عمر شادي ڪانه ڪيائين ۽ مون سان پڇاڙيءَ واري عمر تائين تقريبن ۾ گڏ گذارياسين ۽ خبر چار ڏيندو وٺندو هو. ريڊيو ۾ مظفر حسين جوش، آئون، محمد خان غني ۽ زيب عاقلي اهي سڀ گڏ هوندا هئاسين ۽ گڏ ويهي لکندا پڙهندا هئاسين. جوش صاحب شاعري به ڪندو هو ۽ اسڪرپٽ به لکندو هو. ڪڏهن ڪڏهن تاريخي اسڪرپٽ ۽ ٻارڙن لاءِ به لکندو هو." -- سيد منظور نقوي.

"مظفر حسين جوش صاحب جي انتقال سان ريڊيو جي تاريخ جو هڪ اولين باب تقريباً ختم ٿي ويو آهي. پراڻن ساٿين مان هاڻي منظور نقوي صاحب باقي رهجي ويو آهي. الله تعاليٰ کيس سلامت رکي. جوش صاحب ڪيترن ئي حوالن سان هڪ تاريخي شخص هو. هو ڪڏهن به پنهنجي خاندان متعلق ڳالهه نه ڪندو هو. ڪڏهن ذات متعلق ڳالهه نه ڪندو هو ۽ تمام ٿورن ماڻهن کي اهو معلوم آهي ته هو سنڌ جي هڪ باوقار ۽ متبرڪ خاندان سان تعلق رکندو هو ۽ سنڌ ۾ تعليم جي تحريڪ هلائيندڙ سنڌ جي سپوت حسن علي آفنديءَ جو پوٽو هو. جوش صاحب ان اعتبار سان به تاريخي ماڻهو هو ته هو انهن چند نوجوانن مان هو، جن برٽش انڊيا ۾ سنڌ جي طرفان نيويءَ ۾ داخلا ورتي هئي ۽ هڪ ٻئي اعتبار سان به هو تاريخي ماڻهو هو ته نيويءَ ۾ انگريزن خلاف جيڪا بغاوت ٿي، ان ۾ هو به شريڪ هو. جڏهن پاڪستان ٺهيو ته هو واپس اچي ويو، پر هتي ان کي نيويءَ واري نوڪريءَ جو فائدو نه رسيو ۽ هتي اچي هو تمام گهڻت حيثيت ۾ مختلف ڪاتن ۾ ڪم ڪندو رهيو. مان جڏهن حيدرآباد ۾ اچي رهيس ته جن اديبن ۽ شاعرن سان منهنجي ملاقات ٿي انهن ۾ منظور نقوي ۽ جوش صاحب وڌيڪ قابل ذڪر آهن. ان زماني ۾ جوش صاحب پي. ڊبليو. ڊي ۾ ڪم ڪندو هو. شروع شروع ۾ جڏهن ريڊيو حيدرآباد شروع ٿيو ته اهڙن ليکڪن جي تلاش شروع ٿي، جيڪي بجيٽ جي گهٽتائي هئڻ جي باوجود ريڊيو جي ضرورت کي پورو ڪري سگهن، تنهن ڪري سڀ کان پهرين جناب منظور نقوي جو تعاون حاصل ڪيو ويو. ان کان پوءِ جيڪو صاحب آيو، اهو جوش صاحب هو.

جوش صاحب اردو ۾ به لکندو هو. سنڌيءَ ۾ به لکندو هو. گيت، غزل ۽ ٻين جن مسودن جي ضرورت هوندي هئي، اهي به لکي ڏيندو هو. جوش صاحب انهن ماڻهن مان هو، جن لاءِ چئي سگهجي ٿو ته ريڊيو حيدرآباد جي بنيادن ۾ انهن جو حصو آهي. سندس رخصت ٿيڻ بعد ريڊيو حيدرآباد جي تاريخ جو هڪ باب ختم ٿي ويو آهي. جوش صاحب منهنجو ذاتي دوست به هو. سندس ٻيون خصوصيتون به وساري نٿيون سگهجن. ڏاڍو مزيدار، محبت ڪندڙ ۽ خيرخواه ماڻهو هو. جوش صاحب جهڙا ماڻهو تمام گهٽ ٿيندا آهن. سندس موت سان ريڊيو جو هڪ باب ته ختم ٿي ويو پر ان سان گڏ حيدرآباد جي ادبي زندگيءَ جو هڪ باب به ختم ٿي رهيو آهي. هو "بزم خليل" ۾ به هميشه حاضر رهندو هو. هڪ زماني ۾ حيدرآباد جي ادبي زندگيءَ ۾ ان جو وڏو حصو هو. هن محفل جوش صاحب کي ياد ڪيان پيو ته ريڊيو جو شروعاتي دور اکين اڳيان گهمي پيو...." -- ڊاڪٽر الياس عشقي.

"مان جڏهن وادين جي پڙ حيدرآباد ۾ رهندو هئس، تڏهن مرحوم جوش صاحب سان تقريبن ٽيهه سال پاڙيسري ٿي رهڻ جو شرف حاصل رهيو. پاڙيسري هئڻ سان گڏ ادبي ناتو به هو. جوش صاحب قادرالڪلام شاعر هئڻ سان گڏوگڏ هڪ سنو اديب، دوستن جو مخلص دوست ۽ هڏ ڏوکي انسان هو. فرصت جو وقت سدائين مطالعي ۾ گذاريندو هو. جڏهن به سندس جڳهه تي وڃڻ ٿيندو هو ته کيس ڪتابن جي ڍير ۾ موجود ڏسبو هو. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي اسڪرپٽ رائيٽر جي حيثيت ۾ هن جيڪي ادبي سرگرميون سر انجام ڏنيون آهي ڪڏهن به نه وسارڻ جوڳيون

آهن. شاعريءَ جي فن تي ڪيس عبور حاصل هو. غزل گوئيءَ ۾ هو پنهنجو مٽ پاڻ هو. افسوس اهو آهي ته سندس ڪلام جو مجموعو سندس زندگيءَ ۾ شايع ٿي نه سگهيو. اڄ مرحوم جوش صاحب اسان کان هميشه لاءِ جدا ٿي ويو آهي، پر سندس خدمتون هميشه ياد رهنديون. -- بلاول پرديسي

"جوش صاحب سان منهنجو تعلق تڏهن کان قائم ٿيو، جڏهن ۱۹۷۲ع ۾ مان ڪراچيءَ کان ريڊيو حيدرآباد تي پروگرام مئنيجر جي حيثيت ۾ بدلي ٿي آيس. ان زماني ۾ هتي تمام گهڻي رونق هوندي هئي. اسٽاف تمام گهڻو هوندو هو. پروڊيوسرن کان علاوه اسان جا اسٽاف رائيٽر به تمام گهڻا هوندا هئا، جن ۾ سائين جوش صاحب، سائين منظور نقوي صاحب، سائين زيب عاقلي صاحب ۽ سائين محمد خان غني صاحب سڀني ۾ نمايان هوندا هئا ۽ وڏو ڇهچٽو هوندو هو. ادبي رونقون هونديون هيون. ادبي محفلون هونديون هيون ۽ ان زماني ۾ اسان وٽ هڪڙي وڏي روايت هوندي هئي ته حيدرآباد ريڊيو تي ماهوار مشاعرا ٿيندا هئا، جن ۾ جوش صاحب به پنهنجو ڪلام ٻڌائيندا هئا. جوش صاحب جو پنهنجو هڪڙو مخصوص انداز هوندو هو. پڙهڻ جو به ته شاعري جو به. غزل ته خاص ڪري ڏاڍو سهڻو لکندا هئا. بعد ۾ جڏهن آءٌ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي ۱۹۸۴ع ڌاري ڊائريڪٽر ٿي آيس ته جوش صاحب ريٽائر ٿي ڪراچي هليا ويا هئا. ڪراچيءَ مان ڪڏهن سندن حيدرآباد اچڻ ٿيندو هو ته وقت به وقت ملڻ لاءِ مهرباني ڪري مون وٽ آفيس ۾ ضرور ايندا هئا. زندگيءَ جي آخري دؤر ۾ پاڻ ڏاڍا نحيف ۽ ڪمزور ٿي ويا هئا ته به ملاقات لاءِ ضرور قرب جا پير پري ايندا هئا. جوش صاحب جي لاڏاڻي تي سچ پچ ته دل کي شديد صدمو پهتو آهي. الله تعاليٰ سندس مغفرت ڪري ۽ سندن پونيرن کي صبر عطا فرمائي (آمين) -- عنايت بلوچ

مرتب: نصير مرزا



# سنڌي نثر مان مثالي ٽڪرا

"ڪونج - ڪونجل - ڪونجلڙي!... ڪيڏو نه منڙو آلاپ آهي انهيءَ نالي ۾! هڪدم سُر ۽ سوز، نزاڪت ۽ لطافت جي تصوير خيال ۾ اچيو وڃي. نالو 'ڪونج' گهڻين سنڌي نياڻين ۽ نينگرين جو ٻُڌو اٿئون. ڏسون ته اها مائي اصل ڪير آهي، ڪٿي جي آهي؟ هي اسان جي ننڍي ڪنڊ جو، ديسي پکي آهي، پرديسي هجي ها ته مٿس نالو به جيڪر پرديسي ٻوليءَ مان هجي ها. ڪونج نڪا آهي سائبيريا جي، نڪا عربستان جي، ۽ نه وري ايران ۽ ترڪستان جي: بلڪ سندس وطن آهي اسان جي ملڪ جو اُتريون ڀاڱو، جتي سيارو وڏو ۽ اونهارو ننڍو ٿئي. هي واريا سيل ۽ وسندڙ ماڳ جو پکي آهي: نازڪبدن ۽ نفاست پسند، تنهنڪري سخت سردي سهي ڪونه سگهي. اسان جي سنڌ وطن جي ڌرتي به واريا سي ۽ وسندڙ آهي، تنهنڪري هر سال سرءُ ۽ سياري جا ڏينهڙا اچيو اسان وٽ گهاري. جي پرديسي هجي ها، ته اسان جا شاعر ڪيس ايترو ڪونه گهرن ها، ۽ نه وري پنهنجي شعر ۾ سندس ڪا ايڏي پچار ڪن ها: 'پرديسي ڪمڙا پرين'. اُتر مان مُراد اتانهينءَ جي آهي. اسان جي اُتر ۾ گهڻيئي اتانهيون ماٿريون ۽ وسندڙ پَٽ آهن: هيءَ انهن پاسن جي آهي. سرءُ ۽ سيارو اسان وٽ گذاري، ۽ بهار، اونهارو، مينهوڳيءَ جي مُند پنهنجي اباڻي وطن اُتر ۾. سياري ۾ جڏهن برفباري شروع ٿئي ۽ سندس داڻو برف هيٺان دٻجيو وڃي ۽ پاڻي سيءَ سببان ڄميو وڃي، تڏهن لاچار ڪيس پنهنجو ماڳ مٽائڻو پوي. ڪونج برجستو پکي آهي: ڪشالا ڪڍي ڄاڻي، حيلا هلائي ڄاڻي، پيٽ پالڻ خاطر، گهڻيئي جهنگ جهاڳي، لڪ لنگهي، سوين ميل سفر ڪريو وڃي. جيئن اسين هيٺانهينءَ وارا گرميءَ ۾ اتريان مٿانهان هنڌ پسند ڪريون، تيئن ڪونج وري سياري ۾ مٿانهينءَ وارا پَٽ ڇڏيو هيٺانهينءَ ڏانهن اچي. سنڌ جي لاڙ واري ڀاڱي کان ويندي ڪڇ تائين (جتي سياري جي آبهوا موافق آهي)، هن جو ٻيو ديس آهي. اچي ٿي داڻي پاڻيءَ لاءِ، سو سنڌ ملڪ جي مهماننوازي ته سدائين کان مشهور آهي. ڪونج سان به هتي وارن جو ناتو تمام جهونو ۽ پختو آهي. شاعرن ۾ شاهه ته هن کي گهڻو رُتبو ڏنو آهي. هونءَ به، ڪونج اسان جي ادب ۽ شاعريءَ ۾ حسن ۽ لطافت جي علامت بنجي وئي آهي....."

(مضمون "ڪونج"، ليکڪ: تيرٿداس هوتچند، ماهنامه "نئين زندگي"، ڪراچي، آڪٽوبر ١٩٦٩ع، ص ٣٦ ٣٧. چونڊ ڪندڙ: الطاف آگرو، حيدرآباد)

## مهربان لکندڙن لاءِ ڪجهہ گذارشون

(١) پنهنجون تخليقون موڪلڻ وقت "مهراڻ" جي معيار ۽ روايتن کي خيال ۾ رکڻ ڪيپي ۽ اهو جاڻائڻ لازمي آهي تہ اهي اڻڇپيل آهن ۽ ڇپجڻ لاءِ ڪنهن اخبار يا رسالي کي نہ موڪليل آهن.

(٢) ترجمي جي صورت ۾، جتان مواد ترجمو ڪيو وڃي، ان جي صاف فوٽو ڪاپي ساڻ موڪلڻ بيحد ضروري آهي. ان طرح ضروري حوالا پڻ چٽائيءَ سان جاڻائڻ لازم آهن، جي آخر ۾ آڇجن.

(٣) مواد ۾ پيش ڪيل رايون، تجويزون، نتيجن ۽ علمي ۽ فڪري زاوين جي سموري ذمبواري مانوارن ليکڪن جي هوندي. سندن راين کي "سنڌي ادبي بورڊ" جي راءِ نہ سمجهڻ ڪيپي.

(٤) اهو ضروري ڪونهي تہ ڪوبہ مواد بروقت شايع ٿي وڃي يا ضرور ڇپجي. اشاعت جي باري ۾ ايڊيٽر جو فيصلو آخري سمجهيو ويندو. نہ ڇپجڻ جي حالت ۾، سبب جاڻائڻ لاءِ ايڊيٽر بڌل نہ رهندو.

(٥) ايڊيٽر کي مواد ۾ درستين ۽ ڦيرڦار ڪرڻ جو اختيار آهي. البت ان ڳالهہ جو خيال رکيو ويندو تہ جيئن مواد جو اصل مفهوم قائم رهي.

(٦) فوٽو اسٽيٽ صورت ۾ مواد ڪنهن بہ صورت ۾ قبول ڪونہ ڪيو ويندو. ان طرح ڪاغذ جي ٻنهي پاسن تي لکت پسند ڪانہ ڪئي ويندي.

(٧) مواد، صاف سُٺن اکرن ۾، مس سان، فل اسڪيپ ڪاغذ تي لکيل هئڻ گهرجي. آخر ۾ پنهنجي ائڊريس چاڻائڻ نہ وسارجي، فون نمبر هجي تہ اهو بہ لکجي.

(٨) پنهنجي مواد جو نقل پاڻ وٽ ضرور رکڻ ڪيپي. ادارو آيل مواد موٽائڻ لاءِ بڌل نہ رهندو.

(٩) ڪي مهربان پنهنجو مواد، ٽڙتڪڙ ۾ رهڙي ٿا موڪلين ۽ ان تي نظر ڦيرائي پنهنجي لکڻي سنواري سڌاري موڪلڻ جي تڪليف گوارا ڪونہ ٿا ڪن. ان طرح هڪ طرف غلطين جو امڪان رهي ٿو تہ ٻئي طرف اداري کي درستين لاءِ غير ضروري وقت ڏيڻو پوي ٿو، جنهن ڪري مواد جي اشاعت ۾ دير بہ ٿي سگهي ٿي. ان ڪري، جيتري قدر ٿي سگهي، اطمينان ڪجي تہ مواد آخري طرح مڪمل ۽ صحيح آهي. — ادارو

# Attention

## Habib Bank
## Account Holders
## You can now draw cash
## 24 Hours a Day
## 365 Days of the Year




Habib Bank has installed ATMs to provide round the clock Self Service Banking to more and more account holders.

ATMs are presently operating at Karachi, Lahore, Islamabad, Rawalpindi, Peshawar and Faisalabad.

Our ATM network will soon cover other important commercial centres throughout Pakistan.

**Contact your Branch Manager today for your ATM Card.**

A Tradition of Better Service

# Habib Bank Limited

PID(1)